نفسيات

(ڀاڱو ٻيو)

ڊاڪٽر علي احمد قاضي

ايڊيشن: پهريون 1969، ٻيون 2006



سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو

فهرست

نفسيات

”اچو تہ جيءَ ۾ جهاتي پايون

”پاڻ کي پنهنجو پاڻ پسايون

”ڳجهہ ڳجهاندر ڳوليون ڦولهيون

”پاڻ سڃاڻون ٻين کي ڇاڻون

”’ڇا آهيون، اسين ڇا آهيون؟‘“

ڇپائيندڙ پاران

تاريخ ۾ انسان پنهنجي سمجهه ۽ ادراڪ مطابق مختلف ارتقائي سفر طئي ڪري اڄ جي جديد ۽ سائنسي دور ۾ پهتو آهي. جڏهن انسان اڃا پوريءَ ريت ڳالهائڻ به نه سکيو هو، ته ان وقت هن کي ڪائنات جي هر شيءِ عجيب ۽ اچرج ڀري نظر آئي. جيئن جيئن هن ڳالهائڻ سکي ورتو، تيئن تيئن هن انهن شين کي پنهنجي سڃاڻپ خاطر نالا ڏيڻ شروع ڪيا. انساني شعور جي ڪنيل اها پهرين وِڪ هئي، جڏهن انسان غارن کي الوداع ڪري پنهنجي هٿن سان جايون اڏي هڪ نئين سماج جي شروعات ڪئي ۽ پوءِ هن آهستي آهستي ڪائنات جي لقائن ۽ مظهرن تي غور ڪرڻ ۽ انهن تي راءِ جوڙڻ جو عمل شروع ڪيو.

ڪتاب "نفسيات" به انسان کي پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ جو هڪ علم مهيا ڪري ٿو. "نفسيات" جو دائرو وسيع آهي، جنهن جو مطلب آهي: هر اها شيءِ جيڪا ساهه رکندي هجي، پر هن ڪتاب ۾ انساني نفسيات کي فوڪس ڪيو ويو آهي. خداوند ڪريم هر جيوَ کي پنهنجو پنهنجو ماحول ڏنو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجو بچاءُ ۽ واڌ ويجهه ڪري سگهي ٿو. ڪتاب "نفسيات" اهڙي ئي علم تي لکيو ويو آهي. هيءُ هڪ دقيق ۽ ڳوڙهو علم آهي، جنهن تي جيتري شرح لکجي، اها گهٽ آهي.

جناب ڊاڪٽر علي احمد قاضي هن ڪتاب جو مصنف آهي، قاضي صاحب هيلٿ سروسز سنڌ ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي تي ڪم ڪندي، هن ڪتاب جو مواد تيار ڪري بورڊ جي حوالي ڪيو هو ۽ بورڊ هن جو پهريون ڇاپو سنه 1969ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. هيءُ ٻيون ڇاپو آهي، جيڪو ڇپجي اڄ اوهان لائق پڙهندڙ حضرات جي هٿن تائين رسيو آهي. ڪتاب جو متن ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهريون ڀاڱو ستن بابن تي ۽ ٻيون ڀاڱو پنجن بابن تي مشتمل آهي. هر باب پنهنجي پنهنجي مُنهن، علم جي هڪ کاڻ آهي، جنهن جي مطالعي کان پوءِ ماڻهو ڪافي لاڀ پرائي سگهي ٿو. مصنف "نفسيات" جو ماهر ۽ ڄاڻو هو، جنهن هن ڪتاب ۾ ساهه جي مڙني حرڪات جو نه رڳو تجزيو ڪيو اٿس، پر انهن بابت پنهنجي فلسفيانه راءِ به قائم ڪئي اٿس، جنهن کي پڙهڻ سان ماڻهن جي ذهن ۾ سوچڻ جي ازخود دلچسپي پيدا ٿي وڃي ٿي. اميد ڪريون ٿا، ته اسان جي ڪيل هيءَ محنت پڙهندڙ حضرات جي خدمت ۾ قبول پوندي.

اعجاز احمد منگي

سيڪريٽري ، سنڌي ادبي بورڊ ،ڄامشورو، سنڌ

تمهيد

نفس معنيٰ ساهہ ۽ نفسيات معنيٰ ساهہ بابت علم. پر ڇاڪاڻ تہ نِـلو (خالص) ساهہ اڃا ڪنهن ڏٺو بہ ڪونہ آهي جو ڪو ان جي اپٽار ڪري سگهي، ان ڪري نفسيات کي ساهہ وارن جو علم ئي سمجهڻو پوندو. حقيقت ۾ ساهوارن بابت علم جا بہ گهڻائي پاڳا آهن. جيئن تہ سنڌس پيدائش، بدني نظام ۽ ان جو انتظام، بيمارين وغيره. پر نفسيات جي مدنظر جيون جي علم جو فقط اهو پاسو رهندو، جيڪو ٻين جيون ۽ شين سان تعلقات ۾ اچڻ ڪري، منجهن ساماڻجي ٿو. يعني تہ پنهنجن ضرورتن کي پوري ڪرڻ ۾ دنيا سان ڏي وٺ جو مٿن اثر. جيئن تہ خوشي، رنج، فتح، شڪست وغيره ۽ انهن جا نتيجا.

هر هڪ جيوَ کي سندس خصوصي ماحول موجب، پنهنجي جان بچائڻ ۽ پاڻ کي تڳائڻ لاءِ، قدرت مهربان ڪي مقرر ٽلون سپرد ڪريو ڇڏي، جن جي وسيلي هو پنهنجن ضرورتن کي پورو ڪندو جيئرو جڙيو هلندو هلي، اها بہ ضرورت آهي تہ جيوَ جي پسگردائي پڻ اهڙي هجي جا سندس ضرورتن کي منهن ڏئي سگهندي هجي، پر جي اها جاءِ سندس گهرجن کي پوري ڪرڻ جي لائق نہ آهي، تہ جيوت جو جتاءُ ڏکيو ٿي پوندس ۽ جلد ئي حيات موت سان مٽجي ويندي. هاڻي جي جيوَ جي جسم ۾ ايتري لياقت آهي جو هو پنهنجون گهرجون ڦيرائي موجود حالتن موافق ڪري سگهي يا جي منجهس ايتري طاقت آهي جو پنهنجي جيوت منڊل جون حالتون مٽائي پنهنجي پيت تي آڻي سگهي تہ پوءِ حياتيءَ کي ڪا لهر نڪو لوڏو.

’زمانہ با تو نہ سازد تو با زمانہ بساز‘

پسگردائيءَ جو اثر جيوَ تي تہ بلڪل جلد ظاهر ٿيو پوي پر وڻن ٽڻن جي حالت ۾، جي بہ ساهہ وارا ئي آهن، اُس، پاڻي ۽ مٽيءَ جو اثر ايترو تہ ٿئي ٿو جو ڪٿي ڪو ٻوٽو تہ ٻنهہ اپري ئي ڪونہ. ڪٿي وڏي تہ اڏو ڪارو، ڪٿي وڏو بہ ٿئي تہ ڦر نہ جهلي. ڇانهين ڪٿي پنج سير تہ ڪٿي پنجوبهہ سيري. گلاب ڪٿي نڪري ئي ڪو نہ، تہ ڪٿي ٻُـڪ جيڏو، وري رنگ بہ طرحين طرحين. نيلگري جبل جي نيلي پٿرائين زمين تہ نباتات ۾ ايترا رنگ ٿي ڪدي جو هڪڙي ئي پارڪ ۾ 20-25 رنگن جو گلاب ڏسڻ ڪا تعجب خيز ڳالهہ ڪا نہ آهي. اتي تہ ڪٽڪ بہ نيلي ٿئي. مطلب تہ هر ڪا جنس پنهنجي پيدائشي هنڌ جي حالتن موجب ٿي ٿئي ۽ وڌي ويجهي ٿي.

ماڻهوءَ جي جسم جي ترتيب ته اهڙي ملائم ۽ مڙڻي جڙڻي ٿي ٿئي جو پنهنجي جيوت منڊل سان جاگرافيءَ جي هر طبقي ۾ پوري راسپاس ٿيو وڃي. سندس پيچيدو ۽ بيدار مغز ۽ ان جا لڳ لاڳاپا ايترو ته وسيع ۽ برجستا ٿا ٿين جن جو پورو وستار ته ٺهيو پر مختصر ويچار ئي موجوده معلومات جي حدن کان ٻاهر آهي. سردي، گرمي ته بجاءِ خود، پر رڳي ٿيٽ سا پويس ته هتي هي دونهون ٿو ڏکي، ته سندس سڄيت مغز گهڻي قدر تاڙي ويندو ته ان حالت کي منهن ڪيئن ڏجي جو جان جوکي کان بچي. ائين ڪندي هو ڪيترين قدرتي مصيبتن تي فتح پائي چڪو آهي ۽ زماني جي ناساز حالتن ۾ دوستين دشمنين کي منهن ڏيندو هلندو هلي.

هتي نفسيات جي علم جو مقصد انهيءَ راز کولڻ جو آهي ته آدم ٻچڙو پنهنجي ماحول کان پنهنجون ضرورتون ڪهڙي طريقي پوريون ڪرائيندو ٿو رهي يا بيڪار ثابت ٿو ٿئي. ۽ انهيءَ جستجو جي ڪشمڪش ۾ ماحول جو مٿس ڪيترو اثر ٿو پوي ۽ پاڻ انهيءَ دنيا جي چڪ ڏڪ ۾ ترقي ڪرڻ جيتري سگهه ٿو ساري ۽ ڪيتري سمجهه ۽ حوصلي رکڻ جو ثبوت ٿو ڏئي.

ٻار جي هن دنيا جي سفر جي ڪشالن ۽ سوڀ ۽ شڪست يعني سندس خوشي يا رنج به ٻن ڳالهين تي منحصر ٿو رهي: (1) ته ڪيس مائٽن کان ورثي ۾ مليل موڙي ڪيتري هئي يعني ته سندس جسمي ۽ ذهني طاقت ۽ توانائي، (2) ته ڪيس ڄمڻ کان پوءِ ڪهڙي تعليم ۽ تربيت ملي. جا هن جي جسم ۽ ذهن کي قوهه ۾ آڻي.

هڪڙو تاثير تخم، ٻيو صحبت جو اثر

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هر هڪ ٻار کي پنهنجي موروثي موڙيءَ موجب ڪي مقرر طبعي لاڙا ٿا ٿين. ڪي ٻار سگها، سمجهو ۽ ڪلڻا جي مائٽن کان ته ڪلندي پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرايو وٺن پر ٻيا به ڪين چاهه سان ڪڻن ۽ پيار ڪن، پر ڪي وري اگها، ڪُند تيسر، مائٽن لاءِ ته آزار پر پاڙي جو به آرام ڦٽائين. جيئن جيڪو جڙيو! ٻار جا اوائلي مطلب به سندس طبعي لاڙن انوسار ٿا ٿين جي سندس اندر مان ئي ٿا اپرن. هي آهي ٻار جو ورثو.

ٻار تي نيپاج به اڪسير جو اثر ٿو رکي. جي ماءُ فهميدي آهي ته تيسر ٻار کي به توانو ڪري وجهي، نه ته تندرست ٻار به ڪک ٿي وڃي. مائٽن جو صحبتي اثر به ٻار کي موڙي ۽ جوڙي ٿو. مائٽن جي گفتار، ڪردار، نشست برخواست ۽ گهرو انتظام جو نمونو به ٻار تي ذري پرزي اثر رکندو هلي ۽ پوءِ

ٻين مٽن مائٽن، دوستن، واقفن، اسڪول وارن ۽ ٻين اڪيچار لاڳاپي ۾ ايندڙ ماڻهن جي ساڻس هلت، رفاقت ۽ بيرخي، بافضيلت يا بيجا روش، هرهڪ طبقي ۾ ٻار جي ملائم طبع کي موڙيندي ٿي رهي.

اجا اسان جي سمجهه انهيءَ ڪڙيءَ تي نہ رسي آهي جو ڪنهن ٻار جي موروثي ميراث جي پوري ڪٿ ڪري سگهون تہ ڪيتري قدر آهي، پر تعليم ۽ تربيت جو تہ مٿس اهڙو نمايان اثر ٿو ٿئي جو جيئن نہ ڪو نفيس قسم جو ٻوٽو غير موزون حالتن ۾ اچي اُجڙ ٿي وڃي، تيئن ڪو اعليٰ نسل جو ٻار بہ مائٽن کان وڇڙڻ ڪري يا ٻين سببن ڪري بيگانو ٿي، ڌارين هٿن ۾ اچڻ ڪري ايترو تہ ڏتڙجي سگهي ٿو جو سڃاڻپ ۾ ئي نہ اچي تہ هي ڪو فلاڻن مائٽن جو اولاد آهي!

ساڳي طرح جي خوش قسمتيءَ سبباں ڪو ڄٽڪو ٻار بہ ڪنهن همدرد، سليقہ شعار ۽ باوقار استاد جي هٿ اچي وڃي تہ ٿامي مان سون ڪري ڇڏيس. ڪارو وهي ڪمري وٽ، جي رنگ نہ مٽائي تہ عادت مٽائي ئي مٽائي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ٻار جي دنيا سان سودمند رشتہ دارين ڳاهڻ لاءِ صحيح تعليم گهڻي دسترس رکي ٿي. اها تعليم اها آهي جا ملان جي ٻار کي فوجي جنرل ڪري ۽ عالم جي ٻار کي نشئي. سچ چيو اٿن تہ بيوقوف دوست کان داناءُ دشمن جي رفاقت گهڻي بهتر آهي. ٻار کي حوصلي افزائيءَ لاءِ آٿت کپي. ٽيڪ ۽ همدردي کپي، خوشگوار رهائش ۽ پيار، نہ مار. پر جي انگلي ٿي پيو هجي تہ دڙڪو بہ ضروري ٿيو پوي.

ٻار جي ناچارگيءَ جي اوستا تہ ايتري ڊگهي ٿي ٿئي، جا ڪنهن بہ جانور جي نہ آهي. ڇيلو ڄمڻ سان پنهنجي پيرن تي بيهو رهي ۽ هلي چلي، پر ٻار جي تات تہ ڪي سال وٺي جو پنهنجي ٻانهن تي ٽڪي ۽ سمجهه کان ڪم وٺي، دنيا جي آزمودگار چالاڪن، پنهنجي پراين کي منهن ڏيڻ جهڙو ٿئي. اهو سارو وقت ٻار پنهنجي گهرو شفقت ۽ تربيت جي فضا ۾ وڌندو ٿو رهي، پر ڪهڙو عجب تہ گهر ۾ بہ سندس مناسب ترقيءَ لاءِ ضروري حالتون موجود آهن يا نہ. پوءِ تہ ٻار جي ڪوتاهي گهر ۾ بہ اچي وڃي. سيکجهه تعليم جي وس آهي ۽ تعليم وڏن جي وس. جي ٻار کي دنيا جي لڳ لاڳاپن کان ڪڏي ڇٽيو تہ هن نجس دنيا ۾ فقط پرهيزگاري ۽ پاڪائيءَ سان رهڻ ئي نهايت ضروري آهي تہ ٻار بہ سجو ڏينهن وينو پاڻ کي ڌوئندو ۽ پاڪ ڪندو يا پنهنجي اندر کي اجارڻ لاءِ منهن ويڙهيو وينو گهوگهو ڪندو. پوءِ هن آسمان تي اڏامندڙ دنيا ۾ ڪيترو ڪارگر ٿيندو. اهو ويچار وڏن کي جڳائي. زندگيءَ جي ڪنهن بہ هڪ پاسي تي زور ڏيڻ سان زندگاني جو توازن ٽٽي پوندو.

پهرين ضرورت آهي ته ٻار کي قدرتي آزارن کان پناهه ملي، جيئن ته گرمي، سردي، مينهن، مرض وغيره. ٻيو ته زماني سارو صحيح خيالات سندس ذهن نشين ٿين. نه ته جي پرينديئي منجهس بيسود ۽ غلط خيال گهر ڪري ويا ته پوءِ وڏي عمر ۾ به انهن کان آجو مشڪل ٿئي. تيون ته جي گهر ۾ پيار ۽ سلوڪ جي عيوض جهيڙا جهٽا ڏٺائين ته وڏي هوندي دنيا وارن لاءِ به هن کي نفرت رهندي ۽ ماڻهن سان مڙي جڙي ڪم سان لڳڻ جو خيال به ڪونه ايندس. جيسين وري ڪو استاد ڪامل مليس، جو انهيءَ موڙ کان ڪڍي دڳ لائيس يا ڪنهن اعليٰ مصنف جي تصنيف سندس رهبري ڪري.

ڇهن ستن ورهين تائين جيئن ٻار بنيو تيئن بنيو، پوءِ ساڳيا لاتون ساڳيا ڇگهه. ڏار به اهو ئي رخ رکندو جيڏنهن ٽاري مڙي. انهيءَ عرصي ۾ ٻار کي پنهنجي جيوت منڊل جي لڳ لاڳاپن کي سمجهڻ سوچڻ جي ايتري ته اٽڻ ٿي ٿئي، جنهن جي حد ئي ڪانهي. اها اهڙي اثرائتي وهي آهي، جنهن ۾ جيڪي خيال ذهن نشين ٿيا، سي نهايت پڪا ۽ پائدار ٿا ٿين. ٻار جي مغزجي واڌ جي رفتار سندس پهرين سال ۾ ايتري ته ٿئي ٿي جيتري ڦوهه جوانيءَ ۾ اچڻ تي وري حاصل ٿئيس. ڇهن ورهين کان پوءِ انسان جي روش جون پيڙهيون پڪيون پئجي رهيون، عمارت جي ڊول ۽ بيهڪ جي رٿ ٿي چڪي ته کهڙي پاسي ڪيتري ڊگهي، ڪٿي ويڪري، ڪٿي گول، ڪيڏهن مهاڙ ڪيڏي پٺ. البت ديوار جي بلندي پوءِ به ٿي سگهي ٿي ۽ چٽ گل. پر پڪيڙ محدود ٿي چڪي، نقشو نڪري چڪو، جنهن ۾ ڦير گهير وري ڪو استاد ڪري. استاد جي هر وقت ضرورت آهي.

ماڻهوءَ جي پنهنجي ماحول يعني جيوت منڊل سان سهڻو سلوڪ ضروري آهي، پر جي ڪن اڙٻنگن جي پاڙي اچي پيو آهي ته چڪ ڇهڙ به ڪرڻي پوي. جيسين اسان جي جهنگلپڻي جو اثر باقي آهي، تيسين لتر کي پچي چڪر. ٻيا وري ڪي سچاڻ ماڻهو ته اياڻن تي اٽڪل سان اهڙا اثر وجهندا رهندا آهن جو هو بنهه اسرن ئي نه. هنن جي مت ڪجهه زور، ڪجهه عقل سان عقيدن جي آڙ ۾ هميشه اهڙي هنڌ روڪي ڇڏيندا آهن جو پل ته وينا واهڻ ولوڙين ۽ خاڪ ڇاڻين، عمر ئي اجائي، نڪو زور وٺن نه لڙڻو پوي. هٿ سان ڇڄي ته ڪاتيءَ جو کهڙو ضرور. آخر گهوڙي جهلائو به ته هر ڪنهن عقل واري کي ڪپن. وري جي ٻئي پاسي کان نظر ٿي ڪجي ته سڀ ريس به ٿي نٿا سگهن، پوءِ يا مڙس ٿجي يا مڙس جي پاڙي ۾ وهجي به ڇگو. مڙيو سو جڙيو. پر روز مره جي لڙائيءَ ۾ ڪيترو جالي سگهبو. نيٺ

انسانيت تي وجھ هٿ ڪين. ويچارو حيوان! جي زورآور ڪمزورن کي سمجهن ته هنن کي به انسانن جي دل آهي ته دنيا رهڻ لائق ٿي پوي.

ماڻهو گهڻو ئي پنهنجي وقتي زور يا مخول تي پاڻ کي پنهنجي قدرتي سطح کان بلند سمجهي، ملائڪ يا نعوذبالله خود خدا چوائي ۽ پوءِ جڏهن ريح اچي آنڊي ۾ ڦاسيس ته دانهون ڪري دم به ڏئي. پر اجا انسانيت جو درجو به حاصل ته فقط ڪن ٿورن خدا تعاليٰ جي صالحن ٻانهن کي ٿيو آهي. باقي ماڻهوءَ جي اصليت ته ظاهر پيئي آهي، اها سندس ڳالهائڻ جي طاقت آهي جنهن کان لکڻ پڙهڻ سکي، سمجهه ۽ سياڻپ سان پاڻ کي پنهنجي بنواسي برادريءَ کان ايترو ته ڇڪي ڌار ڪري پري ڪڍي ويو آهي، جو هاڻي وسهڻ ۾ نٿو اچي ته آدم ٻچڙو به ڪو دراصل جهنگ جو رهواسي هو. البت اهو ته ظاهر پيو آهي ته گهرگهاٽ، محل، ماڙيون، باغ باغيچا به ماڻهوءَ ٺاهيا ۽ ويرانا وسايا، نه قدرت. ائين به نه آهي ته ڪو بدني طاقت ۾ سيني کان مٿي آهي، نڪي اڏامڻ لاءِ پر مليس، نڪي پاڻيءَ ۾ رهڻ لاءِ مڇيءَ جو ساز سامان، پر نه ڇڏيائين آسمان نه سمنڊ جو ترو. اتي ٿو اڏامي جتي ذات پرندي پر نه هنيو. وري ڇا سندس سمجهه! جنهن جي پالوٽ ڪي ڏسي پاڻ ئي بعضي پلجو وڃي ته هي ته ڪو آسماني آواز آهي نه مون عاجز جو عقل، ته وري ڇا سندس ڪلون! جن دنيا کي ته آسودو ڪيو پر چنڊ تي پهچي سندس خبرون ڌرتيءَ کي ويٺيون ڏين!

حيرت آهي ته ڇو ارتقا اجا سوڌو سندس حيوالي لکڻ به نه بدليا ٿا ڏسجن! شايد ڪا ڪسر باقي رهيل ٿي ڏسجي! ڪڪڙ جي کل لاهي ڪٽي جو سسيءَ کان جهليوس ته ساڳيو سينو ساڳيون ٻانهون، ٽنگون ته پيرن تائين ۽ اندريان ٽپڙ به دل، جيرو، ڦڦڙ، ٻڪيون، آنڊا هڙ ساڳيا. آدم ٻچڙي جي پڙد پڌرا ڪيو وجهن. وري ڪي سندس خصلتون جانور واريون نه آهن ڇا؟ ڀل ته طرحين طرحين پوشاڪون پهري، وهنجي سهنجي، مجلسي مور بنجي، اخلاقي اشاعتون ڪري، پر خلوتخاني ۾ پهتو نه آهي ته ڪم ئي اصلوڪي عزازت وارا. ظاهري طرح به پنهنجي بنواسي برادريءَ واريون جهلڪون اچلون ڏيو. سندس نفيس پوشاڪ مان ڏيکاري ڏيو ڪڍن، پر ويتر اڳيرو. گگدام ٿئي ته گهٽڙي کي شهه ڏئي جي پيار تي پاريهل کي سيڪاري، ڏنگڻ لڳي ته وڇون کي گهر ويهاريا جي اصل هڙپ ته واڳون ويچارو لڳي، توڙي جي ڊنگ ۽ حرفتبازيءَ کي ڇڏي، خونخوار ٿي ڪلم ڪلا لڙائيءَ ۾ بيهي ته به جي باز جي چهنب ۽ ٻگهڙ جا ڏند رت ۾ رڱيل آهن ته ماڻهوءَ واري کهڙي مهر ڪئي آهي، تير، ترار، توب، تفنگ ۽ ٻڙچن، ڀالن

جي اڳيان ته شير به ششدر ٿيو وڃي. شل نه ڪري ڪو ائٽم بم ڏڙم، ته ڪن ۾ کيل ختم. ماڻهو مرون ته هضم، پر جايون جڳهيون سڀ ڀسم. باقي جن ٻيا ڪلن ته واهه ڙي سپاتر انسان! جي ماڻهو ماڻهوءَ کي ڪائي پورو ڪري ته اسين ته ماڻهن کي مارڻ جي الزام کان ڇٽون. پاڻ ۾ ڇاڻو ارتقا به آرام ۾ آهي جيسين ماڻهو حيوانيت کان نڪري. ڀلا حيوانيت جو حامي ڪير؟

اها لالچ آهي جا ماڻهوءَ کي حيوانيت کان نڪرڻ نٿي ڏئي. تاريخ شاهد آهي ته ڪيئن لالچ هر وقت ۽ هر ملڪ ۾ طبعي ۽ ذهني زور تي ضعيفن سان ظلم ڪندي رهي آهي. هيٺي کي نه هٽي سو هٿن ۾ لهي. اها لالچ آهي جا ماڻهوءَ جي ضمير کي ضعيف ڪريو ڪانئس انسانيت جو مقصد غائب ڪيو ڇڏي ۽ ماڻهو پنهنجي پاڻ، پنهنجي قوم، پنهنجو وطن وڪڻڻ لاءِ تيار ٿيو بيهي. ماڻهو جيترو عيش پرست اوترو لالچي. پر جيڪي پاڻ کي پاڪ پاڪيزه سمجهندا هجن تن کي به جڳائي ته پنهنجي اندر ۾ لياڪو پائي پاڻ کي هن فطرتي نشي کان آجي رکڻ جي هر وقت ڪوشش ڪندا رهن. هي آفت هر بني بشر تي حاوي آهي جنهن سمجهيو ته مان ان کان پري آهيان، ڦاٿوئي اهو.

نفسيات جو علم سيکاري ٿو ته پنهنجن ڪمزورين کان واقف ٿي انهن تي غالب پؤ صحيح طاقت جو مالڪ بڻجين ۽ پنهنجي معاشري سان متفق ٿي سچو سک حاصل ڪرين. من جيت ته جڳ جيت. اها لالچ آهي جا ماڻهوءَ کي صراط المستقيم کان موڙيو ڇڏي. لالچ مزيدار ٿي موهيو ڇڏي ۽ ڪوتاهه نظر ان جي چشڪي ۾ ڇڪناچور ٿي دل جو سچو سک وڃايو ويهي. هر روز اسان کي اهڙا مسئلا منهن پون ٿا جن لاءِ فيصلو ڪرڻو ٿو پوي ته هيئن ڪريان يا هونءَ ڪريان. نفسيات چوي ته جڏهن به اهڙي ٻه واٽي تي پهچين ۽ فيصلو ڪرڻو پويئي ته کهڙي واٽ وٺان ته سمجهه ته لالچ جي حدن اندر آهين ۽ پوءِ هڪدم انهيءَ راهه لڳ جا تنهنجي خودغرضيءَ کان ٻاهر هجي، جي هٽڻ ڪيئي ۽ مٿس غالب نه پئين ته لالچ توکي هڪدم وڪوڙي ويندي ۽ تون سهٽي نانگڻ جي وڪڙ ۾ آهين.

نفسيات جو اهو مطلب نه آهي ته تون جاه جلال جو مالڪ نه ٿين يا پنهنجو زندگانيءَ جو مقصد نه رکين. پر هائو هائو ڪري ٻين جو پاڳو نه ڪائي ڇڏ. جو هو سڪندا وتن ۽ تون غير واجبي موجون ڪندو وتين. وند ڪاڻ سک پاءُ پنهنجون ضرورتون پوريون ڪري ڪجهه ضعيفن جو به حصو ڪڍ، ته تنهنجو سماج قائم رهي. تنهنجي قوم قائم رهي، نه ته نه سماج قائم رهندو نه قوم نه تون. لالچ هميشه شخصي هوندي آهي نه مجموعي، هميشه قوم کي اڳ ڦرندي آهي. ان ڪري سنڀال انهيءَ قوم

ڪش ڏاڻُ ڪي، جيءَ ۾ جاءِ ٿي نہ ڏي جا تنهنجي بہ ٻڻ ٻٽياد جو ٽڏو پٽي. ڀلا جي هندن سان لڙائيءَ وقت اسان ۾ قومي احساس نہ هجي ها تہ اسين هينئر هندن جي ڪانسينٽريشن ڪئمپ ۾ نہ هجون ها! ۽ هو اسان جي مال ۽ عزت جا مالڪ! وينجايو تہ سهي تہ ڇا ڇا اسان سان نہ ٿئي ها! توبهہ! توبهہ!

ڪير بہ ائين نہ سمجهي تہ مان لالچي نہ آهيان. ڪٿي هو پيسي جي يا پري پيڪر جي لالچ ڪان پري بہ هجي. آهي تہ اهو بہ گهٽو ڏکيو. سچ چيو آهي ڪنهن تہ:

نعزش مستانہ در رفتار جام مي بکف
رخصت اي تقويٰ کہ يار آمد بہ سامان دگر

پر لالچ جا سؤ ويس ۽ مزو بہ تڙي ڪڙي ۽ ترت اتي جو اتي. پوءِ پل تہ وينو متو ڪنهي تہ ڇا ڪيم. پر ٺونٺ لڳي ساهيڙي پڳي. هڪڙي اکر جي مزي وٺڻ لاءِ ورهين جي دوستي ختم. هاڻي ويهندو دل کي دلاسا ڏيڻ تہ هر ڪو ائين پيو ڪري. اها وري پاڻ کي ٺڳڻ جي لالچ. پنهنجي سهڻي ضمير جي چونگن کي چپ ڪرائڻ جي لالچ. پر ڪنهن سان سهڻي سلوڪ ڪرڻ مان جيڪا روح کي راحت ٿي اچي، انهيءَ جو تہ اندازو ڪيو. پاڻ بہ خوش، اڳلو بہ خوش. عيب ثواب تہ هر ڪنهن ۾ آهن. بي عيب تہ رب ٿي آهي. پوءِ عيب جوئي ڇو؟

هن مان ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪنهن جو واجبي مطلب بہ لالچ ۾ داخل آهي. مطلب هر ڪنهن کي آهي ۽ هئڻ ضروري آهي، نہ تہ جيئڻ جو ٿي مطلب ڪهڙو. ڪا نہ ڪا ضرورت هر ڪو محسوس ڪري ٿو ۽ ان کي پوري ڪرڻ لاءِ هٿ پير هلائي ٿو. ڪو پڙهي ٿو، ڪو پني ٿو، ڪو صلح پسند تہ ڪو جنگجو. هر ڪنهن جي مشغوليءَ جو راز سندس ڪو نہ ڪو اندريون مطلب آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي ورتل روش بهترين سمجهي ٿو.

هر ڪا گهرج بدني يا بيروني ڪو نہ ڪو احساس يا اُڌمو پيدا ڪري ٿي، جو مغز کي خيال ۾ آڻيو، مطلب کي چتو ڪري ٿو ۽ مغز ان کي ويچار ۾ آڻي ڪو نہ ڪو طريقو ان جي حاصلات جو ڪڍيو ڏئي ۽ ماڻهو ان تي اڪيون پوريو هليو ڏئي، جيسين ڪو اتڪاءُ سندس اکيون کولي ۽ هو روڪجي ويچاري تہ ڇا ٿيو ڇو ٿيو اڳتي ڇا. اها روڪ ٻين جون ضرورتون ٿيون پيدا ڪن. آخر ٻيا بہ تہ آهن ۽ انهن کي پنهنجا مطلب بہ آهن. جيڪڏهن ڪو اڙٻنگ ٻين جي مطلبن کي لتاڙي، پنهنجو مطلب هٿ ڪرڻ چاهيندو تہ

ٿيندو جهيڙو. اتي آهي افراديت ۽ سماجيت جو ٽڪر. ته بابا هوش ڪر. هتي ٻيا به آهن رڳو تون ڪو نه آهين. فرد چوي ته سڀ مان ڪٽان، سماج چوي ته ٻين ڪي به کپي . گناهه ۽ ثواب هتي ٿو اڀري.

حيرت نه آهي ته هر ڪو ٻار اڙٻنگ جي حالت ۾ ٿو جمي ۽ وڏي هوندي به ساڳيو ائين هلندو هلي، جنهن ڪي فقط پنهنجوئي مطلب مدنظر ٿو رهي ۽ نپائڻ واريءَ جو مٿي جو سور. وٽيس ته رڙي، مٽي يا سمهي پوي. رفته رفته مائٽ هن کي سماجي گهرجن سان آشنا ڪندا ٿا رهن. وري جو سماج سان لهه وچڙ ۾ اچي ته به مطلب پنهنجوئي رکندو، هلندو جيسين ٻنهي جي وچ ۾، ڪو سمجهوتو ٿئي يا نوبت وڃي زور آزمائي تي رسي. اها زور آزمائي افرادي ٿئي، ڪٽنبي يا قومي، ۽ تيسين قائم ضرور رهندي، جيسين ماڻهوءَ ۾ ٻين جي ضرورتن ويچارڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي ۽ سندس احساس جذبا ۽ سور پاڻ سان اورڻ سکي. هاڻي حيواني ڪُل جو اڙٻنگ ماڻهو انسانيت جي دائري ۾ ٿو اچي ۽ ان ۾ ئي سندس برتري آهي ۽ اشرف المخلوقيت جو درجو جتي ڪيس سچ ته ملائڪ به سجدو ڪن ته جڳائي.

اها اسان جي سهڻي سماج آهي جا اڙٻنگ کي ڏنگ تي سيکاري. عقل هوندي نامعقول الڙ کي دڳ تي لائي. سماج اسان جي کوٽن عملن تي انگشت نمائي ڪري. روڪ ٽوڪ سان برو ڀلو سمجهائي، اسان جي رهبري تي ڪري، اسان جي هدايت تي ڪري، سماج اسان جي صلاحڪار آهي، رهنما آهي، مداين ميٽڻ واري آهي، اخلاق سيکارڻ واري آهي ته ٻين سان ڪيئن هلجي. سماجي واٽ، پيغمبري واٽ آهي. قربان انهيءَ تان جنهن سمجهايو ته اوهان ۾ شرف وارو اهو آهي جو اخلاق وارو آهي جو ڪنهن کي ڏکوئي ته نٿو، پر ڏک ۾ هن جي دسترسي ٿو ڪري، پراوا سور پنهنجا ٿو سمجهي ۽ انهن جو دارون ٿو بڻجي. پراوا حق غصب نٿو ڪري ۽ يتيمن جي آڌر ٿو ٿئي.

اخلاق ته سارو ٻين سان هلت چلت ٿو سيکاري. يعني ته ٻين سان نيڪيءَ جو سلوڪ ۽ اهو ئي آهي ثواب جو ڪم. جو اسان کي رب جي راهه ٿو ڏيکاري ۽ بهشت ۾ ٿو پهچائي. ساڳي طرح ٻين سان بد هلت کي بداخلاقي يا گناهه ٿا چئون، جا شيطاني راهه آهي ۽ دوزخ جا در تي ڏيکاري. اهي اسان جي هڪ ٻئي سان فعل آهن جي ثواب آهن يا گناهه آهن. الله تعاليٰ جي خلاف وڃڻ جي ته اسان کي قدرت ئي ڪانهي. هو قانون ڪل آهي، ان جي قانون کي ڀڃڻ معنيٰ تباهي. اهي ئي ڪم جي قوم کي برباد ڪن، گناهه ٿا ليکجن ۽ ثواب اهي جي قوم جي شيرازي کي ثابت ٿا رکن.

ڪوبہ ڪم چڱو آهي يا مَندو. گهڻي قدر هن طرح پرکي سگهبو تہ جي سڀ قوم جا فرد انهيءَ ڪم ڪرڻ کي لڳي وڃن تہ ان جو نتيجو قوم لاءِ سٺو نڪرندو يا خراب. مثال لاءِ وٺو ڪوڙ ڳالهائڻ، چوري يا نڳي ڪرڻ. ڏسجي تہ ائين پيو تہ فقط جي اسان مان ڏهين پتي بہ ڪوڙا، چور يا نڳ هجن تہ اسان جو وهنوارئي ڪيئن هلي، جيڪر جيئڻ ئي جنجل ٿي پوي، پر جي سڀئي ائين ڪرڻ کي لڳي وڃن تہ قوم تہ نهي، پر گهر بہ ڪو نہ هلي سگهن. ماڻهو ماڻهو کي کائي مارين. ان ڪري اهڙا فعل گناهہ سمجها ٿا وڃن. وري وٺو سخاوت، نيڪ نيتي ۽ همدردي کي. جيڪڏهن اهي لياقتون ڪنهن قوم ۾ عام جام ٿي پون تہ پراهين بهشت جي جيڪر گهرج ئي ڪا نہ رهي. تہ اهڙا ڪم بهشتي سمجها ٿا وڃن. مطلب تہ گناهہ ثواب سماج سان تعلق ٿو رکي، نہ الله سان. ان ۾ قومن جي ڀلي يا نهڻ جو راز رکيل آهي. الله تہ بي نياز بادشاهہ آهي، ان کي ڪهڙي پرواهہ! هو پنهنجي اشرف المخلوق جو سک ٿو طلبي.

ڪير آهي جو سک جو طلبگار نہ آهي؟ ۽ اهڙو بہ ڪو مشڪل ملي جنهن ڏک ڏٺو ئي نہ هجي. ان جو مطلب تہ اسين سک چاهيون بہ ٿا، پر سک نہ ٿي سگهيو اٿئون. سبب فقط ہہ ٿي سگهن ٿا. هڪڙو تہ سک جي واٽ کان بي خبر آهيون، ٻيو تہ خبر هوندي انهيءَ راهہ تي هلون نٿا. نفسياتي فلسفي کي تہ اسان جي سک ڏک گناهہ ثواب ۽ فنا بقا جي واٽ جي تہ هاڻي خبر پئي. پر ڪو بہ صاحب، دل تي هٿ رکي وري وري ويچاري فتويٰ ڏئي تہ هيٺ ڏيکاريل راهہ ۾ مڪمل سک جي واٽ آهي يا نہ. جا اسان کي صديون اڳي ملي:

"چئو تہ منهنجي نماز منهنجي قرباني، منهنجي زندگي ۽ منهنجو موت، سڀ الله خاطر آهن جو سڀني جهانن جو پالڻهار آهي."

برعڪس ان جي اسان جي سمجهہ موجب تہ هتي جي ڪا بہ شيءِ جا منهنجي خود غرضيءَ ۾ آهي سا منهنجي آهي ۽ جيڪا مون پنهنجي خودغرضيءَ کان جدا رکي آهي سا الله خاطر يعني تہ ٻين لاءِ آهي. جيڪي نفس کي كارايان، پياريان ۽ ڍڪايان ٿو، سو منهنجو، جيڪي ٻين مخلوقن کي ڏيان ٿو، سو الله خاطر. جيڪا نماز ٿو پڙهان، سا ٻي دنيا ۾ بهشت ملڻ جي خاطر ۽ ساڳي طرح ڪا قرباني. اهڙي خيالي صورت ۾ موت تہ بنهہ هڪ عذاب پيو ڏيکارجي. هاڻي اهڙي سمجهہ هوندي بہ ملي تہ ڪيئن ملي؟ ارشاد آهي تہ تون پاڻ کي وساري ڇڏ تہ ڪو آهين، تون ائين سمجهہ تہ تنهنجو جيئڻ، مرڻ،

ڪٽڻ، ڪمائڻ، ڪائڻ ۽ سمهڻ سڀ الله جي لاءِ، يعني ٻين جي لاءِ آهن. هاڻي اهڙي ماڻهو کي ڏک ڪٿان ڏسڻ ۾ ايندو؟ جنهن جو ڪائڻ ۽ سمهڻ به خودغرضيءَ ۾ نه آهي، ڇو ته رب جي راهه ۾ ڪمائيتي ٿيڻ لاءِ ڪائڻ ۽ سمهڻ به نهايت ضروري آهن. جن ڪان سواءِ هو بيڪار ٿي پوندو. حڪم آهي ته بيشڪ ڪٽ ڪماءِ ، ڪاءُ پيءُ ۽ آرام ڪر، پر الله جي لاءِ، ۽ نه پنهنجي لاءِ. پڇاڙيءَ تائين گهرجائن لاءِ، قوم لاءِ، وطن لاءِ لوچيندو رهه. مطلب ته جيسين ڪنهن دائم قائم ”اعليٰ مقصد“ کي جيءَ ۾ جاءِ نه ڏبي، تيسين فاني شيون ته ويندي موڪلائينديون به ڪو نه ۽ ڏک ڇڏينديون ويندو نه دل جي خوشي. ان ڪري ضروري آهي ته ڪنهن پائدار شيءِ سان دل لائجي ته ڏک ڇاجوا جي اسين ٻين لاءِ جيون ته اسان جي خوشي ته اٿلي اٿلي پئي.

انفرادي زندگي ته بلڪل مختصر آهي، پر سماجي زندگي تيسين هلي هلندي، جيسين سندس فرد بي محابا ٿين ۽ انسانيت کان منهن ڦيري هڪ ٻئي سان بدفضيلت ۽ بداخلاق روش روا رکن. پوءِ اها نيات ٽٽي پوندي ۽ سندس پاتي ڇڙوڇڙ ٿي، زماني جي خورد برد جا نوالا ٿي ختم ٿي ويندا. قوم کي قائم رکڻ لاءِ مساواتي همدردي ضروري آهي. جيتريقدر قوم زيادهه طاقتور، اوتريقدر سلامتي گهڻي ۽ خوف گهٽ. وطن لاءِ ته سر به سنڌو آهي. ڇاڪاڻ ته اسان جي انفرادي ڪٽنبي، نياتي، سماجي، قومي خوشي خورمي، بهتري ۽ بقا جو ضامن آهي. جي ملڪ آهي ته مان به آهيان، ماڻ به آهي، نه ته بيخانه ماڻ کي پڇي به ڪير ڪونه. يهودي، دولت جي ميڙڻ ۾ ايترو ته مست ٿي ويا جو ڪروڙپتي ته ٿيا پر جان ۽ مال جي قرباني نه ڏيڻ ڪري ايترو ته ڇڙوڇڙ ٿي ويا جو ساري دنيا ۾ اهڙو ڪو زمين ٽڪرو ڪو نه رهين، جنهن کي وطن چون. عالمي لڙاين جي وقت به ڪو به پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ نه پيو ڏئين، جيسين مسلمانن هٿان حڪومت ڇڏائجي وئي ۽ پوءِ مسلمانن کان هٿ ڪيل فلسطين ۾ آباد ڪيا ويا.

نفسيات جو تعلق انسان جي فعل سان آهي، فعل جو مدار خيال تي ۽ خيال جذبي سان ٻڌل، هر هڪ مذهب جي تنبيهه، ماڻهوءَ ۾ نيڪ جذبن اُڀارڻ لاءِ پئي رهي آهي ته منجهس نيڪ خيال ۽ نيڪ اعمال پيدا ٿين، جن تي قومي تعميرجو بنياد آهي. اها ذهني ڪيڙ آهي جا بنيادي ڳالهه آهي جنهن کي ڪلچر ٿو چئجي ۽ ذهني ڪيڙ مان تمدن ٿو پيدا ٿئي. تمدن مادي آهي جيئن ته شهرجو نمونو، گهرن جو نمونو، هٽ بازريون، باغ، اسڪول، اسپتالون، رستا، سواريون، وغيره جنهن کي ”سولزيشن“ ٿو چئجي.

تمدن، دولت، علم ۽ تهذيب جو اظهار آهي پر قومي پختگي يعني قومي قوام، جنهن مان همت، دليري، مشڪل کي منهن ڏيڻ جي طاقت پيدا ٿئي يعني ايمان "مولا" فقط الله تي ڀروسي رکڻ مان حاصل ٿو ٿئي. "عز من تشاء وتذل من تشاء" مخالفن کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري آهي ته لڙائي جو سامان به هجي. خوب هجي، پر جي ايمان ضعيف آهي ته سامان هوندي به پير کين ڪپندا. جيسين ياد اچي ته "تنهنجو جيئڻ مرڻ الله جي خاطر آهي."

ڪا به قوم تڏهن بڻبي جڏهن پهرين ته ڪو صحيح اصول هجي، جنهن سان فرد ٻڌجن پوءِ ڪپن چست پوئلڳ جي انهيءَ اصول جو وقار برقرار رکن. قوم جي ترقيءَ لاءِ صحيح تعليم، تهذيب ۽ اخلاق ضروري آهن. پاڙي وارين قومن سان سچائي ۽ نيڪ نيتي پنهنجي ملڪ سان دلچسپي ۽ اٽڪ لاڳيتي ڪوشش ان کي ڪارائتي ڪرڻ جي. ملڪ ته ماٺ، نه ته ڪونهي ڪو جهان. وري شل نه چمن پر جي پيدا ٿيا بي خيال عيشي شيطان ته پوءِ رب امان ڏئي. بي حيا غاصبن غدارن جي موجودگيءَ ۾ ڪو به ملڪ سائو ڪو نه ٿيندو. خود غرضي گِهڙي ته ملڪ ويران ٿيو، قومي تباهي آئي.

قرآني تعليم ته سموري اخلاق ۽ اخلاص تي ٻڌل آهي، جي مجموعي خصلتون آهن جن جو مقصد آهي قومي پائداري ۽ تعمير. الله اخلاق سان محسوس ڪبو ۽ بداخلاقيءَ سان شيطان، پر "فلاطينو (Plotinus) رومي فلاسفر (203-270ع) جو خيال هو ته خوشي يعني خدا جي حاصلات فقط ڳجهيءَ طرح سان، انفرادي حالت ۾ ئي ٿي سگهندي ۽ اهو آهي روح جو خدا سان تعلق (نه خلق الله سان) هن فلسفيءَ نيڪ ۽ بد انسان جو اخلاق ۽ سماجي ضرورتون، بلڪ عدل انصاف يا هن جهان ۾ ٻي ڪنهن به خوشنوديءَ جي ڪا به ضرورت ڪانه سمجهي. سندس خيال هو ته "زمين جي ظاهري خوشين کان منهن موڙجي ۽ عرش جي باطني اسرارن سان تعلق جوڙجي. جن جو حظ فقط تصوري گهرائيءَ ۾ وجد يعني هڪ جوشيلي جولاني مسرت جي حالت پيدا ڪرڻ سان ئي حاصل ٿي سگهندو". اڪيلو ويهي جولان ته ڪائي پر ٽڪر ڪارائڻ وارو به ته ڪو هجيس نه! دشمن کان ڪيئن بچي؟ هو ته جهلي چوندس، پهرين ته بوٽ پالش ڪر پوءِ ڏنو ويندو.

ارسطاطاليس انساني مسرت جي انتهائي لذت ان ۾ محسوس ڪئي، ته قدرت ڪامله جي تخليقي راز کي هٿ ڪجي. ۽ انهيءَ راز کي ڳولڻ ڦولهڻ ۽ کولڻ لاءِ ضروري هو، ته هر هڪ قدرتي شيءِ کي جنس به جنس ترتيبوار پوريءَ طرح جاچجي، ۽ سندس لڳ لاڳاپا ذهن نشين ڪري، عقل ۾ آڻي

سندس پيدائشي سبب هٿ ڪجن ته انهيءَ ئي ڏاڪي تان ڪو مسبب الاسباب جو پرو پيو ته پتو پئجي ويندو. هن جي جستجو جا ذريعا هئا ظاهري شيون، حواس ۽ سمجهه يعني سائنس. پر فلاطينو بنهه برعڪس هو ته ظاهري طرح عقل هلائي هن اسرار جو راز ڪڏهن به هٿ ڪري ڪين سگهبو. هي ڄڄهه ڄڄهاندر ڳالهڙي فقط تصوري سطح تي، خيالي ذوق ۽ شوق جي نگاهن سان موج ۽ مستيءَ ۾ مجذوبي ڪيفيت پيدا ڪرڻ سان ئي باطنيءَ طرح محسوس ڪري سگهبي، ۽ هر هڪ ڏار ڏار يعني ته نيات، سماج، قوم سڀ غير ضروري.

حقيقت ڪيئن به هجي، هِن پاسي، هُن پاسي يا ڪجهه هيڏنهن ڪجهه هوڏنهن يا ڪو ٽيون پهلو به هجيس. پر ڏسجي ائين پيو ته ماڻهوءَ جو ايمان جي ڪنهن هنڌ ٻڌو ته ٻڌو، پوءِ اهو خيال مٽائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳيس، پل ته ڪيڏو به ڪو عالم هجي ۽ سندس مقرر خيال ڪيترو به ضعيف. حضرت موسيٰ عليہ السلام جي قوم ۾ جڏهن حضرت عيسيٰ عليہ السلام پنهنجو پيغام پڌرو ڪيو ته ڪنهن ڪنگهيو به ڪو نه. وري جو مير محمد صلي الله عليهوسلم مدنيءَ جو وارو آيو ته پنهنجا چاچا به پٺِ ڪدي بيٺا. هيءَ ماجرا نه رڳو اعتقادي دنيا ۾ ڏسبي، پر رواجي مسئلن ۾ به. ڇا لڳي فرئنسز بيڪن جهڙو مفڪر ۽ مدبر جو علم جي درياء کي ڪوزي ۾ ٻڌي رکندو هو ۽ ڇا لڳي وليم هاروي جي رت جي دؤري بنسبت انڪشاف سان سندس مخالفت، جنهن جانور ذات جي جياپي جو راز کولي رکيو هو. هاروي جو خود بيڪن جو ڊاڪٽر هو ۽ بيڪن جيمس پهرئين جو لارڊ چانسيلر. بيڪن جي روش تي ڏاڍو پريشان ٿيو، پر پنهنجي خار ڪدي ڇڏيائين، چي، اها مفڪري ته لارڊ چانسيلر جي ٿي لڳي ۽ سندس سائنسداني نسورو مڪر.

حيرت اجا به اڳيري آهي جو هيل تائين اهو خيال موجود هو ته زمين ڪتل هئي ۽ سج، چنڊ، تارا مٿس لٽا اپريا ٿي. اهو رايو نه رڳو عام جي مشاهدي تي بيٺل هو، پر مذهب جي راءِ به ساڳي هئي، جنهن سان ارسطاطاليس ۽ هڪ تاليمي تارن جي علم جو ماهر به متفق هئا. جڏهن 1492ع ۾ دريا دل ڪولمبس دليريءَ سان مهاساگر پار ڪري وڃي نئين دنيا لڌي، تڏهن يورپ جي اک کلي ته مارا! هي جو اسين سمجهي ويٺا هئاسين ته يورپ جي اولهه وارو پاٽي ڌرتيءَ جي حد هئي سو ته صحيح ڪو نه نڪتو. پوءِ ته گهڙي پيا اجهاڳ ۾ ۽ دنيا جو افق تصور ۾ گهٽو وڌي ويو ۽ هر هڪ قدم اڳتي حوصلو وڌائيندو رهين.

1543ع ۾ پولنڊ جي علم هيئت جي ماهر ڪوپرنيڪس ظاهر ڪيو ته زمين ڪتل نه آهي، پر سج جي چوڌير خلا ۾ آزاد ڦرندي ٿي وتي. ان جي تائيد اٽليءَ جي گئليلو ڪئي، جنهن ٽيليسڪوپ سان پوري تحقيقات ڪئي هئي ۽ بيڪن جو همعصر هو پر بيڪن مڃ ئي نه ڇنديس، حالانڪ موجوده راءِ موجب ڪانئس اڳيرو هو. بيڪن ڪوپرنيڪس جي نظريي کي ٺڏيو ته سندس هڪ ٻئي همعصر برونو اکين تي رکيس. ڇاڪاڻ جو هاڻي ڌرتي ڏڪاٽيل ۽ عرش کان هيٺ ڪيريل ڪانه هئي پر آزاد ۽ عرش واسي هئي ۽ سندس رهواسي ڪنهن به مخلوق کان گهٽ نه هئا پر زور ته هميشه پاڻ کي سچو سمجهي ڪري گذرندو آهي، جيسين سچ زور پڪڙي، ڪيس ڏوهاري نهرائي. سو ويچارو برونو به ڪفر جي فتويٰ هيٺ مذهبي بانيڪارن روم ۾ جيئري جلائي ڇڏيو (1600). 1633ع ۾ گئليلو به ساڳي عدالت جي گرفت ۾ ڪافر ثابت ٿيو. پر توبهه تائب ٿي جان بچايائين. چون ٿا ته توبهه ڪرڻ کان پوءِ جڏهن گوڏا زمين تان ڪنيائين ٿي ته وري به دل ۾ آيس ته ڌرتي ته اها ئي پئي ڦري.

اڄ ته ڪو اڻ پڙهيل به ائين ڪو نه چوندو ته زمين ڪتل آهي، جو ڪيترا ته سندس چوڌير چڪر به ڦري آيا آهن. پر هاڻ ڙي اسان جي عيد اڃا به يڪجهتي ڪانهي! ڏسجي ائين پيو ته شل نه ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جي پريشان ڪرڻ جو وجهه ملي. پوءِ ڏسوس ته ڪيئن نه توجهل جي ديوار تي سٽي ڇيچاڙيس. واقعي ماڻهوءَ جو دشمن ماڻهوئي آهي. رب العالمين ته هميشه ٻاجهارو ۽ رحم ڪرم ڏانهن مائل، ضد ۽ هوڏ کان پاڪ. اهو ترڙو ڪروڏي ماڻهوئي آهي جو پنهنجي زور ڏيکارڻ ۽ جهل کي چمڪائي ڪثرت راءِ سان پنهنجي مڃائڻ لاءِ پاڻ جهڙا، ڪنهن نه ڪنهن نموني آڙ ۾ اٽڪايو ڇيچلايو ڇڏي. اها آهي انسان جي جگرسوز سماج. "ٽڪو ڏئي به پرائو پٽ ڪارجي "جهڙا اڻٿ مار پهاڪا الائي ڪڏهن نڪرندا.

وري جو دنيا سازيءَ جي بازيءَ ۾ ڪو ڪتي هارائي ته لڳي ماديات سان چڪري، پوءِ ته روحانيات جي صاحبن کي خبر به ڪانه رهي ته چون ڇا ٿا ۽ ڪن ڇا ٿا. ڪين حق ڪهڙو جو رب جي خلقيل زمين ۽ سندس اسباب کي ڌڪارين! بک ۾ چتا ٿي مادي شين کي چو ٿا رڙڪين. چو ٿا پوشاڪون پهرين ۽ ٻار ڄڻين، بازي ڪيڏڻ ڪين ڪين آئي، ڏوهه دنيا جو. سمجهه ۾ نٿو اچي ته جنهن زمين ڪيترا سال بار کنيو، طرحين طرحين شين سان اسان کي ڪارايو، پيياريو، نپايو، وندرايو، وڏو ڪيو، ورسايو، ويجهايو، ان سان ايڏي اٽبٽت ڇو! يقيناً اسان جي سمجهه انهيءَ منزل تي پهتل نٿي ڏسجي،

جتي خالق جا ڪارناما ۽ ڪمال ڏسي خوشنودي حاصل ڪريون ۽ قدرت جي راز سان هم آواز ٿي رقص ۾ اچي لڱن لڱن مان سنڌس لات جا سر آلاپيون. حالانڪ اسان کي پنهنجي رهبر متوجهہ بہ ڪيو تہ:

تتفكروا في خلق الله ولا تتفكروا في الله

(ويچاريو الله جي خلقت کي ۽ الله بابت فڪر نہ ڪريو)

پر اسان بہ ڏٺو تہ سنڌس اٿاهہ خلقت تي فڪر ڪرڻ لاءِ جو صديون ويڻا ڪشالا ڪريون، سو چو نہ آسانيءَ سان سنڌس فڪر ۾ ويٺي ويٺي تڙئي ڪڙئي مست ٿي ڏيڪاريون. حضرت جي حڪم جي بنهہ ابتڙ، ۽ حاصل ڇا؟ پوءِ ڇو نہ اهي ڪٿن جن صديون صبر سان خلقت تي فڪر ڪري بربحر پيٽي، واهڻ ولوڙي دنيا ۾ برتري حاصل ڪئي ۽ اسان اهيئي بي هنر ۽ بي خبر ۽ محتاج. الله بہ انهن کي ٿو نوازي جيڪي سنڌس زمين کي سنوارين ۽ سينگارين ٿا ۽ نہ انهن کي جيڪي ان کان منهن موڙي بي رخيءَ جي واٽ ٿا وٺن. رب شال اسان کي بہ مَتِ ڏئي جو صحيح تعليم پرائي دنيا سان بہ راسپاس ٿيون ۽ خالق جا ٿورا مڃندي ۽ سنڌس گڻ ڳائيندي چوندا وڃون:

”سير کي خوب پھري پھول چني شاد رهي

باغبان جاتي هين گلشن تيرا آباد رهي“

اسان بہ هن شائستہ ۽ شانائتي شڪر گذاريءَ ۾ شامل ٿيندي انهن بيمثل ۽ باڪمال بستانين، مشرقين ۽ گهڻي قدر مغربين جي تهدل سان شڪر گذار ٿا ٿيون جن جي سدابهار ۽ رنگين ذهني گلدستن جي سونهن ۽ سرهاڻ سان وقت بوقت موثر ۽ معطر ٿيندي، هن ناچيز جدوجهد ۽ جستجو جو جنون جاڳيو، انهي ئي آسري تي تہ جي خوش نصيباً اسان جي شريف النفس فياض بلند حوصلہ بزرگ عالمن جي هٿن تائين پهچڻ جو موقعو مليس تہ سنڌس اڪيچار خاميون اڪلنديون ئي ڪين ۽ ڇو نہ؟ نيڪن کان نيڪيءَ جي اميد ئي رهي ٿي.

خيرانديش

علي احمد

نفسيات

(ڀاڱو پهريون)

جذبا ۽ جوش يعني عشق

هن ڀاڱي ۾ ماڻهوءَ جي انهن خصلتن جو احوال آهي، جيڪي ٻار ڄائي جم ڀاڻ سان ساڻ تو آڻي، جن جي اوٽ تي اپومڙو پنهنجي جان تڳائڻ وارين ضرورتن کي ظاهر ڪري، ڪين حاصل ڪرڻ جي واٽ سان ٿو لڳي. اهي آهن سنڌس اڌما ڇشڪا ۽ انگل آرا.

باب پهريون

نفسيات سان تعارف

نفسيات جو نشانبر: نفس معنيٰ ساهه. جو ماڻهوءَ جي جند کي جان ٿو بخشي ۽ نفسيات اهو علم جو جيئري جڙئي ماڻهوءَ کي پنهنجي اڌمن، امنگن، مطلبن، خيالن ۽ چالن جي ورن وڪڙن کان واقف ڪري، پنهنجي ۽ ٻين جي رمزن ۽ رازن کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ سيڪاري ۽ ڪن ٻه ٻن ماڻهن جي خواهش، لاڙن، لڇڻن ۽ لياقتن کي پرکي منجهن فرق ڏيکاري.

البت ماڻهوءَ جي بدني فطرت ۾ ٻيون به ڪيتريون ڳالهيون اچي وڃن ٿيون. جهڙوڪ: سنڌس ڪائڻ، سمهڻ، ڪم ڪرڻ، بيمار ٿيڻ وغيره، پر نفسيات جي علم کي ماڻهوءَ جي فقط جذبي خيال ۽ روش سان تعلق آهي جي گڏجي هر هڪ مرد توڙي زال کي نرالي شخصيت جو والي تا بنائين. باقي بدني زندگاني ضرورتون ته سيني جون ساڳيون ئي ٿيون رهن. اڳتي هلي معلوم ٿيندو ته ماڻهوءَ جي هلت نتيجو آهي، سنڌس جذبي ۽ خيال جو، ان ڪري نفسيات جو ڏيان سارو ماڻهوءَ جي چال ۾ اٽڪيل ٿو رهي، ته هو پنهنجي ماحول ۾ پنهنجي گهرجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙي روش اختيار ٿو ڪري، جنهن مان ئي سنڌس جذبن ۽ خيالن جي خبر ملي سگهي ٿي.

اها ماڻهوءَ جي هلت آهي، جنهن مان واقف ٿي اسين ڪنهن کي چڱو ٿا سمجهون، ڪنهن کي مَٺو، ڪنهن کي اڙٻنگ، ڪنهن کي سٻاجهو، ڪنهن کي مغرور، ڪنهن کي نهٺو، ڪنهن کي ٻڇڙو، ڪنهن کي دلير، ڪنهن کي سخي، ڪنهن کي ڪنجوس، ڪنهن کي سياڻو، ڪنهن کي بيوقوف. ٻوليءَ ۾ جيڪي به صفتون آهن، تن مان هڪ هڪ ماڻهوءَ جي ڪا نه ڪا وصف، بلڪ سنڌس هڪ

پوري ذهني ڪيفيت بيان ٿي ڪري ۽ آهن بہ اڪيچار. ڏسو تہ ٻوليءَ جا لفظ خود نفسيات جي علم سان ڪيئن نہ ڀرپور آهن. جي اوهان کي اوهان جي پوريءَ طرح هنڌائڻ کان سواءِ بہ نفسيات جي ٿيٽ ڏيندا تا رهن. جيتوڻيڪ اوهان شايد اجا تائين ڌيان ۾ بہ نہ آندو هجي تہ ٻوليءَ جا لفظ ڪيئن تا جڙن يا سندس صفتن جي اهميت ڇا آهي. هر هڪ صفاتي لفظ ۾ ماڻهوءَ جي ورهين جي تجربي، احساس، خيال ۽ فيصلي گڏجي هڪ لفظي صورت ورتي آهي، جا ماڻهوءَ جي هڪ مقرر ذهن يا طبعي تصوير پيش ٿي ڪري. اهي صفتون آهن جي جڏهن اسين ڪنهن ماڻهوءَ بنسبت ڪم تا آڻيون. چڱيون يا مٺيون يا ڪي چڱيون ڪي مٺيون، تڏهن اهي گڏجي اسان کي ڪنهن جي طبعي ۽ ذهني حالتن يعني سندس طبع کان واقف ٿيون ڪن.

ظاهر آهي تہ ماڻهوءَ جي نفسي فطرت جو ڏس سندس هلت تي ڏئي. ڀلا هلت ڇا کي تا چئون؟ هلت ان کي ٿو چئجي، جيئن ڪو ماڻهو ڪري يا چوي. هلت جا جزا ماڻهوءَ جا ڪردار آهن. ڪرڻ ۽ چوڻ. هتي بہ ساري ٻوليءَ جا جيڪي بہ فعل آهن، سي بشرجي ڪرتوتن کان واقف تا ڪن، تہ هو ڇا ڪندو ٿو رهي. ماڻهوءَ جو کائڻ، ڊڪڻ، چڙڻ، وڙهڻ، پرچڻ ۽ هزارين فعل، مارڻ، مچائڻ، کهڻ ، لٽڻ، ڦرڻ وغيره سڀ سندس ڪنهن نہ ڪنهن واقعي فعل جو فوٽو اکين اڳيان آڻيو ڇڏين. ڪنبڻ يا لڇڻ جي شڪل ڪو بہ مصور ڪدي ڏيندو.

ڏسو تہ ٻوليءَ جي هر هڪ لفظ ۾ ماڻهوءَ جي ڪا نہ ڪا پر مقرر ڪيفيت ڪيئن نہ سمايل آهي. لفظ جي ايڏي اهميت ڏسندي ضروري آهي تہ هر هڪ لفظ جو پورو پورو مطلب ۽ مفهوم سمجهي مقرر ڪجي ۽ ان کي پورن هنڌن تي پوري نموني ۾ ڪم آڻجي، جيئن پورو مطلب ادا ڪري نہ تہ ڪو بہ خيال پوري طرح سان ادا ڪري ڪين سگهبو. اهي لفظ ئي آهن جي ڪنهن جي خيالن جي ترجماني تا ڪن، ڪنهن جو مطلب ٻئي تائين تا پهچائين. جيسين ڪنهن بہ لفظ کي ڪو مقرر مطلب نہ ڏنو ويو آهي تيسين اهي لفظ پنهنجو خاص مطلب پهچائي نہ سگهندو. ڪي بہ ٻہ لفظ هوبهو ساڳئي مطلب جا نتا ٿين، نڪي ڪا ساڳي خيالي صورت پيش تا ڪن. سوچڻ، ويچارڻ، ڀانئڻ، خيال ڪرڻ، ڌيان لائڻ، سمجهڻ سڀ هڪ جهڙا لفظ تا لڳن. پر باريڪيءَ سان هنڌائڻ تي هر هڪ جي خيالي حقيقت نرالي ٿيڻ لڳندي. ٻوليءَ جي فضيلت ان ۾ آهي تہ منجهس اهڙا لفظ موجود هجن، جن سان ڪهڙو بہ باريڪ خيال اهڙو پورو ادا ڪري سگهجي جو منجهانئس ٻہ مطلب نڪري نہ سگهن. هر هڪ لفظ جو قدر اهڙو پورو

مقرر ڪجي جهڙو ڪنهن انگ جو ملهه. نه ته خوديءَ جو مفهوم هڪڙي جي دل ۾ هڪڙو ٻئي ڪي ٻيو. پوءِ ڳالهه وئي لڳو جهيڙو.

وري ماڻهوءَ جي ٻين ماڻهن جي قول ۽ فعل سان دلچسپي به ڏسڻ وٽان آهي. هر هڪ آکاڻي، قصو، ڪهاڻي، شعر، مذهب، تاريخ، ناٽڪ، سئنيما، بلڪ اخبار ماڻهو جي ڪردار بياني نه آهي ته ڇا آهي؟ جي نفسيات ماڻهوءَ جي هلت يعني سندس ڪردار سان تعلق ٿي رکي ته اوهان وٽ ماڻهوءَ کي ڄاڻڻ، سڃاڻڻ، پرکڻ ۽ تفريق ڪرڻ جو ذخيره به اٿاهه موجود آهي. اسان کي فقط انهن صدين جي علم کي ٿورو ترتيبوار ۽ رٿائتو ڪري ڏيکارڻو ٿيندو ته اهي فعل ڇو ۽ ڪيئن واقع ٿيا. باقي ماڻهو مسڪين آزمودي جي ڪسوٽيءَ تي ڪڏهوڪو ۽ ڪافي سڃاتو پيو آهي. سندس فعلن جو چرچو به گوناگون آهي، نه رڳو ماڻهوءَ جا فعل سماج ۽ حڪومت يا پرديسي قومن جي چوڪسي هيٺ آهن پر ٻي دنيا جو دوزخ بهشت به وجود ڏيکارين.

هر هڪ شخص زال ڇا مرد ڪنهن نه ڪنهن بلڪ ڪيترن ٻين ماڻهن جي هلت چلت سان دلچسپي ضرور رکندو هوندو. ٻيو نه ته مائٽ اولاد جي هلت ۾ مَحو هوندا. زال مڙس جي هلت جاچيندي، مڙس زال جي، ٻار مٽن مائٽن جي، حاڪم رعيت جي، واپاري خريدار جي، سياستدان پاڙي وارين حڪومتن بلڪ ساري دنيا جي نظام جي، جيتري لياقت رکندو هوندو ان موجب.

مطلب ته ماڻهوءَ جي هلت گهڻ قدر معلوم ٿي چڪي آهي ته هو ڇا ڪندو ٿو رهي ۽ ڇو. نفسيات جي علم کي فقط ڏيکارڻو ٿيندو ته ماڻهوءَ جا اهي ڪم وجود ڪيئن ٿا وٺن. ڪهڙين حالتن ۾ ٿا ٿين، سندن ڪارڻ ڪهڙا آهن ۽ سندس سلسلو ڪهڙو؟ اهڙين حقيقتن جي هٿ ڪرڻ کان پوءِ ڪي اهڙا اصول يا قانون به مقرر ڪري سگهبا جن جي ماتحت فعل پيدا ٿا ٿين، جن کي اڳيان رکي سمجهي سگهجي ته ڪو ماڻهو ڪن حالتن ۾ ڪڙي هلت وٺندو ۽ ان کي ڪيئن روڪي سگهبو. اهڙيون حالتون هميشه گهر ۾، اسڪول ۾، آفيس ۾، بازار ۾ ٿينديون ٿيون رهن، جتي هر ڪنهن فرد بشر کي سوچي سمجهي قدم کڻڻو آهي، جيئن ڪنهن نقصان هيٺ نه اچي.

نفسيات جو علم ايترو ڪُهنو آهي جيترو خود بشر. ان ڪري نفسيات کي سلسليوار سمجهڻ لاءِ ڪيس ڪيترن لاڳاپيل حصن ۾ ورڇي سندن ڌار ڌار اڀياس ڪرڻ مناسب ٿيندو جيئن ته:

(1) نفسيات فلسفيہ: جنهن ڪي انهن بنيادي مسئلن تي غور ڪرڻو ٿيندو تہ ماڻهو ڪيئن پيدا ٿيو. آءُ ڇا آهيان؟ روح ڇا آهي؟ روح ۽ بت جي پاڻ ۾ شراڪت ڪهڙي؟ اسين جيڪي فعل ڪريون ٿا سي پنهنجي اختيار تي يا تقدير جي لکڻي موجب؟ دنيوي علم ماڻهن جي لهہ وچڙ مان حاصل ٿو ٿئي يا اڳئي اندر ۾ موجود ٿو رهي؟

(2) نفسيات حيوانيہ: يعني بشر جي حيواني هلت. هن جو تعلق ماڻهوءَ جي حيواني حصي يعني نفسي خواهشن سان آهي. ان ۾ تہ ڪو شڪ ئي ڪونهي تہ ماڻهو دراصل حيوان ئي آهي. سندس بک، اڃ، اجهي آرام جون خواهشون ۽ نسلي ضرورتون، هوبهو حيوانن واريون آهن. فرق فقط اهو آهي جو سندس پورائو پسون، اوٺ اپرڻ تي بيوس ٿي ان وقت ڪرڻ لڳي جيئن ڀار ۽ ماڻهو راڄوٽي رسمن انوسار اڏمي ڪي قابوءَ ۾ رکي مهل موقعي سان سماجي قانونن جي اجازتن موجب ڪندو ٿو رهي.

ماڻهوءَ جي انهن حيواني ضرورتن ڪي ويچاريندي سندس حيواني اصليت بہ ڪلم ڪلا ظاهر ٿيو پوي. جنهن ڪي پوري طرح سمجهڻ لاءِ ضروري ٿيندو تہ پسن جي هلت چلت ڪان پڻ واقف ٿي پيتي ڏسجي تہ ماڻهو اڃ بہ ڪيتري قدر نفسي حيوان آهي ۽ ڪيترو سنوپرو انسان. ٻئي طرف اڄلڪهہ جي عام راءِ جي خلاف اهو بہ پرندن چرندن جي روش جاچيندي معلوم ٿيو تہ پسون بہ سمجهہ ڪان خالي ڪين آهن. جيئن سمجهيا ٿي ويا. جانورن جي تربيت ڏيندي ائين بہ پڌرو ڪري ڏيکاريو ويو آهي تہ هو بہ سکيا وٺڻ سان گهڻي قدر تعليم يافتہ ٿي سگهن ٿا.

(3) نفسيات شخصي: جا هر ڪنهن معمولي سالم طبع ماڻهوءَ جي پوري ذهنيت جي واقفيت ٿي بخشي جيئن تہ:

(1) سندس اڏمن يعني سندس اندرين احساسن جي تہ هو ڇا ٿو ڀانئي، جنهن مان سندس جذباتي ٺاٺ يعني سياءَ جي سڌ پوي (2) سندس ذهن جي، جنهن مان سندس هوش حواس ۽ سمجهہ ساڃهہ جو پتو لڳي (3) سندس اختياري هلت چلت جي، جنهن مان سندس لڇڻن ۽ ڪردارن جي عزم جزم جي خبر پوي تہ سندس قول ۽ فعل ڪيتري طاقت تا رکن ۽ ڪهڙي پاسي مائل آهن.

(4) نفسيات جسمي: نفسيات جو سڌو تعلق دراصل من سان آهي يعني من جي احساسي، خيالي ۽ اختياري طاقتن سان. من جي جاءِ يقيناً مغز جي اندر آهي پر من جي اختيار هلائڻ جو نتيجو ٿيندو ڪجهہ چوڻ يا ڪرڻ يعني اسان جا ڪردار . انهن قولن ۽ فعلن ڪي اظهار ڪرڻ واري ڪَل تہ اسان جو بدن ئي آهي،

جنهن کان سواءِ من جي منشا ڪا بہ پوري ٿي نٿي سگهي. ان ڪان سواءِ من جي احساسن يعني اڌمن جو اثر بہ سڌي طرح دل جي هلڻ، ساهہ کڻڻ، بک، هاضمي وغيره تي ٿو پوي. جي سڀ بدن جا ئي مکيہ عضوا آهن ۽ سڀ همدم تنتي سرشتي سان ڳنڍيل. ساڳيءَ طرح بدن جي ري نالي غدودن جو اثر بہ سمجهہ توڙي سياءَ تي خوب پوندو ٿو رهي، جن جي علم کان سواءِ نفسيات جي ڪارنامن ۽ عرضن کي پوريءَ طرح سان سمجهڻ بہ مشڪل ٿي پوندو. نفسيات ساري ماڻهوءَ سان توسلو ٿي ڏيکاري نہ فقط سندس من سان يا من جي فقط هڪڙي شعبي جهڙوڪ:نفس يعني خواهشات سان جيئن سندس نالو ٿي ڏيکاري.

(5) نفسيات سماجي: جا ڏيکاري ٿي تہ مائٽن مٽن، نيات سماج ۽ ٻين قومن سان تعلق هئڻ ڪري ڪنهن شخص جو سماج تي ۽ سماج جو ڪنهن فرد جي شخصي جذبن، خيالن ۽ ڪردارن تي ڪهڙو ۽ ڪيترو اثر ٿو پوي. ظاهر آهي تہ ماڻهوءَ جون نيڪيون ۽ بدڪم سڀ ٻين ماڻهن جي نسبت ۾ يعني سماجي ٿا ٿين. جي سماج ئي نہ هجي تہ گناهہ ڪنهن سان؟ ثواب ڪنهن سان؟

(6) نفسيات پيمائي: هن جو مقصد آهي ڪنهن بہ شخص جي لياقتن جي ڪٿ ڪيئن ڪجي، ڪنهن بہ علم کي سائنس جو درجو ٿو ملي، جڏهن سندس تڪ تور ۽ انگن کي جاءِ ٿي ملي. نفسيات بہ هاڻي انهيءَ درجي تي پهچي چڪي آهي، جو ڪنهن بہ شخص جي جذبن، ذهن ۽ سندس شخصيت جي ٻين جزن جي منجملہ ڪٿ، ڪافي تجربن جي آڌار تي ڪنهن مقرر ڪيل معمول مطابق پورن انگن ۾ ڏيکاري سگهبي.

(7) نفسيات مفعولي: هرڪو جيوُ ساڄهہ اچڻ تي پنهنجا حواس ڪم آڻي آسپاس سان واقفيت پيدا ٿو ڪري، حيوان ڇا انسان. ٻار بہ ڄمڻ سان اکيون پٽي هيڏي هوڏي نهارڻ ٿو لڳي. هرڪو ماڻهو پنهنجي خواهش، ضرورت ۽ لياقت آهر حواسن کان ڪم وٺي، ڏيان ڇڪائيندڙ شين سان واقفيت ۽ وهنوار جوڙيندو ٿو رهي. نفسيات جي ماهرن جو رخ بہ پهرئين دور ۾ سارو دنيا جي اسباب بينيءَ ۾ ڪتل رهيو. آسمان، سج، چنڊ، تارا، مينهن، گوڙ، کنوڻ، ڪڪر، انڌلٺ، پـُـڇڙ ۽ ڪڙنڌڙ تارا. وري زمين جا طرحين طرحين جانور، ٻوٽا، وڻ، گل ڦل، مٽي، ريتي، جبل، سمنڊ، وغيره. انهن ٻاهرين شين جي معلومات کي نفسيات مفعولي سڏيو ويو. هي هو احساسي دور.

(8) نفسيات فاعلي: ٻئي دور ۾ دانائن جو ڌيان انهيءَ پاسي لڙيو تہ آخر انهن شين جي ڄاڻ رکي ڪير ٿو؟ هاڻي حواسن جي ڪم کي خيرباد چئي منهن مونن ۾ هٽي لڳا اندر کي ڦلهورڻ تہ اهو ڪير

آهي جو ڏسي ٿو ٻڌي ٿو، پرچي ٿو، سمجهي ٿو وغيره. داناءُ به مان، ٻلوان به مان اهو "مان" ڪير آهي؟ اهڙيءَ طرح اندر کي ڦولهيندي ڦولهيندي نفسيات فاعلي وجود وٺڻ لڳي. جنهن جي نظر ٻاهرين شين کان ڦري پنهنجي اندر ڏانهن رجوع ٿي ۽ پاڻ کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ لڳي. هي هو خيالي دور.

(9) نفسيات روشني: اڳتي هلي پتو لڳو ته ماڻهو پهرين احساس رستي ڪجهه محسوس ٿو ڪري، پوءِ سوچيندي احساس ۾ آيل شين بنسبت خيال ٿو قائم ڪري ته هن جي مون سان نسبت ڪهڙي آهي. چڱي يا مٺي؟ انهيءَ منزل تي سندس بدن ۾ ڪو نه ڪو تحرڪ ٿو پيدا ٿئي، جنهن جي وسيلي هو ان شيءِ کي سڃاڻي سمجهي پنهنجي ڪم آڻڻ لاءِ هٿ ٿو ڪري، يا ان کي بيڪار سمجهي ڇڏي ٿو ڏئي. ويتر جي ان کي پنهنجي لاءِ خطرناڪ سمجهيائين ته ان کي ناس ٿو ڪري يا پڇي جان ٿو ڇڏائي. يعني ته ڪو نه ڪو اختياري ڪم پنهنجي وس ۽ وت آهر ڪري ٿو. ڏسجي ٿو ته احساس، خيال ۽ اختيار جي پڄاڻي ڪنهن نه ڪنهن فعل ۾ ٿي ٿئي ۽ اهي عمل ئي آهن جي گڏجي اسان جي روش يا هلت ٿا ٿاهين، اتي نفسيات فاعلي ۽ مفعوليءَ مان نظر نڪري وڃي. نفسيات روشنيءَ ۾ اٽڪي. هي ٿيو روشني جو دَور جنهن مان نفسيات هاڻي هلي رهي آهي ۽ ماڻهوءَ جي افعالن جي ڇڪاس ۽ انهن جي سببن جي ڇنڊ ڇاڻ ٿي رهي آهي ته ساڳين حالتن ۾ ڪو ڪهڙو قدم ٿو کڻي، ڪو ڪيئن ٿو هلت ڪري، سو ڇو؟ ضرور ڪو ڦير سندس جذبي، خيال يا همت ۾ هوندو، جن تي ئي عمل جو بنياد ٻڌل آهي.

(10) نفسيات عارضي: جا ماڻهوءَ جي غير قانوني اڏمن، جذبن، مت ۽ هلت جو علم ڏئي، جن کي دماغي عارضا يا بيماريون چئجي ٿو. اُهي عارضا بيخياليءَ، بي سمجهيءَ، غلط احساس، اؤنترائيءَ، اڻنگائيءَ کان ٿيندي بنهه چريائپ تائين ٿي سگهن ٿا.

نفسيات ۾ ٻي به هڪ نمايان تفريق ٿي چڪي آهي، جنهن جي مطابق سندس هڪڙيءَ پهلوءَ کي نفسيات علمي ۽ ٻئي کي نفسيات عملي چيو ٿو وڃي.

(11) نفسيات علمي: جي مدنظر فقط نفسيات جي ذاتي علم جي کوجنا، سهيڙ ۽ ان جي ترقي آهي.

(12) نفسيات عملي: وري خالص ودِيا جي هٿ ڪيل اصولن کي ٻارن جي صحيح نيپاج، ٻاراڻي وهيءَ جي اڙٻنگاين کي هموار ڪرڻ، جوانيءَ جي سماج سوز جوشن ۽ پڙڪن کي ٺاري ڪين

ڪارائتي سماجي ۽ سياسي طاقت بنائڻ، زندگيءَ کي دلچسپ ۽ خوشگوار ڪرڻ، ذهني لياقت وڌائڻ، من کي اجاين پريشانين کان بچائڻ ۽ درست رکڻ، خام خيالن کان آجو رهڻ ۽ سهڻي سيرت پيدا ڪرڻ، ٻارن کي زماني سازيءَ جي مدنظر تي مقابلي لاءِ تيار ڪرڻ ۽ پنهنجي توهه تي ٽڪڻ جي طاقت بخشڻ ۽ ٻين به ڪيترين انتظامي مشغولين ۾ عملي طور تي لاڳو ڪري هڪ پاسي تنظيمي سچيتي ۽ وسعت پيدا ڪري ڇڏي آهي ته ٻئي پاسي انسان ذات لاءِ اٿاهه سهوليت ۽ سندس ترقي.

مغرب ۾ هن سمي نفسيات عمليءَ جو دور آهي نه ته ٿورو اڳي سندس فلسفي ۽ گياني پاسا زور هئا. هاڻي سندس مزاجي ۽ سماجي پاسا به باريڪ چوڪسي هيٺ آهن. نفسيات پيمائي ته وڏن امتحانن ۽ عهدن جي چونڊن لاءِ ڪميٽين ۽ ڪميشنن جو ڪارآمد اوزار بنجي چڪي آهي ۽ ڪيتري قدر ڪارائتي ثابت ٿي آهي. سندس موجود ڪيل اصولن ۽ ميزانن تي هر هڪ شخص جي وصفن، خوبين، ۽ خامين جي ڪٿ ڪري معلوم ڪري سگهجي ٿو ته ڪنهن جي لياقت ڪيتري آهي ۽ ڪهڙي ڪم ۾ ڪارائتو ٿيندو.

هر ڪو ماڻهو هر ڪنهن ڪم لاءِ ڪارگر نه آهي. جيڪي وصفون هڪڙي ڪم لاءِ خوبيون آهن سي ٿي ٻئي ڪم لاءِ خاميون ٿي سگهن ٿيون. پوءِ چو نه ٻارن جي لاڙن، طبعي رغبتن ۽ ذهني حيثيت کان واقف ٿي، ڪين پريندي ئي اهڙن ڪمن لاءِ تيار ڪجي جن جي لياقت هو رکندا هجن ۽ اتي بهترين ڪم ڪري لائق ثابت ٿي، نه رڳو پاڻ زماني جي ناڪامين ۽ نراساين کان آجا رهي، پنهنجي زندگيءَ جو سفر سولو ڪن، پر قومي ڇپر ڪٽڻ لاءِ به مناسب جڳهن تي پير ڪوڙي سندس ٻيڙو سنڙ ڪن.

<u>نفسيات جي اڀياس جا ٻه طريقا: مراقبو ۽ مشاهدو ۽ سندن نسبتي اهميت</u>

<u>(1) مراقبو:</u> آد جڳاد کان ويچار ڪندڙن، هن دنيا جي پول پليان کي سمجهڻ خاطر هر وقت ۽ هرديس ۾ کوجنائن ڪرڻ سان گهڻائيو ئي ڪينهي. اوائل زماني ۾ جڏهن نفسيات اڃا روحانيت جي حلقي ۾ هئي، تڏهن ماڻهوءَ جي جيئڻ ۽ مرڻ فنا ۽ بقا جو مسئلو، مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿي اٿڻ، ايڏا دلچسپ مشغلا هوندا هئا، جن هر مفڪر ۽ گياني پرش کي عبرت جي اڙي ۾ اٽڪائي، پنهنجي اندر کي ڦولهڻ ۽ ڦلهورڻ جو گرويده بنائي ڇڏيو هو.

ماڻهو ڪيترو نه سليم طبع آهي، سمجهو ۽ محبتي آهي، پر شل نه ڪو ڇيڙ ڪ اچيس يا ڪو جوش وٺيس ته پنهنجا ئي نه سڃاڻي، وري ٻئي پاسي کان ڪنهن تحمل ۽ تدبر جي ڏٺيءَ کي ئي ڏسو

ته ڪيئن نه ضدي ٿي هوڙهائيءَ ۾ اچي. ائين ته عقل هٿان ڇڏائي ويندس جو ڪئي ڪمائي ڪٽ ڪري ويهي رهندو. بعضي سندس همت جبل لتاڙيو وجي ته بعضي پنهنجي پاڇي جي درد پيري دنيا ۾ آتت ڏيو. انسان ذات جي ڪارنهن متايو ڇڏي، ڪڏهن ته پوري نفس جو غلام بنجي ڪيڙي وانگر ڪچري ۾ مگن.

ڪنهن زماني ۾ جڏهن ماڻهوءَ جي جذبن، خيالن ۽ افعالن ڪي سمجهڻ ايڏو اوکو ٿي لڳو جو ائين به ڪنهن روشن ضمير ٻڌايو ته "جنهن پاڻ سڃاتو تنهن رب سڃاتو" سواءِ ان جي ٻيو چاروئي ڪو نه هو، ته مونن ۾ منهن هٽي اڪيون ڪن ٻوتي، پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي اسرار جو راز پروڙجي، جنهن ڪي مراقبو چيو ويو. ڊگهي عرصي جي جهدوجهد ڪان پوءِ معلوم ٿيو ته هن دستور تي فقط پنهنجا احساس ۽ ڪي سادا خيال بعضي هٽ اچيو وڃن، باقي پنهنجن جذبن ۽ مطلبن ڪي سمجهڻ ڪان ته بلڪل قاصر رهجو وڃجي. پيلا جڏهن خوف يا غصي ۾ مبتلا ٿا ٿيون، تڏهن اسان ۾ ايتري صلاحيت ڪٿي ٿي رهي جو پاڻ ڪي اهڙن زبردست جذبن ڪان ڇني پاسيرو ڪري پنهنجي تماشي ڪي پاڻ ڏسڻ جو تاب ذاريون يا ان ڪي قلمبند ڪرڻ جو هوش رکون، جنهن مهل اهو حوصلوئي پيدا ٿيو ته مان غصي ۾ آهيان، انهيءَ وقت ڪاوڙ جي جذبي جو اثر ته ويو ڪافور ٿي، پوءِ انهيءَ گذريل ڪاروائيءَ جي فروگذاشت نقل ڪرڻ ائين پئي لڳندو جيئن ڪو ناٽڪي ڪيڏاري پنهنجو مصنوعي پارٽ سوچي سوچي ادا ڪندو هجي. تپاس جو ارادو، بلڪ سندس خفيف خيال به، جذبي جي اصلي صورت ۾ ڪيتري تبديلي آڻي سندس اصليت بگاڙي ڇڏيندو.

وري اسان جا مطلب ته ڪي اهڙا هاڃي هنيا ڳجهڙا آهن. جن ڪي ٻي ريائيءَ سان ڏسڻ ئي ڏکيو. جهيڙي ۾ غرض ته ٻنهي ڌرين ڪي هوندا آهن پر اهڙا لڪل جو پنهنجو ڏوهه ڪا به ڌر سچ پچ محسوس ڪا نه ڪندي آهي. ساڳيءَ طرح حواسن جي پهچايل خبرن جي احساسن جي پوري ڪٽ ڪرڻ به ڏاڍو ڏکيو. البت سڙي پوڻ جو احساس ڪنهن چُيڪي جي احساس ڪان زياده المناڪ معلوم ٿيندو پر منجهن پوري طرح اندازي تفريق ڪرڻ آسان ناهي. گل ڪي ڏسڻ سنگهڻ سان ايترو چئي سگهبو ته سندس ڏسڻ وارو احساس سنگهڻ واري احساس ڪان زياده خبر ٿو ڏئي پر ٻنهي احساسن جو فرق ايتري قدر انگن ۾ آڻڻ مشڪل ٿي پوندو. جنهن مان ڪا پوري پختي خبر پوي ته هيترو يا ڪيترو. ان ڪان

سواءِ محسوس ڪيل احساس ڪي پورن لفظن ۾ بيان ڪرڻ به ڪا معمولي ڳالهه ڪانه آهي. باهه پڙ پڙ ڪندي ڏسڻ ۽ باهه جي احوال پڙهڻ ۾ ڏاڍي وڏي جا فرق آهن!

(2)مشاهدو: اهڙين حالتن، هوندي نفسيات جو فقط مراقبي جي اڻپورن احوالن تي سائنس جي صورت وٺڻ مشڪل ٿي معلوم ٿيو. جيسين اها حقيقت معلوم ٿي ته من جي هر ڪا اندرين واردات يعني ڪو به جذبو يا خيال، جي اندر ۾ اپري ٿو ته ڪا نه ڪا ظاهري حرڪت به بت ۾ ضرور پيدا ڪري ٿو. اها چرپر پاءُ پلڪ هلي يا زياده، فقط چهري جي رونق بدلي يا هٿن پيرن ڪي تحرڪ ڏئي، زبان ڪان ڪم وٺي يا جسم جي اندرين عضون ڪي لوڏي، آنڊن ۾ وٽ وڪڙ وجهي يا دل ڪي ڌڪ ڌڪ ڪرائي. بلڊ پريشر ڪي ڦڙڪي ڏئي يا سهڪو پيدا ڪري. خوشيءَ ڪي اپاري يا فساد مچائي، اهو سڀ جذبي جي جوش ۽ سنڌس قسم تي منحصر رهندو.

تجربي ظاهر ڪيو آهي ته بدن جي اهڙن ظاهري مشاهدن ڪي ڪن اوزارن جي وسيلي ته ايتري نفاست ۽ باريڪيءَ سان چٽو ڪري سگهجي ٿو جنهن ڪي انگن ۾ آڻڻ به نهايت آسان ٿيو پوي. بلڊ پريشر، دل جي رفتار، ساهه جي رفتار ڏيکاريندڙ اوزارن ڪان سواءِ اهڙا اوزار به ڪم آندا ويا آهن، جن جي رکڻ سان بدني بجليءَ جو پورو مقدار ۽ سنڌس رفتار جي تيزي ڏيکاري سگهن يا مٿي تي ٻڌڻ سان ڪن اندرين دماغي ڪيفيتن ڪي نروار ڪيو ڇڏين. هاڻي ته مراقبي واري اندرين جستجو سان گڏ هي ڪلم ڪلا ۽ پوري مشاهدي واري تپاس به شامل ٿي پئي، جنهن نفسيات جي تجربن ڪي گهڻي قدر موزون ۽ محقق ثابت ڪري ڇڏيو آهي.

يورپ ۽ خاص طرح آمريڪا ۾ نفسيات متعلق نفيس تجربا عام جام جاري آهن. جن پڌرو ڪري ڏيکاريو آهي ته هرهڪ جذبي جو بدن تي ڪهڙو ۽ ڪيترو اثر ٿي پوي، ۽ جسم ڪهڙي صورت اختيار ٿو ڪري. رڳو راڳ جي دائري ۾ ايتري باريڪيءَ سان تجربي ڪان ڪم ورتو ويو آهي جو هرهڪ راڳ ۽ آلاپ جو اثر بدن جي عضوي عضوي تي نهايت نفاست سان قلمبند ڪيو ويو آهي.

مشاهدي جا نقص: البت ايترو مٺو پوندو ته جي مراقبي ۾ خاميون آهن ته مشاهدو به ڪنهن قدر اوڻاين ڪان آجو ڪين آهي. پهرين ڪو به تجربي هيٺ ماڻهو جڏهن پاڻ ڪي تجربيخاني جي اوزارن سان جڪڙيل ڏسندو تڏهن لازمي آهي ته ڪنهن قدر سنڌس بدن، فطرتي جنبش ڪان ٿورو موڙ به کائي وڃي. ساڳيءَ طرح انسان جا خوشي ، ڏک ۽ ڏپ وارا جذبا يا سنڌس اخلاقي ڪشمڪش وارا بدن جي تار تار

ڌونڌاڙيندڙ واقعا به. تجربي خاطر پنهنجي مرضيءَ تي پيدا ڪرڻ ڪا سولي ڳالهه ڪانه آهي، جو ڪنهن به وقت انهن ڪي ايري جوش ۾ آڻي تجربي لاءِ تيار ٿي وڃجي. انهن خامين هوندي به مشاهدو ايتريقدر ته پروسي جهڙو ثابت ٿي، روز بروز ترقي ڪري رهيو آهي، جو مشاهدائي جن کي "بهيوئرسٽس" ٿو سڏجي ، مراقبي کي بنهه ترڪ ڪرڻ جا حامي بنجي چڪا آهن. حقيقت ۾ اها به ابهرائي چئبي. ڇاڪاڻ ته جي مراقبي کي اصل ڪڏهن ڇڏجي ته احساسن جا پورا احوال جي فقط اهوئي ڏئي سگهندو، جنهن ڪين محسوس ڪيو هوندو، ملڻ مشڪل ٿي پوندا، مشاهدو ته ڪٿي انهن احساسن جي اثرن ڪان واقف ڪندو. ظاهر آهي ته مغزجي خامين ۽ خرابين کي سمجهڻ يا سندن علاج خاطر جيسين بيمار جو احوال نه ونبو ته هو پاڻ ڪيئن ٿو پائين ۽ ساڻس ڇا ٿو وهي واپري تسين علاج ڪندڙ فقط سندس ظاهري اطوارن مان ڪيترو پروڙي سگهندو ته سندس من جي اندر ڪهڙي ويڌن لڳي پئي آهي؟ آيا سندس احساسن ۾ ڦيرو آيو آهي، خيالن ۾ يا فقط ظاهري افعالن ۾.

منجهائيندڙ دماغي بيمارين کي ڇڏي جي رڳو جسماني بيمارين تي غور ٿو ڪجي ته ڪنهن سور متعلق به جيسين بيمار احوال نه ڏئي ته ڪيئن سور سرجيو، ڪٿان ڦرندو گهرندو ڪٿي وڃي بيٺو آهي، تڪو آهي ماٺو آهي، لاڳيتو آهي يا رڪي رڪي ٿو اپري، تيسين ڊاڪٽرن کي ڪيئن سمجهه ايندي ته سور ڪهڙي قسم جو يا ڪهڙي عضوي سان لاڳو آهي. ڇاڪاڻ ته ٻار يا ڪو بي زبان جانور پنهنجو احوال ٻڌائي نٿو سگهي، انڪري سندن بيمارين کي سمجهڻ لاءِ ڪيڏو نه مٿو مارڻو پوندو آهي ۽ ڪيترو نه معالج جو ڪم ڪٺن ٿي پوندو آهي.

تازو، ڪتن تي تجربا ڪندي معلوم ٿيو آهي ته ڪتي کي رنگن محسوس ڪرڻ جي قدرت تميز ئي ڪانه ڏني آهي. هو فقط ڇٽاڻ ۽ ڪاراڻ محسوس ڪري سگهي ٿو، جنهن مان ڪيس روشنيءَ جي گهٽ وڌ ٽيڪ يا اونداهه معلوم ٿئي ٿو، باقي سندس نظر ۾ ڳاڙها، پيلا يا ساوا رنگ ٿين ئي ڪين. جيڪي ڳوڙها رنگ هوندا سي ڪاراٽيل ڏسندو ۽ هلڪا رنگ صفائي واري پاسي تي. وري جو حيوانن متعلق پراڻا قصا پڙهجن ٿا ته اهڙا احوال به ڪيترا ملندا جيئن ته:

"منهنجي ڪتڙي کي به ڪينها آهن، هڪڙو نيرو ٻيو ڳاڙهو ۽ هو هميشه ڳاڙهي تي ڇڪن آهي." هاڻي جو ثابت ٿي چڪو آهي ته ڪتو رنگ بنهه ڏسي ئي نٿو سگهي ته مٿئين مشاهدي جو ڪارڻ ڳاڙهو رنگ ته ٿي نٿو سگهي، عجب نه آهي ته ڳاڙهي ڪينهي ۾ ڪا اهڙي بوءِ هجي جا ڪيس وڻندي هجي

يا ڪا ان جي ٻي وصف، بناوت، وزن يا ٻيو ڪجهه دلپسند هجيس. جي ڪتي ڪي زبان هجي ها جنهن سان پنهنجو احوال ڏئي سگهندو هجي ها ته اهڙي غلط فهمي پيدا ٿو ٿئي ها. اهڙين حالتن کي مدنظر رکي مراقبي کي ترڪ ڪرڻ به مناسب نٿو لڳي.

بهرحال نفسيات جو اهو زمانو گذري چڪو. جو هڪڙي هنڌ ويهي سوچي پنهنجا جذبا، خيال ۽ افعال ويچار ۾ آڻي، من جي رسمن ۽ چالن کان واقف ٿي وري پنهنجي دل تي هٿ رکي پنهنجا احوال ٻين سان لاڳو ڪري اندازو ڪبو هو ته ٻين سان به ائين هوندو جيئن مون سان. آخر اُهي به ته مون جهڙا ماڻهو آهن نه! هن قسم جي ڏوڪي کان هميشه پاڻ کي بچيل رکجي. حقيقت ۾ ڪي به ٻه ماڻهو جيئن ظاهري قدو قامت ۽ شڪل ۾ ٻيا ٻيا ٿا ٿين، تيئن من جي مشغولين ۾ به بلڪل نرالا. ائين ضرور آهي ته ٿلهين ڳالهين ۾ ماڻهوءَ جو مغز مڙني ماڻهوءَ جو پر، باريڪين ۾ ايڏو مختلف جيترو هرهڪ جي شڪل جيترا مهاندا اوترا من جا ورن. نڪي ٻه ماڻهو شڪل ۾ ساڳيا ڏسبا نڪي من ورتيءَ ۾. پوءِ جي ڪو ٻين کي پاڻ تان پرکيندو ته ڪتي نه ڪتي ڪاپارجي ڏوڪو ضرور کائيندو. ائين هرگز نه آهي ته جيئن مان ٻين سان ٿو هلان تيئن ٻيا به مون سان ساڳيو ورتاءُ ڪندا. رخ هر ڪنهن جو پنهنجو رهندو جيڪو سندس سڀاءُ من کي به ايترا روپ آهن جيترا منهن کي.

هاڻي ته تجربن اهي رنگ رچايا آهن جو من جي مشاهدي ۾ آيل حقيقتن تي پڻ ٻين سائنسن وانگر اصول ٻڌجي چڪا آهن ۽ انهن متن جي مدنظر تي انهن احوالن جو پڻ اندازو ڪيو پيو وڃي، جيڪي مراقبي ۾ چٽا ٿي نه سگهيا هئا. اوڻائي گهٽي قدر اها رهي آهي جو زندگيءَ جي اصلي واقعن ۽ تجربن لاءِ هٿرادو پيدا ڪيل جذبن ۾ اصل نقل جو فرق رهجيو وڃي، پر هاڻي جو دماغي بيمارين جي تپاسن ۾ ڪيترن ئي نفيس اوزارن کان ڪم ورتو پيو وڃي ته اهڙيون ڪيتريون اصلي حالتون به پنهنجي پوري صورت ۾، اُٽسڌيءَ طرح تجربن ڪندي خود بخود ظاهر پئي ٿيون آهن، جنهن ڪري اها اوڻائي به گهٽي قدر پرجي رهي آهي.

باب ٻيو

نفسيات فلسفيہ

مذهب فلسفي ۽ سائنس جو علمي ٽہ واٽو

نفسيات فلسفيہ ڪي ڪن ڳرن ۽ مشڪل سوالن تي ويچار ضرور ڪرڻو ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ نفسيات جي علم ۾ ڪيترا اهڙا اصولي مونجهارا اچي ويا آهن جن تي مغربي ماهرن جو اڄ ڏينهن سوڌو ٺاهہ نہ ٿيو آهي. جيسين نئون طالب علم انهن اختلافن کان واقف نہ ٿيو آهي، تيسين ڪنهن مصنف ڪي ڪا ٻولي ٻوليندو ڏسندو تہ ڪنهن کي کڻڙي.

اسان جي معلوميت جو ذريعو گهڻي قدر انگريزي زبان ئي رهي آهي، جنهن وقت بہ وقت مغربي ماهرن، مفڪرن ۽ عالمن جي طرز خيالن کان واقف ڪري اسان کي روشني پئي ڏني آهي "رينيسانس" کان اڳ مغرب بہ زور شور سان نہ رڳو مذهبي هو، پر وسوسائي ۽ طلسمات جي پرمن جو پورو پوئلڳ، پر نيٺ سائنس جي زور وٺڻ سبب ماديات ڏانهن متوجهہ ٿيڻو ئي پيس ۽ پوءِ ڇاسندس اوڄ! پر اها ڪشمڪش فلسفي توڙي نفسيات متعلق ردوبدل ۾ اجا سوڌو قائم هلندي اچي. مذهبي خيال وارا روح جي ڪڙي ۾ قابو آهن تہ سائنس بہ ٻين دنيا جي ظاهري اسباب بينيءَ يعني شين ۾ جن کي ماديات ٿو چئجي. هو جنن،پرين، ملائڪن، روحن ۽ ٻي دنيا جهڙين خيالي صورتن ۽ جنسن بنائڻ کان بلڪل عاري آهن. جن کي مذهب حقيقت ٿو سمجهي. سائنس لاءِ حقيقت فقط اها آهي، جيڪي ماڻهوءَ جي حواسن جي مشاهدي ۾ اچي ۽ منطق قبول ڪري. ٻنهي راين جي حامين جا مکيہ اختلاف نفسيات متعلق هي ٿا ڏسجن:

پهريون جهڳڙو آدم جي پيدائش بنسبت آهي. عيسائي مذهب جو عقيدو آهي تہ آدم عرش تي پيدا ٿيو، جو پوءِ خالق جي حڪم جي انحرافيءَ سبب فرش تي ڌڪاڄي ويو. سائنس جو چوڻ آهي تہ ماڻهو ارتقا جون منزلون طئي ڪندو زمين تي نروار ٿيو آهي، جيئن هٿ ڪيل حقيقتن مان ظاهر آهي. خيالي قلابازين جي ڪا ضرورت ئي ڪانهي. "ماڻهو بدر ملائڪ نہ آهي پر برتر حيوان" (ڊارون)

ٻيو سوال آهي ماڻهوءَ جي جيئڻ ۽ مرڻ جو. حيات ۽ موت جو پاڻ کي جيئري ڇا مان ڇا ٿو سمجهي، سو مرڻ کان پوءِ ڪجهہ بہ نٿو رهي. اهو ڪيئن ٿو ٿي پوي؟ مذهب جي سمجهاڻي آهي تہ ماڻهوءَ جو جسم

مٽيءَ مان جوڙيو ويو آهي، سو نيٺ به مٽي رهجي وڃي ٿو ڪجهه نه آهي. سندس حياتيءَ جي جهلڪ فقط روح جي ڦوڪجڻ جو نتيجو هئي. جا انهيءَ پاڪ طاقت جي نڪري وڃڻ سبب ختم ٿيو وڃي، سائنس جو چوڻ آهي ته اهو هر هڪ شيءِ جو ڪم آهي جنهن کي روح ٿو چئجي. جيئن ڏيئي جي روشني، اک جو ڏسڻ، موٽر جو هلڻ. روح ڪا ذاتي شيءِ ڪانه آهي جا اچي ۽ وڃي ٿي، پر نهي به شيءِ مان، مري به شيءِ مان. جيئڻ ۽ مرڻ ساڳيءَ شيءِ جي ٻن حالتن کي ٿو چئجي، هڪڙي ڪار ڪرتي ٻي بيڪار. نه ڪنهن جسم ڪان سواءِ ڪو روح ڏٺو آهي نه موت. گل ڪان سواءِ سندس رنگ بو يا ڪير ڪان سواءِ سندس اڇاڻ جو به ڪو احساس ٿي سگهي ٿو ڇا؟

ٽيون سوال آهي ماڻهوءَ جي عملن جو ته بڇڙا ڪم ڇو ٿو ڪري ۽ ڪير ٿو ڪرائيس. مذهب چوي ته شيطان جو ساڻس چَپِ پيل آهي اهو ٿو ڪرائيس. ڇاڪاڻ ته باري تعاليٰ کيس آدم کي سجدي نه ڪرڻ ڪري بهشت مان تڙي ڇڏيو هو ۽ شيطان هر ڪا ڪوشش ٿو ڪري ته انسان به بهشت تائين نه پهچي. سائنس چوي ته اهي ماڻهوءَ جون شخصي ضرورتون ۽ نياتي رنڊڪون آهن جن جي ڪشمڪش جو نتيجو گناهه ٿو سڏجي. جڏهن ڪو شخص قدرتي مجبوريءَ هيٺ نياتي قانون جي انحرافي ٿو ڪري. وات جي هئڻ مان قدرت جي تقاضا ظاهر آهي ته ان کي پرٽو آهي، پر جي ڪنهن کي بک لاهڻ لاءِ نياتي قانونن پٽاندر ايترو هٿ اچي نه سگهندو هوندو، جو فطرتي ضرورت پوري ڪري سگهي ته ڏاتر جي ڏنل بک مجبور ٿي ڪجهه ڦري پوري ڪندو يا ڪجهه چورائي، جنهن کي سماج ڪنو ڪم ٿو چوي. گناهه سماج جي خلاف ٿو ٿئي نه قدرت جي خلاف. قادر جي قدرت خلاف ڪنهن کي ڪم ڪرڻ جي نه ضرورت آهي نه طاقت، پر ڪو بيوقوف ٿي اهڙو قدم کڻندو ته سزا به اتي ئي ڪائيندو. بک ڪڍڻ برابر قانون قدرت جي خلاف آهي نه بک لاهڻ. انڪري جي ڪو چورايل انب ٿو ڪائي ته ان کي ڪو پيٽ ۾ سور ڪو نه ٿو وجهي، جنهن کي قدرت جي سزا چئجي، نڪو ڪو رشوت جي پئسن مان اڏيل بنگلو ڍهي ٿو پوي. نڪي ڪو زوري زنا مان ٻار نٿو ٿئي. جيئن سؤ کن ورهيه اڳ يورپ ۾ سمجهيو ويندو هو. گناهه ته سماجي قانون ۽ شخصي اڙٻنگائيءَ جو سوال آهي ۽ سماجي قانون وقتي ضرورتن ۽ ملڪي رسمن رواجن موجب ڦرندو گهرندو رهيو آهي.

چوٿون سوال آهي ته ماڻهوءَ تي مصيبتون ڪيئن ۽ ڇو ٿيون اچن. مذهب چوي ته اهي سندس مقدر ۾ الست ڪان لکيل آهن. سائنس ته بلڪل روا نٿي رکي ته ڪو ماڻهو پنهنجي اختيار هلائڻ ڪان روڪيل

آهي. اسين هر حالت ۾ پنهنجي مت آهر پنهنجي مرضيءَ موجب ڪم ڪندا تا رهون، پر ڪاميابيءَ جي پڪ نٿي رهي ڇاڪاڻ ته دنيا جدوجهد جي جاءِ آهي، جنهن ۾ ڪئين زور ڪم تا ڪن. پوءِ ڪا ڪوشش ڪارگر ٿئي ٿي ته ڪا نه به ٿئي. ڏٺي مهربان ڇو ڪنهن جو منگهرو ٿيندو؟ هيءَ به دنيا وارن جي هڪ ٻئي سان ڇڪتاڻ آهي، پاڻ ۾ وٽي ڪاڻ. زور جي بازي آهي.

پنجون سوال آهي ته ٻار کي علم ڄائي ڄم کان نهيو نڪيو تو ملي يا ڄمڻ کان پوءِ پنهنجن آزمودن سان تو حاصل ڪري. روح جي حامين جو رايو آهي ته سمجهه ٻريندي ٿي ٻار ساڻ ڪنيو ٿو اچي . افلاطون جي قياس ۾ خيال به عرش جا رهواسي هئا. پر سائنس جي کوجنا ته ائين ثابت ڪيو آهي ته سمجهه حواسن ڪم آڻڻ سان ذرو ذرو ٿي گڏ ٿي ٿئي. جا ڪنهن کي ٿوري ڪنهن کي گهڻي سندس ماحول ۽ تعليم مطابق ميسر ٿيندي ٿي رهي. مگر ڪيترا مغربي عالم اڄ به انهيءَ راءِ جا آهن ته ائين نه آهي، جيتوڻيڪ آزمودي ظاهري ڪري ڏيکاريو آهي ته ٻار جي ٻوڙا تا ڄمن سي گونگا به ٿيو پون. ڇاڪاڻ ته جي اکرئي ٻڌي نٿا سگهن ته انهن جي اچارڻ جي سمڪ ڪيئن اچين.

ظاهر آهي ته نفسيات جو علم جنهن جو مقصد آهي پاڻ کي ۽ ٻين کي سڃاڻڻ، سو ڪيئن حاصل ٿي سگهندو، جيسين اهو فيصلو نه ٿيو آهي ته مان ڇا آهيان، ڪٿان آيس، بد ڪم ڇا، منهنجي پڇاڙي ڪهڙي.

علمي ته واٽو

ماڻهوءَ کي علم ٽن واٽن سان ملندو رهيو آهي: (1) مذهب (2) فلسفه (3) سائنس جي وسيلي. مذهب جذبي جو نتيجو، فلسفو خيال جو ۽ سائنس تجرباتي عمل جو. مغزجون خصلتون به اهي ٽي آهن، جذبو خيال ۽ عمل. چوٿون ڪم ماڻهو ڄاڻي ٿي ڪونه. ڪو به لکيل پنو ڪڍو ڪهڙي به ملڪ جو هجي ته متس انسان جي جذبي جو بيان هوندو خيال جو يا سندس افعالن جو ۽ بس.

(1) مذهب

مذهبي ذريعو سيني کان آڳاٽو رهيو آهي، جنهن اوائلي زماني کان وٺي ڪم ڀلارن انسانن جي جذباتي جهلڪ مان حاصل ڪيل علم، نهيل نڪيل اعتقادن جي صورت ۾ ماڻهن کي ٿي ڏنو ۽ هر هڪ پوئلڳ بنا ڪنهن پڇا ڳاڇا جي ان ڀلاري شخص جي ڀروسي تي اهي عقيدا مڃي اکين تي رکيا. ائين به ڪين هو ته ڪو مذهبي مامرن تي ٿورو ٿي ڪيائون. اڙيال ته پاڻ هئا. اهي آزار، سندن پورن سببن جي

غير واقفيءَ هوندي، هميشه ڪنهن زبردست هستي طرفان سمجهيا ٿي ويا ۽ مذهبي عقيدن انهيءَ طاقت هستيءَ سان سلوڪ پيدا ڪرڻ جي واٽ ٿي ڏسي ته ڪيئن ان کي راضي رکجي ۽ سندس ڏمر کان بچجي. اهڙيءَ حالت ۾ ميجوتيءَ کان سواءِ ڪو چارو ڪونه هو.

وقت گذرندي جڏهن ماڻهو پنهنجن عقيدن تي هلي هلي نراس ٿي ٿيا، تڏهن وري ڪو بيو روشن ضمير پيدا ٿي ٿيو، جنهن ڪجهه انهيءَ طاقتور هستيءَ جو روپ ٿي بدلايو ۽ ڪجهه اصولي ۽ اعتقادي ڦير گهير پيدا ڪري وري ماڻهن کي نيون اميدون ۽ آسرا ڏئي ڳچ وقت ڪدي اڳيرو ٿي ڪيو. اهڙي تسڪين ڏيڻ واري اها طاقت ويس بدلائيندي رهي ۽ وڻ جي سائي تاريءَ کان وٺي پاڻيءَ جا وهڪرا، جبل، سج، چنڊ، تارا، گوڙ، ڪنوڻ، پنهنجا هٿن سان ٺاهيل طرحين طرحين بت، نانگ، بلائون، چريا سنوان ماڻهو آزمائيندي، نيٺ اچي انهيءَ طاقت تي بيٺا جنهن سارو جهان اپايو هو. پوءِ ته خود خالق خلقڻهار بنسبت به ڪيئن رايا نڪري پيا، پر هر ڪو چوي ته سالم سچ جو ڏٺي رڳو مان. بين وٽ رڳو ڪچ ۽ ڪوڙ. ماڻهو به پنهنجي وقت جي خيال موجب هندو، مسلمان، يهودي، ڪرستان وغيره ٿي ويا. جي موروثي خيالن تي صدين کان هلندا اچن. مذهب ته سوين ٿي پيا پر سوال اهو پيدا ٿيو ته سيني ۾ سچو ڪهڙو؟ وڏن اختلافن هوندي سڀ ته سچا ٿي نٿي سگهيا. نه رڳو مذهب گهڻا ٿي پيا پر هرهڪ مذهب اندر فرقا پيدا ٿيندا رهيا، جن انهيءَ مذهب جي پوئلڳن ۾ اتحاد جي عيوض مورڳو ناسازي ۽ ڏڦيڙ پيدا ڪري عداوت ۽ خانه جنگيءَ جي ٻارڻ ٻاري سڪون جي بدران مورڳو بيچيني پيدا ڪري وڌي.ويتر جو ڪيترن صداقت پريلن پوئلڳن به پنهنجون دعائون ۽ عبادتون نه سڦل ٿينديون ڏٺيون ته انهن جو ايمان به ٿڏو ٿيڻ لڳو ۽ ائين مونجهارو وڌندو رهيو.

ظاهر ثابتين جي عدم موجودگيءَ هوندي، مذهب پنهنجي سلامتي ان ۾ ڏٺي ته ڪو به ڏانهن انگشت نمائي نه ڪري انڪري مذهب هميشه ٽانڊي تپڻو رهيو آهي. مجال جو ڪو ڏانهن آڱر ئي کڻي ته فتوائي هڪڙي "ڪافر". هاڻي ڪافر ڪير چوائي؟ انڪري جي دعائون قبول نه پيون ته ضرور اسان جي نيت ۾ خلل هوندو. مڃي به ماٺ، مُڃي به ماٺ، مذهب ۾ خيال کي جاءِ ئي ڪانهي. پر دنيا ڊڄڻ جي ته ڪانه رهي آهي. ڪي خيال دلير به پيدا ٿي پيا، جن مذهب جي جذباتي اصولن تي عقل هلائڻ شروع ڪري ڏنو ۽ جلد ئي ڪي ويچاروان فلاسفر نڪري نروار ٿيا، جن جو ڏندوئي هو خيال ڪرڻ، ته من عقل سان ڪا دنيا جي راز جي ڳنڍ کلي ۽ سندس آزارن کان آزادي ملي. پر مذهبي دنيا، جا هزارن ورهين کان

پنهنجن عقيدن کي پختو ڪندي جذباتي رنگ ۾ رڱجي چڪي هئي، سا ڪٿي ٿي فيلسوفن جي عقلي آزاد خيالي ۽ راءِ زني قبول ڪري. پوءِ ته ڪثرت راءِ جي خلاف هئڻ سبب ويچارا فيلسوف اڇي ويا تاپين ۾. ڪي زهر سان پورا ٿيا ڪي جيئري جلايا ويا، جي جلاوطن ٿيا ته ڪي سوريءَ چڙهيا. ڪي اهڙا به ٿيا جن پنهنجي خيال کي مروتي سروتي مذهب سان ملائي ٿڏو ساهه کنيو. مذهبي يورپ جيڪي سائنٽيڪن مفڪرن سان تعديون ڪيون، سي به ڏسڻ وٽان آهن. البت هنن به پاڻ کي سچ تي سمجهي ائين ٿي ڪيو. پر ان ۾ ڪا سندن فراخدلي يا بزرگيءَ جي ته بوءِ به ڪانه ٿي ڏسجي. ڀلا، جي ڪو ڪٽي رڳو ايترڙو خيال ڪري ته جيئن جو مذهب ٿو چوي ته آدم عرش تي پيدا ڪيو ويو، باغ ارم ۾ سندس پرورش ٿي پوءِ انحرافيءَ ڪري زمين تي موٽايو ويو، سو نيٺ ته ڪنهن هڪڙي زمين جي ٽڪر تي اچي پيو هوندو. قبول ڪجي ته باغ ارم ۾ ڪيتيءَ جو ڪم سکيل هو، سو زمين تي به آبادي ڪري ڪٽنب پاليائين، پر پنهنجن ٻارن کي مهاساگرن تان اڏائي ٻين ڪنڌن تائين پهچايائين، جو آدم ٻجڙا ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ والاري ويا. افسوس آهي جو ايتري عقل هلائڻ تي به ڪو ڪافر سڏجي ۽ دربدر بلڪ بيجان ڪيو وڃي ته حد تنگدلي ڇٽبي. قادر ته خيال جي طاقت ڏني پر جي ماڻهو خيال ڪرڻ ڏينس. اهو عقل جنهن جي زور تي اشرف المخلوق ٿيو، ان تي زور وارا ماڻهو قفل هنيون ڇڏين ته خبردار! ڀلا جي عقل عام جام ٿي پوي ته جيڪو بيعقلن جو بار، هينئر مذهب جي آڙ ۾ تقدير جا ڪلها کنيو بيٺا آهن، سو ته چالاڪن جي مٿي تي اچي ڪڙڪي پوءِ جاوا ڪٿان ڪن؟ انڪري عقل جي واٽ ئي بند. حقيقت ۾ ”هر هڪ انسان عقل هلائڻ لاءِ ايترو مجبور آهي، جيترو اڇليل پٿر ڪرڻ لاءِ“ پر ڪنهن اپوجهه کي عقل ڏيڪارجي ڇو؟ سيکارجي ڇو؟ جي سڀ عاقل ٿين ته رئيسي ته وئي. ساڳيءَ طرح جي سڀ قومون سجاڳ ٿين ته رئيس قوم لاءِ ته ڪڙمي به ڪو نه ملي. اپوجهن جي تقدير ناهڻ وارا به ته عاقل ئي آهن. بازي ڪيڏارين جي ڏوهه تقدير جو. سچ چيو آهي ڪنهن مغربي مفڪر ته ”دنيا ۾ ڪي ٿورا آهن جي ڪم ڪن ۽ ڪي اهڙا جي اهي ڪم سمجهن پر ڪثرت انهن جي آهي جن کي خبر به ڪانه آهي ته ڪي ڪم به هلن پيا.“

نفسيات جو يوناني نالو: روحانيت

يونان کي علم جو گهر سڏڻ وڌاءُ نه آهي. اهڙو علم ڪو ورلي هوندو، جنهن جو ڳولائو يوناني علمي دفتر ورق اٿلائيندي. سندس حرفيات جي گوناگون گنج مان دامن مراد نه ڀري. نفسيات به انهي علمي مرڪز

مان پنهنجي معصوم زيبائي جي ضوفشاني ڪئي. افلاطون ۽ ارسطو جهڙن ناميارن جي نور نظر بني. جن ڪيس هيج مان سيڪالاجي يعني روحانيت جي نالي سان نوازيو. ڇاڪاڻ ته ان سمي هر ڪنهن طاقت جو نالو روح ئي هو ۽ هر ڪا شيءِ پٿر سميت روح واري سمجهي ٿي ويئي (ائنيمزم). ماڻهو به جسم ۽ روح، ٻن نرالين شين جو ٺهيل ٿي سمجهيو ويو. جسم خاڪي ۽ روح انهيءَ خاڪ جي پتلي کي چورڻ واري طاقت. انهيءَ زماني ۾ نه رڳو زمين آسمان جي شين بلڪ نظارن ۾ به روح سمجهيو ويندو هو. نه رڳو جانور ۾، پر ٻوٽن ۾، تارن ۾، جبلن ۾، ڪڪرن ۾، گوڙ ۾، ڪنوڻ ۾. روح جي خيرباد چوڻ ڪري ماڻهو مري ٿي ويو. بلڪ ننڊ لاءِ به ائين سمجهو ٿي ويو. روح جسم کان سواءِ به جالي ٿي سگهيو. روح جي شراڪت دل، رت، نسلي عضون وغيره سان لاڳو ڪئي ٿي وئي. پر مغز ته ڪنهن جي خواب خيال ۾ به ڪونه هو. نشي کي روح جو پٽڪڻ ۽ چرپائپ کي ڏائڻن ۽ ڀوتن جو اثر سمجهيو ٿي ويو. جادوءَ جو ڪم اهو هو ته روح کي شيطان جي اثر کان آجو ڪري.

يوناني روح کي ڳوليندي اچي هوا، باهه ۽ پاڻيءَ تي بيٺا، جن سان پوءِ مٽي به شامل ڪيائون. افلاطون روح کي لافاني قرار ڏنو. انڪري روح ائٽم سان منسوب ڪيو ويو. ڇاڪاڻ ته ان وقت هر ڪا شيءِ فاني سمجهي ٿي وئي سواءِ ائٽم جي، جنهن کي ٽوڙڻ واري شيءِ ڪا به ڪانه ٿي ڏٺي. ارسطاطاليس روح کي زندگانيءَ جو بنيادي عنصر سمجهي، روحانيات کي حياتيات سان ڳنڍي ڇڏيو ۽ روح جا درجا مقرر ڪيا، ته ٻوٽن ۾ روح کي فقط وڌڻ ويجهڻ جي طاقت هئي، جانورن ۾ احساس ۽ هلڻ چلڻ جي ۽ ماڻهوءَ ۾ سوچ ۽ خيال ڪرڻ جي خيال جا ٻه درجا رکيائين. هڪڙو خيال هوش ڏيڻ وارو ۽ ٻيو شعور ڏيڻ وارو. هوش فاني شعور لافاني.

اسٽوئڪس روح ۾ هڪ رهنما طاقت محسوس ڪندي جذبن ۽ جوش کي عقل جو ويري سمجهي، ائين ته قابوءَ ۾ رکيو جو مجال هئي ڪنهن ننڍي يا وڏي جي جو ڪنهن جذبي جو اظهار ڪري. سندس فلسفين اخلاق بنسبت اهڙا سخت ضابطا مقرر ڪيا ۽ ادب کي انهيءَ عروج تي آندو جو ٺهڪ ڏيڻ ته حد بدافعالي سمجهڻ ۾ آئي، پر ٺلهو مرڪڻ به بد فضيلتيءَ ۾ داخل هو. مطلب ته ماڻهوءَ جو جوهر جو سندس شعور ۾ ڏنو ٿي ويو، سو هاڻي سندس ادبيت يعني لڇڻ ۾ نظر اچڻ لڳو. جنهن تان مذهبن بشر جي ڪرمن جا ڦل مدنظر رکي ٻي جوڻي تائين سندن انعام ۽ الزام مقرر ڪيا.

عيسائيت جو روح متعلق اهو رايو هو تہ روح خدا جي جلوه جو لافاني جزو هو جو خاطيءَ بندي جي جسم ۾ قيد ٿي رهڻ تي هرگز راضي نہ هو، پر امر الاهيءَ ڪري مجبور هوءِ هر وقت پنهنجي آزاد اصليت ڏانهن موٽڻ لاءِ منتظر واجهائيندو ٿي رهيو تہ من ڪي بند خلاص ٿين. عيسائيت جو اهو بہ خيال هو تہ ماڻهو سڀ ڄمڻ سان ئي گنهگار ٿي ڄاوا، ڇاڪاڻ تہ حضرت آدم گناه ڪرڻ ڪري ساري اولاد کي ڪارو ڪري ڇڏيو هو. الله تعاليٰ آدمعليہ السلام جي اولاد کي اڇي ڪرڻ لاءِ پنهنجي پٽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي قرباني ڏني.

هاڻي جيڪو بہ عيسائيت جي پاڪ پاڻيءَ سان "بئپٽائيز" ٿيو سو انهيءَ اصلوڪي گنهگاريءَ کان آجو ٿيو. باقي رهيا سندس شخصي عمل، جي انهن کي اُجرو رکيائين تہ وري وڃي پنهنجي اصلوڪي جاءِ بهشت ۾ ماڻيندو.

روحانيات جو اسلامي نالو: نفسيات

ايتري ۾ اسلامي درس جو دور بہ دنيا ۾ زور شور سان پڙڪو ڪائي اٿيوءِ مسلم جن کي پهريون قرآني ارشاد قلم ۾ لکڻ جو عطا ٿيو هو، سي يوناني علمي دفتر ۾ تہ ايترو محو ٿي ويا جو نہ ڇڏيائون کو يوناني حرفيات جو اهڙو کو اکر جو عربي زبان جي حوالي نہ ڪيائون. البت روحانيات کي ڦيري نفسيات چوڻ ٿو پين. ڇاڪاڻ تہ قرآن ڪريم روح کي "امر ربيءَ" جي شان سان جلوه گر ڪيو هو جو ساري ڪائنات لاءِ هڪڙو ئي هوءِ تقسيم کان پاڪ، انڪري هر هڪ جيوَ پنهنجي نفس سان وابستہ ڪيو ويو، جنهن کي سندس ڪردار لاءِ جوابدار ءِ الاهي عتاب لاءِ سزاوار ٺهرايو ويو، ڇاڪاڻ تہ نفس هر هڪ جيوَ کي پنهنجو هوءِ پڇاڙو شخصي.

مسلم قومون بہ قدرت جي اسباب بينيءَ ۾ ايترو محو ڪين ٿيون جيترو صرف، نحوءِ منطق ۾. فقط اسان جي ڪارنامن کي سو نفس سان اٽڪائي ڇڏيائون، باقي اهڙي ڪا کوجنا ڪانہ ڪيائون. جنهن مان پتو پوي تہ ويچاري وياڪل انسان کي پنهنجي همدم نفس زوريءَ گمراه چوٿي ڪيو. اهو نفس ڪير جنهن رب العالمين جي اشرف المخلوق کي دوزخ جا در ٿي ڏيکاريا. آخر انسان بہ تہ قدرت ڪاملہ جي ايجاد هئي، جنهن کي ڌرتيءَ جي خلافت سپرد ٿيل هئي. ڪو لاهہ لڙهندو اڙيو ٽڙيو ٽورو ئي هو جنهن ڄمڻ سان ٿي گناهن ۾ گيسيون پاتيون. جنهن کي قادر مطلق اشرف المخلوق جو لقب عنايت ڪري ان کي دائمي گنهگار، گمراه، پليل، ڪُڌو، شيطان جو غلام، الائي ڪهڙن ناپاڪ ءِ جگر سوز لفظن سان

بوڇاڙ ڪرڻ، خلقڻهار جي ڪاريگريءَ سان گستاخي بلڪ خنده زني نه آهي ته ڇا آهي؟ رڳو ڪنهن مصور جي ڪڍيل تصوير تي ته تنقيد ڪري ڏسو ته ڪيڏي نه مَتيان تي لڳيس. جي ڪنهن ڪنير جا ڳچ دلا آويءَ مان اهڙا نڪرن جن جون ڳچيون ڇپيون ٿي پيون هجن ته به پنهنجي بي هنري محسوس ڪندي دل ئي سڙي ويندس. هتي ته هڙ اشرف المخلوق ڇپي! عجب ڪاريگري چئبي! پر قدرت کان بهتر به ڪا ڪاريگري ٿي سگهي ٿي؟ يقيناً اها غلطي اسان جي سمجهه جي ٿي ڏسجي نه قدرت جي هنر جي. قدرت ماڻهوءَ کي هڪ ڪمال ڪاريگريءَ جو نمونو بنايو نه عيبن جي ڳنڍڙي. پر سچ چيو آهي ڪنهن مغربي عالم ته "ماڻهوءَ، ماڻهوءَ سان ڇا ڇا نه ڪيو آهي؟"

گناهه جا مرتڪب به آهن. هڪڙو لاچار ٻيو لالچ. جي ڪنهن کي بک ڪٽي ۽ پنئي به پيٽ نه ڀرجيس ته چوري نه ڪندو ته ٻيو ڇا. لاچار بڇڙي شيءِ آهي. اهو لاچار به ته لالچين جو پيدا ڪيل آهي، جن جي سانڍ سهيڙ شروع انهيءَ خيال سان ٿئي، ته آئي ويل لاءِ بچت ٿا ڪريون پر پڇاڙيءَ ۾ وڃيو هيچ ۾ پون، ايترو جو ڪٿي ان جا انبار ته ڪٿي ڪوري بک. پوءِ اٿل قدرت جي بڇيل بک کي بکيا پورو ڪيئن ڪن؟ سماج جي سزا کان ڊڄن يا قدرت جي آزار کي منهن ڏين. بک بڇڙو ٿول داناء. ديوانا ڪري. گڏريل بنگال جي ڏڪر ۾ زالن پنهنجا ٻار به کاڌا. بکين کان به ڪا فضيلت جي اميد رکي سگهجي ٿي. ٻهرين ته مغز کي گهرجي خورش جنهن سان سالم رهي، نه ته سماجي قانونن جي ساڃهه ڪٿان ايندس؟ بکئي لاءِ بهترين ته آهي پيٽ کي ڪجهه ڏيڻ جي ضرورت. مطلب ته هرڪو گناهه ماڻهو ڪنهن ماڻهوءَ جي خلاف ٿو ڪري. ڪن مجبورين هيٺ. باقي مخلوق خالق جي خلاف گناهه ڪري ۽ اتي جو اتي سزا نه پوڳي اها ڳالهه قياس کان ٻاهر آهي. ست زمينون ست آسمان ته پراڻو خيال هو، سائنس ته ڪروڙين زمينون ڪروڙين آسمان ڪيڏي رکيا آهن، اهڙي عظمت واري خالق جي خلاف، سندس هڪ خس جي برابر مخلوق گناهه ڪري، هي سندس شان سان ٻي گستاخي چئبي.

فلسفي جا ڪارناما

فلسفو به پلٽا کائي طرحين طرحين دليل دلائل هلائي، اٿلائي پٿلائي بعضي روحانيات جي حدن اندر ٿي رهيو، ته بعضي دل کي ڏاڍو ڪري ڪجهه عقل کان به ڪم ٿي ورتو. پر حقيقتن کان سواءِ دليل ڇا ٿي هلن. حقيقتون ته هر شيءِ بابت حواس گڏ ڪن، ذرو ذرو ٿي گڏ ٿين، ڪجهه ڪٿان، ڪجهه ڪٿان، ڪجهه اڄ ڪجهه جڏهن ملين. ورهيه ڪپن، پر جا چوٽي آهي ته بکئي کي ٻٽ به ڏور، سو هر ڪو منتظر

حقيقت جو متلاشي ائين پيو پائيي ته جي علم جي اٿاهه خزاني جي ڪا ٿه پهه وچين وات ليپي پوي ته واهه. ڪا ڪيميا ملي! سو ملان جي ڊوڙ مسيت تائين جي چوٽيءَ موجب هر ڪو بوعلي سينا وانگر مراقبي ۾ ويو واجهائي ۽ رب کي پاڏائي ته ٻاجهارا مون کي روشني ڏي. منهنجو خيال وڌڻ کان ويهي ويو.

قادر قدرت کي به حيرت هوندي ته هي ڇا؟ آدم اجا پاڻ کي اڏين ڪمزور ڪوڇڙ. ٻي وسيلي سمجهو وينو آهي! اجا انهيءَ ڪڙيءَ کو نه آيو آهي جو منهنجن وسيع عطيئن جو قدر سڃاڻي. پنهنجا ٻي بها حواس ڪم آڻي، پنهنجي املهه ماڻڪ عقل کان ڪم وٺي سوچي سمجهي پيرين سيرين ٿئي ۽ پنڻ جي عادت ڇڏي همت سان وات لڳي. منهنجي لاڏلي اشرف المخلوق کي اجا پنهنجن طاقتن جي وسعت ۽ عظمت جو احساس نه ٿيو آهي. هن کي وهو ڪجي ته من عقل کي ساڻي ڪري.

هيڏانهن قدرت کي غيرت آئي، هوڏانهن فرئنسز بيڪن دانهن ڪئي ته خوابن لهڻ مان ڪجهه نه ورندو، اٿي لوچيو، ڳوليو، ڦولهيو، بر بحر، جهنگ جبل، جهاڳيو، حقيقتون هٿ ڪريو. ويٺي ويٺي گهوٽن ڪاڻ مان به ڪجهه حاصل ٿيو آهي؟ سمجهه حقيقتن کان سواءِ ڇا تي ڪلي ڇا تي هلي . آرام ڪرسيءَ ۾ ويٺي دليل بازين مان نه وريو آ نه ورندو.

فلسفي جي ڪلابازين جا به ڪم ته ڏسو. برڪلي جهڙو جديد فلاسفر (1685-1753ع) تائين. مغز ۽ بت کي به ڌار شيون سمجهيو وينو هو. مغز سپ ڪجهه بت هڪڙي شيءِ. هونئن ته اسين ائين ٿا سمجهون ته ڪرسي، ميز يا ٻين شين کي پنهنجو وجود آهي، جو ڏسين يا نه ڏسين. پر برڪلي جي قياس ۾ ائين آئڙيو ته شين کي ڪا ذاتي هستي ئي ڪانهي ۽ جيسين مغزجي احساس ۾ نه ٿيون اچن، تيسين آهن ئي ڪين. ڪنهن پڇيس ته ڪنهن جي ڏسڻ يا نه ڏسڻ ڪري ڪوجبل يا سمنڊ ڪيئن ٿو ٿهي يا ڦِٽي؟ سمنڊ ضرور آهي ڪو ڏسي يا نه ڏسي. چيائين ته اهو ان ڪري جو ڏٽيءَ جي نظرن ۾ ته هميشه آهي نه.

فلاسفر ڊيسڪارٽ وٽ به جسم کي ڪا وقعت ڪانه هئي. ايتريقدر جو ڳمي ڳمي مڙس انهيءَ فيصلي تي پهتو ته آءٌ خيال هلايان ٿو انڪري مان آهيان. پڇيائونس ته چو نه ائين چئجي ته تون هلين ٿو، ڪائين ٿو، انڪري تون آهين. چيائين ته اهي ڪم ته منهنجي جسم جا آهن ۽ جسم ته هڪ شيءِ جي حيثيت ٿو رکي. شين کي فقط مقدار آهي، جنهن ڪري جاءِ سا والارين ٿيون. باقي ڪا ذاتي طاقت اٿن ئي ڪانه

جا مون کي چوائي تہ آءٌ آهيان. پر خيال تہ خود شڪتي آهي، جنهن کي پنهنجي هوشناڪي، پنهنجو حوصلو، پنهنجي بينائي، پنهنجو زور آهي. حواس تہ ڪيس محسوس ڪرڻ کان ئي عاجز آهن.

ڏسجي ٿو تہ هن وقت تائين بہ مغز، فهم ۾ آڻڻ واري شڪتي يعني فاعل ۽ شيءِ، فهم ۾ اچڻ واري وٿ يعني مفعول بہ الڳ حقيقتون ٿي سمجهيون ويون جيئن شيءِ ۽ شڪتي.

هتي ٻن فلاسافرن جي نظرين پيش ڪرڻ جو مطلب فلسفي جي صحت يا سندس پيچيدگين جي پروڙڻ جو نہ آهي، پر فقط هن حقيقت کي پڌري ڪرڻ جو تہ نفسيات جو علم جنهن جا پلوَ اجا فلسفي سان ڳنڍيل هئا، نہ سندس مرڪز مقرر هو نہ ميدان صاف. بعضي ماڻهوءَ جي اردگرد وارين شين کي جاچڻ ۾ ٿي اٽڪي تہ بعضي خود جاچيندڙ بشر جي خيالي گهوارين کي جاچڻ ۾، مگر ٻنهي جي وچ وارو سلسلو محسوس نہ ڪيو ويو هو. انڪري نفسيات فاعليہ ۽ نفسيات مفعوليہ بہ عليحديون حقيقتون ٿي ڏسڻ ۾ آيون. حالانڪ اڄ صرفِ نَحوَ جو سيڪڙات بہ هندائي فهم ۾ آڻي چڪو آهي تہ فاعل ۽ مفعول بہ لازم ملزوم شيون آهن، جيئن ٻار يا ماءُ جا لفظ. هرڪو ٻئي جي شاهدي ٿو ڏئي. نہ ماءُ سواءِ ٻار ٿئي نہ ٻار ماءُ سواءِ. ساڳيءَ طرح مغز ۽ ماحول کي بہ جدا ڪري نٿو سگهجي. مغز جي ترقيءَ جو اسباب ۽ سبب شيون ئي آهن. جي ٻار ڪجهہ نہ ڏسي نہ ٻڌي يا جي ڪو بہ حواس ڪم نہ آڻي تہ مغز چا تي وڌندس، ڪيئن هوش پيدا ٿيندس. مغز جو اسباب آهن شيون. شين کان سواءِ مغز ڪو ڪي جو ڪو ڪو.

سائنس جو دور

شيءِ ۽ شڪتي: يورپ جي سترهين صديءَ جي سائنس عاجز انسان کي اياڻپ جي عميق مان ڪڍي اميد جي ڪناري تي لاتو ۽ اشرف المخلوق جو تفسير ذري پرزي ظاهر ٿيڻ لڳو. هونئن جو قدرت جي ڀيانڪ ڪاروائين جي ستم آرائين کان ڪنبي، ويچارو انسان ڪنڌ جهڪائي گذر بسر ڪندو هو، سو هاڻي منهن مٿي ڪڻي نظر جي دائري کي گهڻو وسيع ڪري همت سان نہ رڳو پير ڪوڙڻ پر زمين تي زور لڳائڻ لڳو. پنهنجي گرمي پوري رکڻ لاءِ جو پگهر ڳاڙي ڳاڙي ماندو ٿيندو هو يا سيءَ ۾ ڪرو مرو ٿي ڄمي پوندو هو، ان لاءِ ايئر ڪنڊيشنر بہ گهڙي رکيائين ۽ ڇا ڇا نہ ! جس آهي مغرب کي.

برڪليءَ جي انهيءَ قياس تہ ڪنهن شيءِ کي وجود ئي ڪونهي، جيسين مغز جي حواسن جي زد ۾ نہ آيو آهي. ايترو تہ سائنس جي محققن کي ميڙايو، جو شيءِ جو ماڻهوءَ جي حواسن کان سواءِ هئڻ تہ بيٺي بيٺي ثابت ڪري ويا، پر آئينسٽائين اتي بہ وڃي پهتو تہ شيءِ مان ائٽم ۽ ائٽم مان شڪتي، وري

شڪتي جي رهيل جزن مان ائٽم ۽ ائٽم مان شيءِ جي متا ستا هلندي رهي ٿي. مطلب ته شيءِ ۽ شڪتي ڳالهه ئي هڪڙي آهي نه ٻه.

هاڻي شيءِ ۽ شڪتيءَ جي هيڪڙائيءَ هڪ پاسي جسم ۽ روح کي هڪ ڪري ڇڏيو، ته ٻئي پاسي نفسيات فاعليه ۽ نفسيات مفعوليه به يڪ وجود ٿي ويون. پلا پنڌ ۽ پير به ڪي ڌار شيون آهن؟ جي آسپاس جون شيون نه هجن ته مغز جي ترقيءَ جو باقي سبب ڪهڙو؟ ماڻهو ته مغز ۽ ماحول جو هڪ ڳتيل مجسمو آهي.

پوءِ ته جيئن جيئن سائنس جي سلسلي ۾ بدني ڪاروبار جا راز کلندا ويا، تيئن اهو ڳجهه به کلي پيو ته هيل تائين جيڪي ڪم روح ۽ نفس جا سمجهيا ٿي ويا، تن ڪي نباهڻ وارو اسان جو مغز ئي آهي. جنهن هڪ جسم جي ذاتي اندروني ڪاروبار کي منهن ٿي ڏنو ته ٻئي طرف بدن کي ٻاهرين بلائن کان بچائي ڪيس آسپاس تي برتري ٿي بخشي. انهن اهم ڪمن جي شروعات حواسن رستي احساسن ملڻ سان ٿي ٿي (مفعوليت) جن تي مغز سرسري سوچ ڪري، ڪو مطلب مقرر ٿي ڪيو، (فاعليت) ۽ پڄاڻيءَ ۾ انهيءَ مطلب پوري ڪرڻ لاءِ ڪو ڪم ٿي ڪيو. اهو ڪم صاف صاف اختياري هو ۽ جسم جي فائدي لاءِ (اختياري هلت) انهيءَ طرف نفسيات فاعليه ۽ مفعوليه جي گڏيل اثر هيٺ نفسيا روشيه پيدا ٿي. انڪري هاڻي نفسيات جي ماهرن جو سارو ڌيان ماڻهوءَ جي هلت ۾ ڪتل آهي. سندس فعل، عمل، ڪرم، هلت، روش، جيڪي به چئو، آهن نچوڙ سندس احساسات ۽ خيالات جو. اهي ماڻهوءَ جا عمل آهن جي سندس اندروني ذهنيت کان واقف ڪن ٿا. ماڻهوءَ جا پارکو ڪنهن جي هلت مان سندس خيال به تاڙيو وجن.

متئين مباحثي مان ظاهر ٿيو ته اسان جي هلت جا جزا يعني اسان جا ڪم اسان جي مطلبن پوري ڪرڻ لاءِ، ڪنهن نه ڪنهن بدني تحرڪ ۾ ظاهر ٿا ٿين. بدن ۾ اهڙو تحرڪ پيدا ڪرڻ واري طاقت آهي خيال ۽ خيال کي اپارڻ وارا آهن احساس ۽ جذبا، جن سيني جون پوريون جايون مغز ۾ ملي چڪيون آهن. مطلب ته ڪنهن به ڪم ٿيڻ لاءِ جيڪي به گهرجي، سو سڀ اسان جي جسم جي اندر موجود آهي، نڪا ڪنهن ٻاهرئين شيطان جي گهرج آهي. نڪا ڪنهن ملائڪ جي ضرورت. قدرت ڪامله هر هڪ جيو جي ڪل خودرو بنائي ڇڏي آهي، جاڳائي به پاڻ وڄائي به پاڻ، ڪائي به پاڻ، سنڀالي به پاڻ، جيسين پراڻي ٿي گسي پيسي ڪم کان خارج ٿي وڃي يا اوچتو ڪنهن ويريءَ جي هٿان پوري ٿئي.

هاڻي ته اهو پتو به پئجي ويو ته اهو ڪير آهي جو "آءُ" ٿو چوي. اهو مغز آهي جو ساري بدني ڪل جو مالڪ آهي ۽ سندس هلائڻ وارو، جو "مان" –"مان" ٿو چوي. اهو مغز آهي جو ڏسي ٿو، ٻڌي ٿو، پري پري کان شيون تاڙي ويچار ٿو ڪري، ته هيءَ منهنجي لاءِ چڱي يا مٺي يا ماڳهين خطرناڪ. انهيءَ تميز ۽ تفريق لاءِ قادر مطلق کيس ٻه طاقتون اهڙيون سونپي ڇڏيون آهن جي هردم کيس پنهنجي بچاءَ جي واٽ ڏسينديون ٿيون رهن. اهي آهن ايذاءُ ۽ مزو، جن جي توهه تي هلندو ٿو هلي. مزو آيس ته موج، ايذاءُ رسيس ته پيچ پري. پوءِ جي ڪنهن ۾ پنهنجو پلو ٿو ڏسي ته پنهنجي بدني ڪل کي اوڏانهين هلڻ لاءِ هڪليو وجي ۽ ان کي وجيو هٽن سان ڪٽي پرجي سمجهيائين ته هي شيءِ ڏک ڏيندي ته ڇڏيو ڏئيس، ويترجي خبر پييس ته جان جو اتي جوکو آهي، ته مورڳو ڪل جو منهن ئي ڦيريو ان کان پري پڇيو وجي. ڪل جو جسمي ناٽ وري مغز لاءِ خورش ٺاهي کيس پهچائي تازو توانو رکيس ۽ سندس صفائي رکي. مطلب ته مغز کي پنهنجي ڪل ڪيڏانهن به هڪلي وڃڻ جو پورو اختيار آهي. جيئن وڻيس تيئن سوچي سمجهي قدم کڻي. ڪا به ٻي ڪهي طاقت مٿس روڪ ڪانه ٿي وجهي. البت ظاهري حالتن کي منهن ضرور ڏيڻو اٿس، پرجي سندس احساس ايترو نفيس نه آهي جو حالتن جي نزاڪت محسوس ڪري سگهي يا صحيح خيال نه آهيس، جو سندس مطلب ۽ مقصد چٽا ڪري سگهي، يا ٻانهن ۽ زبان ۾ طاقت پوري نه آهيس جو پورو تحرڪ پوري وقت تي وٺي سگهي ته مغز ڪٿي نه ڪٿي ڪاهار جي آزار ۾ اچي ويندو. هن ڪشمڪش جي زماني ۾ دوستيءَ تي به ڪو پروسو ڪونهي. خود گهرجا پاتي به ويري ٿيو پون. هر وقت هوشناڪي کپي البت ڪيترا بزرگ دم هڻندي چوندا آهن ته اسان ايذاءَ ۽ مزي جي منزل گهڻو پري ڇڏي آيا آهيون. پر اها سندن طرز بيان آهي نه حقيقت.

ڏسجي ٿو ته نفسيات جو علم ڪو فقط ماڻهوءَ جي نفس سان تعلق ڪو نه ٿو رکي، پر سندس مغزجي سيني شعبن يعني احساس، خيال، ارادي سان ۽ سندس افعالن سان، جن جي اظهار ڪرڻ وارو ماڻهوءَ جو سارو بدن آهي. خاص طرح سندس زبان، ٻانهون ۽ ٽنگون. نفس ته فقط ماڻهوءَ جي غرضي خواهشن ۾ محدود آهي، جو ڪلم ڪلا فقط جانورن ۾ ۽ ڪنهن قدر اڻڪڙيل ٻار ۾ ۽ بعضي ڪنهن نابالغ وڏي ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. ته ڪيئن نه هو پنهنجون نفسي گهرجون بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي پورين ڪرڻ ۾ محو ٿيو وڃن. ٻار کي جي بک کنيو يا ڪنهن ضد تي چڙهيو ته ٻئي کي سجاڻي به ڪو نه. جيسين نفسي

ضرورتن کي روڪي ضابطي ۾ آڻي سگهي. بعضي ته وڏن جو هوش به هٿن مان نڪري ويندو آهي ۽ بيوس ٿي ڪونه ڪو ناشائستو ڪم ڪري ويهندا آهن پر ويل وئي هٿ نه اچي. نفسيات جي نالي مان ماڻهوءَ جي ذهني يا بدني تحرڪ جو ته ڪو پتو به ڪونه ٿو لڳي، انڪري هن علم لاءِ پورو نالو بشريت ئي ٿي سگهي ٿو. جنهن ۾ بشر جي هر هڪ حصي جي مشغولي سمايل آهي، مناسب ٿيندو ته آئينده هن علم کي "بشرت" جو نالو ڏجي.

اسلامي مفڪرن نفس جا جزا هن طرح بيان ڪيا آهن:

نفس اماره - جيوَ جو بنيادي جان ڏيندڙ نفس، حيواني.

نفس بهيمي- بي انتها خواهش ۽ رغبتن جو پيندار، لوڀي.

نفس لوامہ- تيز ۽ تند زوردار جذبا اڀاريندڙ: جهڙوڪ: ڪاوڙ، حسد ۽ انتقام ، شهوت ۽ غرور.

نفس متنبہ- تنبيهه ڪرڻ وارو نفس، سڌاريندڙ چئي تو هي ڇا ڪيو؟ ڇو ڪيو؟

نفس مطمئنہ: نيڪيءَ ڏانهن مائل نفس. انساني صفتن وارو. نفس مَلڪي، جو تسڪين ڏئي.

هاڻي جو سائنس سيکاريو آهي ته اسان جي نفس، هوش، حوصلي ۽ لڇڻن جو والي اسان جو مغز ئي آهي، انڪري مناسب ٿيندو ته ڪجهه مغز جي جوڙجڪ ۽ سندس ڪارڪرت ڪان به ڪنهن قدر واقف ٿيون

باب ٽيون

مغزجي تار برقي، مغزجا بدن ۾
آسپاس سان لڳ لاڳاپا

(1) مغزجا احساسي، تحرڪي ۽ جذباتي سلسلا:

مغز- مغز مٿي جي کوپريءَ ۾ محفوظ، اهڙي ته جتن سان پاڻ ڪي لڪايو ۽ سانديو ويٺو آهي، جو نه ذرو ظاهر ڏسجيس نه جهڙو تهڙو ڪو ڌڪ ئي اثر ڪريس. چوٽڻ تي گنبذ وانگر اپريل، نراڙ کان ڪياڙيءَ تائين ائين ٻن اڌن ۾ وراهيل، تر ۾ سنئون ۽ يڪو، اندر اڇي رنگ جو ٻاهران ڀورو. مغز جو ماس جيڪي سو گوشت کان نرم ٿئي، پر ڪتي ڪتي خاص ڪري تري ۾ سخت چڏين سان پڪڙيل، جن ڪي تري واريون چڏيون چئبو آهي. اهي چڏيون ۽ مغز جو ٻاهريون ورن وراڪڙن وارو ڀورو تهه، ٻئي مغزجا مرڪزي حصا آهن، جي اڪيچار باريڪ تنتي گهرڙن جا ٺهيل ٿين، باقي مغزجو اندريون اڇو ڀاڱو انهن گهرڙن جي اڇين شاخن جو ٺهيل، جي ڳچ جيتريون گڏجي تنتون ٿيون ٺاهين.

تنتون- هي مغزجون شاخون آهن، جن جي وسيلي مغز ساري بدن جي ذري ذري جون خبرون به رکي ۽ بدن جي عضون ڪي چوري به. ٻهرين ڪي خابرو تنتون ۽ ٻيلن ڪي تحريڪي تنتون چئبو آهي. خابرو تنتون مغز مان نڪري بدن جي مشڪن ڪي چورين. هيڏانهن ڪا به خبر ملي نه آهي ته هوڏانهن گهريل تحرڪ ٿيو نه آهي،

مغزي ڏوري- تنتن ڪي سولائيءَ سان بدن جي ڀرين ڀاڱن، جهڙوڪ ٻانهن، ٽنگن ۾ پهچڻ لاءِ، مغز هڪ آڱر جيتري ٿلهي ڏوريءَ جي صورت ۾، ڪنڌ کان پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ هيٺ لهيو پوي، جنهن ڪي مغزي ڏوري ٿو چئجي. اها ڏوري بدن جي ٻنهي پاسن کان خابرو تنتون وٺندي ۽ تحرڪي تنتون ڏيندي وڃو چيلهه ڏاري ڪتي. هي ڏوري جي ڪنهن به هنڌ خراب ٿي يا زخمجي پئي ته ان کان بدن جو هيٺيون ڀاڱو سڪي پوندو جنهن ڪي نه چوري سگهبو نه وري سندس احساسي خبرون ئي مغز ڪي پهچي سگهنديون.

(2) اسان کي هلائڻ چلائڻ وارو اسان جو گوشت آهي:

عام طرح ائين سمجهبو آهي ته گوشت بت کي سهڻو ۽ سڊول ڪري، پر سندس اصلي ڪم هڏن کي سنڌن وٽ ورائي بت کي چورڻ جو آهي، طبي زبان ۾ گوشت جي مچن کي مشڪون چئبو آهي. مشڪون لچڪدار تاندورن جون ٺهيل آهن. جن جي ربڙ وانگر سسڻ انگهڻ سبب بت کي اڪيچار نمونن ۾ چوري طرحين طرحين ڪم ڪرائين ٿيون. ڪم ڪرڻ جي طاقت ڪين تحرڪي تنتن جي وسيلي مغز کان ٿي ملي.

تابعدار ۽ خودمختار مشڪون: مشڪون ٻن قسمن جون آهن. هڪڙيون ٻاهريون جن جو گوشت ٽنگن، ٻانهن، سيني، پيٽ ۽ پٺيءَ تي ڇهٽيل آهي. اهي هڏائين پڃري کي چوري اسان جا اُٿڻ ويهڻ، هلڻ لڪڻ، ڪائڻ جهڙا ظاهري ڪم ٿيون ڪن، هنن کي تابعدار مشڪون چئبو آهي. ٻيون مشڪون اندرين عضون جيئن ته دل، آنڊن، ڦڦڙن، رت نلين وغيره ۾ پکڙيل ٿين ۽ سدائين ڪم ڪنديون رهن. اهي ڪم ڪان روڪيون ته موت آيو. انهن تي اسان کي ڪو اختيار به ڪونهي، انڪري خودمختار ٿيون سڏجن. هي مغز جي همدم تنتي سرشتي هيٺ ڪم ڪنديون ٿيون رهن، جن کي تکي ڍلي ڪرڻ جو ڪم جذبن جي حوالي آهي. اسين دل جي رفتار پنهنجي اختيار موجب وڌائي نٿا سگهون ، پر شل نه ڪو خوف ڪٽي، پوءِ ڏسو ته ڪيئن نه ٿي دل سٽڪا ڏئي ڌڪ ڌڪ ڪري. ساڳيءَ طرح انتظار يا ڏُک جي حالت ۾ ڪيئن نه آنڊا وٽبا سٽبا آهن. اهي زوردار جذبا ته آهن جي اسان کي جوش ۾ آڻيو، متيون منجهايو، بلڪ مسمار ڪيو ڪجهه نه ڪجهه ڪرايو وجهن. جذبو پڙڪيو ته هوش هٽيو. ان ڪري جيسين ڪو پنهنجن جذبن کي قابوءَ ۾ رکڻ سکي تيسين هر انسان جي روش جو راز سندس جذبن ۾ آهي.

همدم تنتي سرشتو- هر مغز جي ٽري وارين ڇڏين سان اٽڪيل ٿو رهي. جتي جذبن جي جاءِ آهي، همدم سرشتي کي چورڻ جو ڪم ري نالي غدودن جون رسون ٿيون ڪن. ري نالي غدود هي آهن: ٿائرائڊ، پٽيوٽري، ائڊرينل، پئراٿائرانڊ، ٿائمس، پينيل، ۽ نسلي گلٽيون.

(3) ري نالي غدود ۽ اسان جي تقدير:

بدن ۾ اڪيچار غدود آهن، جن جون جوڙيل رسون ڪئين ڪيميائي ڪم ڪنديون ٿيون رهن. هنن کي ناليءَ وارا غدود چئبو آهي. سندن رس فقط ڪنهن خاص هنڌ ڪمائتي ٿي ٿئي. جا ناليءَ جي وسيلي وڃو انهيءَ جاءِ تي پهچي جتي سندس گهرج آهي. جيئن ته پڪ جي غدودن جي رس وات ۾. پڪ فقط

وات ۾ ڪمائتي آهي نہ ڪي ٻئي هنڌ. پر ري نالي غدودن جي رس بدن جي ذري ذري کي گهرجي، انڪري رت دؤري ڪندي سنڌن رسون ڪٺي بدن جي هنڌ هنڌ پهچائيندو رهندو آهي ۽ نالين جي نہ هئڻ ڪري اهي سڏبائي "ري نالي غدود"آهن.

"ري نالي غدود" آهن بہ ننڍڙا پر جهڙا جنڙا. بدن جي اوڏ، ٻيهڪ، قدبت، سونهن سوڀيا، ذهن ذڪاءُ، حشمت، همت، طبع وضع، جنون فنون، ڪلچڻ سلچڻ، عزت ذلت سڀ هنن جي ڏات. ماڻهوءَ کي انسان يا حيوان ڪرڻ وارا سنڌس سياهہ سفيد جا مالڪ اهي ئي آهن. قدرت اسان جي تقدير جو راز انهن ۾ سمائي ڇڏيو آهي. سائنس کي انهن تي گهڻي دسترس تہ اجا تائين حاصل ڪانہ ٿي آهي، پر اشرف المخلوق کي قدرت پنهنجا راز ڏيڻ لڳي آهي ۽ عجب نہ آهي تہ اهي گلٽيون جي اسان کي پتليون ڪري ٿيون نچائين، سي بہ قبضي ۾ اچي وڃن. سنڌن سلسليوار پر خفيف جهلڪ "تن ۽ تندرستيءَ" جي ڪتاب ۾ ملي سگهندي.

(4) مغز پنهنجا ڪم ڪيئن ڪندو ٿو رهي:

جيسين ڪا احساسي خبر مغز کي نٿي ملي، تيسين مغز بہ ماٺ ۾ ٿو رهي ۽ بدن ۾ ڪا بہ چرپر ڪانہ ٿي ٿئي، پر جي خابرو مرڪزن ۾ ڪا خبر پهتي تہ هڪدم ڪو نہ ڪو حصو بدن جو چرندو. احساس سواءِ ڪو بہ ڪم ڪو نہ ٿو ٿئي. ڪو ماڻهو مشغول هجي يا آرام ۾، ان جي ڪنڌ تي ڪو سڱو سوريو تہ هڪدم سنڌس انهيءَ پاسي وارو هٿ سگهي واري جاءِ تي پهچي سرڪات کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندو. ڪنڌ جي خابرو تنتن خبر ڏني تہ ٻانهن جي تحرڪي تنتن هٿ کي اتي پهچايو. هي ڪم ايترو جلد ٿو ٿئي جيئن شئي آئيني جي اڳيان اچڻ شرط سنڌس عڪس بہ آئيني ۾ اچي وڃي . ان ڪري بدن جي اهڙن ترت عملن کي "عڪسي عمل" چئبو آهي، ڇڪ، ڪنگهہ، اُلٽي، پيشاب وغيره سڀ عڪسي عمل آهن. سرڪات ٿيو تہ مناسب عمل وجود ورتو.

روزاني بدي ڪاروبار ۾ اهڙا عڪسي عمل خودبخود هر وقت رات ڏينهن هلندا رهن ٿا. ڪٿان رت جي جوش جي خبر پهتي، تہ هڪدم اتان جي رت پهچائيندڙ نبض جون مشڪون سسي، سنڌس نالي سوڙهي ڪري وجهنديون ۽ رت جو انداز گهٽجي پوندو. اهڙيءَ طرح ڪٿي ڪا هاضمي جي رس وڌائڻي گهٽائڻي هوندي، ڪٿي گرمي لڳي تہ پگهر ڪڍي انهيءَ جاءِ کي ٿڌو ڪرڻو هوندو. ڪا تيز روشني نظر چڙهي تہ اک جي ماڪي سوڙهي ٿي روشنيءَ جو انداز گهٽائي ڇڏيندي، بعضي ڪا

ڪوسي شيءِ بت کي لڳي يا ڪو پير ۾ ڪنڊو چڀيو ته لڳي جي ويرم، پير ته ٽپ اتان ڪڇي ويندو. اهڙا ڪئين ڪم مغز ڪندو ٿو رهي.

پوري ۽ صحيح احساس جي اهميت: بدني ڪاروبار ساري صحيح ۽ پوري احساس سان ٻڌل آهي. ان مان احساس جي پوري سڌ پوڻ جي ضرورت به ظاهر آهي. جي خابرو تنتون جڏيون هونديون ۽ پوريون خبرون نه ڏنائون ته مغز به پوري پوئواري ڪانه ڪندو. ٻي صورت ۾ جي مغز جي هوشناڪي سالم نه هوندي، جو سيني احساسن ۽ حالتن کي خيال ۾ آڻي سگهي ته نانگ جي چڪ کي به ڪنڊو سمجهي ڇڏي ڏيندو، تان جو علاج جي حدن کان ئي نڪري ويجي. ائين به آهي ته جي ٿوري احساس کي گهڻو لڪائبو ته خسيس ڳالهين تي وڏن ويچارن ڪرڻ سبب سودائي سڏبو. جذبا ماڻهوءَ کي هوشيار ضرور ڪن ٿا، پر جي هوش جي هٿ کان نڪتا ته هوڙه ڪري وجهندا پوءِ اڳلي جي ڳالهه سمجهه ۾ ڪانه اچڻ ڏيندا ۽ تارڪ دنيا واري اڪيلي دنيا ٺاهڻي پوندس. پوءِ ڏيکاريندو هٿ نجومين کي ته منهنجي قسمت ۾ چا آهي. حالانڪ دنيا سان چنندو فقط پنهنجي غلط خياليءَ ڪري پاڻ ئي رهيو آهي. ياد رکڻ گهرجي ته اسان کي عتاب يا خطاب ڏيڻ وارا وري به ماڻهو آهن. هلڻو انهن سان آهي پر ڪن وقتن تي پاڻ کي ڪيترو منو ڪجي، ڪيترو ڪڙو ۽ ڪيترو ڪرڙو؟ آهي لياز دنيا سازيءَ جو. ٽئي سپ پنهنجي هٿن کان ٿو. نفعو نقصان سپ پنهنجي سمجهه تي ڏئي. پنهنجي قسمت ٺاهڻ وارو هر ڪو پاڻ آهي. رڪاوٽون هر ڪنهن جي راهه ۾ ضرور اينديون، پوءِ ڪو ڏاڪڻ کي اڙچڻ سمجهي، ڪو اڙچڻ کي ڏاڪڻ بنائي.

(5) مغزجون بدني ۽ ذهني ذميواريون:

واقعي به ڳريون جوابداريون مغزجي سپرد آهن.

(1) بدن جي اندرين ڪاروبار تي چوڪسي رکڻي جسم کي جيئرو جڙيو رکڻ، جنهن کي "تنظيم بدن" يا "فزيالاجي" چئجي ٿو. اهو ڪم قدرتي طرح هلندو ٿو رهي، جنهن لاءِ اسان کي فقط بدني ڪل جي قاعدن قانونن کان واقف ٿي ان کي مناسب خوراڪ، اجهي، آرام ۽ مرضن کان بچائڻ جو بندوبست رکڻو ٿيندو.

(2) بدن کي ڀاهرين آفتن، سردين، گرمين ۽ خاص طرح ماڻهن جي شرارتن، حسدن، حرفتن، گهرو نياتي، سماجي، سياسي، قومي ڪشمڪش ۾ پاڻ کي موڪٽو آهي، جنهن کي ”تنظيم ذهن“ يا ”سيڪالاجي“ چئجي ٿو.

ٻار کي پهرين ته گهرو وهنوار سکڻو ٿو پوي ته پيءُ ماءُ، ڀيڻ ڀاءُ، ۽ ٻين متن سان ڪيئن هلڻو آهي. گهر ۾ ته هرڪو سندس خيرخواهه ۽ گهڻگهرو آهي ۽ مائٽن جي توهه تي هليو هلي. وري منزل آيس اسڪولي وهنوار جي. هتي ٻيا قانون سکي ته ڪلاس ۾ ڪيئن هلجي، ڪلاسين سان، ماستر صاحب سان وغيره. اسڪول ۾ هڪدم فرق محسوس ڪندو ته هتي گهر وانگر سڀ دوست ڪين آهن. پوءِ ٿيو جوان ته پرڙي جو وهنوار ۽ اهڙيءَ طرح روزي ڪمائڻ لاءِ ڌنڌي جو وهنوار، سماجي، سياسي، قومي وهنوار وغيره. نفسيات کي چٽو ڪرڻو آهي ته ڪنهن جو مغز ڪيترو جذبي جو جڙيل آهي، ڪيترو عقل جو. يا ائين چئجي ته ڪيترو جوش جو ڪيترو هوش جو ۽ ڪيئن ڪو پنهنجي ماحول جي اٽڪائن تي ڏاڪا ٻڌندو هلندو ٿو هلي. انهن مختلف وهنوارن سان ڪيتري همت ۽ سلوڪ سان منهن ٿو ڏئي يا همت ڇڏي هارائي تارڪ سماج ٿو بنجي. رسڻ يا حد کان زياده ڪاوڙ ڪرڻ هار جون نشانيون آهن. نيڪ نيتيءَ ۽ سهڻو سلوڪ ڪڏهن ڪين هارائيندا.

هتي ٿي خبر پوي تعليم جي ڪيڙ ۽ تربيت جي فڪر تدبر جي، مغز جي دماغي شان جي. اها تعليم جا سيڪڙات کي دنيا سازيءَ جي ڀيٽا ڀيٽيءَ ۾ پنهنجي ماحول کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار نٿي ڪري سا بيڪار آهي. ڀيٽ ته ڪو جيو پاليندو. ٻچا ڏيندو وتي، جيڪي ڪم ٻار کي پاڙهيا تا وجن اُن مان هڪدم معلوم ٿيندو ته ٻار کي ڪهڙي ڪم لاءِ تيار ڪيو ٿو وڃي. انجنيئر يا ڊاڪٽر، مولوي يا جنرل. سائنس جي روشني علم جي هر شعبي تي پئجي رهي آهي، جنهن جو تعلق هر هنر سان آهي ۽ بي خيال قومن کي ڪافي ثابت ڪري ڏيکاريو ويو آهي، ته قدرت جا قانون به گهڻي قدر ماڻهوءَ جي سمجهه ۾ اچي سگهن ٿا ۽ ڪيترا اچي چڪا آهن. هن زماني ۾ اجاين گهوتن ڪائڻ جي ضرورت ته ٿوري ٿي ڏسجي. نڪا وري ڪا جڙتو منصوبا ناهي خيال ڪلابازين ۽ فلسفياني ڏوڪن ۾ اچڻ جي حڪمت ٿي معلوم ٿئي. اجا به ڪو خيالي خمارن ۾ حقيقتن کان بي خبر رهندو ته ڪتي سندس قسمت. اسان جي پيل ڪلهيري تقدير، اسان جي انهيءَ بي توجهيءَ ۽ بي همتيءَ جي بار ڪڍڻ کان به ڪين ڪيٻائيندي. هن جا ڪلها گنا پيا آهن. قدرت جي بهترين نعمت عقل آهي، جي ان کان ڪم نه وٺبو ته تقدير به اهڙي

جڙندي. قدرت نڪا ڪنهن کي گهٽو گهري نہ ڪا ٿورو. جيڪو لوچي سو لهي. ڪارزار دنيا جي ڪشمڪش ۾ پير کوڙڻ لاءِ جيڪي لياقتون کپن، سي صحيح تعليم ڏئي سگهندي، جنهن جو گهرو ويچار هر هڪ انسان جي نازڪ جوابداري آهي ۽ تعليمي مدبرن جي خاص ذميواري. ٻي صورت ۾ قومي تباهي يقيني آهي ۽ پنڌوئي پوندو.

ظاهر آهي تہ بدن جي اندرين توڙي ٻاهرين ڪاروبار ٻنهي جو مقصد آهي سندس پائداري ۽ بهتري، جيئن حڪومت جا ٻہ پاسا ٿين: امور داخليہ ۽ امور خارجيہ. هتي انهن کي ڏار ڪري ڏيکارڻ جو مطلب فقط اهو آهي تہ نفسيات جو تعلق خاص طرح مغزجي ٻاهرين پاليسيءَ سان آهي.

(6) مغزجي بدني ۽ ذهني ڪاروبار جا چڪر:

بدني تنظيم جي ڪمن ڪارين ۾ عڪسي چڪرئي ڪم ۾ آندا تا وڃن، جن ۾ احساس خابرو تنت تان خابرو مرڪز ۾ پهتو تہ تحرڪي مرڪزمان تحرڪي تنت تي احساس جي مناسب تعميل ۽ پوئواري ٿي. احساسي مرڪزمان تحرڪي مرڪز تائين جيڪي تنتون وڃن ٿيون، انهن کي قرابتي تندون چئبو آهي، جن جو مفصل بيان اڳتي ايندو. بدني ڪاروبار گهٽي قدر ساڳين چڪرن تي هلندي ٿي رهي، انڪري منجهن خيال جي ضرورت مغز کي پيش ئي ڪانہ اچي ۽ ڪم جهٽ پٽ ٿيندا وڃن.

ذهني تنظيم جا ڪم نرالين حالتن پٽاندر ٻي - ٻي صورت وٺندا تا رهن. ڇاڪاڻ جو ماڻهوءَ جون ٻاهريون حالتون نراليون ٿينديون ٿيون رهن ۽ ڦرنديون ويرم ئي نٿيون ڪن. انهن کي پوريءَ طرح بار بار سوچڻ، حواس ڪم آڻڻ ۽ فيصلي ڪرڻ جي ضرورت ٿي ٿئي ۽ خيال هلائڻ ڪري وقت بہ ڪايو وڃن. تجربي ظاهر ڪيو آهي تہ جي حواسن کي پنهنجي آسپاس سان نہ رنياٽبو تہ خيال، جو ماحول سان ئي ٻڌل آهي، جهيڻيو پوندو ويندو ۽ ٻار جي ٻي خيال رهڻ سبب سندس سمجهہ، هوش ۽ حوصلو ترقي ڪرڻ کان روڪجي ويندا. ساڳيءَ طرح جي ڪنهن عضوي مثال ٻانهن جون احساسي تارون بيحس ڪري سُنَ ۾ آڻي ڇڏيون تہ سندس مشڪن جي چرپر خودبخود گهٽجي ويندي ۽ گوشت بيڪار رهڻ سبب نجهرندو رهندو ۽ ٻانهن سنهي ٿي ويندي. احساسي تنتون تحرڪي تنتن کان پنجوٽيون ٿيون ٿين. احساس کان سواءِ نکو خيال اُپري نہ عمل پيدا ٿئي.

مغز جو ذهني چڪر، اوت، اڌما، جذبا ۽ شرطي عڪسي عمل

ٻچن واري ڪڪڙ جي نظر ڪنهن لاماري ڏيندڙ سرڻ تي پئي نه آهي ته منجهس کهڪاءُ جي اوت اپري نه آهي. اکيون ڦيرائي ڪنڌ موڙي، سرڻ کي تاڙي غون غون ڪندي، چي ٻچن جو خير ڪونهي. هڪدم ساري بدن جي طاقت پڙڪي ڪائي جوش ۾ ايندس ۽ ڪن ۾ ويجهن ٻچن کي پرن هيٺان سميٽيندي سرڻ کي ٽيٽيندي، پرپرن کي ڪلڪ ڪلڪ ڪري سڏيندي ويندي. جيسين سڀ اچي پيڙا ٿينس. سرڻ به ڪڪڙ کي ڪافي سجاڳ ڏسي لاماري ڏيڻ جي هرويرو همت ڪانه ڪندي. ڪيس به اک ڪيرائڻي ڪانه آهي. هي آهي مغز جي ذهني چڪر جو ڪم. پهرين اک جي حواس ڪڪڙ کي، سرڻ جي آگاهي ڏني. ٻچي جي جان وڃڻ جو خيال جاڳيس. کهڪاءَ جي اوت اپريس جنهن جسم ۾ سگهه پڙڪائي ۽ آخر ٻچن کي ڪوڙي ۾ ڪرڻ جو عمل اختيار ڪيائين.

اڌمو: ذهني چڪر جي پهرين ڪڙي آهي. اڌمو يعني اوت جو اپرڻ. "اوت" جانور جي انسٽنڪٽ کي ٿو چئجي، جنهن کي ماڻهوءَ ۾ "اڌمو" يا "امپلس" سڏجي ٿو. اڌمو اوچتو اپرندو آهي ۽ گهڻو جتاءُ ڪين ڪندو آهي، آيو ويو پر جي لاڳيتو هليو هلي ته چئبس "جذبو" يعني پئشن. اڌمو هڪدم اندرين عضون جي خود مختار مشڪن کي هڪل ڪري هوشيار ڪندو ته خبردار. هڪدم دل جي رفتار تيز ٿيندي ته چستيءَ سان رت ڦري. پوءِ ته سارو بدن مغز سميت هوشيار ٿي ڦڙتيءَ ۾ اچي ويندو ۽ ڪم اڪلندو ويندو. ڊپ، اون ۽ سياٽپ جي نشاني آهي، پر جي حد کان نڪتو ته دل کي بي حد ده ده ڪرائي ساٽو ڪري وجهندو ۽ ماڻهو مورڇا ٿي پوي. ڪي اڌما دل کي سست به ڪندا آهن جيئن ته ڏک. اڌمن جا مرڪز مغز جي تري وارين چڏين ۾ ٿا ٿين. جن ۾ دل کي هلائڻ، ساهه کڻڻ، رت جي داٻ پوري رکڻ وغيره جا به مرڪز آهن، جن تي جياپي ۽ اڌمن جي ڪم جو مدار آهي. انڪري اهي چڏيون هر ڪنهن جانور ۾ قدرت ڪنهن نه ڪنهن تجويز سان ضرور موجود رکيون آهن.

بدن جو بجلي گهر: اسان جي بدن ۾ بجلي ڊوڙائڻ لاءِ اڌمي جي صورت ۾ ڇٽڪ هڪ طاقتور "ڊئنمو" موجود آهي جو ڏکئي وقت ۾ آئيءَ ويل سگهه پيدا ڪري عزت ۽ جان بچائي ٿو. اهي اڌما ته آهن جي خوف، خوشي، ڏک، ڪاوڙ، غيرت جي صورت ۾ وقت بوقت اسان جي جان، مال، اولاد، ملڪ ۽ عزت جا راکا بنجن ٿا، جن جي توهه ۽ طاقت تي لڙائي لاءِ به تيار ٿيو وڃجي. اڌمي اپرڻ سان ساري بدن جا وار ڪاندارجو وڃن ۽ سنسيءَ جي لهر رڳ رڳ ۾ اپريو اٿي، رڳو جي ڪنهن گذريل

واقعي جي يادگيري ئي خيال کي تحرڪ ۾ آڻي، يا ايندڙ حالتن جي ڳڻ ڳوت ڪنهن جذبي کي جهُبو ڏئي اپاري ته بدن جو سک ڦٽو. جذبن مان ڪي پنهنجي جان، ٻچن ۽ عزت جي بچاءَ جو سامان موجود ڪن ٿا ته ڪي ترقيءَ جي واٽ ڏسين ٿا.

جذبي کان سواءِ نه گهر هلي نه هر هلي. نه ماءُ ٻچي لاءِ ننڊ ڦٽائي نه مرد ڪٽنب لاءِ ڪمائي. سونهن جي احساس کان سواءِ نه شعر ٿهي نه راڳ، نه مصور پيدا ٿئي نه نقاش. الفت ۽ ڪلفت جو راز به جذبن ۾، راهه لڳائڻ وارا به اهي ته گمراهه ڪرڻ وارا به اهي، ٺاهڻ وارا به اهي، پر جي حد گذريا ته ڊاهڻ وارا به اهي، پوءِ مجنون ۽ بر، هلندو هل . دنيا جون موجون به اهي، مسئلا به اهي. جذبي کان سواءِ ماڻهوءَ ۽ پتر ۾ فرق ئي ڪونهي. جذبا تعليم سان ترقي ڪن، اعتدال سکن ۽ ٻين کي سکئي ڪرڻ جي واٽ ڏسين. پر انسان جو شان ان ۾ آهي ته ٻين جو به قياس ڪري. ٻين لاءِ به جيئي، نه ته سندس خير به شايد نه رهي.

اوائلي ۽ اعليٰ جذبا: خوف، خوشي، ڏک ڪاوڙ جهڙا جذبا اوائلي جذبا سڏبا آهن. چاڪاڻ ته پرينديٰ ئي سيني ۾ موجود ٿا ٿين. هر ڪو جيو، جيتامڙي کان ماڻهوءَ تائين پنهنجي ڏک، سک، لاڳيتن حالتن ۽ جان تڳائڻ ۽ بچائڻ جي طريقن جا اهڃاڻ ۽ مناسب بچاءَ جي هلت چلت ۾ پيڙهي به پيڙهيءَ ٻج جي معرفت پنهنجي اولاد کي، سندس جسمي ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پهچائيندو ٿو رهي. انڪري هر ڪو جانور پيڙهي به پيڙهيءَ زياده ڪڙڳ، هوشيار ۽ پنهنجي دائري جي تڪليفن کي منهن ڏيڻ لاءِ زياده خبردار ۽ ڪارائتو ٿيندو ٿو رهي. ٻيءَ صورت ۾ جي پوئتي پوندو ويو ته بيڪار به ٿي سگهي ٿو. ارتقا جي مدنظر فقط ترقي نه آهي پر لائقن جو چڙهڻ ۽ سستن جو ڊهڻ ٻئي سندس ڪرتب آهن.

انسان جي دنيوي وهنوار کي سڦلي ڪرڻ لاءِ ۽ ڪيس ترقي ڏيڻ لاءِ سندس ذهني طاقت ۽ ان کي ڪڙيءَ رسائڻ لاءِ سندس گهرو ڪيڙ، اسڪولي تعليم، مالي تسلي، سماجي ٺاٺ، قومي اقتدار ۽ ملڪي حرفيات يعني سندس تعليم جو ذخيرو ۽ تربيت نهايت ضروري آهن، جن جي گڏيل اثر هيٺ ماڻهو اعليٰ جذبا پرائي ٿو جهڙوڪ: قرباني، خيرخواهي، پاڪدامني، همدردي، اخوت، حب الوطني، قوميت، ڪل مخلوق جو ڀلو گهرڻ وغيره، جيترو ماڻهو خود غرضيءَ کان ميٺيرو، اوترو انسانيت ڏانهن زياده مائل يعني زياده ڪـِڙيل (ڪلچرڊ).

هرڪو تحرڪ ڪنهن احساس جو نتيجو آهي: ذهني انتظام جي انهيءَ قانون کي يعني ته مغز تيسين ڪو به تحرڪ بدن کي نه ٿو ڏئي، جيسين ڪيس ڪا خبر پهچي. ٻئي پاسي کان ڏسڻ سان اهو قانون به

ٻڌي سگهجي ٿو ته جڏهن به ڪا بدن ۾ ٿوري يا گهڻي چرپر پيدا ٿئي جيئن ته ڪو ٿڌو ساهه ڀري، آهه ڪري، ڪجهه چوي، هٿ پير يا ڪو به بدن جو ڀاڱو چوري يا منهن جو تاثر بدلائي، ڪا نه ڪا ويچار جوڳي خبر اچي وئي. پلي ڪو ننڍ ۾ ڇري پري ته به ڪا خبر مغز کي ضرور پهتي. شايد پاسو گرم ٿيو هوندس، اهنجو ليٽيل هوندو، ڪنهن مڇر يا منگهڻ چڪ هنيو هوندس، ڪو آواز ڪن پيو هوندس، ڪا ڪڙي باس آئي هوندس، سور جي ٿاٽ ايري هوندس وغيره. جاڳندي ته ويتر ڪيترا حواسي احوال ۽ خيال به شامل ٿي سگهن ٿا. ڪو ڏکويل ڏسجي، ڪو ويڻ ٻڌجي ته ٻت پڙڪي ضرور ڪائيندو ۽ مناسب تحرڪ اختيار ڪندو.

(7) مغزجون قرابتي تندون ۽ مرڪزن جو گڏجي ڪم ڪرڻ:

قرابتي تندون: مغزجي جوڙجڪ ۾ خابرو ۽ تحرڪي تنتن ڪان سواءِ ٽئين قسم جون تارون به عام جام ٿيون ٿين. جي فقط مغزجي اندر مختلف مرڪزن کي ڳنڍين ٿيون پر مغز ڪان ٻاهر ڪو نه نڪرن. انهن کي قرابتي تندون سڏجي ٿو. سندن ڪم آهي مغزجي خابرو ۽ تحرڪي مرڪزن کي پاڻ ۾ ۽ هڪ ٻئي سان ڳنڍي قريب ڪري، منجهن رشتا قائم ڪرڻ. اهڙن رشتن ۽ قرابتن جڙڻ سبب جڏهن به ڪا بدن ڪان خبر هڪڙي مرڪز ۾ پهتي ته ڪن ۾ ٻين تعلق دار مرڪزن ۾ خود به خود پکڙجي ويندي. انهيءَ لاءِ ته سڀ لاڳاپي وارا مرڪز خبردار ٿي پاڻ ۾ ملي ڪم ڪن جيئن ڪا اسيمبلي ڪم ڪري.

ذهني تنظيم ۾ ته قرابتي تندن جو ڪم ظاهر ڏسڻ ۾ ايندو. سمجهو ته پيلي مان لنگهندي ڪا شينهن جي گروڙ ڪن تي ٿي پوي، هاڻي مغز نه رڳو اهو آواز محسوس ڪندو پر ان سان گڏوگڏ ڪن ۾ شينهن جي ڀيانڪ صورت، سڀ تري ايندس. پوءِ جي نهه ٽپ فيصلو ڪري ٽپ ڏئي چڙهيو ڪنهن وڻ تي ته واهه نه ته آنڊا ٻاهر هوندس. ذهين مغزجي فضيلت اها آهي جو وقت جي نزاڪت خيال ۾ رکي، حالتن پٽاندر هڪدم ڇڏي! اهو سارو ولولو اهي قرابتي تارون ٿيون پيدا ڪن جي خابرو توڙي تحرڪي مرڪزن کي عام جام هڪ ٻئي سان ڳنڍيو بي شمار عڪسي پيچرا ٺاهيو وجهن، جن جي وسيلي اڪيچار ذهني عمل وقت بوقت ٿيندا رهن ٿا. اهي قرابتي سلسلا مغزجي ٻاهرئين پوري تهه ۾ ٿا جڙن.

هڪ طرفي چڪرجي ضرورت

عقل جي ڳالهه آهي ته ڪو به تحرڪ ڪارگر تڏهن ٿيندو، جڏهن ان جو رخ هڪ طرفو ڪبو. نار جو ڍينگو جي ڌري ابتو ڌري سبتو هلي ته کهڙي ڪم جو. ڪنهن وڏي ريلوي اسٽيشن تي ڏسبو ته گاڏين

جي هلڻ لاءِ ڪيتريون لائينون نظر ايندديون. جي سڀ ڪٽي نه ڪٽي آڏين لائين سان ڳنڊيل هونديون آهن. جڏهن به ڪنهن گاڏيءَ ڪي ڪنهن مقرر لائين تي آڻڻو هوندو آهي ته ڪانٽا متائي گهربل لائين کي سڌو ڪري ٻين کان بالڪل الڳ ڪري ڇڏبو آهي. اهڙيءَ طرح جو گاڏي سنئين سڌي هلي وڃي پوري پاسي کان نڪري.

مغز جي قرابتي تندن جو ڪم به ساڳيو اهڙو آهي، جهڙو ريل جي آڏين لائينن جو. البت مغز جون آڏيون لائينون ڳاڻاڻي کان ٻاهر آهن. پنجن - پندرهن جي ته ڳالهه ئي ڪانهي. ڪنهن سولي ڪم لاءِ به جهٽ پٽ هزارين لائينون قرابتي تندن جي وسيلي ڳنڍجو وڃن. هزارين روڪجو وڃن ۽ ماڻهو بي خطا مناسب نموني هلندو هلي، پر بعضي فيصلي نه هئڻ جي حالت ۾ ائين ته حوصلا خطا تي ويندا آهن جو مغز جا ڪانٽا بعضي هيئن ڦرن بعضي هوڻ ۽ ماڻهو به ذري هيڏي تئي ذري هوڏي تان جو سڌو آفت جي منهن ۾. ڪڏهن ته غلط فيصلي جو شڪار به ٿيو پوي. آزمودو هوندو ته ڪنهن ڏاڪڻ تان لهندي جڏهن ائين سمجهبو آهي ته هاڻي ڏاڪا پورا ٿيا تڏهن مغز به ٽنگن جي مشڪن کي سنوت تي هلڻ جو رستو جاري ڪري ڇڏيندو آهي، خبر تان پوندي جو اوچتو ڌم ڪري پير وڃي هيٺ پوندو آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ ڏاڪي لهڻ لاءِ مشڪن کي نه ضروري هدايتون مغز ڏنيون هيون نه انهن لاءِ وات ئي نا هي هئي.

<u>قوت فيصلي جي اهميت:</u> ظاهر آهي ته مغز اهو ڪارگر ٿيندو جو هوش حواس سنڀالي سچيتيءَ سان تهه پهه فيصلو ڪري عين وقت تي پنهنجو اختياري ڪم عمل ۾ آڻي. جي ”گول ڪيپر“ سيڪنڊ دير سان لت هنئي ته بال گول ۾ هوندو.

هٺتڻ ڪرڻ مان گهٽي قدر نقصان ئي نصيب ٿيندو. روز مره جي رواجي ڳالهين ۾ به جي فيصلو نه ٿي سگهندو هجي ته اڪر - پوري ڪري به ڳالهه جو نبيرو ڪري ڪم اڪلائي ڇڏجي ۽ پوءِ ان بابت خيال اصل نه ڪجي نه ته مغز کي سئي سڪيا نه ملندي.

ترت فيصلو ڪرڻ وڏي خوبي آهي، جا مغز ۾ جيترو جلد پيدا ڪري سگهجي اوترو چڱو. فيصلو ٿيو نه آهي مغز ڪانٽا متايا نه آهن ۽ پوءِ مغز لاءِ به ڪيڏو نه آرام. هٺتڻ مغز لاءِ وڏو ڪاپارو آهي. بعضي جي ڪا سماجي قانون جي خلاف اجائي لالچ مغز ۾ پيدا ٿئي ته هڪدم ان کان نفرت سان منهن موڙي دل جي دفتر تان لاهي مغز کي مونجهاري کان آجو ڪجي. هيئن ڪريان يا هونءَ ڪريان، هيئن نه ٿيو هونءَ ٿيو ڪرڻ سان ٿي خفي کي دعوت ڏيڻي ۽ پوءِ خفقان به پري ڪونه آهي.

قرابتي اصول: جڏهن بہ ڪي بہ شيون گڏ احساس ۾ اچي سچيتيءَ ڪي پهتيون، ايتريقدر جو حافظي ۾ جاءِ وٺي وڃن پوءِ جي منجهانئن ڪابہ هڪڙي ڪڏهن بہ محسوس ٿي تہ ٻيءَ جي سار پيدا ڪندي. مثال جي ڪن ٻن ڇٽن ڪي گڏ گهمندو ڏٺو ويو هوندو پوءِ جي انهن مان ڪو بہ هڪ نظر چڙهيو تہ ٻيو ياد پوندو. ڪو خاص عطر ڪم آڻيندڙ شخص، جي ڪٿي بہ اها بوءِ آئي تہ ياد ايندو، يا ان ڪي ڏٺو ويو تہ بوءِ ياد ايندي. ڪا نئين شيءِ ڪنهن مجلس ۾ ڏٺي هوندي تہ ان جي ٻيهر ڏسڻ سان اها مجلس اکين اڳيان تري ايندي. ڪنهن باغ ۾ ڪو ڪاڏل ميوو جي ٻيهر ڪٿي ڏسڻ ۾ آيو تہ باغ ياد ايندو.

قرابتي اصول نہ رڳو جنسي شين يا جيون سان لاڳو آهي، پر جذبن، خيالن، يادگيرين سان بہ ساڳيءَ طرح لاڳو آهي. جن مان ڪو بہ ٻئي ڪي ساڳين حالتن جي پيدا ٿيڻ تي اپاري وجهندو. قرابتي رشتن نهڻ لاءِ ڪنهن جاءِ جڳهہ يا وقت جي بہ ضرورت ڪانہ آهي. فقط ڪتاب جي وسيلي ئي ڪنهن شخص نظاري يا جذبي سان رفاقت ٿي سگهي ٿي ۽ جي من ڪي مراقبي ۾ ڦولهبو تہ اهڙا ڪيترا رشتا نڪري نروار ٿي پوندا، بعضي تہ ڪيترا خيال، شڪليون يا سارو ٽيون اپري اٿنديون آهن، پر سندن پتو ڪونہ لڳندو آهي تہ ڪيئن پيدا ٿيون.

لائڊ مارگن، اهڙين وساريل قرابتن جو هڪ دلچسپ مثال ڏنو آهي جنهن جو بنياد بہ ليي پيو. موسيقي محفل ۾ ڪا ساز جي گت ٻڌندي سندس خيال ۾ ڇپري تي چڙهندڙ باندرن جي شڪل مستقل طرح ياد ايندي رهي. کوجنا ظاهر ڪيو تہ ائن ورهين جي عمر ۾ ڪيترا ڀيرا هن اها گت ٻڌي هئي ۽ ڪيس ڪيچل ڪرڻ ڪان رڏل رکڻ لاءِ هڪڙو مورتن جو ڪتاب ڏنو ويندو هو، جنهن ۾ ڇپري تي چڙهندڙ باندرن جون شڪليون هيون.

قرابت عامي يا لهر: نکمٽائيءَ ۾ جڏهن مغز ڪنهن خاص خيال سان رڌل نہ هوندو آهي، تڏهن قرابت عامي ٿهي پوندي آهي، جنهن ۾ هيڏنهن هوڏنهن رشتن ٿهي پوڻ سبب ڪيئن خيال ڇڙي پوندا آهن، ڪي ڪٿان جا ڪي ڪٿان جا، ڪيڏهن پيا ايندا ڪيڏهن پيا ويندا، نہ رٽ نہ رس نہ منهن نہ سر. اهڙا خيال اڪثر ڪري مزيدار هوندا آهن. اهو ئي وقت آهي پنهنجي خيالن جي تپاس يعني مراقبي جو، جڏهن ڪنهن بہ خيال ڪي ڪٿي بہ روڪي سندس هر پهلوءَ ڪان پوري پرتال ڪري سگهجي ٿي. هلڪڙي نشي جو بہ مغز تي اثر اهو ٿيندو آهي جنهن ڪري ماڻهو موج ۾ اچي ويندو آهي. ڪن نفسيات جي ماهرن جو چوڻ آهي تہ سچيتيءَ جي سطح اندر هڪ اچيتيءَ جو پنبار بہ آهي، جنهن ۾ خيال عام جام موجود رهن

ٿا، پر اسان جي ڌيان تائين نٿا اچن، انڪري اسين انهن کان بيخبر ٿا رهون. اهڙا خيال مسمريزم جي اثر هيٺ ظاهر ڪري سگهجن ٿا.

(8) هٿرادو قرابتون يا شرطي عڪسي عمل:

فطرتي طرح ته جيئن ٻار وڌندو ٿو رهي، تيئن سندس علم ۽ عمل نت نوان قرابتي گهاٽ سندس مغز ۾ گهڙيندا ٿا رهن، پر اهڙا گهاٽ هٿرادو تجربن سان به گهڙجي سگهجن ٿا. جن کي شرطي عڪسي عمل يان "تڪون" چئجي ٿو.

بدني تنظيم جي هڪ روسي ماهر پاولو، ڪتن تي نفيس تجربن ڪندي ڏيکاريو ته فطرتي عڪسي عمل، جي دستوري طرح، فطرتي چونگن تي ڪم ڪندا رهن ٿا، تن کي هٿرادو چونگن سان به تحرڪ ۾ آڻي سگهجي ٿو. هن تجربي هيٺ آڻڻ وارن ڪتن تي آپريشن ڪري گگ، جي گلتيءَ واري نالي هر هڪ جي ڳل جي ٻاهريان اهڙيءَ طرح اتڪائي ڇڏي، جو جيڪا گگ جڙي ته ٻاهر نڪري اچي ۽ اندر وات ۾ نه پوي جيئن معمول آهي. گگ جي ڳڙڻ مان هڪ ته اها خبر ٿي ملي ته سواد جو عڪسي چڪر جوش ۾ اچي ويو ۽ ٻيو گگ جي انداز ماپڻ مان اهو پتو به ٿي لڳو ته ڪيتري قدر جوش ۾ آيو، گهٽو يا ٿورو. اهو عڪسي ڪم ته ماڻهوءَ ۾ به خوب هلندو آهي. اجا ڪتاڻ تي نظر پئي ته وات پاڻي ڪندو يعني ته گگ ٽپڪي يا ڪاڌو وات ۾ پيو ته پڪ هڪدم نڪري گرهه کي لوڻڻ لڳندي، ڪُتي کي به ڪاڌو وات ۾ پيو ته گگ نڪتي.

جيڪو پاولو راز ڳولي لڌو سو هي ته ڪتي کي سکيا ڏيڻ سان هٿرادو چونگن تي هيري شرطي عڪسي عمل پيدا ڪري سگهجن ٿا، جي نه رڳو فطرتي طرز عمل تي ٻڌي ٿا سگهجن، پر غير فطرتي طور تي به. هن ڏيکاريو ته ڪتي کي جي ڪاڌي ڏيڻ سان گڏ يا ٿورو اڳي گهنڊڻي وڄائبي رهبي ته ڪتو ٿورن ڏينهن ۾ گهنڊڻيءَ وڄڻ کي به ڪاڌي جو اشارو سمجهندو ۽ گگ ڳاڙڻ شروع ڪندو، ڪاڌو ڏجيس يا نه. انهيءَ گهنڊڻيءَ جي چونگ جيڪو ڪاڌي جو ڏسڻ يا سنگهڻ واري فطرتي چونگ وارو ڪم ڪيو يعني ته گگ ڳاڙي، ان کي شرطي عڪسي عمل چئجي ٿو. اهو شرطي عمل ته فطرتي عمل سان متفق ٿيو چاڪاڻ ته ٻنهي جو نتيجو ٿيو گگ پيدا ڪرڻ. پر شرطي عڪسي ڪم فطرتي عمل جي ابتڙ به ٿي سگهي ٿو. جو ڪتي کي ڪاڌي کان ٿورو اڳي يا گڏ ڪو اثرائتو ڪهڪاءُ به ڏئي ڇڏبو ته گگ نڪرڻ هيڪر ته مورڳو رڪجي ويندي. جي ڪتو ڪنهن در مان لنگهي ۽ بجليءَ جو جهٽڪو ڏجيس ته جلد

ٿي انهي در ڪان وڪ ٿي ڪانہ پوندس. ڪن ڪتن کي مارفيا جي سئي لڳائي ويئي جا ڪتي کي آنڌ مانڌ پيدا ڪري آت ڏياريندي آهي، ٿورن ڏينهن ۾ اجا تجربيڪار کي هٿ ۾ سئي ڏنائون تہ آت شروع ٿي ويندن. ماڻهوءَ سان بہ ساڳيو ئي قانون لاڳو آهي، ڪنهن اُگري شئي جي ڪائڻ سان جيڪا بدن کي پريشاني ٿي هوندي، سا ٻئي ڀيري ان جو ڏسڻ سان ئي شروع ٿي ويندي. ڪتيءَ کي لڳا هئا اُمڙ تہ تارا ڏسي ٿي ڪوڪات ڪيائين.

پاولو جا تجربا ايڏي عقلمنديءَ سان رٿيل ۽ ايتري عمدگيءَ سان عمل ۾ آندا ٿي ويا، جو انهن جا نتيجا سيڪنڊ بہ سيڪنڊ ڪل وانگر ملندا هئا. ڏنو ويو تہ ڪاڌي ملڻ وقت جي ڪتي جو ڏيان ڪاڌي ڏيندڙ جي شڪل يا ڪنهن آواز ڏانهن ڇڪجي ٿي ويو تہ نتيجا ايترو صحيح نٿي مليا، جن تي ڪو تحقيقاتي اصول ٻڌي سگهجي. انڪري جلد ئي اهڙو بندوبست رٿيو ويو جو سارو ڪم بنا آواز جي بجليءَ تي ٿيندو ٿي رهيو، بٽڻ دٻايو تہ ٿلي بہ وڳي ۽ ڪاڌو بہ اڳيان پهچي ويو. ڪن ڪتن کي وري گهنڊڻيءَ جي عوض ڪنهن بتيءَ جي چمڪي تي ڪم ڪرايو ويندو هو، پر ڳالهہ تهان ئي تيتري ٿي بيٺي.

<u>ڪتن جي وقت جي پابندي:</u> وري ڪتن جي وقت جي عبرت خيز ڪٿ جو داد بہ ڏيو. ڏٺو ويو تہ جي ڪاڌي ڏيڻ ڪان اڳي پورا ٽي منٽ گهنٽي وڄائي ٿي ويئي تہ ڪتو بہ جلد ئي سکي ٿي ويو، ۽ گهنٽيءَ جي پهرئين ٺڪاءُ تي نہ پر پورن ٽن منٽن ڪان پوءِ گگ ٿي ڳاڙيائين. جي گهنڊڻي وڄائي بند ڪرڻ ڪان پورا ٽي منٽ پوءِ ڪاڌو ڏبو هو، ڪتا بہ پورن ٽن منٽن ڪان پوءِ گگ ڳاڙيندا هئا. ڏٺو ويو تہ اڌ ڪلاڪ تائين بنهہ پورو وقت ٿي رکيائون.

<u>شرطي عڪسي عملن کي ڦيرڻ:</u> هڪ واريءَ ٽڪ ٻڌي ڪنهن شرطي عمل کي پڪو ڪرائي وري ان کي ڦٽائي بہ سگهجي ٿو، جيئن تہ گهنڊڻي وڄائجي پر ڪاڌو نہ ڏجي رفتي رفتي گگ وهڻ گهٽبي ويندي ۽ ڏهاڪي ڏينهن ۾ روڪجي ويندي. البت ڏٺو ويو تہ ڪنهن بہ پوري ڄميل شرطي عمل کي صفا ڪڍي ڇڏڻ ڏاڍو مشڪل ٿو ٿئي.

تجربن ظاهر ڪيو تہ جانورن جو ڪو بہ ڪم هترادو چونگ ڏيڻ سان شرطي عمل بنائي سگهجي ٿو، بشرطيڪ اُها چونگ ايتري تيز نہ هجي جو پنهنجي ذاتي زور تي ڪو ڪم ڪرائي سگهي. جيڪا چونگ ڏکوئيندڙ يا ڏيجاريندڙ هوندي تہ جانور جي ڪيتري بہ تعليم بيڪار ويندي. ڪتن کي ڏٺو ويو تہ تيز يا

هولناڪ آواز تي گگ نتا ڳاڙين. نڪي ڪو تيز بجليءَ جو اشارو ڪارگر ثابت ٿيو. پر هلڪي ايذاءَ جهڙوڪ ٿوري سئي جي چُڀڪي تي گگ ڳاڙيو ڏين.

ڪتي جي امتيازي حد: شرطي عملن جي سلسلي ۾ ڪتي جي تفريقي امتياز تي به ڪافي روشني پئجي چڪي آهي. ڪتي کي سيکاري سگهجي ٿو ته گول شڪل کي ڏسي گگ ڳاڙي ۽ پوءِ جي بيضوي شڪل تي ڏيکارجيس ته نتو ڳاڙي. هاڻي جي آهستي آهستي بيضوي شڪل کي زياده گول ڪبو وڃبو ته ڪنهن هنڌ اچي گگ ڳاڙيندو. ۽ اها هن جي امتيازي حد چئبي، جتي گول ۽ بيضوي شڪل جي فرق محسوس ڪرڻ کان قاصر رهجيو وڃي. اهڙيءَ طرح ٻن آوازن جو فرق يا رنگن جو اثر جاچي سگهجي ٿو.

تجربن مان ائين به ظاهر ٿيو ته ڪتي جي نظر ماڻهوءَ کان گهٽ درجي جي آهي. پر ٻڌڻ جي طاقت گهڻو بهتر ۽ سنگهڻ ۾ ته شايد ئي ڪو جانور پهچيس.

پوائٽين ۽ مزيدار چونگن جو گڏيل اثر:

حيرت جهڙو تجربو هي ٿيو ته شرطي تڪ ٻڌل ڪتي کي گهنڊڻي وڄائي يعني کاڌي جي شوق ۾ آڻي جي تيز هوا يا بجليءَ جي ڌار تي ڏجي ته ايترو پريشان ۽ خوفزده ٿيو وڃي جو وار ڪڙا ٿيو، اکيون ڦاٽيون وڃنس ۽ ماندو ٿيو وڃي، ٿورن آزمودن کان بعد کاڌو اڪڙيو وڃيس موڳو ٿيندو مورڇا ٿيو پوي، جيئن ماڻهو ڪنهن سخت ڪشمڪش ۾ اچي ڦرڪي پوندو آهي. هڪڙي ڪتي تي ته اهڙي تجربي جو اثر ٽيرهن ورهيه هليو.

ماڻهوءَ جي لاءِ به هن کان وڌيڪ تلخ تجربو ڪهڙو ٿيندو جو فائدي جي آسري ۾ رکي نقصان ڏجيس. سخت صدمو اتي ئي رسندو، جتي بهتريءَ جي اميد ۾ بدتري پرائجي. جاڙ ڪرڻ ان کي چئبو آهي. وڃجي سگهن لاءِ ته ڪن به ڪپائي اچجن.

ماڻهوءَ ۾ شرطي عمل: امريڪن من ودوان وٽسن، ٻارن تي ڊپ جي اثر بنسبت تجربا ڪيا جن مان ظاهر ٿيو ته ٻار کي ٽي ڳالهيون فطرتاً ڊيڄارين ٿيون: (1)سور (2) ڪرڻ جو احساس (3) زوردار آواز. جي انهن سببن مان ڪنهن سان به ڪو شرطي اهڃاڻ شامل ڪبو ته اهو به خوف پيدا ڪندو.

وٽسن رقمطراز آهي ته ائلبرٽ يارهن مهينن جو ٻار آرام سان پنهنجن سهن، ڪئن ۽ ٻين جانورن سان کيڏندو هو. تجربي جي پهرئين ڏينهن، هڪڙو اڇو ڪئو جنهن سان هن کي هفتا راند ڪئي هئي،

اوچتو ڇڀيءَ مان ڪڍي سنڌس اڳيان رکيو ويو ۽ ائلبرٽ پنهنجو ڏائو هٿ ان ڏانهن وڌايو. اجا هن جو هٿ ڪئي کي لڳوئي مس ته ڪياڙيءَ وٽ هڪ لوهي لٺ تي ،ڇُرڪي جو سخت ڌڪ لڳو. ٻار ڇرڪ ڀري آڏو اٿلي پيو ۽ پنهنجو منهن هنڌ ۾ هٽڻ لڳو پر دانهن ڪانه ڪيائين. اهڙي ڪيترين وارداتن کان هفتو پوءِ ساڳيو ڪئو سنڌس سامهون آندو ويو. ٻار ڪَئُـ ڪائي هيسجي رڙڻ لڳو ۽ پاسو ورائي چؤ پيرو ڀانبڙا ڏئي وڃي هنڌ جي ڇيڙي تي پهتو. پوءِ ته ائلبرٽ جو اهو شرطي عمل جو خوف، هر قسم جي ٻوجري جانور، سهي، ڪتي بلڪ پشميني جي ڪوٽ ۽ ڪوچ تائين وڃي پهتو.

<u>اهڙا شرطي ڊپ وري لاهي به سگهجن ٿا:</u>

وٽسن هڪڙي ٽن سالن جي ٻار پيٽر جو ذڪر ٿو ڪري، جنهن جو سهن لاءِ شرطي پيدا ڪيل ڊپ هن طرح لاٿو ويو. هڪڙي پڇري ۾ بند ٿيل سهو هڪ ڊگهي هال جي هڪڙي ڇيڙي تي رکيو ويو. جنهن جي ٻئي ڇيڙي تي پيٽر کي کاڌو ڏنو ويو. جيئن هي کائڻ کي وڇڙيو، تيئن سهي کي ويجهو ويجهو آندو ويو ۽ جتي پيٽر ۾، ڇورا ڪورا ڏسڻ ۾ آئي، اتي ان کي روڪيو ٿي ويو. روز بروز سهو ٿورو ٿورو اڳيرو ڪندي نيٺ حالت اتي اچي پهتي جو پيٽر جو هڪڙو هٿ مانيءَ ۾ ته ٻيو سهي ۾.

ڏنو ويو آهي ته جوانن تي ڪنهن به ٽڪ ٻڌڻ لاءِ گهٽو جهد ڪپي، ڇاڪاڻ ته هو عقل کان ڪم وٺيو پاڻ بچايو وجن. البت جي سمجهه ڪتي ڪتي ته پوءِ ته شرطي ڪم آسان آهن. ڪنهن مت موڙهي تي ڇٽر ٺاهڻ به شرطي عمل جو هڪ نموني آهي. اسان جا آزمودا ۽ اسان جي تعليم اهڙا شرطي عمل ڳنڍ ٻڌايو ڇڏين جي مرڻ تائين پڇر نٿا ڇڏين. ”بهيوئرسٽس“ يعني مشاهدي، جن جي دلچسپي انسان جي عمل ۾ آهي سي ته ماڻهوءَ جي هر هڪ فطرتي عمل کي عڪسي عمل ۽ هرهڪ پرايل عمل کي شرطي عڪس عمل ٿا نهرائين، جنهن کي ”نيئوائسوسيئيشنزم“ چيو ٿو وڃي. ائسوسيئيشنزم جو مرڪز هو احساس ۽ هن جو آهي عمل. شرطي عملن مراقبي جي پوئلڳن کي گهٽو دلگير ڪيو.

اختياري يعني ارادي عمل ۽ عڪسي عمل ۾ فرق اهو آهي جو عڪسي عمل بنا خيال جي ٿيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ان لاءِ مغز ۾ پيچرا نهي چڪا آهن. ارادي عمل خيال سان ڪرڻو پوندو. جيسين عادت ان جا پورا پيچرا مغز ۾ ناهي. جڏهن پهرين ٻار پنڌ ڪرڻ سکندو آهي يا وڏي هوندي سائيڪل هلائڻ سکبي آهي ته ارادي سان پاڻ کي انهيءَ عمل ڪرڻ تي هيرجو آيو. جڏهن مغز ۾ انهيءَ ڪم جا گهاٽ گهڙجي ويا ته ٻار لاءِ پنڌ ڪرڻ يا وڏي لاءِ سائيڪل هلائڻ هڪ عڪسي عمل ٿيو وڃي.

(9) ماڻهوءَ ۽ ٻين جانورن جي مغز ۾ فرق:

مغز ۾ احساسي ۽ تحرڪي مرڪز بنهه ٻنو ٻني سان ٻٽ تا ٿين. انڪري قرابتي تندن ڪي ڪو پري وڃڻو ڪونه ٿو پوي. جتي احساسي خبر پهتي ته بنهه ڀر کان تحرڪي حڪم نڪتو. تحرڪي ايراضيءَ جي اڳ واري جاءِ قرابتي تندن سان ڀريل آهي ۽ ان جي اڳ کان پيشانيءَ وارو پاڳو سوچ ۽ سمجهه جو حصو ليکيو ٿو وڃي، جتي آئيندي بنسبت پيچ-گهڙ جي لڳ لاڳاپن جا مرڪز آهن. نون ڪمن جو ستاءُ هتي ٿو ٿئي. نراڙ تي ڌڪ لڳڻ سبب ممڪن آهي ته هر ڪنهن قسم جي اڳڪٿي ڪرڻ جي طاقت ويندي رهي ۽ ڪنهن نئين ڪم ڪي ڪامياب ڪرڻ جي همت ئي نه ٿئي ۽ ماڻهو مستقبل جي ويچار لاءِ بنهه قاصر ۽ پست همت ٿي پوي. نراڙ جا ڌڪ سمجهه ڪي گهڻو نقصان تا پهچائين. قرابتي تارون انهيءَ هنڌ ۾ گهٽيون ٿيون ٿين. قرابتي تندن جي ڦهلايل خبرن ڪي چنڊي ڇاڻي ڪنهن نتيجي تي پهچڻ ڪي ته سمجهه چئجي ٿو. مغز جي پيشانيءَ واري حصي جي پوئتان ڳالهائڻ جو مرڪزي آهي ته ان جي هيٺان اک ڪي چورڻ پورڻ وارين تحرڪي تنتن جا مرڪزاحساسي جو پٺيون پاڳو وري احساسي تنتن سان ڳتيل آهي. لئوندڙيءَ وارو حصو ٻڌڻ جي احساس ۽ ساڻس لاڳاپيل مرڪزن جي تارن سان ڀريل آهي، ڪياڙيءَ وارو پاڳو ته سارو ڏسڻ جي بندوبست سان رڌل آهي. مغز جي ٽري واريون ڇڏيون جذبن ۽ جياپي جي بندوبست ۾ محو. سارا اندريان عضواساڻن لاڳاپيل. هيٺين جانورن جي نفسي اوتن جي جاءِ به اها آهي.

مغزجي ارتقائي نقشي ۾ ڏسبو ته مغزجي ٽري واريون ڇڏيون هر ڪنهن جيو ۾ آهن ڇاڪاڻ ته انهن جو ڪم آهي حياتيءَ سان، ۽ حياتي ته هر ڪنهن لهڻي. اڳتي جيئن جانور سمجهه ۽ سرس ٿيندو وڃي، تيئن سندس مغزجي مٿي گولائي به وڌندي وڃي. ننڍو مغزوري پکين ۾ سرس پيو ڏيکارجي. ڇاڪاڻ ته ان جو ڪم آهي جانور ڪي توازن ۾ رکڻ، جيئن ساڄو کاٻو ٻئي پاسا هڪ ڪرا رهن. ۽ اڏامندڙ پکين ڪي ته هموار رهڻ جي زمين تي هلندڙ جانورن کان ظاهرظهور زياده ضرورت آهي.

(10) مغزجو سامان ۽ سندس شعبا:

مغز جي بناوت مان معلوم ٿيو ته (1) اوتن ۽ جذبن جي جاءِ تر ۾ اٿس ۽ اهو سندس اوائلي ۽ بنيادي حصو آهي (2) حواسن جا مرڪزچؤ ڦير ورڇيل اٿس (3) بت ڪي چورڻ لاءِ تحرڪي مرڪز ۽ تارون اٿس (4) قرابتي تندن جي وسيلي ڦهلايل خبرن ڪي چنڊي ڇاڻي سوچڻ سمجهڻ ۽ سرت جو سامان اٿس.

مغز جي بناوت مان مغز جون مشغوليون ٻه ظاهر پيون معلوم ٿين: (1) اڏمن ۾ حواسن سان بدن جون اندريون ۽ ٻاهريون حالتون معلوم ڪرڻ (2) انهن ڪي ويچار ۾ آڻڻ ۽ (3) فيصلي موجب ٻت ڪي چورڻ يعني ته احساس، خيال ۽ اختياري عمل. احساس سان پنهنجي آسپاس کان واقف ٿئي، خيال سان انهن جي چڱاين مداين ڪي پروڙي ۽ عمل سان وٽيس ته انهن جي ويجهو وڃي يا پٺي پاسو ڪري. ڪيس پورو اختيار آهي ته حالتن جي مدنظر تي جيئن وٽيس تيئن ڪري. نفسيات جو تعلق ٻه ماڻهوءَ جي فقط احساس، خيال ۽ عمل سان آهي جتي ٻه ڪنهن ڳالهه جو اثر خيال يا عمل تي پوي ته نفسيات ڪي ويچار ڪرڻو ٿيندو.

ارتقا: مطلب ته اهو مغز آهي جو حواس هلائي ضرورتن موجب پنهنجا اندريان ٻاهريان ڪم ڪندو ٿو رهي. هٿ پير ته فقط سنڌس هٿ ٺوڪا اوزار آهن، جي سنڌس آگيا انوسار گهربل ڪم ڪندا ٿا رهن. مغز ڪٿي الر ڪرڻ جو حڪم ڏئي ته ڪتي ڪـَـٺـَـ ڪائي جان بچائڻ جو، اختيار سنڌس تعميل بدن جي. مغز موڳو ٿيو ته جان بچائڻ مشڪل. دنيا جون اچلون، ارڏايون ۽ ڪشمڪشون ته مغز ڪي اجارين ٿيون نه ته سنڌس جوهر ڪيئن کلي. جڏهن وات وجائي اوجهڙ نڪري وڃبو آهي، تڏهن ته مغز تي بار پوندو آهي ته سمجهه ساڻي ڪري حافظي جي حوصلي ڪي تاڻي، همٿ سان حيلو ڪري وري دڳ لڳي. تڪليف آئي مونجهارو ٿيو پر مغز ڪي ٻه ڪافي ورزش ملي ۽ حوصلو ٻه وڌيو.

ڏکين حالتن ڪي سلجهائڻ جي ڪشمڪش ۾ تدبر سان پير جهلي اسرڻ ۾ ته ترقيءَ جو راز رکيل آهي، مغز جي خوبين ۽ خامين جي پرک ۽ سنڌس برتري دنيا جي ڪارزار ۾ آهي نه تياڳ ۾. ڪٺ تان لهي جو پٽ تي ستوان ڪي ڪرڻ جو ڏپ ته ڪونه آهي پر پوئتي ويو نه اڳتي.

ماڻهوءَ جا ڪي خيال پراڻا تي بيڪار سمجهجي ميسارجيو وڃن، پر وري دماغي ضعف جي حالت ۾ ڪنهن نه ڪنهن مهل ٻي جوڻ ۽ ٻئي روپ ۾ موٽيو اچن. اسلام جي اچڻ کان پوءِ تياڳ ته رخصت ورتي پر وري انڪساريءَ جي روپ ۾ "خاڪ شو پيش از آنڪ خاڪ شوي" جي شڪل وٺي اچي سهڙيو. هي رڳو پستيءَ جو دلاسو آهي.ترقيءَ جي راهه فقط اها آهي جو چئجي ته "همت مردان مدد خدا."

ڪم ڪرڻ کان آءُ هٽندس مور ڪين،
جي ميس ته ٻه مون ڪي چوندا آفرين.

مطلب ته بدن جي ٿوري يا گهڻي چرپر مطلب سان آهي، مغز جي مرضيءَ مطابق آهي جنهن لاءِ ڪيس هرڪو حق حاصل آهي ته ان ۾ حالتن موجب اهڙي ڦير گهير ڪري جنهن سان مطلب ڪي رسي. مغز جي احساس، خيال ۽ اختيار جو شغل هر وقت جاري آهي، جنهن جي مدنظر ڪونه ڪو آئيندو مقصد آهي ئي آهي ۽ هو ان ڏانهن پوري توجهه سان قدم کڻندي به ايتري آسانيءَ سان هلندو ٿو رهي جو گهڻو ڪري اسان کي خبر به ڪا نه ٿي پوي ته ڇا پيا ڪريون. ائين پيو پائيبو ته جيئن نه ڪو ٻيو هٿ اسان کي وٺي پيو هلندو هجي ۽ اسين بنان چون چرا جي هلندا وڃون. مغز جي اها روش ٻاراڻيءَ وهيءَ ۾ مائٽن ۽ ٻين لاڳاپي وارن ننڍن وڏن سان جدوجهد ۾ ائين ته ٺهيو وڃي جو وڏي هوندي به ساڳئي نموني از خود هلندي هلي. جتي ڪن نين نرالين حالتن جي پيدا ٿيڻ ڪري ڪنهن ڦير گهير جي ضرورت ٿئي ته اتي ئي احساس ٿيندو آهي ته ڪجهه ڪري رهيا آهيون.

مغز جو پهريون ڪم آهي جان بچائڻ ۽ تڳائڻ ۽ ٻيو پنهنجي لاءِ بهتريءَ جو سامان موجود ڪرڻ. ضروري آهي ته هن کي مخالفن سان مقابلو رڻو ۽ ڪرڻو پوي. انڪري سندس روش جو رخ هار-جيت جي سلسلي ۾ اٽڪيل ئي رهندو. هار پست همت ڪندي، نراسائي ڏيندي ۽ ڪَـئَـه ڪارائي قدم هٽائي ويندي. اهڙي وقت ۾ وري پنهنجي طاقتن کي هيڏهن هوڏهن گڏ ڪري همت ٻڌي جوابداريءَ ۽ دل جي صفائيءَ کي ساٿي ڪبو ته وري به آسن اميدن سان پاڻ کي مقابلي جي پهرين صف ۾ ڏسبو.

ظاهر آهي ته اسان جي روش جو هر هڪ فعل سماجي ماحول جي ڪشمڪش جو نتيجو آهي، مغز کي ته هميشه سماجي مسئلن کي منهن ڏيڻو ۽ شراڪتي مشڪلن کي حل ڪرڻو آهي، انڪري جي ڪنهن جي خيالن کان واقف ٿيڻو هجي ته ڏسجي ته پنهنجي لڳ لاڳاپي وارن سان ڪيئن ٿو هلي. اسان جي فعلن مان اسان جا خيال ۽ خواهشون ظاهر ٿيو پون.

باب چوٿون

احساسن مان فعل جو پيدا ٿيڻ

ڪن عام جذبن جا ظاهر بدني اطوار

چال جا جزا افعال آهن، افعال اختياري آهن. اختيار خيال جو نتيجو ۽ خيال احساس جو. نه مغز ڪي ڪو احساس هوشيار ڪري نه مغز بدن ڪي چوري. احساس ڪنهن نه ڪنهن وٽندڙ يا اٿوٽندڙ حالت ڪان مغز کي واقف ٿو ڪري ۽ مغز انهيءَ حالت مان حاصل ٿيندڙ سک يا سور کي ويچار ۾ آڻي، بدن کي ان ڪان پري ٿيڻ يا ان کي اوري اچڻ جو فعل ٿو پيدا ڪري يا ته فقط ان لاءِ رغبت يا نفرت جو اظهار. بدن جي کهڙي به پاڱي جي ظاهري چرپر، هٿ پير هلڻ، ڪلڻ يا منهن جي بنهه هلڪي مرڪ يا گهنڊ، پڌرو ٿا ڪن ته مغز جي اندر ڪو نه ڪو احساسي سلسلو ضرور جاڳيو. ڇاڪاڻ ته ڪو به بدني تحرڪ احساس جي پيدا ٿيڻ ڪان سواءِ ٿي نٿو سگهي.

رواجي آزمودا آهن ته نقصان جي خبر ملڻ تي ڏڪيرو ٿي روئبو، نانگ کي الر ڪندو ڏسي ڊڄي ڀڄبو، ڪنهن جو ويڻ ٻڌي جوش کائي جهڳڙو ڪبو. ٻئي طرف ڪان وري ڪنهن جي ظاهري هلت مان چئي سگهبو ته سندس من ۾ ڇا ٿو وهي واپري. ڪنهن کي رئندو ڏسي سمجهبو ته ڏک اٿس، ڪنهن کي ٻچندو ڏسي پائبو ته ڏنل آهي، ڪنهن کي جهڳڙندو ڏسي معلوم ٿيندو ته ڪاوڙ ۾ آهي.

اهڙيءَ طرح هلت مان خيال ۽ خيال مان هلت جو اندازو ڪرڻ، نفسيات جو هڪ مکيه دلچسپ عملي مشغلو آهي ته ڪنهن جي ڪا روش ڏسي ڪيئن سمجهجي ته سندس مطلب ڪهڙو ۽ نيت ڪهڙي يا ڪنهن جي خيالن ڪان واقف ٿي ڪيئن پتو لڳائجي ته اڳتي هلي هو ڪهڙا پير کڻندو.

مٿي ڏيکاريل ٿي مثال ته ايترو عام آهن جو هر ڪو ڄاڻين سڃاڻين. معمولي مغز وارو ماڻهو به ڪنهن جي اهڙي ظاهري روش مان هڪدم سمجهي ويندو ته ڏک اٿس، ڊپ اٿس يا ڪاوڙ. پر گهڻو ڪري اهڙيون پيچيديون هلتون به ڏسبيون. جن ۾ مطلب معلوم ڪرڻ آسان نه به هجي، باقي نيت ته سندس فعل مان ئي ظاهر ٿي پوندي.

مئڪڊوگال هن مسئلي کي هڪ عام آزمودي جي روشنيءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جڏهن ڪو ڪنهن فقير کي ڪجهه پيسا ڏئي ٿو ته سندس نيت ته ظاهر آهي ته پيسن ڏيڻ جي هئي، پر مطلب ڪهڙي سان ڏنائين اهو جاچڻو پوندو. شايد (1) جند ڇڏائڻ لاءِ بي همتي ڪري ڏنائين (2) رحم ڪري يا (3) وڏائي ڏيکارڻ لاءِ. تنهي جذبن جي روش ڌار ڌار ٿيندي. جي لڙل منهن سان هيڏي هوڏي نهاري، بيدلو ڪيسي ۾ هٿ وجهي هٿ ڪيهائيندي ڏنائين ته سمجهبو ته آزار ٽارڻ لاءِ ڏجي ڏنائين، جي سندس چهري ۾ هن لاءِ ديا ۽ دلچسپي ڏسڻ ۾ آئي، سندس هلت ۽ ڳالهاءَ سانتيڪا رهيا ۽ وري وري فقير کي ٿي ڏنائين ته رحم جي ڪري ڏنائين. جي منهن مٿي جهلي ڪو سڪو بيخياليءَ سان ڪڍي ٿانءِ سان ڏنائين ته وڏ ماڻهپيءَ خاطر.

پلا ڪنهن جي خيالن معلوم ڪرڻ لاءِ اسان کي ڪنهن جي مغز سان ڪو سڌو تعلق ته آهي ئي ڪونه. ايترو آهي ته ماڻهوءَ ذات جي ذهنيت ۽ هلت گهڻي قدر ساڳي ٿي رهي. انڪري هر ڪو پنهنجي دل تي هٿ رکي پنهنجن جذبن، خيالن، عملن جي مدنظر تي گهڻي قدر پيٽ ڪري اندازو ڪري سگهي ٿو ته اهڙن وقتن تي ٻين جي مغز ۾ به ائين وهندو واپرندو هوندو جيئن سندس مغز ۾. وري ٻين کي باريڪيءَ سان جاچڻ تي معلوم ٿيندو ته انهن جا آزمودا به ساڳين حالتن ۾ اهڙا ئي ٿا ٿين ۽ فرق ڪي ٿورا. پر فرق بعضي ڪافي وڏا ٿا ٿين، ڪنهن جي ڪهڙي سمجهه ته ڪنهن جي ڪهڙي، ۽ هلت به اوترئي مختلف.

ائين به آهي ته پنهنجن فعلن کي بيريائيءَ سان پورو پارکو ٿي ڏسڻ به ڏکيرڙو ڪم آهي. پنهنجي غلطي مڃڻ لاءِ به همت کپي، انڪري ته پنهنجن اخلاقي اوڻاين جو بار شيطان تي اڇليو ويندو آهي. پر هتي ته ڏوهه ثواب جي ڳالهه ئي ڪانهي فقط پاڻ کي جاچڻو آهي ته مون جو ڇرڪ پريو، تڏو ساهه کنيو، آواز ڪڍيو، ابهرو ٿيس، ان ڪان پهرين مون ۾ ڪهڙو خيال اٿيو. ڪهڙو اڏمو اپريو. انهيءَ دستور پنهنجن هلتن ۽ خيالن جي ڳچ سلسلن کي جاچي، پوءِ ٻين جي هٿن پيرن، منهن، سيني ۽ ڳلي جي مختلف تحرڪن مان گهڻي قدر اندازو لڳائي سگهبو ته انهن جي مغز ۾ ڇا ٿي وهيو، واپريو. ساڳيءَ طرح روئڻ، کلڻ، لڱ ڪاندارجڻ يا بت جو پگهرجڻ وغيره سڀ ڪن مغزجي حالتن پٺاندر پيدا ٿيندا ٿا رهن. انهيءَ ترتيب سان جي پنهنجا آزمودا هندائي اٿلائي، پٿلائي، ٻين جي روش سان لاڳو ڪري غور ڪبو ته گهڻي قدر ٻين جي ذهنيت، يعني سندن اوڻون، احساس، جذبا، خيال ڄاڻائيءَ سان تاڙي وجبا ۽ ڪنهن حد تائين ڏوڪي ڪائڻ کان بچي وجبو.

هاڻي جي ويچار ٿو ڪجي نفسياتي علم جي فائدن جو ته ڪا به اهڙي ماڻهوءَ جي مشغولي نه ڏسبي، جتي هي علم ڪارائتو نه ٿئي. پينگهڙي کان قبر تائين. ٻار جي نيپاج ۾، تربيت ۾، حڪمراني، انتظامي، قانوني ڪاروائين ۾، هر گهڙيءَ، هر هنڌ جتي به ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان تعلق آهي اتي هن افضل علم جي ضرورت ظاهر آهي. اسڪول، اسپتالون، بازار يا ڪارخانو، آفيس يا ميدان جنگ، مطلب ته هر ديني توڙي دنيوي نقطہ نظر کان هن علم کي نظرانداز ڪرڻ معنيٰ ڪاپارجڻ. پنهنجي ذاتي علم کان ڪو به ٻيو علم بهتر ٿي نٿو سگهي. ڪيڏي موٽر ڪار جو علم، ڪيڏي پنهنجي جيءَ جو علم! پنهنجي اڌمن، خيالن، امنگن، افعالن ۽ چالن کي سمجهڻ پنهنجن ۽ ٻين جي ڪوتاهين، چالاڪين، مڪارين، حرفتن، هنرن، ڏوڪيبازين کي ڄاڻڻ سڃاڻڻ وارو علم ڪو جهڙو تهڙو ته ڪين چئبو. حقيقت ۾ ٻين جي حرفتن ۽ چالاڪين جو شڪار ته ڪڏهن ڪڏهن ٿو ٿجي، پر پنهنجي خيالي ڏوکن ۾ ته هميشہ اٽڪيل ٿو رهجي. واقعي پنهنجو مغز، جي مونجهاري ۾ پيو ته اسان کي ٻين کان گهڻو برغلائيندو ٿو رهي. هتي آهي پاڻ سڃاڻڻ جي ضرورت ۽ اهميت. ماڻهو هميشہ انهيءَ ڏوکي ۾ رهندو آهي ته آءٌ سچو ٻيا ڪوڙا. اسين شريف ٻيا ڪميڻا. ائين به ڪڏهن ڪو ٿيو آهي؟ آخر اسين به ته ساڳيءَ مٽيءَ جا ٺهيل آهيون، ساڳئي طبقي جا آهيون، ساڳئي خيال جي اثر هيٺ آهيون ۽ ساڳئي وقت ۾ گڏ گذاريون ٿا. افسوس جو پاڻ کي ڏسڻ جي اسان ۾ فضيلت ئي ڪانہ آهي ۽ ڏوهہ ٻين تي. ٻين کي عيبدار ۽ پاڻ کي شاندار سمجهڻ به هڪ وڏو ڏوکو آهي. جنهن کان ڪو نيڪ شخص آجو هوندو نه ته حقيقت ته ائين آهي ته ٻين جي هجو، ٻين جا عيب، ڪيندوئي اهو جو پاڻ گڪو هوندو.

ٻت کي پڙڪائڻ جا ذريعا اڌما آهن

ماڻهوءَ جي اڌمن کي ته قدرت ڪا اها سگهه بخشي ڇڏي آهي، جو اپريا نه آهن ته بدن جي نس نس ۾ تاءَ آيو نه آهي. اهو جوش اپري اٿندو، جنهن کي جهلڻ مشڪل. رڳ رڳ ڪمان وانگر تڇجي ويندي، پوءِ ايترو زور سانديي ماٺ ڪرڻ به ڏکيو، ڪير جو هاڻي بدن جي مست اٺ جي مهار ڪٽي!

شل نه ڪا حيوان جي باغيچي ۾ دانهن ٿئي ته "شينهن ڙي شينهن" پوءِ پيرسن جو پيچڻ ڏسو ته ڪيئن ٿو پيرن تي زور ڏئي، منڊو به سڄو! انهيءَ ٻاهرين تيز رفتار کي چالو رکڻ لاءِ ضروري آهي ته مشڪن کي ڪاڄ ۽ آڪسيجن جام ملي نه ته ڊهي پونديون. انهيءَ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ دل تڪڙو تڪڙو هلي ته رت واري گلوڪوز مشڪن کي ملي ۽ ڦڦڙ به تيزيءَ سان ڪم ڪن ته آڪسيجن پهچي ۽ ڪاربان

ڏاءِ آڪسائيڊ نڪري. اهو ڪم ري نالي غدود ڪندا ٿا رهن. بهتر ٿيندو تہ ڪنهن اڏمي کي باريڪيءَ سان جاچي ڏسون تہ ان جي اثر هيٺ بدن ڪهڙا ڪيل ٿو ڪيڏي. اهي اڏمائي آهن جتي فزيالاجي ۽ سيڪالاجي گڏوگڏ ملي ڪم ٿيون ڪن، انڪري بدني ڪرتبن سان گڏ مغز جي خيالن، احساسن ۽ اختيار جو سلسلو بہ چٽيءَ طرح معلوم ٿيندو.

خوف جي اڏمي جو بدن تي اثر

سمجهو تہ ويٺي ويٺي هڪ زوردار ڪڙڪاٽ ٿو ٿئي ۽ ڏرتي ڏڏي ٿي. هي ٿيو احساس جنهن آواز ۽ ڏوڏي جي خبر مغز کي ڏني. احساس سان گڏوگڏ قرابتي تندون اڳين آزمودن ۽ معلومات جو پيچرا ڳنڍي خيال اپارينديون. آواز جو ڪڙڪو بہ هي احساسن مان تيز اثر وارو آهي، انڪري پهريون خيال آواز ڏي ويندو تہ ڪڙڪو گوڙ جو، هوائي جهاز جو يا بم جو؟ پر ڏوڏو معنيٰ ڏرتي اجها ٿي ڦاٽي. انهيءَ فيصلي تي ٺهہ ٺپ ڏپ جو اڏمو بت ۾ جوش آڻي بدني ڪل کي وهو ڪندو. هاڻي جان بچائڻ لاءِ رڳ رڳ چست ٿي ويندي، مغز اختيار هلائي ٽنگن کي هڪليندو تہ هلو ٻاهر متان جاءِ نہ ڪري، اهو ٿيو فعل. سچيت مغز هي سڀ پل ۾ ڪيو وجي.

هاڻي جيسين جان بچائڻ جو آسرو هوندو، تيسين هيڏي هوڏي ڏڪ ڏوڙ ڪبي ۽ بت ۾ پڙڪايل سگهہ خرچ ٿيندي رهندي. ان وقت منهن جون مشڪون اهڙيءَ طرح ڪوئيبون سوئيبون جو چهري تي ڏپ ۽ اميد جا گڏيل اطوار سندن حصي رسيءَ موجب ظاهر ٿيندا رهندا ۽ نيٺ خير شير ٿيڻ تي تڏا ساهہ پري حال احوال بيان ڪري، اڏمي جي پيدا ڪيل طاقت پوري طرح ڪم آڻي اعتدال تي اچي وجبو. پر جي پڄڻ جي واهہ ڪانہ ٿي ۽ نراسائي وڪوڙي وئي تہ اڻ خرچيل سگهہ جو اثر بازن کي ڇڏي، بدن جي اندرين عضون ۽ چهري جي مشڪن تي ڇانئجي ويندو ۽ منهن ڏج جي ڪري حراس جي تصوير بڻبو ويندو.

ڏارون خوف جي اڏمي جي تصوير نهايت موثر لفظن ۾ چٽي آهي جا منهنجي ناقص لفظن ۾ هن طرح ٿيندي:

اکين جا ڏوڏا اپري ويندا، وات کلي ويندو، پرون تاڻجي ڪشيل ڪمان تي ويندا، چمڙي ڪاري اودي، منهن هاريل بلڪ روڙيل ڏسبو، تڏو پگهر پريشانيءَ ۽ منهن تان ٽمندو سارو بدن شل ڪري وجهندو. اڻ خرچ ٿيل سگهہ جي زور تي وار ڪڙا ٿي ويندا ۽ ٻاهريون مشڪون رڦنديون رهنديون. دل ڌڙڪندي ۽

سيني تي زور سان سٽڪا ڏينديءِ. ساهہ اُپو تي ويندو ۽ اهڙو تکو ڪڇندو جو ڇڻ تہ اندر ماپجي ئي نٿو. چپ خشڪ، وات ٺڪر، ازخود پٽبو ۽ پوربو رهندو. شايد ڪجهہ چوڻ خاطر، پر آواز ڪونہ اڪلندو. بت ۾ ڪنبڻي چپن ڪان ڏڪ ڏڪ ڪندي ساري بدن ۾ پکڙجي ويجي. آواز جي گهٽي ڪوشش سان نڪتو تہ بہ ڇچربل ۽ سمجهڻ ڪان ٻاهر. هاٿي موت جو رنگ چانئجڻ لڳندس، ۽ ساهہ ڇپيءَ سان ڪٽندو. نڪ جون ناسون ٿڙي ونديون. ساهہ ۾ اهمي، چپ زور سان متي چڪبا ۽ ڳلن ۾ ڦوڪ شروع ٿيندي. نڙيءَ ۾ سوڙهہ، تارا ڦاٽي وڃن، ۽ ڪنهن خوفناڪ شيءِ تي وڃي ڪپن يا پيليون اکيون هيڏي هوڏي ڦرنديون رهن. ٻانهون ائين ڇڪجي ڏگهيون ٿي وڃن ڄڻڪ بيخطا ڪنهن خطري کي ٽارڻ جي ڪوشش ۾ آهن.

هلڪي ڏپ جي حالت ۾ اپاسيءَ تي اپاسي بس ئي ڪانہ ڪندي، پر جي جان جي بچڻ جو آسرو گهٽيو ۽ نا اميدي ۽ مايوسيءَ ڏک ڏوڙ کي محدود ڪيو تہ اونروئي اڏمي جا اثر ۽ اطوار بت تي چٽا ۽ پرپور ظاهر ٿيندا رهندا ۽ رفتہ رفتہ چهرو انهيءَ جذبي جي ڪڙيل تصوير بنجي ويندو. انڪري تہ چوندا آهن تہ جي ڪو جذبو جوش ۾ اچي تہ ان کي ڪنهن نہ ڪنهن طرح ٻاهر ڪم لائجي نہ تہ اندر جهوري وجهندو. ڏک ۾ روئي جان ڇڏائڻ بہ فطرتي علاج آهي. ڏپ ۾ تہ ماڻهو ميلن جا ميل ڀڄي ڪٿان جو ڪٿان وڃي نڪرندا آهن، پوءِ جيئن لڳ نرن تہ پنتي موٽڻ مشڪل. پلا هاٿي تہ جذبي وارا پر ڪين آهن جي اڏائين.

اهو آهي بت تي ڏپ جو اثر، جڏهن بہ ڪنهن ماڻهوءَ جي ظاهري روبڪاري اهڙي ڏسجي تہ سمجهجي تہ شڪار ڏپ جو آهي، پر چو ٿيس ان جي جاچ ڪجي. ياد رکڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ جذبي جون مختلف هلتون ٿي سگهن ٿيون، ڏپ هيسائي يا جوش ڏئي ڪڙو ڪري نہ رڳو الاري پرهٽي بہ ڪدي.

جذبا اسان جي جياپي کي آسان ۽ اثرائتو ٿا ڪن، پر بعضي اتڪاءَ ۽ تڪليف جو سامان بہ ٿاهيو رکن. ويتر جي قابوءَ ڪان نڪتا تہ دل گهايو. جيءَ جلايو ڇڏين، پوءِ تہ خير ڪونهي. انڪري هوش وارن، جذبي جي غلامي ڪڏهن بہ ڪانہ قبولي ۽ هميشہ ائين سمجهايائون تہ جذبي کي غلام ڪري سندس پيدا ڪيل سگهہ کي ڪنهن ٻئي سهٽي بدني يا ذهني ڪم ۾ صرف ڪرڻ سڦلو ڪجي.

ڏک جو بدن تي اثر

ڏک جو اثر عام طرح تابعدار مشڪن تي گهٽو ڏسڻ ۾ ايندو. ساري بدن جو گوشت ليڙو ۽ نست تي پوندو، جيئن ڪو ڏڪار جو ماريل لاڳيتي بک ڪان بيحال ٿيو پيو هجي. هٿ پير چرڻ ڪان عاجز، جو عضوو جتي سو تتي. ڄڻڪ بيجان پيو آهي، بدن پريل، سگهہ ڪانہ. حد ڪمزوريءَ هوندي بہ بعضي

ڪو عضوو چرندو ڏسبو، پر ڪنهن ڪم خاطر نہ.جيئن نہ ڪو ماندو ماندو تي اٿلي پٿلي. اٿڻ جي ڪندو تہ پير نہ ڪپندس هلڻ جي ڪندو تہ پير نہ ڪڄندس، ٽنگون پيون وچڙندس ۽ پير پيا گهلبس، وڪ وجهڻ لاءِ لاچار ٻانهون ڪلهن ڪان ائين پيون لڙڪندس، ڄڻڪ ساهہ ئي ڪونہ اٿن. جيئن نہ ڪي اٽڪيل ڌاريون شيون هجن. آواز ايترو وٿيرڪو جو اڪر سڄو ٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندو. اوندهہ جي اوندهہ ۾ گم. منهن مونن ۾ ڪيو پيو رهندو. اندر جي آزار ۾ گرفتار وياڪل ۽ بيحال، ٻاهر جي خبر نہ چار، نہ اندرين چڪتاڻ ۽ مونجهہ گهٽجي، نہ ٻاهرين نستائي بت جهلڻ جي سگهہ نہ ڏئي. هاٿي تہ ڪنڌ ڪي گوڏن تي جهلڻ جي بہ طاقت ڪانہ هوندس نہ مٿو مٿي جهلي سگهي نہ ڪنڌ ڪي ڪو ٽڪاءَ. ذري هيڏي ذري هوڏي نہ مئن سان نہ جيئرن سان، ڪٿي جو ڪين. جيئن اندرين مونجهہ ۽ ماندڪائي زور پري، تيئن ٻاهرين نستائي ۽ ناچارگي زور پوي، اکيون پاٽي ڏئي ڏئي ڏسڻ ڪي عاجز. نظر ڏنڏلي، مغز منجهيل، سمجهہ ساٿي نہ ٿئي. هانو جي سوڙهہ ۽ بي آرامي، چرڻ چڪايو چڏي ۽ بت بيڪار تي الڙي پئجي رهي. اندر ۾ ايڏي آنڌ مانڌ جو چڻ تہ ڪو آندا پيو مروٽي. جيئن اندرين وٽ وٺوڙ زور پري، تيئن پريشاني ۽ مونجهہ زور. رت تہ ائين گم ٿي ويندس جو ڄڻڪ هوس ئي ڪونہ. منهن بنهہ خاڪ جي رنگ جو ڏسبس. اکين اڳيان اوندهہ، ڏينهن بہ رات. آهہ پرڻ جي سگهہ بہ ڪانہ. جهڙو لاش. وات خشڪ، نڪ جو پاٽي نہ سڪي. (لئنگ)

ڪاوڙ جا ڪرتب

ڏپ ۽ ڏک گوشت ڪي نبل ۽ لڳڙو ڪن، پر ڪاوڙ بت ڪي اهڙو تہ جوش ڏئي چڏيندي جو ليلهر بہ لنگهہ. ساري بت ۾ ڄڻگون چٽڪندي باهہ جا الا ايري اٿندا. جن ڪي ٻاهر جوش چڻبڻ جي جاءِ نہ ملي تہ رڳ رڳ ڪائي وجهندا. منهن جوش ۾ ڳاڙهو، ٽنگون ائين ورنديون جن ڪي جهلڻ ڏکيو، هٿ دشمن جي ڪنڌ مروٽڻ لاءِ حيران، ٻانهون پاڪر پري دسڻ لاءِ منتظر، زبان ائين وڄندي جو ويڻ تي ويڻ، پرون ۾ گهنڊ، منهن ۾ شور. ائين پيو پڇن تي نچندو چڻ تہ بت ۾ ڪا بجليءَ جي ڌار پئي ڌڏڪا ڪريس. ٻيءَ صورت ۾ جي جوش ۾ گارگند ڪڍڻ وارو نہ هوندو تہ لڙلڙ ڪرائڻ وارو زور مورڳو سندس چپ زور سان پيڙي چڏيندو، وات بند، منهن ۾ گهنڊ، مڇ جي وار وار ۾ تاءُ، اکين ۾ جوش، مٺيون پيڙيل، مٿو مٿي، ڪنڌ ۾ ڪلي، آڪڙ ۽ سيٽ. سينو سيٽهہ وانگر ڦوڪيل، ڪا الر تي تہ مارڻ مرڻ لاءِ تيار.

سچ ته ڪاوڙ تي قبضو ڪرڻ ڪنهن انسان جو ڪم آهي. شل نه ماڻهو پنهنجو اصلوڪي جهنگلي وحشت ۾ ڦاسي. حيوان ته آهيون، چڙ ۽ چريائي سڀيون سؤٽيون ته آهن.

خوشيءَ جي اڌمي جي لهر

وري جي ٿا ڪنهن جا مطلب پورا ٿين ۽ ڀاڳ ٿو ڀڙائيس ته موج ٿي موج. تتي به ٿڌي، ڏک ٿي ڏور، نه واچ جهليس نه مينهن. ڏسو ته به ٿهڪ تي ٿهڪ. واڇون مڙن ئي نه. دنيا جون تلخيون سڀ دور، جيڪي ڪاڻ سو مٺو، ٻت جي رڳ رڳ سريلي سرود وانگر بدن جي انگ انگ ڪي ائين ته پريو ڇڏي جو ڪو سنوپرو سيتل سياءَ وارو به وٽ جو نه ٿئي، ڪپڙن ۾ نه ماپي. ويتر جي اڳئي هجي عيشي جيئڙو، خوش مزاج پوءِ ته پور ۾ پور. چپٽين مان تاڙيون، تاڙين مان ترانا، ڦيرين مان جهمر. ٻن پيرن تي ترسڻ ڪنهن جو، ميز به طبلو، ويهڻ جي جاءِ نه لهي. ماٺ منهن ئي نه ڏئيس. هيڏانهن ڪا شيءِ ڪاڏي هوڏانهن ڪا شيءِ پيتي، ڪل جو چرچو. جيڏانهن نهاري تيڏانهن آنند. ڏک ڏسڻ ڪان دور، وري ذهن ائين ڪلي پويس جو جيڪو حساب ڪڻ سو سولو. حافظو اهڙو چٽو جو سڀ ڪجهه ترپو اچي. ويسر ٿئي ئي ڪانه. اهنجو به سهنجو، هر چيز سان چاهه، سڀ ڪجهه مزيدار. سچ ته زندگيءَ جو ساز ۽ ڪاميابيءَ جو راز خوشي آهي، جا ٻت جي لؤن لؤن ڪي بهار بهار ڪري ڇڏي، ڪاميابيءَ جي ڪنجي خوشي آهي.

عشق جا ٻت سان راڳا

نينهن جا نهوڙيل مجنون به بعضي ڏسبا آهن، جن جا ظاهري اطوار ته ديس ديس جي شاعرن قلمبند ڪرڻ ۾ ڪسر ڪانه ڇڏي آهي:

آهه　سرد　و　رنگه　زرد　و　چشم　تر

آهه　و　زاري بيقراري　دربدر

اهو جذبو به ڪو عام پسند ٿو ڏسجي جنهن جا جام، شاعر سوز جا ماريل، پري پري ڏيڻ تي ۽ فراق ڦٽيل پيئڻ تي. اسان جي ملڪ جو شعر سارو، انهي هڪڙي جذبي لاءِ وقف ٿيل ٿو ڏسجي. عقل وارا به وينا

ڏسن ته عاشق زهر پياڪ ڪيئن ٿا نينهن جي نشي ۾ مست ٿين ته اسان جي ٻيگهي مچي. ڪي فاقيا ڪڍن ته ڪي ڊؤ ڪن. پوءِ غالب ڪيئن نه چوي:

عشق نے غالب نکما کردیا

ورنہ ہم بھی آدمی تھے کام کے

اهي بدني ٻوراٽا اسان جا اڌما، زندگيءَ جي بحر ۾ ڪيڏو نه تلاطم پيدا ٿا ڪن. ڪٿي لهريون، ڇوليون ۽ ڪن، ته ڪٿي ڊورا ڊنڊيون ۽ ٻيٽ. اهي آهن اسان جا جنڙا جي ڇا جو ڇا اسان کان ڪرايو ڇڏين. اهي آهن اسان جي بدني ڪل جا ڪنجيدار جي بيوس پتلي کي ناچ ٿا نچائين. "ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار" ۾ وڏي معنيٰ سٽيل آهي. پاڻ کي جاچي ڏسو ته ڪو به بدني تحرڪ ڪو به ڪم ڪنهن اندر جي اڇل کان سواءِ ٿئي به ٿو؟

ڪو به فعل، احساس سواءِ ٿيڻ ناممڪن آهي. البت احساس تحرڪ کان سواءِ ٿي سگهي ٿو. خاص ڪري ڪن خوش ڪردار فضيلت جي صاحبن ۾، جن پنهنجن امنگن، اڌمن ۽ جذبن کي قابو جهليو آهي، جيترو ڪنهن اڌمي جو اظهار گهٽ، اوترو ماڻهو انسانيت ڏانهن زيادهه مائل. مصيبت ۾ جيڪو اوچنگارون ڏئي رڙي ته هن تي ميارڪانه آهي. ماڻهوءَ لاءِ ائين ڪرڻ فطرتي آهي، سياوي آهي، پر جي تحمل، بردباري ۽ صبر سان پاڻ کي قابوءَ ۾ رکي ته انسانيت اتي آهي. انساني ڪيڙ اها جا سيڪاري ته اهڙن اهنجن وقتن تي، جڏهن عاجز انسان جي همت جي پرکا آهي، تڏهن ڪيئن اڌمن جي جانڪاه اثرن کان پاڻ کي بچائي ڪيئن سمجهه کي ساٿي ڪري.

احساس - خيال- عمل جو چڪر هرهنڌ چالو آهي:

پنهنجي روزاني مشغولين کي جاچي ڏسبو ته اهي مغزجا ٽي ڪرتب، احساس، خيال ۽ اختيار اسين هر وقت ڪم آڻيندا ٿا رهون. ٻار رنو، ماءُ سمجهيو ته بکارو آهي، ٿڃ ڏني. چور پوليس کي ڏٺو سُجهي آيس ته ڦاٽس، ڀڳو، مطلب ته اسان جي هر هڪ فعل سان احساس خيال ۽ اختيار شامل هوندائي هوندا. ڪو به ڪم بي قانون ڪونه ٿو ٿئي، جيئن قدرت سٽ سٽي آهي. اسان کي هر هڪ ڪم لاءِ اختيار آهي. البت معترض اها حجت وٺندا آهن ته جي ماڻهوءَ کي اختيار آهي ته ڪيترا پيرا هو نقصانڪار ڪم ڇو ٿو ڪري، ڇو نٿو هر وقت فاعدي وارا ڪم ڪري؟ ان جو جواب هي آهي ته اختيار هوندي به اسين آسمان جا تارا ته لاهي نٿا سگهون. اختيار هلائڻ ۾ ڪيتريون دقتون درپيش اچن ٿيون، جن جو

مقابلو ڪرڻو پوي ٿو، پوءِ ڪٿي محنت صاب پوي، ڪٿي شڪست ڪائي. فائدو ۽ نقصان، پنهنجي وس ۽ رڪاوٽن جي ردبدل ۽ زور آزمائيءَ تي منحصر رهندو. اهو ته ڪنهن لڪائي ڪونه لڌو آهي ته هر وقت هو فتحياب ئي ٿيندو. ٻيون طاقتون به ته ميدان ۾ آهن يا نه؟

ڪنهن به ڪتاب جو ڪو به ورق ڪڍو ته مٿس ڪنهن جذبي جو بيان هوندو، ڪنهن خيال جو يا ڪنهن ڪم جو. ساري دنيا جي حرفيات، جا انسان جي قلم مان نڪتي آهي، لاٽ اها ئي لوندي، جا سندس مغز ۾ هوندي. شعر هجي. فلسفو هجي. ناول هجي. اخبار هجي. يا ڪو ڌرمي ڪتاب هجي. هوندو وري به انهن مغز جي ٽن شعبن جو بيان، احساس، خيال ۽ فعل.

قديم زماني ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين سيني فلاسوفرن جي نوشتن جي ورق گرداني ڪريو ته هرهڪ جو فلسفو پنهنجي پنهنجي سياوي رغبتن موجب احساسي هوندو، خيالي يا عملي ۽ بس. جن ڪي احساسي حوصلو سرس هوندو سي پنهنجي دماغي راحت، جذبي يعني ايمان جي عقيدن ۾ لهندا. قلب جو قرار ۽ آرام دنيا جي ٻَـڪ ٻَـڪ ۽ دليلبازين کي ڇڏي آمنا، سلمنا، صدقنا جي سانت ۽ تسڪين ۾ ڏسندا. مذهبي فلسفن جو بنياد اتي آهي، بي انت ڪائنات جي احساسن ڪان هلندي، سندس خلقڻهار جي رحمت ۽ عظمت جو احساس ڪيترو نه ڏي ڏيندڙ ۽ اميد افزا ثو ٿئي. ڪن جو سندس رحمت تي اهو ناز، جو سندس ڏهڪاءَ ۾ پاڻ کي تڇ سمجهي به اولانگهو نه ڪڻن ۽ آسري ۾ آلاپين:

"تون سمو آءٌ گندري، مون ۾ عيب اپار."

ڪي وري انهيءَ بيپايان هستيءَ سان قرابتي رشتي قائم ڪرڻ لاءِ بيپايان بحر جي هڪ قطري بنجڻ جا پياسا، انهيءَ توهم تي ترندا وتن ته جان ئي حباب مان هوا نڪري ته من قطرو درياءَ سان ملي درياءُ ٿئي. وري مري ملڻ جي تمنا ۾ تار، طالب ائين به دل کي دلاسو ڏين ته:

"ڪڏهن ڪانه سئي ته ڪا سڄي گڏي سڄڻين"

ڪي ته شاعراڻي شوق ۾ سرشار، ايترو قريب وڃيو پون جو جلوو پسيو "سج چند تارا ڪتيون تن ڪان تاب تکو هو" آلاپين. ڪي اڃا به اڳيرو نڪري نينهن جي نشي ۾ مخمور، ساندڻ جو تاب نه سهي، مستيءَ ۾ چور چور ٿي چون:

"پيا کي پلنگ پر جا بيٺونگي، ميران هري رنگ راچونگي"

ڪي ڪٿمست تہ جمالي جلوي ڪان درگذر ٿي، سندس جلال سان پرجي ”انا الحق“ بہ چيو ڏين، حالانڪ ڪٿي مخلوق، ڪٿي خالق!

خيال جا ڪوڏيا فلاسافر تہ وري ذهني ڇيڙڇاڙ ۾ مست. عقل، بحث ۽ منطق سان سچ جي ورکڻ ۾ پورا. احساس جو ڀروسو ايمان تي، خيال جو ڀروسو گمان تي. چي: عشق ڪي اڪيون ڪٿي؟ ڌوڪائي ڌوڪا، حقيقت ڪي سجاڳ عقل ئي ڳولي سگهندو نہ منجهيل جذبو. سچ جي واٽ تي سوين لاهيون چاڙهيون، عقل سوا اوندھ ويساهن مان نہ وري.

عملي فلاسفر وري نيڪ عمل جا ڪوڏيا. نہ احساس ڪي صحيح سمجهن نہ خيال ڪي. جيسين عمل ڪين مخلوق جي ڀلي خاطر مفيد ثابت ڪري. تجسس ۽ تحقيق سان شروع ڪري انسان جي آسودگيءَ ۾ ان جي انتها ڪن. جس فقط انهيءَ ڪم ڪي ڏين جنهن مان ذات انسان جو سک سرس ٿئي، ڀلو ٿئي، دنيا جي ڏک ۾ ڪٽر پوي.

واقعي نفسيات جهڙي گوناگون علم ڪي ٽن مشغلن ۾ محدود ڪرڻ، لڳي تہ اهڙو ڀيو جهڙو درياء ڪي ڪپڙيءَ ۾ قابو ڪرڻ. پر ٿوري ويچار سان ڏسبو تہ قدرت جي هر هڪ شيءِ نهايت پيچيدي معلوم ٿيندي، پر جي سندس راز لهي تہ نهايت سولي ٿي پوندي. انهن مغز جي ٽن شعبن جي پاڻ ۾ گهٽ وڌ ملاوتن مان، ايترا تہ سياوي رنگ روپ پيدا ٿين ٿا جيترا ماڻهو. ڪي بہ ٻہ ماڻهو جيئن شڪل شبيهہ ۾ ساڳيا نہ آهن تيئن ذهنيت ۾ بہ نرالا آهن.

نفسيات جو مقصد فقط اهو آهي تہ ماڻهوءَ جي ڪنهن فعل جي بنيادي ذهنيت تي روشني وجهي تہ ڪهڙي مطلب تي ٿيو. ان سان ان جو ڪو واسطو ڪونهي تہ فعل ڪوٺو ٿيو يا ڪرو. فعل ڪي نيڪ يا بد ٺهرائڻ اخلاقيات جي ذمي آهي. البت هتي اهڙي هنڌ اچي پهتا آهيون جتي انهي هرڪر ڪان آجو ٿي نٿو سگهجي تہ مغز جي انهن ٽن وصفن ڪان جيڪر بهترين ڪم ڪهڙا وٺجن. ٿوري سوچ سان معلوم ٿيندو تہ بهترين احساس نزاڪت پسند ٿي سونهن جي تلاش ۾ رهندو. بهترين خيال حقيقت جو متلاشي ٿي سچ جي ڳولا ڪي لڳندو ۽ بهترين عمل اخلاق يعني سلڇڻائپ سان سرخرو ٿيندو. يعني تہ مغز جو بهترين ڪم ٿيو سونهن، سچ ۽ سلڇڻائيءَ جي جستجو.

ڏسجي ٿو ته قدرت پنهنجي اشرف المخلوق کي سچ جي حامي ٿيڻ، سونهن جي احساس ڌارڻ ۽ سلجهائيءَ سان نيڪي برتڻ جي صلاحيت جا وسيلا پورا عطا ڪري ڇڏيا آهن. باقي جو بر پيٽجن ۽ ڇير ٻڌجي سا ته گمراهي ٿي.

مغربي فلسفي جي اڀياس ڪرڻ وارن جي نظر ڪان "ٽروٿ گڊنيس بيوٽي" جا لفظ بار بار گذريا هوندا. اهي ٽي وصفون ڪن فلاسوفرن هن دنيا جي ظلمن، براين ۽ ڪوتين روشن جي مقابلي ۾ هڪ معياري خيالي دنيا تصور ڪري، ان کي سچ سونهن، سلجهائپ سان سنواريو آهي ته بعضي ڪن انهن وصفن کي سچيءَ دنيا جي اسباب ۾ شمار ڪيو آهي. ڪن ته انهن لياقتن کي الاهي شان جي لائق سمجهي، خالق کي ئي انهن صفتن جو صحيح مالڪ ڄاڻايو آهي، پر رواجي انسان ۾ اها رمز ڪنهين ڪانه ڏني! سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڇو؟

ڪاش جي انهن سچ جي سوداگرن کي خبر هجي ها ته هر انسان جي مغز ۾ انهن وصفن جو بنياد موجود آهي! افسوس ڪيترو نه اسين پنهنجي صحيح ۽ سهڻين لياقتن کان بيخبر آهيون! اهي عظيم الشان وصفون انسان کي ڪڏهن ڪٿان ۽ ڪيئن هٿ آيون ۽ سندس موروثي موڙي بنيون، اهڙيون ڳوڙهيون ڳالهيون ٿيون لڳن، جن جي کوجنا انسان جي زندگيءَ جا ڪي پراڻا پوريل بحر نئين سر پلٽائي وجهي ته عجب نه آهي.

باب پنجون

پسن ۽ ماڻھن ۾ اوٽ ۽ سمجھ

اوٽ ۽ سمجھ ۾ فرق: جيسين جيت جڻا ۽ پرند چرند اجا سائنس جي چوڪسيءَ هيٺ نہ آيا هئا، تيسين اٽين سمجھيو ٿي ويو تہ حيوانن کي سمجھ ٿئي ئي ڪانہ. پلا سمجھ کان سواءِ جيو، هن جنگ جدل جي جهان ۾ ڪيئن ٿا جالين ۽ ٻچا ڄاتين. چي: ڪين ڪو اندر جو سوجھرو ضرور آهي جنهن جي ڏس تي ڪاڄ، اجهو، ساٿي ڳوليو ٻچا ڄاتيندا هلندا وتن. باقي پسون ۽ سمجھ تہ لفظ ئي مخالف پيا لڳن. ايترو آهي تہ ڪا اوت اٿن، جا بچائيندي اچين، نہ تہ سندن نانءُ نشان جيڪر ڪڏهوڪو گم هجي ها.

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ ماڻھوءَ کي لکڻ ۽ ڳالهائڻ ڪري هزارن ورهين جي ڪتي علمي حاصلات ميسر ٿي آهي، سا اٿاھ آهي ۽ حيوان، جن کي وڏ ۾ وڏ تہ مائٽ ڪجھ سيکاري ٿو ۽ پاڻ اوترو ئي اولاد کي ڏئي ٿو. انهيءَ نعمت کان خالي ٿا رهن. صدين جا لکيل احوال ۽ خيال معلوم ڪرڻ انهن کي اڄ جي حالتن سان ڀيٽڻ ۽ سياڻي لاءِ سوچڻ يا ورهين جي گڏ ڪيل حرفيات جي روشنيءَ ۾ ڪنهن اختلاف تي عقلي دلائل هلائي راءِ زني ڪرڻ يا حسابن جي وسيلي تارن جون منزلون مقرر ڪرڻ يا يوڪلڊ وانگر خيالي شڪليون ٺاهي، يومي ماپ جا قانون ٻڌڻ: هي تہ سڀ ماڻھوءَ جي خيال ۽ سوچ جا ڪارناما آهن، جنهن جي زبان صدين جا آزمودا سانڍي رکيا. قدرت نڪو قلم ٺاهيو نڪو پنو نہ انگ نہ اکر. نڪي ڏرتيءَ تي سڏيون ليڪون هيون نہ ٽڪندا. نڪو هو وقت وڇوٽيءَ جو قياس، جنهن مان يومي ماتا ايترو ئي سمجھي تہ پنهنجي نور پرور سج کي ڦري ڪيترو وقت ٿيو اٿم يا ڪائنس گھڻو پري آهيان.

اهو علم آهي جنهن ماڻھوءَ کي ايترو جهنگ کان چڙهي ڏار ڪري بيهاريو آهي، جو سندس اصليت نہ رڳو ڄاڻڻ کان پري ٿي چڪي آهي پر وسهڻ کان پري. قدرت جو ڏيج تہ وڏي ننڍي جيو کي ايترو ئي جڙيو جنهن سان هر ڪو پنهنجي ماحول موجب ساھ سنڀالي ۽ پونير پالي سگھي. جهڙو مور کي تهڙو ماڻھوءَ کي. اهي هيون ڪي ٺهيون ٺڪيون تجويزون، جي ڄائي ڄم کان هر ڪنهن سان گڏ پيدا ٿينديون رهيون تہ سندن رهبري بہ ڪن ۽ جان بہ بچائن، جن کي اوٽون يا انسٽنڪٽ ٿو چئجي.

اوٺ جو نشانبر: اوٺ اها اندر جي لياقت آهي جا جيوَ کي ڪنهن ضروري حاجت پوري ڪرائڻ لاءِ تڙي ڪڙي طاقت به پڙڪائي ۽ واٽ به لائي. اوٺ ڄائي ڄم کان موروثي ٿي ٿئي، نه آزمودي مان پرايل ۽ بنا ڪنهن هٽڻ جي واٽ ئي هڪڙي ڏسي. سنڌس خاص مقصد آهي جيو کي جيئرو جڙيو رکڻ جنهن جا ٻه ضروري پاڳا آهن: (1) پيٽ قوت ڪرڻ ۽ جوکي کان بچڻ (2) سنڌس نسل چالو رکڻ.

اجا ڪا اندر ۾ اوٺ اپري نه بت ۾ ائين نه ڦڙتي بجليءَ وانگر پڙڪو ڪائي اٿندي، جو جيو خود بخود انهيءَ وقت جي ضرورت کي منهن ڏيڻ لاءِ گهربل ڪم ڪرڻ کي لڳي ويندو. ڏسجي ٿو ته اوٺ جسم جي رکوال آهي، جا ڪيس ڏس تي هلائي چلائي ٿي ۽ عضوا اوٺ جا هٿ ٺوڪا اوزار، جن کان ڪم وٺي هوءَ پنهنجون ضرورتون پوريون ڪندي ٿي رهي، ڇڙڪ بت هڪ ڪل آهي ۽ اوٺ نه رڳو سنڌس چورڻ جي چاٻي پر واٽ به لائي. ظاهر آهي ته جي ڪو جانور پنهنجون سيئي اوٺون ڪم نه آڻي سگهندو هوندو ته سنڌس بدني ڪل جون سيئي بازون يعني مشڪون به پوريءَ طرح ڪم نه اينديون، انڪري جيو جا جسماني پاڳا به اوترو نبل رهندا. اهوئي سبب آهي جو پاليل جانور ٻڌي ڇڏڻ ۽ پڃري ۾ رکڻ ڪري گهٽو جتاءُ ڪين ڪندا آهن. بند ۾ آزاد نه هئڻ سبب نه هنن جون اوٺون ڪم ٿيون ڪن نه سيئي عضوا ٿا هلن ۽ قانون قدرت جي خلاف رهائش سندن بدني ڪل کي جلد ئي ڪمزور ۽ بيڪار ڪيو ڇڏي.

حيوانن ۾ سمجهه: سائنس گهڻي قدر صاف ڪري ڏيکاري آهي ته جيئن جيئن جيو ارتقا جي چڙهڻي چڙهندا ٿا هلن، تيئن اوٺن سان گڏ ڪين ضرورتن موجب سمجهه به ساٿي ٿيندي ٿي وڃي ۽ وڌندي ٿي رهي، رڳو ڪيلين ماڪوڙين بنسبت تحقيقاتون ٿيون پڙهجن ته عقل چرخ ڪايو وڃي. ڪيترو به ماڪوڙين جي رستي کي پيچيدو بنايو، مگر ٿورو منجهي وري به پنهنجو رستو ڳولي وينديون، ماڪوڙيون آبادي ڪن فصل ڪٽن ۽ پيدائش ڪني ڪري آئيندي لاءِ رکن. ٻين جيتن کي چوپائي مال وانگر پنهنجي ڏهڻ پيڻ لاءِ رکن. وڙهڻ لاءِ فوجي لشڪر رکن، پاڻ ۾ لڙايون ڪن جن ۾ هزارين مرن ۽ جن کي جهلين تن کي قيدي ڪري رکن ۽ ڪين غلامن وانگر وهائن. شل نه ڪا دشمني پاڻ ۾ پوين ته موروثي طور تي هلي هلندن.

آفريقا ۾ اڏيهيءَ جا گهر، پري کان ماڻهن جي جهوپڙين جهڙا ڏسڻ ۾ ايندا، جن ۾ ويهن کان چاليهه ماڙيون ٿين ۽ اهڙا پڪا جو پل نه مينهن چڙهي بيهين ته به نه پڃن. هر هڪ منزل جي پوري وچ تي

شاهي محل اڏين، جنهن ۾ سندن راڻي ۽ راڻو رهي. راڻيءَ کي خاص شيون ڪارائي اهڙو مڃائين جو رواجي ماڪوڙيءَ کان ٻه ٽي هزار دفعا ٿلهي ٿئي. ٽي انچ ڪن ڊيگهه ۽ ٿولهه به انهيءَ پيماني تي. اها راڻي آهي جا پنهنجي قوم قائم رکندي اچي . اسي هزار آنا روز لاهي ۽ لاڳيتا پنج ورهيه. پوءِ هٽي ته وري ٻي راڻي ٺهي. شاهي محل جي پرسان نيپاج گهر، خدمتگارن جون جايون، فوجي عملي جا قلعا، توشاخانا، جن ۾ طرحين طرحين ڪاڄ جون شيون، ٻج، ميوا، سرهاڻيون، ڪوئنر وغيره.

جٺاءَ جو اصول: جٺاءَ جي اصول موجب اها قوم سمجهو ڇٽبي، جيڪا گهڻو وقت قائم رهي . جيڪڏهن هر ڪنهن قوم جي فضيلت جو معيار اهو آهي ته هن دنيا جي غلغش ۾ ڪنهن ڪيترو جٺاءُ ڪيو ته ماڻهوءَ کان اهي ڪاريون اڃيون ماڪوڙيون گوءِ کٽي وينديون، جن ضعيفي حال هوندي ڪروڙ ورهيه پنهنجي ذات قائم رکي آهي. جي ٻي سمجهه هجن ها ته ڪڏهوڪو گم هجن ها. عجب نه آهي ته ڌرتيءَ جي ڏيتي ليتيءَ ۾ هنن جي ضرورت هجي. ڌرتيءَ مان ڪاٺ نهي ته اڏيهي ڪاٺ کي مٽي ڪري!

ڪتي، گهوڙي ۽ لنگور جي ڪارنامن ڏسندي يا جانورن کي سيکارڻ وارن اديبن جا آزمودا ويچاريندي ماڻهوءَ جي موجوده فيصلي کي بلڪل ترڪ ڪرڻو پوندو ته جانورن کي سمجهه ڪانهي.

سمجهه ۽ اوٽ ۾ فرق: اهو آهي، جو اوٽ جو رستو ئي هڪڙو ٿئي، پر جي ڪو جانور ڪنهن مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ ٻه يا زيادهه رستا جاچيندو ڏسجي ته اها سمجهه جي نشاني ڇٽبي. سمجهه ڇئجي ته انهيءَ لياقت کي ٿو، جا ڪنهن ٻه - واٽي تي پهچي، فيصلو ڪري ته ڪهڙي واٽ چڱي. اهو چڱو مني تي پهچي فيصلو سورهن آنا سمجهه جي ڏيکاري ٿو ڏئي. جن جيون جي ڪرت آزمودي مان سڌري ٿي سگهي اهي ڪنهن قدر سمجهو ضرور ڇٽبا، جيڪڏهن ڪو جانور رلي رلي شڪار لهندو هو ۽ هاڻي ويو، ته وريو ته اهو سهنج سمجهه جي ڪري ئي ڇٽبو. وڏين عمرين وارا جانور جهڙوڪ طوطا، ڪانءُ، هاٿي يقيناً زياده سمجهو ٿا ٿين، پر ڪيڙو، جنهن جي حياتي بلڪل مختصر تي ٿئي، ان کي به جي ڇهبو ته دت هٽي پئجي رهندو، جنهن مان هڪ پاسي جان بچائڻ جي حرفت ته ٻئي پاسي پنهنجي ڇرپر تي ضابطو ظاهر آهي. ڪهڙو عجب ته اهو عمل به هڪ عڪسي عمل هجي، جنهن ۾ سمجهه جو ڪو هٿ ئي نه هجي. جيت ۽ ماڻهوءَ جي عڪسي عملن ۾ اهو فرق آهي جو جيت ۾ عڪسي عمل جو اثر ساري جيو تي ٿو ٿئي پر ماڻهوءَ ۾ بدن جي ڪنهن حصي تي.

اوٺ جو ڪم ئي هڪڙو، نہ ڦري نہ گهري:

گهريتڙي، جا پنهنجي قدرت جي ڏنل اوٺ تي پهچي مختصر حياتي گذاريو وڃي، ان جي هلت جي وات ئي هڪڙي. سندس جوڙيل مٽيءَ جو گهر جتي ڪٿي ساڳيا، نہ رڳو گهاڙ جي نموني کان پر مٽي بہ ساڳئي قسم جي. گهر ڪي اهڙو تہ مشهور ڪري ڇڏيو اٿس جو نالو ئي گهرتان پيو اٿس. گهر ۾ خانا ناهي هڪ هڪ ٻچڙي لاءِ ڌار، تہ جڏهن بہ ڪو سجاڳ ٿئي تہ پاڻ نڪري وڃي ۽ ٻيا محفوظ رهن. اهڙي عقل جي ڪم ڪي لاچار اوٺ چوڻو ٿو پوي، ڇاڪاڻ تہ اهو ڪم ڪري ئي هڪ پيرو ۽ بنا آزمودي جي، وري مزو تہ اهو جو خاني ۾ ٻچي جي پرسان هڪ سوپٽ بہ اڌ مئو ڪري رکي ڇڏي تہ ٻچڙو سگهہ سنڀارڻ سان ئي ڪائي پيٽ ٽُڪي نڪري اچي. جي ڪنهن لذيذ شيءِ ڪترڻ تي سندس ڏاٽ تہ هري تہ پيٽ ٽڪڻ جي اوٺ بہ ڪانہ ايندس. نڪرڻ واري هنڌ جي ديوار ايترو تہ پتري ڪندي آهي، جو ٻچڙو منجهانئس ٻاهرين روشني تاڙي سگهي. چوڌاري ٻاڌ اونداهي ۽ هڪ هنڌان سوجهري جو ڏيو، هن ڪي اوڏاهين متوجهہ ٿيڻ جي اوٺ ڏئي، ٻاهر نڪرڻ جي وات ڏسيو ڇڏي. ڪير جو وجد ۾ نہ اچي!

وري جو ڏسو ماکيءَ جو مانارو تہ مجال آهي ڪنهن ڪاريگر جي، جو منجهس درستي آٽي. هر هڪ گهرڙو پورو ڇهہ پاسو. هر هڪ جي اونهائي اهڙي پوري، جو وار ويڇو نہ ليي، هر هڪ ديوار جي تولهہ بہ پوري هڪ جيتري. اهڙي پورين ماپن ڪرڻ لاءِ اهڙا نفيس اوزار ڪٿان آين؟ ڪنهن سيڪارين بہ تہ ڪونہ. هر هڪ مک ڦٽي نہ آهي ڪم ڪي لڳي نہ آهي، وري هٿ هر هڪ جو ساڳيو. ظاهر آهي تہ اوٺ جي ڪرت نہ فقط مقرر آهي، پر سيني ذاتياين جي ساڳي. سمجهہ تہ حالتن پٽاندر پنهنجن مقصدن پوري ڪرڻ لاءِ واٽون بدلائيندي رهندي. حيرت آهي جو بعضي ماڻهوءَ جهڙي سمجهہ جيو بہ اوٺ تي اٽ هٽي هوڙهہ ٿي بيهي رهندو آهي ۽ جان مال جي پرواهہ ڪانہ ڪندو آهي، يقين هوندي تہ حاصلات بہ ڪانہ ٿيندي.

ڏسو تہ ڏينيو ڪيئن ٿو مانارو ڇڏي. ميل هنيو وڃي ۽ وري اچو گهر پيڙو ٿئي. اجا آني مان ڦٽو تہ ڪا اوٺ اهڙو جوش ڏياريو ڇڏيس، جو ماناري مان نڪري وٺيو زور سان ڪيس چڪر ڏئي. ڦري ڦري وري گهر ۾ اندر هليو وڃي، وري نڪري اڳي کان ويڪرا چڪر پائي. پوءِ تہ گهيرا وڌائيندي وڌائيندي ڪنيو منهن ڪري تہ هليو وڃي ۽ وري اچي. نيٺ پنهنجي ماناري جا هوائي رستا اهڙا سڃاڻيو ڇڏي جو پل تہ آڌو ابتو ميلن ۾ پيو چڪر ڏئي پر گهر نہ ڀلجي. ممڪن آهي تہ سندس ماناري ۾ ڪا خاص بانس

هجي جا ڪيس وڏن مفاصلن تان به چڪيو وٺندي هجي ۽ انهيءَ حواسي چاڻ تي ٺڪ اچو ماناري تي ڪري. اسين ته سمجهه رکندي، واڻ يا گهر پلجي ويندا آهيون.

مڇرن تي تجربن ظاهر ڪيو ته رات وچ ۾ ميلن تان ڪنهن خاص جانور جو رت چوسيو فجر کان اڳي گهر پيڙا ٿيو وڃن. هڪڙي هنڌ ته هڪ وڏو درياء به ٽپي ٽي ويا.

جانورن جي اديبن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته جانور تعليم مان پرائڻ جي لياقت به ڪافي ٿا رکن. رڳو مڇيون به گهنڊيءَ تي کائڻ لاءِ ته اچو مڙن، پر ٿوري تاديب سان ادب به سکيو وڃن. هڪڙي چڱي موچاري موراڪي مڇي، جا سنهڙين مڇين کي شوق سان رڙڪيندي آهي، هڪڙي شيشي جي ماهي خاني ۾ رکي وئي، جتي ڏينهن ۾ خوب جاوا ڪيائين. پوءِ ٻين سنهين مڇين ۽ سندس وچ ۾ هڪ شيشي جي طاقي لڳائي وئي. هاڻي جڏهن به ڪنهن ننڍي مڇيءَ کي جهٽ تي هنيائين ته شيشي تي سندس بوٿ کي اهڙو سخت ڌڪ ٿو لڳو، جو بيهوش ٿي ٿي پئي. ڇهن مهينن بعد شيشي ڪڍڻ تي ڏٺو ويو ته ڪيس ڪنهن ننڍي مڇي کائڻ جي سڌئي ڪانه رهي هئي ۽ ڪنهن تي به الر ڪانه ٿي ڪيائين. ماڻهوءَ کي ٽپي ٽاهي سڌي ڪرڻ جي واٽ به ته ساڳي تي ڏسجي. ڌڪ کائي ڪير نه مت سنڀالي، اک پٽي. ادب اچيو وڃي. جڙ گهوڙي جون ارڏايون ۽ اڙٻنگايون به ته لغام لاهي ڇڏينديون آهن.

جانور مذهبي آهن: جانورن جو لٽ ۽ چٽ جي اثر هيٺ اسان جي پيٽ تي اچڻ ساڳيو اهڙو آهي، جهڙو اسين ڪنهن وڏي هستيءَ جي حڪم موجب، ڏک سک جي خيال تي پنهنجي ذاتي مقصدن کي سندس ضرورتن تي قربان ڪريون. ڏاڍي جي لٺ اڳيان سرجهڪائڻو ئي آهي. مذهب به جيڪو فقط دوزخ بهشت جي راز ۾ سمايل آهي، سو به ساڳي ماجرا ۾ مقصد ڇٽبو.

جانورن ۾ اخلاق: ائين به نه آهي ته جانور فقط لبوسي آهن ۽ اخلاق کان خالي، ڪئا ڪيئن ٿا پنهنجن ٻچن انڊن ۽ عاجزن جي پرگهور لهڻ ۽ ڪين نهايت سلامتيءَ وارين جاين ۾ رکي کاڌ خوراڪ پهچائڻ، انسانن لاءِ عبرت ٿيندي!

جانورن تي شراب جو اثر: وري ڪرندي به ويرم ئي ڪانه ڪن. ماڪيءَ جي مک اورچائيءَ، وقت جي پابنديءَ، فرمانبرداريءَ ۽ ٻين ڪيترين صفتن جي مالڪ آهي، پر ڪين ٿوري برٿنڊي ۽ ماڪيءَ جو ڪاڏو ڏئي ڏسو ته ڪيئن ٽيون فضيلتون ڇڏي ڦورو ۽ رولو ٿين. شراب جي بنيءَ جي آسپاس وارا ڪڪڙ ئي شراب جي ڪچري کائڻ تي ائين هري موج ۾ گذاريندا آهن جيئن ڪو عادي پياڪ.

جانورن جو هنر: ڊاڪٽر ميڪگوئن ڪن لنگورن بابت چوي ٿو ته هو ڪن ٻيرن وغيره مان ڳاڙهو ۽ سائو شراب ٺاهي هٿ سان ٺاهيل ٿانون ۾ سياري جي ڪم لاءِ سانڍي رکندا آهن. باقي سمجهه ڪي کهڙا سڱ ٿيندا آهن!

جانورن ۾ عصمت: چينائي بدڪ پاڪدامنيءَ جو مثال آهي، جن جو جوڙو هر ڪنهن وهانوَ جي جڄ ۾ سوڻ خاطر ڪٽندا آهن ته شل گهوٽ ڪنوار ۾ انهن جهڙو وفاداريءَ جو سلوڪ پيدا ٿئي. ڪئنري پکين ۾ به ساڳي فضيلت آهي. هڪڙي نر کي جي ٻن مادين سان پڃري ۾ رکيو ته زندگيءَ جو سارو ساز سلوڪ سڀ ختم ٿي ويندن.

جانورن ۾ غيرت: ٿورو ٻگهه پکيءَ جي غيرت ۽ سمجهه به ڏسو. برلن جي ويجهو ڪنهن گهر جي منگهه ۾ ٻگهه جو آکيرو هو، جنهن ۾ سندن هڪڙو آنو هو. گهر جي مالڪ اهو آنو ڪڍي ان جي جاءِ تي هڪ هنس پکيءَ جو آنو رکي ڇڏيو. وقت گذرندي هڪڙو هنسڙو ڦٽي نڪتو. نر اهو لقاءُ ڏسي جوش ۾ وٺي اڏاڻو. ماديءَ ته پٽي ٻچي جي پرورش ڪئي ۽ پرگهور لڌي. چوٿين ڏينهن پنج سؤ کن ٻگهه ٻير واريءَ ٻنيءَ ۾ اچي وارد ٿيا. لهندي ئي ٺهي جڙي باقاعدي هڪڙي ميٽنگ ڪيائون، جنهن ۾ ڪيترن پکين مٿانهين جاين تي ويهي ڪجهه چيو، پوءِ هڪدم ميٽنگ ختم ڪري سڀ اچي آکيري تي ڪڙڪيا ۽ ٻچي، ماءُ، توڙي آکيري کي ناس ڪري سڀ هليا ويا ۽ وري ڪين ڏٺا. ٻگهه سمجهه، زوجي وفاداري ۽ ماٽهن سان محبت ڪرڻ لاءِ مشهور آهن.

جانورن ۾ قوميت: پکين جو ملڪي ۽ قومي احساس هن مان ظاهر آهي، جو هر ڪنهن جهاز تي همسفر پکي هوندائي هوندا. اجا جهاز ڪنهن اهڙي هنڌ جتان سندن ديس سٽائو هوندو ته انهيءَ ذات جا سڀ پکي وٺي اڏامندا. سندن فعل ظاهر ٿو ڪري ته ڪين خبر آهي ته جهاز اوڏانهن ٿو وڃي، جيڏانهن ڪين وڃڻو آهي. اهو سمجهه سواءِ ڪيئن مغز ۾ آين؟

سمجهه جو نشانبر: جي سمجهه جو نشانبر اهو آهي ته اها لياقت جا حواسن جي پهچايل خبرن کي ڪنو ڪري پروڙي، ڇنڊي، ڇاڻي مفيد فيصلو ڪري سگهي، ته انهن جانورن کي به گهٽ وڌ سمجهه جو مالڪ مڃڻو پوندو. جن کي قدرت ڀلا يا ڀلا حواس ڏنا آهن، نه ته حواسن جي هئڻ جو مقصد ئي ڪهڙو؟

هاٿيءَ کي ڪنهن پل تي چاڙهيو ته ڪيئن ٿو ان تي ڏسي وائسي پير رکي، زور ساهي، لوڏي لوڏي آزمائي ته بار سهندي يا نه، ۽ جي پل کي ضعيف سمجهيائين ته فيلبان يا ماهوت ماري وجهيس

جي چڙهي. ڪو به فيصلو سمجهه هلائڻ جو نتيجو آهي. هاٿيءَ کي پنهنجي وزن جو احساس ته پورو ٿو ڏسجي. شايد ائين به ڳڻ ڪندو هجي ته پل ناهڻ وقت، ٿوري مقدار واري انسان پنهنجي وزن جو خيال رکيو هوندو نه منهنجو.

حياتيات جي اڀياس ظاهر ڪيو ته جيئن جيو اوائلي تيئن سندس اوٺون پختيون ۽ سمجهه نه جهڙي. جيتن جو ڪم سارو احساس ۽ اوٺ تي هلي، ايتري قدر جو جي پنهنجو مقرر ڪاج هٿ نه اچين ته مري وڃن. پر ٻئي ڪاج ڪي نه وچڙن، جيتوڻيڪ سڻا ڪاج پاسي ۾ پيا هجن. مٿيرو جيئن جانور سمجهو ٿيندو وڃي تيئن آزمودي مان پرائي پنهنجي ماحول جي پيٽ تي پوندو وڃي. اوٺ رڳو واٽ ڏسي، باقي ڪم سمجهه ڪان وٺي، جيتن ڪان ٻئي نمبر ۾، سنڌن وارا جيت، جيئن مکڙ تئي درجي ۾، پنيءَ جي ڪندي وارا، انهن ۾ ڪافي تميز تي تئي، جيئن مڇون، بلائون ۽ پکي، چوٿين درجي ۾، کير ڏيندڙ جانور، جن جي چوٽيءَ تي آهي ماڻهو، جو چا مان چا ڪري رهيو آهي.

مثال لاءِ کير ڏائيندڙ جانورن مان ڪتي جي روش کي وٺو ته منجهس اوٺ وارا ڪم بنهه گهٽ ڏسبا ۽ سمجهه وارا گهڻا. سندس رخ ۽ هلت مان سهي ڪري سگهبو ته ڪاوڙيل آهي، ڊنل آهي يا شڪر گذار. ڪنهن ڌاريئي ڪتي کي ڏنائين ته ڪيئن نه ٿو حشمت سان ڪر ڪٽي. پڇ مٿي ورائي ڦيرائي زور سان ڀؤنڪي ۽ دنگي (الر). وري جي ڪتي ڏنائين ته پڇڻ ڪم وريام جو ته ڪيئن نه پڇ ٽنگن ۾ ورائي ٿو پيرن کي تکو ڪري (ڊپ). پنهنجي مالڪ کي خوش ڏنائين ته نخرا ڪندو اچي پيرن ۾ پڇ لٽڪائيندس (نئڙت) ۽ جي ڏمريل ڏنائينس ته پويان پير ڪري وڃي باادب ڪنڊ ۾ ويهندو. مئڪڊوگال جو خيال آهي ته ڪتي ۾ سچيتي ايتري آهي، جو سندس اوٺ وارا ڪم فقط اهڙن وقتن تي ڏسبا، جڏهن ڪتي بيخيالو وينو بت ڪنهندو يا سمهڻ جي جاءِ تي چار ڦيرا ڏئي پئجي رهندو. وري سندس مادي ڏسو ته ڪيڏي نه ٻاجهه ۽ جتن سان ٿي گلڙا تاتي. پهريدار ڪتو ته ماڻهوءَ کان به بهتر آهي. ڪيترو نه سمجهه کي ڪم ٿو آڻي.

ماڻهوءَ ۽ حيوانن جي ذهني رشتيداري:

اڳي بيان ڪيل ماڻهوءَ جي اڏمن کي، ڪتي جي هلت سان ڀيٽڻ تي ٻنهي جي هلت جو دستور ساڳيو ئي ڏسبو، جنهن مان آسانيءَ سان پنهنجي ذهني رشتيداري پسن سان معلوم ٿيندي. البت ماڻهوءَ جي سمجهه گهڻو مٿي آهي، ان ۾ شڪ ڪونهي. ماڻهو سوچي، سمجهي، ڳڻي - ڳوتي قدم

ڪٽندو . اهنجايون، سهنجايون، نفعو، نقصان ڏسندو پر بعضي ته مطلب مدنظر رکي وات جو ويچار به ڪونه ڪندو. بعضي ته جوش جي جولان ۾، وجي پاڻي پرڻ لاءِ ته خون ڪيو پيو موٽي. پسونءَ به ڪو چمڪو ڏٺو، ڪاءُ ٻڌو يا ڪا اوپري شيءِ بت سان لڳس ته ٽاهه ڪائيندو. ايتري سمجهه ڪانه پوندس ته هيڏي پڇان يا هوڏي. ڪٿي چمڪي جي ابتڙ طرف منهن ڪندو ۽ پڇندو پڇندو اتي وجي دنگ ڪندو، جتي سندس پڙڪي ڪاڏل طاقت جو چوهه چندبو. اتي جي وري ڪو ٻيو تازو خطرو نظر چڙهيس ته وري به گهٽ هٽندو، پر نڪا خبر مفاصلي تي رکندو، نڪا طرف جي ته ڪاڏي ٿو وڃان، ڇا ٿو ڪريان. هن جو ڪم آهي موجود خطري کان نڪرڻ ، مطلب ته اوٽ ڪنهن وقتي ضرورت کي پوري ڪرڻ جو وسيلو آهي، پران جي نتيجي کان بيخبر. دورانديشيءَ کان غير واقف.

عجب نه آهي ته جيڪو اسين جانورن جي ڪمن ۾ ٿا ڏسون تن جو ڪين خواب به نه هجي. تجربن ظاهر ڪيو آهي ته اوتائتا ڪم ڪن وقتي ۽ مقرر اندرين يا ٻاهرين چونگن جو نتيجو آهن، جن جو مقصد آهي جيو جي موجود حالتن ۾ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ. چنڊول جي ڳُڻ چور روش گهٽن کي خار ۽ ان لاءِ ڏڪار پيدا ڪئي هوندي، پر بيڏوهه چنڊول اُن جي خواب کان بيخبر، اها ئي روش وٺيو هلي، چنڊول، ڏارين مائٽن جي آکيري ۾ ڦٽندو آهي. ٿوري زور وٺڻ بعد ڏسبو ته ڦٽ ڦٽ ڪري آکيري جي حقي حقدار ٻچڙن کي ٻاهر ڏڪيندو رهندو. ڪير چوندو ته هيءَ سندس تڪيل توريل بيرحميءَ جي هلت، مطلب کان خالي هوندي؟ پر رازدانن نيت رمز سڃاڻي ورتي. معلوم ٿيو ته چنڊول اهو ڪم بلڪل مجبوريءَ جي حالت ۾ ڪندو ٿو رهي ۽ ان جي نتيجي کان بي خبر. چنڊول جي ٻچڙي جي پٺي ويڪري ۽ ٿوري جهميل ٿي ٿئي، جنهن تي جي ڪو نندو پتر يا ڪائي تڪر پيو ته پيو رهندو. پر پٺيءَ جو احساس ايترو اٿس جو جيسين ان کي نه ڪيرائي تيسين آرام نه اچيس. انڪري ڪجهه به پٺيءَ تي لڳس ته ان جي هرڪر کان ويا ڪل تي وٺيو ٽپ ڏئي، جيسين اڇلجي وڃي. ساڳيءَ طرح جي ڪنهن ٻئي ٻچڙي به پٺيءَ تي زور ڏنس ته ان کي به ڪيرائڻو ئي پوندس.

آگٻن ڏيکاريو آهي ته ڪڪڙ جو آرو ڪرڻ، ماءُ جي مامتا پوري ڪرڻ لاءِ نه آهي، پر لاڳيتن آنن لاهڻ ڪري پيدا ٿيل مڪاني سوج ۽ سوزش جي آڪڙ کي ٺارڻ لاءِ. آزمودي خاطر هڪڙي ڪسي ڪيل نر ڪڪڙ کي پچي تي ٿورن ڪارن مرچن سان سوزش پيدا ڪري ڪٿي جو آري تي ويهاريوس ته پوريون ماديءَ جون سڪون لاهيندو.

لاڳيتن عڪسي عملن جو اصل:

آنن ڏيندڙ ڪڪڙ ڪي ڏسبو ته آني لاهڻ کان پوءِ به ڳچ وقت آني تي ويٺي رهندي. هاڻي معلوم ٿيو آهي ته آني لاهڻ ڪري جيڪو سور ۽ آڪڙ تي ٿئيس، ان کي جهڪي ڪرڻ لاءِ گرم آني جي ٿاڪور ڪيس آرام تي ڏئي، جنهنڪري ان تي ويٺي تي رهي. جيسين وري بک جي ضرورت پلڻ لاءِ گجيءَ واري چونگ اٿڻ تي مجبور ڪري اها حالت بدلائيس. هڪ هنڌ ٻڌجي ويهڻ ڪري ٽنگون به ڪڙجي پوندس ۽ انهن مان به ٽڪ جون چونگون اپرندس ته اٿ ۽ گهمر، جيئن اسين لاڳيتي ويهڻ ڪري ٽڪجي ڪر موڙيندا آهيون. اهڙيءَ طرح اهي من ودوان، جيڪي انهيءَ خيال جا قائل آهن ته حيوانن کي ڪا مجبوري تي ڪم ڪرائي نه آئيندو مقصد يا ان جي اڳ ڪتي، سي جانورن جي هلت جي سمجهاڻي لڳاتار عڪسي عملن جي اصول تي ٿا ڏين. چي: هيٺيان جانور فقط هڪڙو ڪم مجبور تي ڪري ڇاڻن، اڳتي جو ڪو به خيال ڪري نه ڄاڻن. سهي ڪڙڪو ٻڌو، ڀڄو. وري جتي پهتو، اتي جو ڪم اتي سان. جي اتي به ڏنو ته وري ٻي گهٽ هٽندو، نه ته بس. ڪڪڙ جو آرو به سوچ کي گرم رکڻ سان ٿا پر ڏيڻ جو آهي، جنهن ڪم تي پوءِ هريو وڃي. ٻچن ڦوڙڻ جو ان کي خواب به ڪونهي. جيڪو ٻچو ڦٽو ته وري ٻي اوٽ جي چونگ ٻيو ڪم ڪرائيندس ۽ هاڻي ماءُ جو اولانگهو پيدا ٿيندس جيئن ٽائيپ رائيٽر جو ڪم. اي تي ڏڪ لڳس ته اي لکندو، بي تي ته بي لکندو، نه اهو خيال رهيس ته ڇا ڪيم نه اهو ته ڇا ڪرڻو اٿم. البته مئڪڊوگال انهيءَ راءِ جو آهي ته هر هڪ جانور مقصد ٿو رکي ۽ اوٽن کي به مقصد مدنظر آهي ته پوءِ رڳو اوٽ جو ڪم ته ڪيئن چئبو، خيال جو ڪم به ظاهر آهي. ڏسجي ٿو ته اهي اصولي تعصب فقط انڪري آهن جو ننڍي جانور کان ماڻهوءَ تائين ساڳئي اصول کان ڪم ورتو ٿو وڃي. پتنگ باهه ۾ ٽپيو پوي، ٻيو هر ڪو جهنگ جو جانور باهه کان ٿاهه ڪائي. پتنگ کي آپگهات ڪرڻ ۾ مطلب ته ڏسجي ئي ڪونه ٿو. ساڳيءَ طرح ٻار به باهه تي عاشق آهي. رڙهي وڃي هٿ وجهندس، جيسين هڪ واريءَ هٿ ساڙي آزمودو پرائي. پوءِ مجال جو هٿ ڊگهيري، پڪ نه آهي ته ٻار کي اهو ڪم سونجهه جي اوٽ تي ڪرائي يا فقط چمڪي جو عڪسي عمل. اڄڪلهه ٻار ۾ اوٽن جو هئڻ گهٽي قدر ناموزون خيال سمجهو ٿو وڃي، پر روح جا قائل ودوان، اوٽن کي ازلي فاعل تسليم ٿا ڪن.

پسن جا ڪم ته مقرر هئڻ سبب ذاتي خصوصيتون بنجيو پون ۽ سنڌن ٻچ ۾ سمائجيو موروثي ٿيو وڃن، جيڪي ٻچو مائٽن کان حاصل ڪري، سو صحيح سلامت پنهنجي ٻچن کي پهچايو ڇڏي.

تجربي ڏيکاريو آهي ته جيڪي ٻچا انڪيوبيٽر ۾ ڦٽندا آهن، سي ڪڪڙ جي پٽيان ڪين لڳن، پر جنهن کي پهرين ڏنائون ان جي پٺيان. اهو پلي ته ڪو ٻار هجي يا ڪو ڪتو. ساڳيءَ طرح ڪنهن ردِ جي ٻچي کي ٻاٺليءَ جي ڪير تي تاتبو ته نڪي ڌڻ سان نڪرڻ پسند ڪندي نه وري ٻچو ٿيس ته ان کي ڌارائڻ جي پوئواري ڪندي. ڏسجي ٿو ته اوتن جو موروثي هئڻ هوندي به پسونءَ جي آزمودن جو چڪر گهڻي قدر پنهنجي سر سان شروع ٿو ٿئي پاڻ سان پورو ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته پسن جي هلت سمجهڻ لاءِ گهڻي تجربي جي ضرورت ظاهر آهي.

مطلب ته پسون ترت جوکم کان پاڻ بچائي پچندو پر اڳيان ڇا آهي، ان جي خبر رکي نٿو سگهي. عجب ڪهڙو جو وات تي مورڳو ڪنهن وڏي هائو جي وات ۾ اچي وڃي. هو هاڻي ۽ هتي سان ٻڌل آهي، نه آئيندي ۽ اڳتي سان. ماڻهو ته ڪنهن مشڪل کي منهن ڏيڻ لاءِ ويچار ڪري سگهي ٿو ته هاڻي ڇا ڪريان، سياڻي ڇاڪبو ۽ ٿيهن ورهين بعد جيڪي حالتون بيٺيون، انهن جو اثر ڇا بيهندو ۽ ڪيئن انهن کي منهن ڏبو.

جيترو ڪنهن جي دور نظر گهڻي ۽ پوري، اوترو سندس قدر قيمت زياده. ترهو نه ٻڌڻ ۽ توڪل تي سٽڻ، لهرن جي لڙهه لڳڻو آهي، نه عقل جي. جي توڪل انهيءَ کي ٿو چئجي ته ڏاچيءَ کي ڏانوڻ وجهڻ کان سواءِ ڇڏي ڏجي ته اهو ٿيو پسونءَ وانگر مات ڪري گهٽ هڻڻ، جيئن اٺ پڪي ڊپ ۾ منهن هٺي پائيندو آهي ته مون کي ڪو ڏسي ئي ڪونه ٿو. مان سلامت آهيان. پر غور سان جاچي ڏسبو ته ماڻهو پڇنديءَ آهر پوريءَ سمجهه کان ڪم ٿو وٺي ۽ توڪل فقط اهڙي هنڌ ٿو ڪري جتي زياده وس ڪونه ٿو هليس. بعضي وري ڪنهن ڳجهي مدد جو آسرو هوندو اٿس پر سلينندو ڪين آهي.

<u>ماڻهو ۽ اوتون</u>

ماڻهوءَ کي به ڪي اوتون موروثي مليون آهن يا نه. هڪ وڏو سوال آهي، جنهن تي جديد مغربي نفسياتي ماهر اجا متفق نه ٿيا آهن. ايترو ته پڌري پٽ پيو آهي ته جيئن جانور اوت اپرڻ تي ڪجهه ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيو وڃي تيئن ماڻهو نه آهي. اوت مطلب ڏيکاريندي هجي پر اسين هڪدم تعميل ڪرڻ لاءِ مجبور نه آهيون، جيسين سمجهه به اجازت ڏئي، جانور کي بک ڪنيو ته ڪاڏي جي ڪڍ لڳندو، ڊپ

ڪٽيس تہ ڦٽندو، پر اسين هروڀرو ائين نہ بہ ڪريون. ماڻهو تہ نہ رڳو مقصد کي پهچڻ جو طريقو ٻيو ٻيو ڪم آڻي ٿو سگهي پر خود مقصد کي ئي عقل سان بدلائي بهتر صورت ڏئي سگهي ٿو. جانور ساري طاقت کاڄ جي هٿ ڪرڻ ۽ جفتي ضرورت پوري ڪرڻ ۾ صرف ڪيو ڇڏي، پر انسان نفسي خواهشن کي روڪي منجهانئس پيدا ٿيل طاقت کي علم جي حاصلات ۽ هنر جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪارآمد ڪري سگهي ٿو. ان ۾ ئي انسان جي ترقي ۽ برتريءَ جو راز سانديل آهي. جيئن تن کي تسيو ڏئي، پنهنجي بدني موڙي اجائي واءِ وڪر ڪرڻ کان روڪبي، تيئن اها طاقت مغز کي طاقتور ڪري خيال ۽ ذهن وڌائي ماڻهوءَ کي اپاريندي. بدني پيدائش کان ذهني پيدائش گهٽي اتم ٿي ٿئي. فيلسوفن پرٽو ڇڏيو تہ خيال طاقت وارو ٿئي ۽ ڪجهہ بهتر پيدا ڪري. ٻار تہ جانور بہ ٿا ڄڻين، ڪا ذهني پيداوار ٿئي.

وليم مئڪڊوگال جو خيال آهي تہ اوڻون ماڻهوءَ ۾ بہ خوب ڪم ڪري رهيون آهن. هو صاحب ايترو تہ اوڻن جو قائل آهي جو چوي ٿو تہ: ”ارتقا جي اوڻن جي تفريق ۽ تخصيص نہ آهي تہ ڇا آهي؟“ هي پنيءَ پلئہ اچليل اصول، ٿورين حقيقتن کي ويچارڻ سان ڇتو ٿي پوندو. سڱن وارا جانور انڪري نتا وڙهن، ڇاڪاڻ تہ سڱ اٿن. پر سڱ هٿ ئي انڪري چڙهين، جو انهن کي ڪاڏي هٿ ڪرڻ لاءِ ٽڪر هڻڻا پيا ۽ وڙهڻ جي اوٽ ڏيارين. گوشتخور درنده انڪري نہ ٿا ٻين کي چيرين ڦاڙين ڇاڪاڻ تہ خونخوار ڏند ۽ چنبا اٿن، پر جيئن تہ سندن کاڌو اهڙو آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ ۽ ڀاڻ ٽڳائڻ لاءِ هنن کي انهن تيز اوزارن جي سخت ضرورت آهي.

مئڪڊوگال تيرنهن مقرر اوڻون ماڻهوءَ لاءِ بيان ڪيون آهن. جي ڪيس ڪير ڏيندڙ جانورن جي شمار ۾ مليل ٿيون ڏسجن ۽ ڪي هلڪيون اوڻون پڻ ٻڌائي ٿو، جن جو منجملہ مفهوم ڪم و بيش هن طرح ٿيندو:

<u>(1) اولانگو، جنهن جي اوٽ آهي ٻچي تي ٻاجهہ:</u>

ڪير ڏارائڻ فقط اولاد جي پالنا جي ترتيب نہ آهي. هن شاندار تجويز ۾ نہ رڳو جيو لاءِ قدرت جياپي جو سامان موجود ڪيو آهي، پر ماءُ ۽ ٻچي لاءِ ذهني ترقيءَ جو هڪ بي بها طريقو، جنهن سان ارتقا جي وڏي منزل طي ٿي چڪي آهي. ٻئي لاءِ قياس ۽ ڀلائي بلڪ ٻئي خاطر جيئڻ هتان ٿو شروع ٿئي. ان کان سواءِ جانور کي ڪيتري نہ سمجهہ هلائڻي ٿي پوي. سبز يخور ماءُ، ٻچا ساڻ ڪٽي، سندن اون، ٻڌڻ ۽ سنگهڻ جي حواسن سان رکي، تہ وڇڙي نہ وڃن. وري پنهنجو ڪاڄ نهاري، ٻچن کي بہ ڇڪ

ڦڪ هڻڻ سيکاري، پوءِ چڱيءَ ڏياري موٽي وٺڻ تي. گوشتخور ماءُ کي ڪاڏو ملي خونريزيءَ سان انڪري ٻچن کي ڏر ۾ ڇڏي تہ متان ياچ ڊوڙ ۾ وچڙي نہ وڃن يا مارجي وڃن. پاڻ شڪار ڪري پيٽ ڀري، ٻچن جو حصو ڏر تي کڻيو اچي. هتي ٿو بنياد پوي ڪٽنب ٺاهڻ جو. ظاهر ڏسڻ ۾ ايندو تہ گوشتخور ماءُ زيادہ سمجهہ واري ۽ دور انديش آهي. ڏٺو ويو آهي تہ جيڪو جانور زيادہ تات ٿو گهري ۽ دير سان پاڻ سنڀالڻ جهڙو ٿو ٿئي، سو زيادہ سمجهو ٿو ٿئي. پاڻ سنڀالڻ لاءِ جانور تڏهن تيار ٿو ٿئي، جڏهن جيو بدني ۽ ذهني ترقي ڪري پنهنجي ماحول کي منهن ڏيڻ لاءِ لائق ٿو ٿئي. گوشتخور جانورن ۾ پيءُ بہ نيپاج ۾ گهڻو حصو وٺندو آهي.

(2) ويڙهہ، جنهن جي اوٽ آهي ڪاوڙ:

هن جو مقصد بہ ٽڪر هٽ ڪرڻ ۽ پنهنجو ۽ ٻچي جو بچاءُ آهي. ڪي جانور تہ پهرين اڪ ڏيکاريندا آهن، جنهن کي ويڙهہ جي تياري سمجهڻ گهرجي. جسم جي ڪنهن حصي کي ڦوڪڻ، وار ڪڙا ڪرڻ، پڇ کي زور سان ڦيرائڻ ۽ شور وجهي ڪڙڪات ڪرڻ. ويڙهہ ۾ آواز ڪونہ ڪن، ڇاڪاڻ تہ وات کي هاٿي چڪ پائڻ لاءِ تيار ٿا رکن. ”ڀؤنڪٽو ڪتو چڪ نہ پائي“

(3) ڪوجنا، جنهن جي اوٽ آهي سونجهہ:

چاهہ پيدا ڪرڻ واري اوٽ اها آهي جنهن سان خبرون ٿيون پون. ٻار تہ هر ڪنهن نئين ڳالهہ ۾ محو ٿيو وڃي، پر وڏا بہ سر وڃائيندڙ جبلن جون چوٽيون وڃو ڪڍن تہ اتي ڇا آهي! اها سونجهہ ٿي ڪرائي. تعجب ۽ طريقو ڪنهن کي قسمت ڏياري تہ حاصلات بہ پري ڪانہ ويندس. راز جُوئي سياڻپ جو پهريون ڏاڪو آهي. انڪري ان ڪان سواءِ ڪجهہ بہ معلوم ڪرڻ سگهڻ يا ڪا بہ واقفيت حاصل ٿيڻ مشڪل آهي. اندرين اُڻتڻ ضروري آهي.

(4) پيٽ ڦوت ڪرڻ، جنهن جي اوٽ آهي بڪ:

جانور ڪنهن اندر جي الجهن تي ڳيپي جي ڳولا ۾ ٿا نڪرن. ڪي تہ خاص شيون ڪائين. ٻڪري ذري گهٽ هر ڪا ساوڪ ڪائي. ڪير پياڪ ڪير پيئن. عجب نہ آهي تہ شايد باس تي ٻچو ماءُ لهندو هجي. وڏي هوندي بک بہ لڳين ۽ اچ بہ. ماڻهوءَ ۾ شڪار لاءِ چشڪو، اها ساڳي پيٽ ڦوت جي لوڙ پيو ڏيکاري.

حقيقت ۾ مغزجي احساس، خيال ۽ اختيار جي چڪرين چورڻ جي چاهي بک آهي. جي بُـک بت کي بر نہ ڪري تہ نڪو خيال بک لاهڻ جي وات ڳولي، نہ عمل انهيءَ وات لڳي. وري بک جي عذاب کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ چا چا نہ ڪيو ويو آهي. پاڇي ڪرڻ، سهيڙڻ، ميڙڻ، ملڪيت ناهڻ، ملڪيت جي بچاءَ لاءِ اخلاقي، مذهبي، سياسي قانون ناهڻ کوجنا ڪرڻ، هنر هلائڻ، صنعت ۽ ايجاد ڪرڻ، ڪلون ناهڻ، ڪارخانا ڪڍڻ، واپار ڪرڻ، قلعا ناهڻ، لشڪر رکڻ ۽ چاچا نہ. مگر اهي سپ خود غرضيءَ لاءِ. جيسين ماڻهو بک جي پريشانيءَ کان آزاد نہ ٿيو آهي، تيسين ڪو اخلاق وارو شائنتو خيال اچيس ٿي چوٿو. ترقي تہ پري ٿي.

(5) منهن بيڙو ڪرڻ، جنهن جي اوٽ آهي ڪرپ:

ڪرپ، دل ڪچي ڪري قئي بہ ڪرائي وجهي. اوائلي ماڻهوءَ کي ڪاڄ جي شين ڳولڻ، ڪين پسند ڪرڻ ۽ مقرر ڪرڻ لاءِ هن اوٽ چڱو ڪم ڏنو هوندو. پولڙي کي ڪا نئين شي ڏيو تہ وات ۾ وجهي ڏڏريندس ۽ جي نہ آئڙيس تہ ٿوڪاري ڇڏيندس. سواد ۽ بانس هن اوٽ جا اوزار آهن.

(6) تاهہ ڪائڻ، جنهن جي اوٽ ڊپ آهي:

ڀڄڻ ڪري هر ڪو جيو خطري کان بچڻ جي اوٽ تي ٿو هلي ، ضعيف جانورن ۾ هي اوٽ ويتر تکي ٿي ٿئي. بعضي تہ شينهن کي بہ پچ پائي پنيرو ويندو ڏسبو آهي، پر سيڙهہ ۽ چاهو پنهنجن تيز ڪنڊن ڪري ايترو تہ محفوظ آهن، جو هر حالت ۾ ويڙهجو چپ هنيو پئجو رهن. اون، سچيتي، هوشياري، ٿهڻ، ڀڄڻ ۽ گهٽي خوف ۾ ڏڪڻ، هن اوٽ جا عمل آهن. ڏڻ ۾ تہ شل نہ ڪو پاتي آواز ڪري، پوءِ هڪڙي تاهہ ڪاڏو تہ پاڄ پئي.

(7) ڳڏ ٿي ويهڻ، جنهن جي اوٽ جان جو بچاءُ آهي:

ڏڻ ۾ هلندڙ جانورن کي اها سهوليت آهي جو ڪنهن بہ خطري جي ڪُـڙڪ هڪ کي پئي تہ سيني کي پئي. ان کان سواءِ ڳڏجي پنهنجو بچاءُ ڪرڻ ۽ ڳڏجي دشمن تي حملو ڪرڻ بہ مدنظر آهي. سماج جو بنياد هن اوٽ تي آهي.

(8) ڪوڪ اونائڻ، جنهن جي اوٽ آهي همدردي:

ڪتو ڪتي جي ڪوڪ اونائي. ڪنهن کي ڪو خطرو ڏسڻ ۾ آيو تہ ڪوڪات ڪندو آسپاس جو هر ڪو ڪتو ڪَـن اُپا ڪري اوڏانهين ڀڄندو.

(9) آڪڙ ۽ نئڙت جون اوتون آهن، اتامرائي، ڪسرنفسي:

ٺڪاش، ٺيڳر، هوڏ، هٺ، آڪڙ، غرور هن اوت جا درجا آهن، ڏڻ اڳرو اهو ئي ٿيندو جيڪو زور وارو هوندو. جيڪي گهٽ زور وارا هوندا، سي اڳواڻ جي طاقت محسوس ڪري، ضرور گهٽ وڏ آجيان ڪندا، اتامرائي ۽ ڪسر نفسيءَ جون اوتون اڪثر ڪتيون ڏسبيون. حڪم هلائڻ گهرين ته مڃڻ سڪ.

(10) مجامعت، جنهن جي اوت، شهوت آهي:

جانور انهيءَ اوت ابرڻ تي، پنهنجي جوڙيوال لاءِ واجهائڻ لڳندو. اهڙي وقت تي نر ڪڙائيءَ ۾ ڏسبو ۽ مادي انگڙاين سان ڪيس موهڻ ۾ مست، جوان ٻ، مڇ وٽي، ڏاڙهيءَ ڪي ڇنڊي، سينڊ سرمو ڪري، جوپ ڪپڙا پهري، پنهنجو جلوو ڏيکاريندا آهن. ملهه وڙهڻ يا ٻيا مردانه طاقت جا ڪم ڪن، ڳائن يا نچن ٽپن يا ٻيءَ طرح پنهنجي سگهه جو اظهار ڪن. آواز ڪرڻ جي ضرورت، هرڪو جانور پهرين ماديءَ جي ڳولا ۾ لڪائيندو آهي. بلبل، ڪوئل، ڪبوتر، يا ڏيڏر جڏهن ساٿيءَ جي تات ۾ تار ٿيندا آهن، تڏهن ٻول ٻولڻ شروع ڪندا آهن.

(11) ميڙڻ جي اوت، سهيڙ آهي:

ڪيولين ڪي هيءَ اوت ڏاڍي آهي، گوشتخور ته پنهنجو ڪاج سانديي نٽا سگهن. ڪتو، سو هڏو پوري رکندو آهي ۽ گهرج تي وجي ڪوٽي ڪرٽيندو اٿس. هي اوت ڪاڏي جي پوئواري تي ڪري. ماڻهو ڪي سهيڙا ٿين جي ٿورن ڪي سنپالين. ڪي ميڙو، جي روز نيون شيون جمع ڪندا رهن.

(12) اڏڻ جي اوت، حفاظت آهي:

هن اوت جو ڪم ته عام طرح ڏسبو. جيت جٺو پکي پکڻ، پنهنجو اجهو ٺاهي ئي ٺاهي. ٻار ڪي مٽي ڏيو ته ڪجهه نه ڪجهه ٺاهڻ ڪي لڳي ويندو.

(13) رڙ ڪرڻ جي اوت، نااميدي آهي:

دانهن واهر لاءِ ڪبي ڪنهن اوکيءَ ڪي منهن ڏيڻ لاءِ يا ڪنهن گهرج پوري ڪرڻ لاءِ. ٻار ٻ جمڻ سان رئندو. بک، سور، سيءُ گرمي، اهنج، ايذاءُ ٿيس ته رئندو ۽ ماءُ ٻ هڪدم هوشيار ٿي پوئواري ڪندي. ڪيڏو ٻ گوڙ هجي ته ٻچي جو روئڻ پري ڪان سجاڻندي.

ڪي هلڪيون اوتون: مٿڪدوگال جو چوڻ آهي ته مٿي ذڪر ڪيل تيرهن اوتون، ڪير ڏيندڙ جانورن ۾ اڪثر ڏسبيون، جن جو ماڻهوءَ جي فطرت ۾ ٻ گهٽو دخل آهي. ٻيون ٻ ڪي هلڪيون اوتون

ٻڌايون اٿس جيئن ته: چڪ ڏيڻ، ڪنگهڻ، ڪنهڻ، هنگڻ، مٽڻ ۽ ڪلڻ. انهن عملن کي ٻه مقرر اوتن ۾ انڪري داخل ڪيو اٿس، جو هر ڪنهن ۾ اوت واريون وصفون موجود آهن جهڙوڪ: (1) هر ڪا ڪنهن اندرين ڇڪتاڻ جو نتيجو آهي ۽ جي پوري نه ٿي، ته ويتر زور پريندي رهندي ۽ ساري بدني سگهه کي گهيري قبضو ڪري ويندي ۽ جي ايتري ۾ ڪا ٻي اوت اپري ته ان سان ڇڪري ڪائيندي. (2) سندس پوئواري ٿيڻ تي بت کي آرام ۽ نه پوري ٿيڻ تي اندر ۾ چورا ڪورا رهندي (3) مٿن اختياري ضابطي جو به ساڳيو اثر ٿي سگهي ٿو، جهڙو ٻين مقرر اوتن تي. البت پڳهرجڻ، منهن ڳاڙهي ٿيڻ يا پيلي ٿيڻ کي اوتن ۾ داخل ڪري نٿو سگهجي، جو اهي ڊپ ۽ ڪاوڙ جي جذبن جي اظهار جا نشان آهن. راند ڪيڏڻ جي به ڪا اوت مقرر ڪري نٿي سگهجي.

اوتن بنسبت ڪجهه راءِ زني ڪرڻ کان اڳي مناسب ٿيندو ته اوت جو ڪو نشانبر مقرر ڪجي، جو مئڪڊوگال جي خيال موجب به منجمله هن طرح ٿو بيهي: "اوت هڪ ڄائي ڄم جي موروثي اندر مان جاڳيل (نه آزمودي مان پرايل) رغبت آهي، جا جيوجو ڌيان پاڻ ڏي ڇڪي، بدن کي چونگ ڏئي، پرڪو ڪارائي اهڙو ته بر ڪيو ڇڏي، جو جيسين پنهنجي منشا پوري نه ڪري، تيسين جيو کي سک سمهڻ نه ڏئي."

لائڊمارگن جو نشانبر ٿورو ڦريل آهي. اوت ساري جسم کي لاڳيتن پيچيدن تحرڪن ۾ رنيائي ٿي، جي جيوجي پلي خاطر آهن، ڄائي ڄم کان آهن ۽ جنس جي هر هڪ فرد لاءِ هوبهو ساڳيا آهن.

اوتن جي تفصيل تي سرسري نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو ته سندن منجمله مقصد فقط جيو جي پلائي ۽ پائداري آهي، شخصي، سماجي ۽ قومي، ٻيو ڪجهه نه. شخصي اوتون آهن: بک، ڪرپ، ڊپ، سونجهه، اتامرائي. سماجي اوتون آهن: گڏجي ويهڻ، همدردي، سهيڙ، ڪسرنفسي. قومي اوتون آهن: ٻچي تي ٻاجهه، جفتي، ويڙهه، اڏڻ.

ڏسجي ٿو ته خودروُ بي انت ڪائنات جي رٿ ۾ هر ڪو قدرتي رانديڪو جنهن کي جيو ٿا چئون، پنهنجي هلائڻ واري چاٻي به ساڻ ڪنيو وتي، جنهن کي اوت ٿو چئجي جا وقت بوقت ضرورت محسوس ڪيو، بدني ڪل کي پريو، ڪائنس ڪونه ڪو ضروري ڪم بنا خيال جي پورو ڪرائيندي ٿي رهي ۽ تماشو هلندو هلي. ڇٽڪ هي به ڪو عڪسي عمل جهڙو سلسلو آهي، جو جيسين ڪو جيوَ سمجهه ساٽي ڪري، تيسين ساري بدن کي ڪنيي ڪيو ڪٽي، جيئن نه ڪو پاسبان پري کان

دشمن جو بمبار تاڙي، پنهنجي عملي کي بگل سان هوشيار ڪري ته تيار، خبردار، تيئن اوٿون به ساري بدن جي تندتار کي للڪاريو سجاڳي ڏيو ڇڏين. فرق فقط اهو آهي ته عڪسي عمل ڪن ۾ ڪنهن خاص بدني حصي کان ڪم وٺي ويندو آهي پر اوٿ جو ڪم جتاءُ به گهٽو ڪري ۽ عمل به ساري بدن تي ٿئيس نه ڪنهن پاڳي تي.

هاٺي پنهنجي مقرر ڪيل نشانبر جي مدنظر تي ڏسون ته چوپاين جانورن واريون ڪهڙيون اوٿون اجا اسان ۾ موجود آهن. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته ماڻهوءَ ۾ ڪي بنيادي رغبتون ضرور آهن، جي انسان ذات لاءِ عام آهن، جيئن ته ڀُڃي جي ڳولا، سونجهه، ڊپ، الر، هام هٺ، جفتي ڪشش ۽ ٻار تي ٻاجهه. هي ازلي آهن سيني ۾ آهن، ۽ جيوت قائم رکڻ لاءِ ضروري. پر ڪي ڪهڙي عمر ۾ زور ورين ڪي ڪهڙي عمر ۾، ڪي مرد ۾ زياده ڏسجن ڪي زال ۾. سڀّ اوٿون ته ڇمڻ سان ڏسڻ ۾ اچن ئي ڪين ٿيون، انڪري ڪيتري قدر سمجهه به ساڻن مليو وڃي.

ٻالپڻي جي اوٿ آهي ڪائڻ جي ته بت زور وٺي . ڊپ به پريندي ئي ڏسبو. ٿورو ئي ڪجهه ٿيو ته ٻار ڇرڪ ڀريندو. گهڻو ڊنو ته روئي ڏيندو. وري ٿيو سمجهو ته سونجهه جي ڪري اوٿ ايندس ته پنهنجي آسپاس کان واقف ٿئي. هاٺي خودي به جتائيندو . جواني ته ساري جفتي اوٿ جي بلي تي رهي. جا مردن کي ويڙهو ڪري زالن کي حياءُ ڏئي. مرد جي تندتيگر هتان تي شروع ٿئي. ويڙهه جي اوٿ، زال کي به آهي پر پنهنجي بچاءُ ۾.

ماڻهوءَ ۾ سماجي حيثيت، رسم ۽ رواج، تعليم تربيت ۽ شخصي سمجهه جو اوٿن تي گهرو اثر ٿو پوي، ايتري قدر جو ڪنهن ماحول جي روش هڪ خصوصيت بنجيو پوي، تنهن هوندي به، انهن اوٿن جو بنياد ماڻهوءَ مان ڪو ويندو وڃي. البت ائين به آهي ته اسين ساري آدم ذات جا نمائنده ته ٿي نٿا سگهون، جو سيني جو نظير پيش ڪريون، ڇاڪاڻ ته جيئن جيو ۾ سمجهه وڌندي ٿي رهي، تيئن سندس اوٿ جهيڻي پوندي ٿي وڃي. انهيءَ مدنظر تي ڪيتريون زياده علم رکندڙ قومون، اسان کان زياده سمجهو آهن ۽ ڪي بي علم گهٽ سمجهه واريون وري هر ڪنهن قوم ۾ ڪي فرد گهٽ ته ڪي وڌ علم رکن ٿا، انڪري هر ڪو پنهنجي سمجهه مطابق ڪا اوٿ تکي ڏيکاري ته ڪا جهڪي. اهو ئي وڏي اختلاف جو سبب آهي، جنهنڪري ڪيترن مغربي مصنفن پنهنجي وقت جي عام دماغي ميزان کي خيال ۾ رکي اوٿن جو تعداد گهٽ وڌ پئي ڄاڻايو آهي. جيئن ته 1896ع ۾ وليم جيمس ٻٽيهه

اوتون بيان ڪيون جن ۾ ”مناڻ چتڻ“ جي اوت بہ شامل آهي. 1908ع ۾ مئڪڊوگال اصل ست ۽ ٻئي درجي جون پنج مقرر ڪيون، جن ۾ پوءِ تيرهن ”واهر لاءِ دانهن ڪرڻ“ جي اوت بہ شامل ڪري، ڪي هلڪيون اوتون بہ ڄاڻايون. 1913ع ۾ ٿارنڊائيڪ اوتن جي نئون نالو ڏئي ٻائيتاليهہ بيان ڪيون، جن ۾ چيڙائڻ، ڌمڪائڻ ۽ ستائڻ وغيره بہ داخل ڪيون. 1919ع ۾ وئرن چوبهہ مقرر ڪيون، جن ۾ ”لڪڻ“ ۽ متيان لڳڻ بہ موجود ڪيون. منجهن ڇهہ رغبتون بہ شامل ڪيائين، جيئن تہ ساڄي هٿ سان ڪم ڪرڻ وغيره. 1924ع ۾ ائلپورٽ تہ ماڳهين ڇهن قسمن جا ”ازلي عڪسي عمل“ بيان ڪيا ۽ اوت جو اڪرئي ميساري ڇڏيو. سو ٿو ٿيئوڊور صاحب ڇهر ڪري تہ باقي جوءِ ڪي مار ڏيڻ جي اوت الائي ڇو سيني جي نظر ڪان گسي وئي ٿي ڏسجي.

ايتري قدر اختلاف ڏيکاري ٿو تہ اوت جو ڪو پورو نشانبر اجا ذهن ۾ ڪونہ آيو آهي ۽ اچي بہ ڪيئن؟ جيڪڏهن اوت ڪئي، ٻلي، ڪتي، ٻڪر، ٻگهڙ، ڏاند، شينهن، ماڻهوءَ ۽ ٻين سون ڪير ڏيندڙ جانورن ۾ لاڳيتي هڪجهڙي ورتي ويندي، تہ نشانبر بہ ڪو وڏي عام وندبيندڙ جي اصول تي ٺاهڻو پوندو، جو سيني جانورن جي اوتن تي ٺهي اچي. رڳو ڪتي جي سمجهو هلت جو بيان ڪندي مئڪڊوگال انهيءَ خيال جو آهي تہ منجهس اوت وارا ڪم ڪي ٿورا وجي رهيا آهن. يعني تہ سمجهہ ۽ اوت مخالف آهن. اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهو جنهن جي سمجهہ اڳيان ڪتو ڪجهہ بہ نہ آهي. ان جي فطرت ۾ اوت ڇا ٿي چوي! ڪيترن مبشرين جو خيال آهي تہ بشريت جي حرفيات مان جيترو جلد هن لفظ کي ڪڍبو اوترو مونجهارو گهٽبو.

ماڻهو جنهن پنهنجي لکن ورهين جي تاريخ ۾ ڪيئن ڦيربون ڦاريون ڏٺيون ۽ سٺيون آهن. جنهن جاگرافيءَ جي هر طبقي ۾ پاڻ کي مروتي سروتي واري، پٽر، برف سان پاڻ کي موافقت ۾ آڻي يا ان جي پيت تي پئي پنهنجون روشون ڦيريندي ايام ڪاٽيا آهن. ان کي اڃا پنهنجن اصلوڪين موروثي اوتن جو مطيع مقرر ڪرڻ، مناسب تہ نٿو لڳي. اوت جي ڪرت جي واٽ ئي هڪڙي، ماڻهوءَ جي هر ڪنهن ڪم جون واٽون ڪئين.

وري جو اوتن جي ياداشت تي نظر ٿي ڪجي تہ منجهس هر قسم جا ڪم، اٽسڪيل، سڪيل، بلڪ عڪسي عمل سڀ موجود ڏسبا عڪسي عمل اختياري عمل ۽ اوتائتي عمل ۾ ڪو فرق ئي ڪونہ ٿا ڪن. ڇڪ ڏيڻ، ڪنگهڻ، ڪنهڻ، هنگڻ، مٽڻ، اهي سڀ بدني تنظيم (فزيالاجيءَ) جا عڪسي

عمل آهن، جن جو مطلب فقط هڪڙو آهي يعني ڪنهن اجائيءَ غير ضروري شيءِ کان بت کي آجو ڪرڻ. باقي تيرهن اوٽن مان کهڙي اوٽ آهي جنهن ۾ ماڻهوءَ جي خيال کان منجهس سمجهه جي گهٽي قدر ملاوت نه آهي؟ اوٽ جيتن ۾ نه ڦٿڻ سان پوريءَ طرح ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ڏئي. جانورن ۾ چوزو ڄمڻ سان چڳي، بدڪ تري، پکي اڏامي. وري ٻار کي نه ڪي سال تات کپي، جنهن ۾ هو حواس هلائي سکي سمجهي پوءِ ٿو ڪنهن ڪم جو ٿئي. سنڌس بي سمجهيءَ جي زماني وارا ڪم نه ياد ڪريو، جيڪي ٻه هٿ ڏيوس سو جهلي چوسيندو، ڇا به هجي. ٻاهه جي پرسان ويهاريوس نه سڌو هٿ چلهه ۾ وجهندو، ڪا شيءِ سرندي ڏٺائين نه جهلي هٽندس مِٽ ۾، پل نه تندڻ هجي يا بلا. ڪنهن مهل اڪيلو هوندو نه پنهنجي هنگڻ ڪائڻ کان به نه گسي، ٿڦڻ نه خير. هاڻي ابهم جي انهن اجاين ڪمن لاءِ ائين چئبو نه اوٽ تي ٿو ڪري؟ جي ها نه اهڙين اوٽن مان حاصل ڇا؟ ڀيوئي نقصان.

<u>جستجو:</u> ٻار ۾ اٿل پٿل ۽ بت کي چورڻ پورڻ، ورائڻ ڦيرائڻ جو احساس ڄائي ڄم کان ڏسبو. ڄمڻ سان اکيون پٽي تارا هيڏي هوڏي ڦيرائيندو. مٺي کي پاسيرو ورائيندو. وات ۾ چپ مرڪائيندو، وات پٽيندو پوريندو. هٿ هلائيندو، پير چوريندو ڪٽڪندو يا رئندو ۽ ماٺ ۾ اچي سمهي رهندو. ٻار جي اها چور پچور جيئن سندس بدني طاقت وڌندي رهندي، تيئن ترقي ڪندي ويندي. پهرين ليٽئي پئي مٿي کڻڻ جي ڪوشش ڪندو، پوءِ پاسي ورائڻ جي، ڪنڌ جهلڻ جي، ويهڻ جي، بت کي هنڌ تان مٿي کڻڻ جي، رڙهڻ جي، ٻانبڙن پائڻ جي، اٿڻ جي، هلڻ جي، چڙهڻ جي، ٽپڻ جي وغيره. ٻار کي راندين ۾ جسم جي هر حصي کي موڙڻ ورائڻ ۾ ڪو اهڙو مزو ٿو اچي جو ٿڃ ڏائڻ کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ڪين چئبو. ٻار کي راند کان روڪڻ مٿس نه رڳو ظلم چئبو، پر ڪيس وڏي هوندي جي ڪم ڪار کان بيڪار ڪرڻ جو پورو رستو. بهتر ٿيندو جي ٻار لاءِ ٻاهريون حالتون به سندس اندرين چڪن مطابق ساز باز ڪجن. پوءِ نه ٿڙي پوندو. سنڌس پوريون طاقتون ورزش ۾ ايندين ۽ اهڙيون نه قلابازيون پائي ڏيکاريندو جو ڇا چئجي. بعضي نه هڙچڙ ڪندي پاڻ کي اهڙين خطرناڪ حالتن ۾ گرفتار ڪندو آهي جو واهر لاءِ رڙيون ڪرڇيون پونديون اٿس. وري جو جوکي مان ڪڍي ٻاهر ڪريوس نه ساڳي اها ڪار.

وٽنسن جو رايو آهي نه ڄمڻ سان يا ٿورو پوءِ ٻار ۾ فقط ٽي جذبا ٿا ٿين (1) ڊپ (2) تيسو (3) پيار. وڏو آواز ايذاءَ ۽ اوچتو ٽيڪ تان اٿلڻ ٻار کي نهايت ڊيڄارين ٿا. ڊپ ۾ ٻار دم گهٽي، هيسجي

ڪجهه منين سان جهليندو يا پنتي بانبڙو ٿي پچندو. ٻار کي اونداهيءَ ۾ جانورن يا ماڻهن جو ڪو ذاتي ڏپ ڪونه ٿو ٿئي. اهو مائٽن کان ٿو سکي ته هي بلا اٿئي، هي شينهن.

ٻار جي چور پچور کي روڪبو ته ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو. بت کي سيٽيندو يا رڙندو. آزادي ٻار کي به کپي، جي اجا به ڪامياب نه ٿيو ته ساهه گهٽي تيسي ۾ ڳاڙهو ٿي ويندو. تيسو ستن سالن تائين روڪڻ مشڪل آهي. سماج کان ڪجهه زياده هٽ ڪرڻ جي ڪوشش آهي. گهٽي چڙ ضعيف جي نشاني آهي. اڻ پوري خوراڪ ۽ بيماري، پيار، مرڪڻ، کلڻ، گڙگڙ ڪرڻ يا اون اون ڪرڻ سان ڏيکاريندو. بعضي تنگون ٻانهون هٽندو يا سانت ۾ پيو رهندو. ٿڦڻ، ڪتڪتائي ڪرڻ يا لوڏڻ سان پيار ۾ جوش ايندس. ٿورو وڏو ٿيو ته ٻانهون ڪٽندو ته ڪٽوم.

گهٽڻ ٻن - چئن سالن جي ٻار ۾ سلوڪ، ٺاهه، رفاقت جا اطوار عام ڏسبا.

مٿئين مباحثي مان ايترو ضرور معلوم ٿيو ته: 1- اوٽ جو ڪم آهي جوڪجڪيءَ تي ۽ سمجهه جو سوچ سان. 2- پورو اوٽ وارو ڪم اتي ٿو هلي، جتي سمجهه نه آهي. 3- جيترو جانور سمجهو، اوترو اوٽ تي غالب ڪتي کي جوش ۾ اوٽ جو اشارو آهي ته ڏاڙهه. پر سمجهه هئڻ سبب، ڏٽيءَ کان ڇتي، بيوس هئڻ جي حالت ۾ به ٽريو وڃي. سمجهو ته اوٽ جو ڪم ٿيو جوش سان ۽ سمجهه جو هوش سان ۽ هوش جوش کي ٺارڻ جو ڪم ٿو ڪري.

مٿئين مناسبت کي ڇڪيندي ويچار ڪبو ته حضرت انسان جا به ڪي ڪم هوش سان ڏسبا ته ڪي جوش سان. ٻار ته سارو ڪم جوش کان ٿو وٺي، جيسين سمجهه پرائي. جوش موروثي، هوش تعليمي. انهن موروثي اطوارن کي ڏسي ته ڏاهن چيو ته ”پٽ پينگهي ۾ پڌرو“. ڇاڪاڻ ته ماڻهوءَ جي سموري فضيلت ۽ چال سندس موروثي ٺاٽ تي بڌل تي ٿئي. جهڙا ڪانوَ تهڙا ٻچا. پر اختلاف هر قانون ۾ آهي. پلن پيٽان ڊلا، ڊلن پيٽان پلا به ٿي سگهن ٿا. صحبت به وڏو اثر ٿي رکي. پر ڪو ڪهڙي سنگت هٽ ڪري ڪو ڪهڙي، سو ڪنهن جي ڏس تي. تخم جو تاثير ۽ گهرو ڪيڙ مقدم آهن.

ڏسجي ٿو ته ماڻهوءَ جي موروثي جوش جي لِڇ وريو به وڃو حيواني اوٽ سان ڳنڍجي. آخر ماڻهو به ته ارتقا جي پيدائش آهي. پرينديئي کي ٻارڙا سانتيڪا ٿين ته ڪي ڏمڇر، ڪي مانيٽا ته ڪي ويڙهو، ڪي کلٽا ته ڪي تيسر. يقيناً اهي طبعيتون ٻارڙن جي آزمودي جو نتيجو ته آهن. ڏسو ته ڪو راند سان، ڪو ڪتاب سان، ڪو هنر سان، ڪو رلڻ سان. وڏو ٿيو مت آيس ته پنهنجن رغبتن تي غالب

پئي، نفعو نقصان سوچي، جوش ماري، هوش سان هلي وقت گذاريو وڃي. جي ٽيس رڏيءَ تي زور نہ جهيڙي ۽ خسيس ڳالهہ تان خون. بعضي تہ پڙهيا ڳڙهيا هوش وڃائي ويهن ۽ ڇا جو ڇا ڪري گذرن. انسانيت اڃا اڳيري ٿي ڏسجي.

باب ڇهون

اڌما، جذبا، ناتا ۽ چال

ماڻهوءَ جا مطلب ته ڪي ايترو ڳجها تا تين جن جي ڪيس به پوري خبر نه هوندي آهي. خبر فقط تڏهن پوندي آهي جڏهن مطلب جي حاصلات ۾ ڪا روڪ پوندي. هاڻي جذبو اڀرندو ۽ هلت ڦيرو ڪائيندي. معمولي هلت سک سانت واري ۽ جذبي واري جوشيلي. اها بتال هلت جذبي جو اظهار آهي، بلڪ خود جذبو. نفسياتي نقطہ نظر کان مطلب ۽ جذبو ساڳيا سلسلا آهن. مطلب سانتيڪو ۽ جذبو زورائتو. جذبي هيٺ وڏا وير به تتي توتا ٿي پون. خوف، ڪاوڙ، ڏک، محبت جي پڪڙ ۽ جيڪو ڦاٿو سو ڇٽو. هاڻي جي تحمل ۽ همت ساٿي ٿيس ته عقل واٽ ڪيدي ڏيندس نه ته ويو. مطلب به ايترو بلند نه ڪجي جنهن ڪي پهچڻ مشڪل. لاڳيتا اٽڪاءَ نراسائيءَ ۾ ڏاهي رکندا. وت سارو هلجي.

جذبا هر وقت ۽ هر هنڌ اسان سان ساڻ آهن. جيئن لغت، ماڻهوءَ جي فعلن جي لفظن سان ڀرپور ڏسي آيا آهيون، تيئن جذباتي حرفيات جو انداز به اکيچار اٿس. جذبن ڪي اپارڻ جو سامان به جتي ڪٿي موجود ڏسبو. گهر ۾ ڪا عمدي شيءِ پڳي، ٻار بيمار پيو، اگري دوا پٽڻي پيئي، ڪنهن جو پير ترڪيو، ڪپڙا ڪٺا ٽڪي ويا، ڪا شادي غمي تي، ڪا لاٽري ملي، اسڪول ۾ ماسٽر صاحب ڪاوڙيو، سبق وسري ويو، ڪپڙن تي مس هاري، انعام مليو، دال پوري سرڻ جهپي وئي، ڪنهن لچ ٻار کي هيسايو، مينهن پيو، مئڇ ڪٽي، رستي تي گهوڙو چناٺي پڳو، موٽرون ٽڪريون، اوجهڙ هلندي رات پئجي وئي، رستي تي ڪو ماڻهو ڪاڪوس ڪرڻ لڳو، پاڻي پرڻ تان مارا ماري تي، باهه لڳي، ڳنڍيڇوڙ پڳو، ڪو دلپسند ماڻهو منهن پيو.

اڌمو انهيءَ اوچتي اڇل کي ٿو چئجي جا اندر مان ابري. اڌما ڄائي ڄم کان هوندا آهن. انهن جو ڪم آهي بت جي نگهباني ڪرڻ ۽ جيو کي جيئرو جڙيو رکڻ. اڌمن کي اوائلي جذبا به چئبو آهي. اعليٰ جذبا پاڻ تي جبر ڪرڻ سان دنيا جي لهه وچڙ ۾ پرائبا آهن. انهن جو ڪم آهي پاڻ کي وانجي، ٻئي جي مهل ڪرڻ. اڌما، من جا ٿهيا ٺڪيا وسيلا آهن جي جيو جي ضرورتن موجب مقرر فيصلا ڏئي، ضرورتن کي منهن ڏيندا آهن. پر جي حالتون ڦريون ته پوءِ عقل ڪم ڪري. سطحي حالت کان مٿي ڪرڻ عقل جو ڪم.

جذبا ڪيترو نه اسان جي روزاني زندگيءَ سان ڳنڍيل آهن ۽ ڪيترو نه اسان کي زير بار ڪندا ٿا رهن. ڪٿي ڏاهين ته ڪٿي چاڙهين. پيار کان سواءِ ڪجهه نه ٿهي، نه شعر نه راڳ. جي ٻار کي مائٽن لاءِ پيار نه جاڳي ته سندن پيٽ تي ڪيئن پوي . اها ريس آهي يا ريس ڏياريندڙ جي درجي هٿ ڪرڻ جي وات تي لائي. ڊپ نه هجي ها ته هٿيار ڪيئن ايجاد ٿين ها. خار، دشمن کي زير بار ڪرڻ جا رستا ڪڍي ڏيندي. سونهن جي جذبي کان سواءِ ناچ ۽ مصوري ڪيئن پيدا ٿين. خوف ۽ ڪاوڙ ته عام آهن. تشويش به ڏاڍي پيدا ٿا ڪن. مناسب آهي جو سندن سبب ويچارين ۽ مٿن غالب پوڻ جون واٽون معلوم ڪريون. ڊپ ۽ ڪاوڙ ٻئي ڪنهن خطري جي ٿيٽ تي اڀرن ٿا. خوف ۾ خطري جو زور سان مقابلو ڪبو چوٽ ڪائبي، پر جي ڪاميابيءَ جي اميد ٿوري رهي ته غصي ۾ خار ڪائي پڇي جان بچائبي. بعضي تشويش ناڪ شيءِ کان پڇي ڇٽڻ جو به ڪو رستو نه مليو ته پوءِ پريشانيءَ جي چڪر ۾ اچي ويندو. ويتر جي نراسائي وڌي ويس ته نست تي پوندو. پوءِ ته ڳالهائڻ به ڳمي ڳمي اڪلندس پرچوتڪاري جي وات به اهائي اٿس جنهن سان ڪجهه بار ڇندي سگهي.

ٻار لاءِ ڊپ جا سبب آهن: ڏاڍا آواز، اوچتي چورپور، ساهه منجهڻ، ٽيڪ جو ڪسڪڻ ، غير واقف ماڻهو ۽ شيون. ٻار جي ڊپ لاهڻ جو تدارڪ ته ماءُ کي ئي ڪرڻو آهي، جا ٻچي کي پيار ۽ ڏڍ ڏئي ۽ نين شين سان رل مل ڪري. خطرناڪ ڳالهه اها آهي جو مائرون مات ڪرائڻ لاءِ پاڻ ٻار کي ڊپ ڏينديون آهن. اها روش ٻار جي همت کي پوري طرح نيست ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. تمام ضروري آهي ته ٻار کي وڇن، بلائن، چورن ۽ ڀوائتين ڳالهين کان محفوظ رکجي. ڪيترين جذباتي روشون پوءِ ٿيون پرائجن، جيئن ته: وڇن،بلائن، زهري شين ۽ دشمنن جو ڊپ.

تيسر ٻار اهو ٿيندو جو بي آرام، ناچاق يا بڪارو رهندو هوندو. ٻار کي ڪپڙا مٿائڻ ۽ وهنجارڻ به ميڙائيندا آهن. راند روند ۾ به، جي سندس سرسي نه ٿي ته مٿجي ويندو. ٻار جي غصي جو سبب نراسائي آهي.

وڏن جا ڊپ، اڪثر ڪري بيروزگاريءَ، بيماريءَ، ٻارن جي ڳڻتين ۽ سماجي پيٽ پيتان جي ڪري ٿا ٿين. سندن ڪاوڙ جا عام سبب هوندا آهن: ٿڪ، بک، ۽ آرام جي ضرورت. چوٽي آهي ته: "آهر اچي جهنگان، ڳالهائي نه ڏنگان"عام طور اهو اصول قائم ڪري سگهجي ٿو ته ٻار توڙي وڏي کي، جي سندس مطلب واري وات ۾ وگهن پيو ته ڪاوڙ ايري. ڪنهن تي اجايا الزام هڻڻ، ٺٺول يا بيعزتي ڪرڻ

تہ ضرور جوش ڏيندا. اسڪول جي شاگردن تي ماستر جي بيجا هلت، اجايو ڌمڪائڻ، ڪن پٽڻ يا هيسائڻ، برو پلو چوڻ ضرور تشويش ۽ جوش پيدا ڪندا.

جذبن جي جهڙپ کان پري رهڻ لاءِ سولو رستو اهو آهي تہ پنهنجي ڪم سان پوري دلچسپي رکجي. ايتري قدر جو ڪم ڪندي دل پئي ٺري . ٻين سان ڪو بہ بغض نہ رکجي، رلٺو ملٺو ۽ کلٺو ٿي رهجي. نيڪ نيتي ۽ صداقت ڪنهن جو بہ قدر ڪين لڪائينديون. جذبا بہ ڪي هميشہ تہ ڪين هلندا. نئين ڪنوار بہ نوَ ڏينهن. پيري ۽ تنگدستي پريشان ڪندڙ ڳالهيون آهن. ”يڪ پيري صد عيب“ ڳڻتيءَ جهڙو مرض ڪونهي، خوشيءَ جهڙي خوراڪ ڪانهي.

مناسب انديشو ۽ اون رکڻ، سياڻپ آهي. جتن کان سواءِ ماڻهو ٿيو هوڙهہ، جو ڪٿي نہ ڪٿي ڪاپاريو وينو هوندو. پر جي اونو وڌي ڳڻتي ٿي پيو تہ ڊپ وٺي ويندس ۽ پست همتي آئي. گهڻي قدر تہ صحيح ڊپ جي بجاءِ اجايا گمان ۽ وهمي ڊپ ويچاري، پنهنجي هر ڪا رت وئرت ڪري ڇڏبي آهي. پوءِ تہ زندگي بيسود بيسواد، نہ هر جو نہ گهر جو. ڪٿي بہ آرام يا مزو مشڪل مليس.

ڪاوڙ تي قابو پائڻ وڏو گڻ آهي، پر ڪرو ڪو سرنديءَ ٿري، زود رنج، چيڙاڪ، جتي ڪٿي پاڻ کي بہ جهوريندو رهندو ۽ ٻين کي بہ بدظن ڪندو رهندو. ڪاوڙ تڏهن ايندي جڏهن ڪجهہ وڃائڻ جو انديشو ڏسبو. پر جي قانون فائدي ۾ نہ پانئجي تہ دستبردار ٿيڻ بهتر ٿيندو. پوءِ جهڳڙو ئي لٿو. ٻين سان حق انصاف تي هلجي. ڪس ڪٺر پئي ٿئي. جيڪو مڙيو سو جڙيو. ماريي کان پڌايو ڀلو. دل وڏي رکجي. تنگدلي ڪچڙن جو ڪم. هڏي تي هوڏ ڪرڻ انسانيت نہ آهي. بعضي پنهنجي گريبان ۾ بہ منهن ڪجي. پنهنجون ڪمزوريون ۽ اوڻايون بہ ويچارجن تہ ٻين جا عيب گهڻو گهٽ ڏسڻ ۾ ايندا. جنس تہ ساڳي آهيون. ڪاوڙ اچڻ جي ڪري تہ منهن ڦيرائي ٻئي طرف ڪجي. سمجهہ هٽ آئي تہ ڪاوڙ وئي. سچ تہ بهشت انهن لاءِ آهي، جن ڪاوڙ تي قابو پاتو آهي. توڙي جي ڪاوڙ واجبي هجي، تہ بہ جامي کان ٻاهر نہ وڃجي. البت پنهنجو ناراضپو ڏيکارڻ مناسب ۽ ضروري آهي، متان اڳلو ائين سمجهي تہ ٻنهہ مڃو آهي ۽ وري وري پنهنجي ارڏائي ڏيکاري.

<u>جذبن جو جهوريل:</u> سودائي ان کي چئبو جنهن کي پنهنجي ڪمن ڪارين کي منهن ڏيڻ جو ڪو مقرر ۽ مفيد رستو هٽ نہ ايندو هجي. پورن ۾ بعضي عرش تي بعضي فرش تي. اجائي جذباتي ڪشمڪش جو هي پهريون اثر آهي. جي هن ذهني ڪمزوريءَ سبب بدني ڪمزوري بہ شامل ٿي پئي تہ صفا ڊٺو. يعني

تہ سندس خودي هتي ۽ جلد ئي ڪاپارجي بہ پوي. هاڻي جيڪا قدرتي امانت هئس سا ويس. باقي رهي سڙهہ ڪان سواءِ ٻيڙي سا ڪٿي بہ ڏڪاڻجي وڃي. خودي وئي تہ همت وئي، هڙوئي، پوءِ بردباريءَ جي شناس ڪير ڏئيس. جنهن کي بهادريءَ جي بوءِ بہ طبعيت ۾ ڪانہ هوندي، ان کي ڪنهن جي بهادريءَ جو احساس ڪير ڏياري سگهندو. اها خودي تہ آهي جا خدا سان آشنا تي ڪري ۽ سندس جلال جي آگاهي تي ڏئي. رڳو تترن ڦاسائڻ وارا بہ پاڻ ۾ ڪا تترجي خاصيت نہ ڏسي ڪو ڏاريل تتر ڪٽندا آهن تہ من ان جي للانگهري تي ڪو تتر هٿ اچي وڃي.

رُجا: پنهنجي نامور ڪتاب ۾ پنجتيهہ سوال ترتيب ڪيا آهن، جن جي جوابن مان پتو لڳندو تہ ڪير ڪيترو جذباتي آهي، هر هڪ سوال پڙهي ايمانداريءَ سان ان جي جواب ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو ها يا نہ لکندا وڃو. لاچار، جي ها يا نہ، چئي نہ سگهندا هجو تہ ٿورا جواب ائين لکو تہ "پڪ نہ آهي".

سوال هيٺ ڏجن ٿا:

1- تون اڪثر ڪري ڳڻتين ۾ اچو وڃين ٿو؟

2- تون اڪثر ڪري پڇهہ پڇائيندو آهين؟

3- توکي اهو خيال ستائيندو آهي تہ ڇا گهتيءَ سير هلندي توکي ماٺهو جاچي ٿا ڏسن؟

4- تون ماڻهن سان هوندي بہ پاڻ کي اڪيلو سمجهندو آهين ڇا؟

5- تون اڪثر ڪري مونجهاري ۾ گذاريندو آهين ڇا؟

6- توکي ڏرتي ڏبڻ يا باهہ لڳڻ جو خيال گهڻو ڪري رهندو آهي ڇا؟

7- توکي ڊاڪٽر سان مشوري ڪرڻ ۾ ڊپ ٿيندو آهي ڇا؟

8- توکي آسانيءَ سان اکين ۾ پاڻي ڀرجي ايندو آهي ڇا؟

9- تون نانگ ڏسي ڊڄين؟

10- توکي ڪنوڻ کان ڊپ لڳي؟

11- ائين آهي ڇا تہ تنهنجي ڪنهن غلطيءَ کان سواءِ تنهنجا ڪم بگڙيو وڃن؟

12- اسڪول ۾ ٿورين مارڪن ڪٽڻ ڪري، ملول تہ نہ ٿيندو آهين؟

13- جلد شرمائيندو آهين ڇا؟

14- توکي بعضي ٻين کي سڪ ماڻيندو ڏسي ساڙ ٿيندو آهي ڇا؟

15- تون پنهنجي ڪئي تي اڪثر دلگير ٿيندو آهين ڇا؟

16- تون آسانيءَ سان دلشڪسته ٿي پوندو آهين ڇا؟

17- ڪڏهن اهو ڊپ ته ڪونه ٿيو اٿئي ته ڪنهن مٿانهينءَ جاءِ تان ٽپو نه ڏئي ويهين؟

18- تون جلد ڪاوڙجي ويندو آهين ڇا؟

19- احساس ڪمتري ته ڪين ستائيندي اٿئي؟

20- پاڻ کي هيٺو سمجهندو آهين ڇا؟

21- توکي پنهنجي شڪل تي بڇان ڪانه ايندي آهي؟

22- اهو خيال ستائيندو اٿئي ڇا ته هي ڪوڙي دنيا آهي؟

23- تنهنجي دل جلد ڏکوئجي ويندي آهي ڇا؟

24- ڪنهن ٿي سگهندڙ بدبختيءَ جو ڏک ڪندو آهين؟

25- توکي اهو خيال ته پريشان ڪين ڪندو آهي ته ماڻهو تنهنجا خيال تاڙيو ٿا وجن.

26- ڪڏهن اهو خيال آيو اٿئي ته ڪنهن توکي مسمريزم هيٺ آڻي تو کان ڪو ڪم، تنهنجي مرضي جي خلاف ڪرايو آهي؟

27- نڪته چيني توکي گهڻو پريشان ڪندي آهي ڇا؟

28- تون گهڻو ڪري جوش جي حالت ۾ هوندو آهين ڇا؟

29- توکي ڪو خاص اجايو خيال ستائيندو رهي ٿو ڇا؟

30- تون آسانيءَ سان ڳڻتين ۾ اچي ويندو آهين ڇا؟

31- ڪـِنن آزمودن جو خيال گهڻو وقت ستائيندو رهندو اٿئي ڇا؟

32- اوندهه ۾ اڪيلي ويهڻ ڪري ڊڄندو آهين؟

33- بنا ڪنهن ظاهر سبب جي، مونجهاري ۾ اچي ويندو آهين ڇا؟

34- خيال ڪندي، ننڊ ڦٽي ويندي اٿئي ڇا؟

35- اهو سخت ڊپ رهيو اٿئي ڇا ته ڪا شيءِ جنهن جي توکي خبر آهي، توکي نقصان پهچائي سگهي ٿي؟

هاڻي "ها" وارا جواب جوڙ ڪريو ۽ هيٺئين نقشي جي روشنيءَ ۾ نتيجو ڏسو:

	مردن لاءِ	زالن لاءِ
نهايت اڻسهائيندڙ	20 کان 35	22 کان 35
اڻسهائيندڙ	14 کان 19	16 کان 21
سراسري	6 کان 13	8 کان 15
چڱو	3 کان 5	4 کان 7
تمام چڱو	0 کان 2	0 کان 3

افعالن ۽ چال جو بنياد جذبا آهن: مٿي ڏسي آيا آهيون ته ماڻهوءَ کي جوش ڏئي حرڪت ۾ آڻڻ وارا جذبا آهن ۽ حرڪت ۾ اچڻ جي معنيٰ آهي، ڪونه ڪو فعل ڪرڻ. مطلب ته ماڻهوءَ جي ڪمن جو بنياد سندس جذبا آهن، نه ڪو جذبو چري نه ڪو فعل سرزد ٿئي. افعالن مان جڙي ماڻهوءَ جو اعمالنامو يعني سندس چال جو پترو (ڪئريڪٽر) اها هر هڪ فرد بشر جي ڪئريڪٽر جي سماجي ڪٽ آهي، جا ڪيس ٻين جي نظرن ۾ اعليٰ يا ادنيٰ ثابت ڪري. ڪئريڪٽر اسان جي قسمت جو مک حصو آهي.

اوائلي ۽ اعليٰ جذبا: جذبن مان ڪي اوائلي ٿا چئجن، ڇاڪاڻ ته پريندي ئي هر ڪنهن ۾ عام طرح ٿا ٿين. جيئن ته: خوف، خوشي، ڏک، ڪاوڙ، سونجهه وغيره. ڪي ٻيا جذبا اهڙا آهن، جي هر ڪو شخص پنهنجي گهرو ڪيڙ اسڪولي تعليم، مالي ۽ نياتي حيثيت، قومي اقتدار ۽ ملڪي ادبي ذخيره موجب، پاڻ ۾ ڏار ڏار پيدا ٿو ڪري، جن ڪي اعليٰ جذبا سمجهو ٿو وڃي. اهي جذبا اوائلي جذبن وانگر خودغرض نه آهن، پر ٻين جي ڀلي خاطر، جن ۾ گهرو، سماجي ۽ قومي ترقيءَ جا راز رکيل آهن، جيئن ته خيرخواهي، همدردي، پاڪ دامني، اخوت، سخاوت، قوميت، حب الوطني ، اخوت انساني وغيره. جيئن ڪنهن جذبي جو دائرو وڏو، تيئن سندس مالڪ جو رتبو زياده. مثال، ڪو ماڻهو خيرات ڏئي غريب مائٽن کي، ڪو قوم جي غريبن کي، ڪو پنهنجي مذهب وارن کي، پر جي ڪنهن جو هڏ ذات انسان لاءِ ڪرڪي ته يقيناً ان جي منزل سيني کان وڏي چئبي.

اعليٰ جذبا اوائلي جذبن تي قابو پائڻ سان ٿا پيدا ٿين. ڪنهن کي خيرات ڏيڻ معنيٰ پنهنجي نفس کي پلي، ٻئي جي ضرورت پوري ڪرڻ. ڪنهن جي ڏک ۾ شامل ٿيڻ معنيٰ پنهنجي سکي گهڙي وڃائي، ٻئي جو ڏک ونڊڻ سچ آهي ته ”تنگ جون پاڙون دوزخ ۾ آهن“ بيخيال شخص ته ائين ئي

پائيندو تہ ڪنهن ڏڪئي جي پاڙي ڪان بہ پري هججي. متان ڪنهن غليظ پونگيءَ تي نظر پوي، ڪو پيرسن عاجز اک چڙهي. هو تہ ائين ئي چاهيندو تہ هميشہ ڪنهن خوشمزاج جي ڪچهريءَ ۾ هجان، جتي وندر ئي وندر، مزو ئي مزو هجي.

جذبن جي رفاقت: پسن ۾ هڪ هڪ اوٽ جو ڪم علحده ڏسي سگهبو. تازو ڄاول ٻار بہ پسون ئي آهي، فطرتي ضرورتن جو پورو پابند. اجا بک جي سچيتي اپريس تہ ابهرو تي ڪائڻ لاءِ نهاريندو. ٻين لاءِ هوش تہ هن ۾ پيدا ئي ڪونہ ٿيو آهي، جو ٻين جو خيال ڪري يا پنهنجي بک روڪي. ساڳيءَ طرح جي ڊپ لڳس تہ هراسجي ويندو ۽ چڙيو تہ تيسو وٺي ويندس. پوءِ جيئن پنهنجي روش جا ٻين تي اثر ڄاڇيندو ويندو ۽ سندس ذهني سچيتي وڌندي ويندي، تيئن پنهنجن اڌمن تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪندو ايندو. هاڻي سندس ڏار ڏار اڌما سندس ماحول مطابق ملي جلي گڏيل جذبا ٿاهڻ لڳندا، انهن گڏيل جذبن کي ناتا يا ڪانيا، "سينٽيمينٽس" ٿو چئجي. عام طرح ٻار جا پهريان ناتا هوندا آهن پيار ۽ ڌڪار. پيار يا ڌڪار ڪي وقتي اڌما "اِمپلس" يا ڪجهہ زياده جٽاءُ ڪندڙ جذبا "اموشن" ڪين آهن. نڪي ڪي زياده زور وارا اموشنس آهن، جن کي "پئشنس" ٿو چئجي. پيار يا ڌڪار ڪنهن ۾ ڪنهن لاءِ پيدا ٿيا تہ ٿيا. مطلب تہ ناتا گهڻو پائدار ٿا ٿين ۽ انهن تي ئي اسان جا باهمي سماجي نياتي وهنوار ٻڌل ٿا رهن. اسين انهن جي اثرن هيٺ، ڪيتري ڪنهن ۾، ڪيتري ڪنهن ۾ اميد پنهنجا مطلب پورا ڪندا رهون ٿا.

پيار ۽ ڌڪار ۾ مليل جذبا: جڏهن بہ ڪنهن کي ڪنهن شيءِ يا ٻئي ماڻهوءَ سان رغبت ٿي تہ هو هن جي موجودگيءَ ۾، هڪ عجيب سرهائي محسوس ڪندو ۽ ان جي پر پٺ اداسي، سندس سک ۾ خوشي ۽ ڏک ۾ غم محسوس ڪندو. پر جي متس ڪا آفت ٻري آئي تہ ويهڻ وهہ تي پوندس ۽ ڊپ، ڪاوڙ، انتظار، ڏک جي اثرن ۾ ويڙهجي ويندو. ساڳيءَ طرح ڌڪار تي ويچار ڪريو تہ منجهس نفرت ۽ ان سان گڏ ويڙهہ ۽ ڊپ جا جذبا بہ شامل ڏسبا. جيڪڏهن ڌڪار ڪنهن حد ڪان متي چڙهي تہ ٻيا ناتا بہ شامل ٿي ويندس. جيئن تہ احساس ڪمتري، خار، حسد، وير وغيره. اهڙيءَ طرح اڌمن مان جذبا، جذبن مان ناتا، ناتن مان رغبتون ۽ رغبتن مان هڪٻئي سان سلوڪ جا رشتا قائم ٿيندا ٿا رهن. شخصي، نياتي، قومي، ذاتي توڙي صفاتي. ذاتي ڪنهن شيءِ سان، صفاتي ڪنهن خيال سان.

محبت ۽ نفرت کان سواءِ ٻيا به ڪيترا ناتا ماڻهو ماڻهوءَ سان ناهيندو ٿو رهي. جيئن: ”ساراهه“ جنهن ۾ نئڙت، عاجزي، عبرت شامل آهن. ”دهشت“ ۾ ڊپ، انڪساري، احترام. ”بندگيءَ“ ۾ دهشت ۽ نيازمندي شامل آهن ”مهڻو“ ڏڪار، خار ڪجهه خير خواهيءَ سان مليل ڏسبو.

ظاهر آهي ته اهڙن قسمن جي گڏيل جذبن ۽ ناتن کان جانور ته پري هوندا. غم به ڪو وقتي ٿئين. شرم، حيا، وير، عجب، تعصب ته شايد ڪو ٿيندو هجين. بعضي وقتي ويڙهه ۽ سياپا ڪي جانور به ڪندا آهن.

اهي اسان جا ناتا آهن، جي اسان جي احساسي عمل جي هلت ڪي نرالا درجا تا ڏين ۽ زندگيءَ ڪي مطلب. سڪ ۽ سوز سواءِ حياتي ٿي ڪل جي گاڏي. ڪجهه ڪاڻ ڪجهه ڪڍڻ، هلڻ ۽ هلندي هلندي ڊهي پوڻ. جي حيرت نه آهي. عبرت نه آهي، غيرت نه آهي ته جهڙو ماڻهو تهڙو پٿر. اها انساني غيرت آهي جا ڪنهن جابر کي ڪنهن ضعيف سان ظلم ڪندي ڏسي نه سهي، اتي حملو آور تي ٿئي ۽ ان کي جيتي عدل جو ڇٽ پنهنجي سر تي رکي. احساس کان سواءِ زندگي بي لطف آهي.

جذبي مان ڪو چڱو ڪم نڪري ته واهه نه ته فقط جذبي جي خاطر، ڪو جذبو چوري ان جي آغوش ۾ مزو وٺڻ، هڪ بيسود خود غرض ۽ خطرناڪ برائي آهي. نڪي ڪا جذباتي طبيعت ڏارڻ پسنديءَ جهڙي ڳالهه آهي. سمجهه کان سواءِ جذبو شتربي مهار آهي. ڪاوڙ ته هوش کي ويجهو اچڻ ڇو ٿي ڏئي. ڊپ ڪانئر ڪري، ڏک بيڪار بنائي، ته عشق بنهه پاڳل.

ڪو غير مهذب نامناسب جذبو، سماج جي خلاف اپڻ جي ڪري ته هڪدم ڪنهن مخالف جذبي کي پڙڪائڻ سان ان کي دٻي، گهٽي قدر ضعيف ڪري سگهجي ٿو. خيال کي ڦيرائڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانه آهي. خيال مٽائڻ اسان جي وس آهي. شعر پڙهان يا جاميٽري، ٻنهي جي اختياري ڳالهه آهي. جذبي کي ته رڳو ڇهري جي صورت بدلائڻ سان به ڦيري سگهجي ٿو. ڪتي جي ڏک جي گرفت ۾ اچي وڃجي ته مصنوعي طرح کلڻ جي صورت بنائڻ سان ڏک جي صورت بگاڙي سگهبي. رواجي ڳالهه آهي ته ڪنهن ٻار کي تيسي مان ڪڍڻ لاءِ چئبو آهي ته ”کليو کليو“ پوءِ جي کلي ڏنائين ته ڪاوڙ هٽي، باقي رهندو انگل سو به ٽري ويندو. بعضي جي ڪو وڏو ٻار ڪنهن ننڍي کي ماريندو هجي ته مٿس الر ڪرڻ سان يا فقط مار جي ڊپ ڏيارڻ سان سندس جوش هٽائي سگهبو.

مهذب لوڪن ۾ جذبي جو اظهار نامناسب ۽ ڪٽي ته بنھ ناجائز ليکبو آهي. ڪنهن جذبي جي اجائي اظهار کي ٿرڙائپ ته پاڻ به چوندا آهيون. ڪو زمانو هو، جو ڪنهن تيز جذبي رکندڙ جو قدر هو- رومانٽسزم. پر هاڻي ته مجنون ۽ فرهاد فقط قصن ۽ ڪهاڻين ۾ ئي سمايل آهن. مذهب وقت بوقت نفسي جذبي کي روڪڻ جي هدايت ڪئي آهي پر خدا بخشي اسان جي شاعرن سڳورن کي جي چاه زنخ مان نڪرڻ جي ڪن ئي نٿا، سي ايراني شاعريءَ جي استعاره ۾ اڙجي ويا آهن. من ڪنهن اعليٰ جذبي سان لھ لڳين. ڪام، ڪروڌ، موھ، لوڀ ۽ اهنڪار جي پنجن اڪرن ۾ ڪنهن روشن ضَمير ماڻهوءَ جي ناشائسته سماجي روش جو پورو راز پڌرو ڪري ڇڏيو آهي. انهن کي مضبوط جهلڻ گهرجي، نه ڇيڪ ڇڏڻ، جيئن شاعري ٿي گهري. البت اسين پنهنجن اڌمن کي نيست نابود ڪري ڪين ٿا سگهون. اها اسان جي فطرت آهي، قدرت جو عطيو آهي. پر نيات سواءِ اسان جو گذر مشڪل آهي. انڪري نفسي ضرورتن کي سماج جي قدمن ۾ رکٽو آهي. سڀ مذهب انهن فعلن کي بهشتي ٿا چون، جيڪي سماج کي سلامت رکڻ لاءِ ضروري آهن. الله تعاليٰ کي اسان سان ضد ڪونهي. سنڌس احڪام فقط سماج کي قائم رکڻ لاءِ آهن، جنهن ڪان سواءِ هڪ هڪ فرد ڪجھ به نه آهي. صحيح سماجيت، سياست ۽ تدبر ان ۾ آهي ته ڪنهن به شخص يا جماعت جا جذبا جاچي ، جي ڪين قابوءَ ۾ آڻي سگهجي ته افعال ازخود درست ٿي ويندا. مجهوليءَ جي روش مان ڪجھ ورڻو ڪونه آهي. باھ کي پاڻي ٺاريندو نه تيل.

بهتر ٿيندو، جو هتي ڪن لفظن جون پوريون معنائون به ذهن نشين ڪجن. سچيتي، چت جي هوشيار حالت کي چئجي ٿو. هيءَ مغز جي اها ڪيفيت آهي جنهن ۾ ڪنهن به ٻاهرين حقيقت جي ڄاڻ، چت ۾ چٽائيءَ سان ظاهر ٿئي. جڏهن به ڪا خاص حالت، ڪنهن شخص ۾ خاص طرح، ڪا سچيتي پيدا ڪري ته، ان کي سنڌس ذهني لاڙو يا رغبت چئبو. سنڌس اوائلي سليس اڌما جن جي مدنظر ڪو نه ڪو نفسي مطلب آهي، سنڌس طبعيت جي لاڙن موجب ملي جلي سنڌس ناتا مقرر ٿا ڪن. جن جي عملي صورتن کي سنڌس خصلتون ٿو چئجي. ڊپ ۽ ڪاوڙ، ٻه اڌمائي سچيتين جا مثال آهن ۽ ڊڄڻ يا چڙڻ، انهن اڌمائي سچيتين جون ٻه رغبتون. جيئن ته ڪو ڊنل آهي يا ڪاوڙيل آهي، ان جون ٻه سچيتيءَ جون حالتون ٿيون ۽ ڪو ڊڄڻو آهي يا چيڙاڪ آهي، سنڌس ٻه رغبتون. رغبتن کي ڪا ذاتي هستي ڪانه آهي. هي صفاتي آهن، ساڳيو ائين، جيئن ڪن شين جون خاصيتون ٿين. جيئن ته رڃڙ انگهٽو آهي يا هيرو چمڪٽو آهي.

الف ڏٺو آهي، فقط هڪ سولو رستو آهي انهيءَ چوڻ جو ته الف تي بنسبت ٻين جي، ڏپ جو اثر گهٽي قدر ۽ گهٽو ڪري ٿو ٿئي.

ناتو ڪنهن مدنظر حقيقت جي متعلق پرايل اڏمائي رغبت يا رغبتن ڪي چئجي ٿو. هتي حقيقت نه رڳو ذاتي شين جاندار يا بيجان سان واسطو تي رکي پر صفاتي حالتن سان پڻ. الف ڪتن کان ڏڄندو آهي يا الف بدانتظاميءَ تي ڪاوڙبو آهي. اهي الف جي ناتن جا مثال آهن. ناتي جي نشانبر ۾ ٽي لفظ امتيازي آهن، جن کي پوريءَ طرح سمجهڻ واجب آهي: (1) ته اهي پرائجن ٿا. ناتا ڄمڻ کان پوءِ مائٽن ۽ ٻين ماڻهن ۽ شين سان لهه وچڙ ۾ جڙن ٿا، پر ڪي اوتون جائي ڄم کان سمجهيون ٿيون وڃن. جيئن ته سونجهه جي اوٺ برابر اصلي آهي پر جي ڪنهن ۾ اها ايترو زرو وٺي وڃي، جو ڪو سارو ڏينهن اس جي ڪرڻ کي يا رات جو تارن کي جاچيندو رهي ته ان کي سندس طبعيت جو هڪ ناتو چئبو. جو هن دنيا جي لڳ لاڳاپن مان پرايو آهي.ڪنهن به ناتي جي زور ورتو ته ان کي ”شوق“ سڏبو آهي (2) ته ناتا اڏمائي آهن. من جون ڪيفيتون اڏمن سان وابسته ٿيون ٿين ۽ چت جون خيال سان تعلق ٿيون رکن، جي منطقي، حسابي يا تحقيقاتي طريقي جون آهن. من موجي، چت سمجهو. ناتن جو لاڳاپو هميشه جذباتي طرف سان آهي نه سوچ سمجهه سان. (3) ناتي جو تعلق ضرور ڪنهن شيءِ سان ٿو ٿئي، جنهن جي لاڳاپي ۾ هو پيدا ٿو ٿئي. ان جو رخ هميشه ڪنهن ڏانهن آهي. الف جي شڪار سان نه پئي، راڳ تي موهت آهي، ب کي پائڻي ٿو. اهي ظاهر ظهور الف جا ناتا ٿا لڳن. پر سندس سخاوت پسندي، نفرت ڪرڻ يا ڏيڄو هڻڻ کي ناتا ڪين چئبو. چاڪاڻ ته اهي فقرا الف جو ڪنهن خاص شيءِ سان تعلق ڪونه ٿا ڏيکارين. البت ناتا خصوصي توڙي عامي ٿي سگهن ٿا. جيئن: الف کي پنهنجي طوطي سان ڏاڍو پيار آهي يا الف کي ذات طوطي سان ڏاڍو پيار آهي.

<u>ڳوڙها جذبا ۽ ناتا:</u> جذباتي زندگيءَ جي رنگينين ۽ رعنائين سان واقفيت گهٽي قدر ناتن جي جڙڻ کان پوءِ ٿي ٿئي. نه ته سواءِ ڪن سليس جذبن، جيئن ته ڏپ، ڪاوڙ، خوشيءَ جي ڪي پيچيده گڏيل جذبا، جيئن ته شرم، حيا، خار، حسد، وطن دوستي، من جي آزمودي ۾ اچي ڪين سگهندا. شرم فقط انهيءَ کي ايندو، جنهن اخلاقي اصولن انوسارڪي ناتا قائم ڪيا هوندا. جن جي روشنيءَ ۾ هو پنهنجي افعالن کي ڪريل ۽ پنهنجي روش کي هيچ سمجهي، پوءِ ته شرمائيندو. ساڳيءَ طرح خال فقط تڏهن

ايندو جڏهن خودداريءَ جي ناتن ٽهڻ کان پوءِ، انهن کي ٺوڪر لڳندي. رقابت محسوس ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته محبت جو ناتو هر طرف کان راس ۽ پختو ٿي چڪو هجي.

ناتا ۽ چال: مئڪڊوگال جي لکئي موجب، ناتا ئي اسان جي احساسي ۽ روشي ڪارگذارين جا مکيه مرتب آهن. سواءِ ڪن مناسب لڳ لاڳاپن جي، اسين هر وقت پنهنجي اڏمائي ڇيڏڪن جي هوا ۾ ڪکن وانگر اڏرندا رهنداسين. جيسين ڪي مقرر ناتا عقيدا ۽ دلچسپيون، زور سان پاڻ ڏانهن ڇڪي اسان کي نفسي اوتن جي آڙ کان ڪڍي ڪنهن تسڪين ۽ راضپي جي پائدار ۽ پختي زمين تي پير نه کوڙائين. ماڻهن جي هلت ۾ ڦير پيدا ڪرڻ لاءِ اڪثر ڪري جوابدار انهن جا نرالا ۽ نوان ناتا ٿا ٿين. نه ته اوتن جي حد تائين ته ٻاراڻي روش گهڻو ڪري ساڳي ڏسبي. شخصيت جي بيهڪ ۽ بناوت، بلڪ خصوصيت به ڪن زوردار ناتن تي منحصر ٿي رهي. هر ڪو وڏو سارو زماني سان لهه وچڙ ۾ پنهنجي ڦرندڙ ماحول مطابق ماڻهن ۽ شين سان هزارين ناتا جوڙيندو ٿو رهي. جن مان هڪڙو گهڻو ڪري ايترو زوردار ٿيندو آهي جو ڪنهن به شخص جي روش جو امتيازي نشان ليکبو آهي. جنهن جي چوڌير ٻيا ناتا ڳتجي سندس شخصيت جو تربر اڏيو ڇڏين. بعضي مکيه ناتا، هڪ کان زياده به يا ٽي به ٿين. مکيه ناتو ڪنهن ۾ عيش تئي، ڪنهن ۾ هوس، ڪنهن ۾ گهرو سک. ڪو خانداني عزت جو پياسو، ڪو مساوات جو، ڪو پرهيزگار، ڪنهن کي شوق شڪار، ڪو حريص، ڪو سياڻو، ڪو ويڳاڻو، ڪو عيار، ڪو مڪار، ڪو فطرت جي ڪوڃنا ۾ ته ڪو ٻيءَ دنيا جي پورن ۾. فهرست ته اڻکٽ آهي پر هتي مدنظر مطلب اهو آهي جي ڪنهن جي خصوصي مشغوليءَ جي خبر پئي ته گهڻي قدر سندس چال جو اندازو ڪري سگهبو. ڪئيٽل ٺوڇوي ته جان ئي خبر پئي ته ڇا لاءِ ڪنهن کي عزت آهي، ڇا لاءِ نفرت، ڪنهن کي ساراهي ٿو، ڪنهن جي ننڊا ٿو ڪري، ڇا پسند اٿس، ڇا ناپسند، ڪنهن سان پيار اٿس، ڪنهن سان ڌڪار ته سندس هلت ڪنهن قدر ظاهر ٿي پوندي.

عقيدا ۽ اخلاقي تعمير: اخلاقيات ۽ دينيات جي حرفيات ۾ ناتن کي عقيدا چئبو آهي. اخلاق جي معنيٰ آهي ٻين سان سهڻي سلوڪ جي هلت. اسان جا ناتا به ٻين جي رفاقت ۾ ٿا جڙن، جائي ڄم جا ته ڪين آهن. ٻار ته جلد ئي پنهنجا ذاتي ناتا ماءُ پيءُ، پيٽن، يائرن ۽ ٻين شين سان ٺاهيو وجي. هن منزل تي پهچڻ کان پوءِ ٻار جي روش رڳو سک سان ساڻي ٿيڻ ۽ ڏک کان پري هجڻ جي خيال تي نٿي هلي،

پر پنهنجو ٿورو ٿورو سک، ٻين جي خاطر فدا ڪرڻ سگهندو ٿو رهي، جنهن کي چئبو آهي "چئي ۾ اچڻ" ٻار هاڻي به اخلاق سان آشنا نٿو ٿئي، پر ڪيس ٻين جي خيال کان ٿوري چاڻ پئي آهي ته هو سندس ڪهڙي روش پسند تا ڪن ۽ ڪهڙي ناپسند. اهڙيءَ طرح ڪيس چڱي مٺي جي ڪنهن قدر خبر پئجي چڪي آهي، جنهن ڪري پنهنجي نفسي چڪن تي غالب پوڻ جي ڪوشش ضرور ڪري ٿو. هن لاءِ اخلاق اهو آهي جيڪو سندن مائٽن کي خوش ڪري ۽ خراب ڳالهه اها آهي جيڪا انهن کي ناراض ڪري. ٻار جيسين صفاتي عقيدا نه ٺاهيا آهن تيسين منجهس اصولي، اخلاقي، امتياز قائم ٿي نٿو سگهي.

جڏهن مائٽاڻي رسمي اخلاقي قانون جي حد لنگهي، ٻار صفاتي عقيدا ٺاهڻ ٿو لڳي، جي سندس وڏي هوندي جا روشي قانون تا بنجن ته هن جو پهريون لاڙو انصاف پسنديءَ ڏانهن ٿو ٿئي. اها انصاف پسندي به ٻين سان رفاقت جوئي نتيجو آهي ۽ انهي وقت پيدا ٿي ٿئي، جڏهن ڇهن ورهين جي عمر ڌاري ٻار پنهنجي هڪجيڏن سان رانديون ٿو رچي ۽ ساٿن دلچسپي ٿو رکي. انهيءَ عمر کان پوءِ ڪي ٿورا ٻار هوندا، جي حق انصاف کان نا آشنا ڏسبا. پر اجا به ٿورا جي عملي طرح پنهنجي آدرشي بلنديءَ تي رهڻ جي سگهه رکندا هجن. انهيءَ حال هوندي به جڏهن وڏا دنيا جي ڇڪتاڻ ۾ ڏئي وٺي ٽڪجي، بشريت جي اهليت کي خيرباد چئي، مروت، لحاظ، بردباري ۽ رواداري کي فقط خوشگوار زرين قول سمجهي پٺيءَ پلئه اچلي، خود غرضيءَ ۾ وٺجي ويندا آهن تڏهن به ٻار حق انصاف جي وائي وارڻ کان هرگز ڪين گسندا. هي فهم نهايت تسڪين ڏيندڙ آهي ته ٻار جي اصليت ڪيترو نه دلپذير ۽ حق ڏانهن مائل ٿي رهي! ماڻهو پريندي ئي خاطي ته ڪين ٿو ڏسجي. پر ڪيس حق تان هٽائڻ جو بنياد سڄو سماجي ٿو ڏسجي. جاچي ڏسو ته ڪيئن نه اسان جو سماج، ٻار کي اصول بهشتي ٿو ڏسي ته عمل دوزخي ٿو ڏيکاري. ٻار کي گهر توڙي اسڪول جي تربيت اها هوندي آهي ته سدائين سچ ڳالهاءِ. وري جو وڏو ٿي مائٽن مٽن ۽ ٻين جون هلتون ڏسي ته ڪوڙ ته سندن هر هڪ هلت ۾ شامل آهي. اڃا جي ٻار ڪٿي صحيح سچ ڳالهائي اچي ته سندس مٽيادار مائٽ چوندس: بابا اجا ٻار آهين. مطلب ته وڏو ٿيڻ معنيٰ ڪوڙ ڳالهائڻ سکڻ! هاڻي ٻار ڇا ڪري! وري جو تواريخن ۽ سياست سان واقف ٿئي ته رياءَ ۽ ڪوڙ سٺيو پيو آهي. جيڪڏهن دنيا جو ڏنڏو ڪوڙ ڳالهائڻ کان سواءِ هلي نٿو سگهي ته وڏن پرين کي ايترو ته سوچڻ گهرجي ته اسين ٻارن کي برغلايون ڇو ٿا؟ "سدائين سچ ڳالهاءِ" جي عوض، جي اسين

ٻارن کي ڪلم ڪلا اهو سبق ڏيڻ جي همت نٿا رکون ته "سچ ڳالهاءِ پر ڪوڙ ڳاڙ" ته ڪم از ڪم اهڙو ته ڪو سبق تجويز ڪبو ته سوچي سمجهي ڳالهاءِ. ياد ته ڪريو ته سچ ڳالهائڻ ڪري ڪيترا نه نقصان سٺا هوندوَ. آخر اسان جي سونهاري سماج، اهڙن نازڪ مسئلن تي ڪڏهن ويچار ڪندي ۽ ڪڏهن پنهنجا عمل درست ڪندي. ٻار کي جي سنڌس وڏن هڪڙي اصول جي پيرويءَ کان هٽايو ته ٻڌايو ته اڳتي ٻار ڇا ڪندو؟

هن کان پوءِ ٻيا ڪهڙا عقيدا ٻار جوڙيندو سي سنڌس ماحول تي منحصر رهندا. خاص ڪري انهن ماڻهن تي جن سان هن جو زياده تعلق هوندو. صفاتي عقيدن جو نهڻ به ذاتي عقيدن سان ٻڌل ٿو رهي، جڏهن به ڪنهن وڏي جي هلت جو ڪو گڻ ٻار کي ڇپي ٿو اچي ۽ ان لاءِ ڪيس تحسين پيدا ٿي ٿئي تڏهن ته هو پنهنجي تعريف جوڳي مطلوب سان صفاتي ناتو ناهي پاڻ ۾ جذب ٿو ڪري. پيري مرشديءَ جو راز هتي آهي. مريدي رڳو مذهب ۾ ڪانه آهي پر اسڪول ۾، ڪاليج ۾، هنر ۾، هر هنڌ موجود آهي. هر شعبي ۾ ٻار تي پهريون اثر ڪنهن جي شخصي مثال جو قائم ٿو ٿئي. اخلاقي تعليم جو اثر ٻار تي ڪو نالي جو ٿو ٿئي. اهڙن سلسلن نهڻ کان پوءِ ته ڪنهن تواريخي بلڪ ڪنهن قصي ۾ آيل شخصيت جي خوبين کان متاثر ٿي، هو پنهنجي ساراهه جوڳي دلداده سان پريٽ صفاتي ناتا قائم ڪري سگهي ٿو. ڪن حالتن ۾ ائين به ٿئي ته صفاتي عقيدن مان ذاتي عقيدا نهي پون. جي ڪنهن شخص جي ٻڌ ڌرم جي زرين قانون سان دل اٽڪي ويئي ته يقيناً هن جي رغبت انهن ماڻهن سان به ٿيندي جيڪي اهڙا عقيدا رکندا هوندا.

صفاتي عقيدن لاءِ جنسي نشانيون: صفاتي عقيدا ڪيترو به زوردار هجن ته به ڪنهن کي اپارڻ لاءِ ذاتي عقيدن کان گهٽ اثر ٿا رکن. ڪنهن اصول تان قربان ٿيڻ کان ڪنهن شخص تان نثار ٿيڻ آسان آهي. اهڙن آزمودن جي روشنيءَ ۾ صفاتي عقيدن کي جنسي نشانين سان هٿي ڏئي پختو ڪبو آهي. قومي جهنڊا، قومي تمغه ۽ نشان، قومي ترانن ڳائڻ وارا، ديني آداب، مذهبي ڪارج، خاص پوشاڪون، سڀ انهيءَ قسم جون ذاتي نشانيون آهن جي ڪنهن صفاتي عقيدي کي زور ڏيڻ لاءِ ڪم آڻبيون آهن ته قائم رهي. واقعي ڏسڻ جو اثر ذهن تي ترت ۽ تيز ٿو ٿئي. بنسبت خيال جي.

باب ستون

ٻار جي جسمي ۽ ذهني ترقي، نفس ضمير ۽ خودي

(1) ماڻهو ۽ سندس لڳ لاڳاپا

دنيوي ڪاروبار ۾ ماڻهوءَ جون ضرورتون ٻن طرحن جون ٿيون ٿين: (1) ذاتي (2) نياتي. ذاتي ضرورتون اهي ٿي آهن جيڪي ٻين جيون جون: جيئن ته ساهه کڻڻ، کائڻ، پيئڻ، اجها ڳولڻ، جيئڻ ۽ ٻچا ڏيڻ. پهرئين دم کان آخري دم تائين ماڻهوءَ کي ٻه هوا کپي ۽ ساڳيءَ طرح کاڌو پيتو ۽ اَجها. جوڙيوال جي ضرورت سيني لاءِ مقدم نه آهي. ڪي محسوس نه به ڪن.

حيوان پنهنجن ضرورتن لاءِ گهڻي قدر قدرتي حالتن جا محتاج ٿا رهن، پر ماڻهو قدرتي حالتن کي گهڻي قدر ڦيري پنهنجي پيت تي آڻي چڪو آهي. حياتي ٽڪائڻ لاءِ ضروري آهي ته دنيا کان ڪنهن طرح پنهنجن گهرجن پورين ڪرڻ واريون شيون هٿ ڪجن. ان لاءِ هر ڪنهن کي پنهنجي عقل ۽ همت موجب تجويزون سوچڻيون ۽ سٽڻيون ٿيون پون. ظاهر آهي ته هر ڪو سمجهه آهر پاڻ کي زياده سکيو ۽ سهنجو ڪندو.

ماڻهوءَ جي هلت هميشه پنهنجي ماحول موجب ٿي رهي، دنيا جون مالي طبقاتي حالتون به بعضي اهڙيون ٿيون ٿين جن کي پنهنجي مرضيءَ موجب گهٽو ڦيرائي نٿو سگهجي. آب هوا جو اثر ته ايترو ٿو پوي جو ڏسڻ سان چئي سگهبو ته ڪير عربي آهي ڪير عجمي. هر هڪ ملڪ جون ضرورتون نراليون ۽ انهن کي پوري ڪرڻ جون واٽون به ٻيون. انهيءَ طرح ماڻهوءَ جا مطلب توڙي مقصد ۽ سندس تجويزون ۽ خيال به ماحول مطابق مختلف ٿا ٿين. جيترو جنهن جو گذر ڏکيو اوترو ان کي زياده مغز هلائڻو پوندو جو پنهنجون حالتون سڌاري پنهنجي لاءِ آساني پيدا ڪري.

ماڻهو ٻين حيوانن وانگر اڪيلو رهي نٿو سگهي. ڳالهائڻ جي لياقت هئڻ سبب هو ٻين سان ڏک سک ونڊي صحبتي ٿي ويو آهي ۽ ويڙهه جهيڙ جون مجموعي مجبوريون محسوس ڪندي سماجي صورت جي رهائش زياده سلامتيءَ واري ٿو سمجهي. ايتريقدر جو سماج جا ڪڙا منا قانون سڀ پاڻ سان لاڳو ڪيو وينو آهي. حيرت آهي ته ڪهڙيون مجبوريون ڪيس پنهنجن گهڙيلن قانونن جي سزا ڀوڳڻ تي

راضي ٿيون رکنس! ڪير جو ٿالهيءَ پاڇيءَ کان نڪري ته جهڙس ڪـريل ڪونه! اهي سماجي ضرورتون آهن، جي ڪيس ٿيپي ٿاهي حيوان مان انسان ٿيون ڪن. ٻار هوڙر، هٺيلو، خودرؤ، پنهنجي مجائڻ وارو، پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ وارو، تنهن کي ڪيئن ٿو سماجي قانون ڪيڙي رفاقت سيکاري. همدرد ڪري، قومي بنائي، ايتريقدر جو اڳلي جي سک ۾ پنهنجو سک پسي ۽ ٻين سان ونڊي کائي.

انهيءَ دستور بيخبر ٻار جون اوٿون ماحول جي چُـڪ تي ٿيچي گهڙجي سماجي صورت وٺيو وڃن. ٻار کي پنهنجن اندرين ضرورتن جي ڇڪن جي سُڌ آهي پر انهن کي پوري ڪرڻ جي واٽ ڄاڻي ئي ڪانه. انڪري جنهن به واٽ لائبس ان تي هلي ويندو. ٻار کي ڪنهن به پيت تي پوڻ جي وڏي لياقت آهي، مطلب سو پورو ٿئيس . سندس ڪي ضرورتون روڪڻ فائدي واريون نه ٿينديون، پر ڪن کي دٻائي ٻي صورت ڏئي بهترين واٽ تي آڻي سگهجي ٿو.

ٻار جو نيپاج ڪن مجيلن قانونن مطابق هلائڻ نهايت ضروري آهي ته سندس دنيوي سفر سڦلو ٿئي. سکيا نه ڏيڻ ٻار سان ٺڳي ڪرڻ آهي. جي سٺوپري واٽ نه لاتو ويو ته اجايون واٽون وٺندو. هن کي دڳ لائڻ ضروري آهي ۽ منجهس ايتري لياقت آهي جو ڪهڙو به فلسفو سکي سگهي. ٻار مچ جو وار پر جي ڪچيءَ ڪنا نه پيا ته پڪيءَ پوڻ مشڪل. البت ٻار جي ڪچي عمر به ورهه تي هلي.

ڄمڻ سان ٻار جي طبعيت ڪنهن سماجي قانون مطابق ڪانه تي ٿئي ۽ وڏي کي ورائڻ مشڪل. پسونٽڙي کي سمجهو ڪيڙ تي ڪري. ٻار جون بدني خصوصيتون ملڪي حالتون، سماجي قانون ۽ قومي حيثيت سڀ گڏجي ڪيس خاص شخصيت جو والي ٿيون بنائن. ٻار جي پوري تات ۽ تعليم وسارڻ ائين آهي جيئن ڪنهن نفيس ٻوٽي کي پرورش نه ڏيڻ ڪري ناس ڪرڻ ۽ اجازڻ.

<u>ذاتي ضرورتن ۽ نياتي ضرورتن جي ڇڪري:</u> انسان جي من ۾ هر وقت جاري آهي. دل چوي ته هيءَ شيءِ ڪڻ، نيات چوي ته هن شيءِ تي تنهنجو حق ڪونهي، تون ڪٽي نٿو سگهين. هڪڙي پاسي نفس، جو پاڻ سان هر وقت موجود آهي ۽ پنهنجون ضرورتون هر وقت ڄاڻائيندو ٿو رهي ٻئي پاسي سماجي قانون لٺ ڪنيو وينو آهي. جاوداني اوٿون جياپي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهن، اٿل آهن، بي قياس آهن، بيوقوف آهن. هنن کي پنهنجي پورائي جي واٽ کپي، ضرور کپي، جيتري روڪ پوندن اوترو تيز ٿينديون. آدم کي جيڏانهن روڪبو ويندو ئي اوڏانهن. ان ڪري ٻار کي ائين نه چئجي ته هي نه ڪر. البت سندس اجهل اوٿن کي واٽ لاٽو ضروري آهي ته مناسب واٽ لڳن. رغبتن جا رستا ماحول کي ٿاهٽا آهن.

نياتي ضرورتون ٻين سان تعلق ٿيون رکن. ٻار کي انهن جي سمجهه بہ ڪانهي. اهي ٻار کي سيڪارٽيون آهن جي سمجهہ سان چٽيون ٿينديون رهنديون. ٻار کي تہ رانديڪن جو ڏڪان کپي. پئسو هجي نہ هجي. ائين نہ آهي تہ هن جي گُھر عقل نہ هئڻ جي ڪري آهي پر ڪنهن اندرين تانگهہ جي هرڪر سبب. جوان کي عشق جو سامان کپي. هاڻي تہ عقل هوندي بہ ان کي گهڻا ڀيرا خطا ڪيو ڇڏي؟ عقل ڪٿي ٿو هلي. ٻڍي کي آرام جو آستان کپي. اهي ذاتي فطرتي ضرورتون آهن. جن جي مناسب پورائي جو خيال سماج کي بہ رکڻ جڳائي. زور مان بہ ڪجهہ وريو آهي. ماڻهو کي ٻارهوئي تہ اشڪنجي ۾ ڪين رکبو.

(2) ٻاراڻي وهيءَ جون ذهني ضرورتون ۽ نيپاج جو اثر: ماءُ جي پيٽ ۾ اچا ٻار جي مغز نهڻ شروع ڪيو تہ مٿس سندس ساري بدن جا احساس لکجڻ لڳن ٿا. پهرين تہ مقدس پيٽ واري اگوندري ۽ سانتيڪي زندگي پنهنجا پورا آثار، مغز تي نقش ڪندي ٿي رهي، جنهن جي ٻار کي ڪا بہ سڌ ڪانہ ٿي رهي پر مغز انهن روبڪارين جا پورا احوال مرڻ گهڙيءَ تائين سانديو اچي. اهڙيءَ طرح ڄمڻ کان پوءِ بہ ٻار ايترو ئي تات جو محتاج آهي جيترو پيٽ ۾ ۽ جيڪي بہ واردا‌تون ٻار جي درپيش اچن ٿيون يا آزمودا پرائي ٿو سي اکر بہ اکر مغز جي فرحيءَ تي اڪرندا ٿا رهن. ڇهن ورهين اندر ڪيتريون لياقتون پرائيندي سندس وڏي هوندي واري هلت چلت جو قريب قريب سارو نقشو تيار ٿيو وڃي.

ٻار جي ترقيءَ لاءِ بہ ٻُالهيون جوابدار آهن: (1) ٻار جي مائٽاڻي موروثي موڙي (2) سندس ڪيڙ يعني تہ نيپاج ۾ ٻار کي سندس لڪل لياقتن کي هوشيار ڪرڻ جو ڪافي وجهہ مليو آهي يا نہ. ڄمڻ وقت ٻار جو مغز وڏي جي پنچين پتيءَ جيترو ٿو ٿئي. جو ٻن ورهين ۾ ٻيڻو ۽ ٻين ٻن ورهين ۾ ڇئوڻو ٿيو وڃي. باقي پنجون حصو پنجاهہ ورهين تائين پيو وڌي. وري ستر کان اسيءَ ۾ پنتي.

ٻار جي بدني پرداخت جي ضرورت ظاهر آهي، پر هاڻي معلوم ٿيو آهي تہ نپائڻ واري جي دلي همدردي ۽ پيار ٻار جي ذهن کولڻ ۾ بہ گهڻو دسترس ٿا رکن. توڙي وڏي هوندي بہ ڏسجي ٿو تہ جنهن ماڻهوءَ کي دلي خير خواهہ ۽ گهڻگهرا ڪين آهن تہ ان جو دنيوي سفر بہ اهنجو ٿيو پوي. انڪري ٻار جي ذهنيت کولڻ واري پهرين اديب ماءُ آهي، جا پنهجي شخصيت، قرب ۽ رفاقت جي اثر هيٺ ٻار ۾ آٿت يا بيقراري، ڀروسو يا اوائڙائي ڌيرج يا بيچيني، هوشياري يا هڙچڙائي، ڄمت يا تابعداري، دليري يا بزدليءَ جو سٽاءُ سٽي ٿي. ماءُ کان پوءِ ٻار جي اوڏ ۾ پيءَ جو وارو ٿو اچي. ٻار نہ رڳو پنهنجي مائٽ جي ظاهري برتاءَ ۽ ساڻس هلت مان سندس ذهني اثر ڪٺي ٿو پر سندس نشست برخواست بہ. البت اهي اثر ڪنهن

مقرر صورت جا نتا ٿين، پر ساڳيا اهڙا ڏنڏلا جيئن وڏي هوندي ڪا نئين ڪيفيت پهرئين پيري ذهن نشين ٿيندي آهي يا ڪنهن نئين جذبي جو اثر دلپذير ٿيندو آهي. ٻار پنهنجي آسپاس کان پاڻ کي ڌار گهڻي وقت کان پوءِ محسوس ڪرڻ لڳندو آهي ۽ دنيا جي تعلقات بنسبت ڪيترو منجهيل رهندو آهي.

ٻاراڻي وهيءَ جون ٽي پڌريون منزلون ڏسبيون: (1) ڪنڌ جهلڻ ۽ ويهڪڙو ٿيڻ (2) ريڙهيون ڏيڻ (3) پنڌ ڪرڻ. هرهڪ منزل تي سندس شخصيت جي جوڙجڪ ۾ گهڻي تبديلي ۽ ترقي ايندي تي رهي. اها ٻار جي اڳلون ڏئي وڌندڙ سمجهه. سندس آسپاس سان دلچسپي ۽ پنهنجي بت کي اتلائڻ پتلائڻ ۽ مطلب حاصل ڪرڻ جي لذت، جدوجهد جو نتيجو آهي. پهرين ته ڪنڌ جهلڻ جي ڪثرت مان نڪري پوءِ ويهڻ سکي، وري ريڙهين ڏيڻ تي سندس ٻازن جون مشڪون اهڙو ته نهيو نپجو وڃن. جو جيسين ڇئن پيرن تي بانبڙا نه پائي، تيسين اٿي بيهي نه سگهي. پوءِ پير ڪڍڻ سکي، پنڌ ڪري، هلي، ڊوڙي ۽ ضرورت موجب هرهڪ اگرو ۽ مشڪ چوري، موڙي، پنهنجي وس ۾ آڻي ته اڳتي دنيا جي ڪار ڪرت ۾ اٿلڻ پٿلڻ سولو ٿئيس.

گئسل: ٻار جي اوڏ جو سلسلو هن طرح ٿو ڄاڻائي. پهرين ته ٻار مٿي جي رڳن تي قابو پائي ڪنڌ جهليندو. پوءِ ٻانهون ڪم آڻڻ سکندو. آڱوٺي ۽ ڏسڻيءَ تي قبضو ٻارهين يا پندرهين مهيني ٿيندس، جڏهن ڪٿي آڱر ٽنبي يا چپٽيءَ سان ڪا شيءِ ڇڪي يا چني سگهندو. اکيون پهرين سطحي چرپر محسوس ڪنديون، پوءِ اڀي ۽ اڙي. پهرين گول ليڪي سگهندو، پوءِ چورس ۽ پوءِ ڇهه - اٺ پاسي شڪل. ڏاڪڻ تي پهرين چڙهڻ سکندو پوءِ لهڻ. پهرين شين جا فرق سمجهندو پوءِ هڪجهڙايون. شين جا نالا سندن ڪمن پٺاندر رکندو. ڪرسي ويهڻ لاءِ آهي، نه ته ڪو ان کي گهرو سامان جو جزو سمجهندو. اهي مٿيون ڪن کي اڳي اچن، ڪن کي پوءِ، پر سندس سلسلو ساڳيو رهندو.

ٻانهن کي موڙڻ ۽ سنئين ڪرڻ وارين مشڪن جو ڪم ابتڙ ٿو ٿئي. جيسين انهن ابتڙ ڪمن تي عضوا هرن، تيسين ڪو نئون ڪم بت ڪري نٿو سگهي. پهرئين سال فقط سڌي ويهڻ لاءِ ٻار کي ٽيوبهن منزلن مان نڪرڻو ٿو پوي. پوءِ بيهڻ، هلڻ، ڳالهائڻ، ڳڻڻ، پڙهڻ ۽ ٻيا ڪم سکي.

ٻن پاسن جي اڻ پوري هئڻ سبب ٻنهي هٿن سان ته ڪو ڪم ڪري نٿو سگهجي. ساڄو پاسو زياده ڪارائتو ۽ قوي ٿو ٿئي. هنڌ تي پنيءَ پر ليٽيل ٻار کي ڏسبو ته پنهنجو مٿو سڄي پاسي موڙي، سڄي

ٻانهن ساڳئي پاسي سڌي جهليندو ۽ ڪجھ هٽ وراڻي ڪجهي ڪلهي ڏانهن ڪندو. اهڙيءَ طرح ٻار جي ضرورتن موجب تنتي سرشتو به ساڻس رفاقت ۾ هلندو ٿو هلي، جيئن جيئن ٻار جو جيوت منڊل بدلبو ٿو رهي، تيئن سندس بدني تحرڪ ٻيا ٻيا ٿيندا ٿا رهن.

ٻار جو ٻئي مهيني اوٽيهه ڪلاڪ ستل ٿو رهي، سو ڏهين مهيني اچيو تيرهن ڪلاڪن تي بيهي، ڪنهن مهيني هڪ هنڌ بيهي رهي ته ڪنهن مهيني اڳتي پنتي وڃي. ٻار جي بدني يا ذهني ترقي هر وقت هڪ ڪڙيءَ ڪانه ٿي رهي. پهريان ٻه مهينا ٻار انيڪ آواز پيو ڪندو. ٻي - ٽئين مهيني لڳائي چڳائي ڏک سک جو اظهار ڪندو. اٺين نائين مهيني ڪن مقرر معلوم اکرن تي ڏيان ڏيندو. نوين يارهين مهيني ڪن اشارن جون رمزون سمجهندو. باءِ باءِ چوندو. ٻئي سال گهٽا اکر چئي سگهندو. هڪ سال کان پوءِ ساڳيو اکر ٻه پيرا چئي سگهندو. دا دا، با با، وغيره. ارڙهين مهيني اکرن کان سٽن جو ڪم وٺندو. ستين ورهيه سٽن اکرن جي سٽ ڳالهائي ويندو. ٻوليءَ تي گهرو تهذيب جو اثر گهٽو ٿو رهي.

رانڌ: ٻار جي سڀ کان زياده دلچسپي رانڌ سان ٿي رهي (1) رانڌ ٻار جي گڏ ٿيل سگهه کي واٽ ٿي ڏئي (2) ٻار کي وڏائيءَ جي ڪمن ڪارين لاءِ تيار ٿي ڪري: هنري، سماجي ۽ شخصي (3) اسڪول، پوسٽ آفيس، ريلوي اسٽيشن، ڪورٽ، دڪان سڀّ رانڌ ۾ نقل ٿا ڪن (4) رانڌ روءِ سوءِ پنهنجي مرضيءَ تي بنا ڪنهن حڪم جي ٿا ڪن، جنهن ڪري سندن حوصلو کلي ٿو. (5) کلڻ، خوش ٿيڻ، پاڻ تي ضابطو رکڻ سکن ٿا. (6)حقيقي دنيوي مسئلا رانڌ ۾ فيصل ٿا ڪن. مباحثا، عمل وغيره. (7) سخت محنت ۽ مشقت ڪرڻ سکن ٿا. ذهن کلين ٿو، جذبن کي واٽ ٿي ملين. پنهنجا احوال ۽ ضرورتون هڪٻئي سان اورين ٿا، ٻارن جي رانڌ، دنيا جي اسباب بنسبت هڪ ويچار آهي، ڪنهن وڏي کي ڪونئون آزمودو ٿيو ته ٻين کي ٻڌائيندي هو ان کي پنهنجي توڙي ٻين جي شخصيت جي جز بنائي ڇڏيندو. ٻار به رانڌ ۾ وري وري چوڻ ۽ ڪرڻ سان پنهنجي ماحول کي پاڻ ۾ جذب ڪندو، ان کي پنهنجو حصو بنائيندو ٿو رهي. رانڌ دنيا جي روزانن مشغلن جي مشق ڪرائيندي دنيا سان تعلق ٿي جوڙي. جيڪو ٻار پنهنجي جذبن کي واٽ نه ڏيڻ جي ڪري موڙهو ٿو رهي، اهو شايد دنيا سان مناسب ناتا نه به جوڙي ۽ يگانو لڳي، پر جيڪو ٻار ڪنهن جوش اچڻ تي پنهنجي رانڌ جي لشڪر کي پيچي پورو ڪيو رکي، ان کي به وهلور وڃڻ جو ايترو انديشو ڪونه آهي.

رانديڪا: هميشه وڏا خريد ڪندا آهن، پنهنجي مرضيءَ ۽ چونڊ تي. پوءِ ٻار ڪي ڀڃائيندا رهندا آهن ته هيئن ڪر هيئن نه ڪر. بهتر آهي ته ٻار کي بنهه ردي شيون پاڻي جون پيتيون، بٽڻ، زنجيرن جا ٽڪر، ڌاڳا، پنا، ڪپڙي ٽڪر، ڪوڏيون، پٿريون، جام شيون ڏجن ۽ پوءِ ڇڏجيس ته پنهنجي خيال موجب پنهنجي دنيا ترتيب ڪري، اٿو مٽي، ريتي ڏجيس ته پنهنجي مرضيءَ تي ڪجهه ناهي.

ٻار جي راند مان سندس ڪميون بيشيون معلوم ڪري سگهجن ٿيون ۽ اهو به ته هو آئيندي ڇا ڪندو. ستن ورهين تائين ته ٻار کي گهڻي راند ۽ ٿورو پڙهڻ ڏجي. ستن - يارهن تائين ٻار کي ڪيڙ ڪپي، مگر هاڻي سمجهه ايترو تکي نٿي وڌي جيترو ستن ورهين تائين. ڏنو ويو آهي ته پاڙهڻ ۾ به ڪفايت شعاري ڪم ٿي ڪري. ڪم جي ڪلاڪن وڌائڻ سان ڪو ٻار کي فائدو ڪونه ٿو ٿئي. بلڪ ڪم جي گهٽ ٿيڻ جو انديشو آهي، اوڏ کي به فطرتي رخ ٿو ٿئي. ان کي ڏکي ڏکي تکڙي وڌائڻ مان فائدو مشڪل نڪري. هن کي ”نئچرلزم“ چئبو آهي، هيو فلسفو تعليم جو آهي. ”آئيڊيلزم“ جو ته ٻار کي پنهنجي وت ڪان مٿيرو چڪيندو رهجي ته هن ۾ ترقيءَ جو روح ڦوڪبو رهي.

ٻار جي ذهني واڌ لاءِ سندس آسپاس سان گهري واقفيت ۽ دلچسپي ضروري آهي. اها دلچسپي منحصر ٿي رهي انهن خبرن تي، جيڪي پاڻ پنهنجي مغز ۾ احساسن جي صورت ۾ محسوس ڪندو ٿو رهي. احساسن پهچائڻ جا ذريعا سندس حواس آهن. هر هڪ حواس ٻار جي سمجهه انوسار ٻن طرحن جون خبرون رسائيندو ٿو رهي. وڻندڙ يا ڏکوئيندڙ. هي ڪا به تميز ٻار کي ڪانه آهي. ظاهر آهي ته ٻار جي دلچسپي ۽ رغبت فقط اهڙن احساسن سان ٿيندي، جيڪي ڪيس وڻندڙ لڳندا. ٻار کي ايترو عقل ڪونه آهي جو سمجهي ته جيڪو ايذاءُ مون کي هاڻي ٿو اچي، سو اڳتي مون کي فائدو ڏيندو. هن جو سارو ڪم هن وقت جي سک سان ٻڌل آهي. هن ڪان پوءِ ڇا ٿيندو، ان جو ٻار به پسن وانگر خيال ڪونه ٿو ڪري.

هيءَ ته ڳالهه ڪئيسون هڪ ابهم پسونئڙي جي، پر اسان جي ڪوتاهه نظر پير نابالغن کي به ته ڏسو، ته اهي وڏا سچا وقتي احساس جي مزي تي تا هلن يا دورانديش تي سمجهه ڪان ڪم تا وٺن. اهڙا ڪي ٿورا ڏسبا جي آئيندي جي نتيجن کي مدنظر رکي وقتي مزن کي درگذر ڪن. اهڙا ڪيترا ڏسبا جي وقتي مزي لاءِ پاڻ کي پاڻيهي پنهنجي هٿ سان تباهه ڪيو ڇڏين يا ته عيش پرستيءَ ۾ لوڪ لڄا لاهيو، ننگ ناموس برباد ڪيو ڇڏين. بيماري هجي ته هجي پر ڪـري ڪين ڪبي. تپ پل ته ڳاهي پر ڪوئن

ڪؤڙو ڪير ڪائي. مطلب تہ اسين اجا حيوانيت جي احساسن کان مٿي ڪونہ نڪتا آهيون. نڪوڪو اعليٰ احساس ماڻيو اٿئون. اجا بوالهوس عيش پسند احساسي نفس جا غلام ٻارڙا آهيون.

آسپاس سان دلچسپي ڏيکاري ٿي تہ پنهنجي ذهني ترقيءَ لاءِ ٻار کي خود ڪم ڪرڻو آهي، جنهن سان سندس ذهن زور وٺي، مائٽن کي فقط هن لاءِ اهڙيون حالتون ٺاهڻيون آهن جنهن ۾ هو سهولت سان پنهنجي فطرتي اوڻن ۾ احساسن کان ڪم وٺي سگهي ۽ اٽڪي نہ پوي. ٻار ڪو ڳوهيل اٽو ڪين آهي جو خمير جي زور تي ازخود بنا پنهنجي ڪوشش جي اپامندو رهي، هن کي پنهنجي تعمير پاڻ ڪرڻي آهي. ذرو ذرو ڪري پنهنجن تحرڪن، تجربن، آزمودن سان تاجي اُڻڻي آهي پر انهن شين سان، جيڪي مائٽ موجود ڪري ڏيندس.

ٻار کي بہ اختيار آهي. ماءُ جڏهن رئندڙ ٻار کي هنڌ تان کڻي ارهہ لائڻ جي ارادي سان سندس قريب ايندي آهي، تہ ٻار بہ ماءُ جو ارادو سمجهي، پنهنجي بت کي پڪيڙي اهڙو سپڪڙو ڪري جهليندو آهي جو ماءُ جي هنج ۾ آسانيءَ سان ماپي آرام سان ٿج پي پيٽڙو پري. وري جي چولي مٿائڻ تي ڪروڌ ڪيائين تہ ماءُ ٻانهن ورائڻ تي تہ هي پري ڪرڻ تي. ٻار جي مرضيءَ کان سواءِ ڪؤڙي ستي پيارڻ تہ ٿهي پر چولو مٿائڻ بہ ڏکيو. شل نہ ڪيتو شروع ڪري تہ جيجل ماءُ بہ هارائي ٻيهي. ٻار کي بہ پنهنجو اختيار آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ مرضي منهنجي اها آهي، وڏيو توڙي نہ وڏيو. مائٽ جو ڪم ٿيو ترڻ سيکارڻ، ترڻ جي وات وٺڻ وري بہ سندس ڪم.

<u>ترقيءَ جون منزلون:</u> جيسين ٻار مٿانهين منزل لاءِ لائق نہ ٿيو آهي، تيسين سندس ڪچڙي هڏ ۽ ماس کي ان ۾ آڻڻ جي ڪوشش اجائي ٿيندي. پر هڪ واريءَ ٻار هلڻ جي ڪري پوءِ ڦيٽن تي هلڻ سيکاريوس يا تار تي تہ اهڙو مزو ۽ شان سان هلڻ لڳندو جو وڏي جي ڇا مجال. ٻار ڇا وڏي ۾، جسمي توڙي ذهني ترقيءَ جي روانيءَ جون منزلِ وار اچلون ٿيون ٿين. جي ڪو بہ انهن کي تاڙي پوري مهل تي پنهنجي زندگانيءَ جي ڇولين تي سوار ٿي پوي تہ اوج سندس اڳيان آهي، پر اسان اجا سمجهہ کان ڪم وٺڻ جي وات ئي ڪانہ ورتي آهي، انڪري اهڙي مهل فقط ڪنهن قسمت واري کي اتفاقي هٿ اچي ويندي آهي، باقي آهيون تہ سيئي گدڙ وانگر ٻڳهہ پڪيءَ جا مهمان. جيڪي ڳگهيءَ جي ڪنن کي لڳو سو اسان جو. ايترو بہ لک ٿيوا اسان جي سمجهہ کي پٽر پيل آهن. شل ڪا ڇڳي وڏيس.

ٻار جي اوڏ جي ڇولين جا، جي اهي وقت گسي ويا ۽ ٻار جي وقتي لياقتن کي ڪسرت ڪرڻ جو وجهه نه مليو ته ضرور ڪٿي نه ڪٿي سندس دماغي ترقي روڪجي پوندي ۽ ٻار جي ذهني ٻهار، قوهه ۾ اچڻ کان ڇٽي. ويتر جي حالتون اجا به خراب ٿيس ته مورڳو پوئتي هليو ويندو. ٻاراڻين خصلتن وارا پربا پيريا ٻار غور سان ڏسو ته ڪيترا ليندا. ائين نه ته هو هنڌ خراب ڪندا يا پاڻهن سان ٻوٽ اگهندا. پر سندن خوف ۽ خطرا، جذبا ۽ خيال، امنگون ۽ افعال بنهه ٻارن وارا ڏسبا. نه سٽ جو ڍنگ، نه مسيت جو رنگ گو ساله ما پيرشد ولي گاؤ نه شد.

<u>ڇوڪراڻي وهي:</u> ٻالپڻي کان جوانيءَ جي وچ واري عمر کي ڇوڪراڻي وهي چئجي ٿو. هن وقت ۾ ڪيس نياتي تعلقاتن، پابندين، علم حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي ٻارڻ سيکارجي.

ٻار جي بدني واڌ پهرئين سال ۾ سڀ کان تکڙي ٿي ٿئي . سندس ڄمڻ جي وقت واري ڊيگهه 20 انچن مان 28 انچ ٿيو وڃي ۽ تور 8-9 پائونڊن مان 20 پائونڊ. اهي 40 ۽ 50 فيصد واڌون، اڳتي وڃي 125 ۽ 100 في صدي بيهنديون. ٻارهين سال سراسري قد 52 انچ ۽ تور 66 پائونڊ وڃو ٿئي. هن عمر ۾ ڇوڪريون ڇوڪرن کان سرسيون ڏسبيون. پر 13-14 ورهين ۾ ڇوڪرا گوءِ ڪنيو وڃن. ڇوڪري جلد وڏي ٿي ٿئي، پر ڇوڪرو نسلي آزمودا ڪانئس اڳي ٿو ڪري جي ڪُند ڪيو ڇڏنس.

هن عرصي ۾ جڳائي ته پنهنجي بدن جي پوري پرورش ۽ سنڀال ڪجي جيئن ٻئي جنسون سگهاريون، وٽندڙ ۽ هڪ ٻئي لاءِ ڪارائيتون ٿين. هن عمر ۾ جذبا به خوب ڏونڌاڙين ٿا. مائٽن جي ڪرڙي اک ضروري آهي، نه ته ارن کان نڪرڻ جو انديشو آهي. مقصد اهو آهي ته سماجي قانون تي هلي، پنهنجيءَ وارو ٿئي ۽ قوم جو ڪارائتو فرزند. تعليم به اهڙي ڏجي جا ڪيس انهن ڪمن کي نباهڻ لاءِ مفيد ٿئي . اسڪول ڇڏي ڪاليج وڃڻ سان ته سندس آزادي گهڻو وسيع ٿي ٿئي، سئنيما ، سگريٽ، ايڪسڪرشن، راڳ ۽ تماشا.

<u>گڏسل:</u> وڌندڙ ٿهيءَ جو وستار هئن ٿو ڪري: ڏهن سالن وارو ٻار گهر، اسڪول ۽ راند روند سان ٻڌل ۽ پنهنجي ڊڪ ڊوڙ ۾ پورو. يارهن ورهين وارو ائونترو، سڪ ڦتو، ٻڙٻڙئو، ٻکيڙائي ۽ اٽڪهڙيو، بي لحاظ. ٻارهن ورهين جو پڪو جوشيلو، ڦڙت، همت وارو. تيرهين ورهين وارو ويچار وان، پاڻ ۽ ٻين لاءِ نڪته چين، عيب، ثواب جاچڻ وارو . چوڏهن ورهين جو دوستدار، رلڻو ملڻو ۽ رفيق ۽ انسانذات سان دلچسپي رکندڙ. پندرهن وارو ڇڪ تاڻ ۾، بعضي بي قربو بعضي يار ويس ۽ هميشه پنهنجي روءِ سوءِ

ٿيڻ جي انتظار ۾. سورهن ورهين وارو بردبار، خوشمزاج، بي تعصب ۽ ٻين جو خيال رکندڙ. هي عمر پٽاندر وصفون، ڪي مقرر قانون ڪين ڇئبا، پر وڌندڙ ٻار جو نمونو آهن . جنهن ۾ گهٽي ڦير ڦار جو امڪان آهي.

جواني: هن وهيءَ ۾ جذبا تيز تا رهن، پاس ناپاس تي ڪيتري خوشي يا ڪيترو اندوهه. پيءُ جي ڇينپ تي مٿيان، پنهنجيءَ ٻارڻ جو خيال، ڪم سان لڳڻ جي هوس، نينهن جا نشا، ٻين سان رستا، ذهني شڪ شڪوڪ ۽ تشويشون بعضي وري قومي ۽ ملڪي خيال، ٻين سان نيڪي ۽ خدمت جا خيال سڀ اچيو وارد ٿين.

هيءَ وهي پنهنجي ٿهيءَ سان خوش. گڏ گهمڻ ڪائڻ اٿڻ ويهڻ، رسم رسومات جي ٻنڌڻ کان آجو. هرلاڪ جو خيال آهي ته هيءَ ئي وهي آهي جا سماجي ڪمن ڪارين لاءِ نهايت موزون آهي. انهن ڪمن ڪندي ڪيس مزو، آئت، دلجاءِ ۽ ماڻهن سان ٻلائي ڪرڻ جو ڪيس موقعو ملي ٿو، سپتيائي، وفاداري، ٻين سان ٻلائيءَ جو اُنگ سڀ عشق جي لهر سان جاڳيو اٿن. بعضي وري ٿانءِ ٿيڳر، آڪڙ شاڪڙ، هٺ وڏائي ۽ الغرضائي به ٿيو پوي. البت اهي وصفون اهڙن ڳيرن ۾ ڏسبيون جي شڪيل نه هوندا آهن يا ڪو ٻيو بدني عيب هوندن يا ڪند فهم هوندا يا بدامنيءَ جو شڪار هوندا يا بلڪل ڏڏ يا بلڪل ذهين. اهڙين وصفن وارا وري ليبر ٿيندا آهن.

اها ئي عمر آهي جنهن ۾ زندگيءَ جي هر ڪا صورت بحث مباحثي هيٺ چندي ڇاٽي صفا ڪبي آهي. رسمون، رواج، مذهب، فلسفه، شخصيت، سماج، ننگانيت، فضيلت، علم، رانديون، نيڪ، بد، سياست، مدبري، راڳ، ناچ، ناٽڪ، شعر، مصوري، ۽ ڇا ڇا نه. هن عمر ۾ خودي ڇمائڻ ۽ سماجي ضرورتن ڪي سمجهڻ، نيڪ بد ڪي پروڙڻ سان مذهبي، معاشرتي، ذهني، سماجي ڀيد معلوم ڪرڻ ۽ اڳواڻ ٿيڻ جي وات ملي ٿي. هڪ ٻئي سان دوستي رکجي ٿي. بعضي اهي دوستيون حياتيءَ تائين هليون هلن، مباحثا ته زندگيءَ جي هر هڪ پهلوءَ تي ٿيندا ئي رهندا.

البت مائٽن ڪي اها ڳالهه ڪان وڻندي ته ٻار پنهنجي دوستين جا ناتا جوڙيندو ڪائنن پري پوندو وڃي. پٽ جو دير سان گهر موٽڻ به ڏکيو لڳندس. هاڻي مائٽ اڪڙندا ويندا. پيءُ سان گڏ هلڻ جي بدران پنهنجي سنگت چاهيندو. مائٽن سان محبت ڪين مٽبيس باقي سندن ضابطا، قانون، طعنا، تنڪا ضرور لڪائيندو. جيترو ٻاراڻي وهيءَ جي پيار جو ناتو مائٽن سان ڳوڙهو هوندو اوترو ان ڪي ٽوڙڻ ڏکيو.

پر ٻيءَ صورت ۾ پنهنجي پيرن جهلڻ ۾ ديري ڪانہ ڪندو. ڇوجوان کي مائٽن جي رهنمائي گهرجي نہ نڪتہ چيني. فقط همدردي ۽ رهنمائي ڪين حقيقت بين، حقيقت جو ۽ حقيقت پسند بنائيندي.

شخصي ضابطو سواءِ بيجا جذباتي روڪ جي بہ ممڪن آهي ۽ سماجي احساس سواءِ هر وقت ڪنهن مجموعي ۾ هجڻ جي بہ رکي سگهجي ٿو. سختي ۽ نرمي گڏ رهي سگهن ٿيون. قابل ڪڙيءَ رسيل جوان، پنهنجا مقصد ۽ مرادون خيالي منزل ڪان نڪري صحيح معنيٰ ۾ ڏسي ٿو ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ جون واٽون سوچي ۽ ڳولي ٿو. هاڻي هو پاڻ لاءِ بهترين آسودگيءَ جي واٽ وٺي ٿو. پر اها جا ٻين کي بہ پسند اچي، ٻين جو خيال هن عمر جو لب لباب آهي.

تعليم جوان جي شخصيت ٺاهڻ تي گهري، سندس چال يا سندس دنيوي علم. مقصد موجب نصاف ٺاهڻو پوندو، اخلاق وڏائڻ يا عام احوال ڏيڻ يا ڪو خاص هنر جنهن سان روزي ڪمائي. فقط اسڪولي تعليم تہ اسڪول ڇڏڻ سان ڪافور ٿيڻ لڳندي.

ماءُ جو اولانگهو پيٽ هئڻ سان ئي شروع ٿو ٿئي:

سنڌ ۾ اڪثر اها رسم ڏسبي تہ پهرئين پيٽ تي ستين مهيني ٻن- جيئن واريءَ کي زالون تيل جو سوڻ ڪنديون آهن، خبر نہ آهي تہ انهيءَ ساٽ ۾ سهاڳڻين جي ستا الائي ڪهڙي پر ان جو ستو اثر اهو ضرور ٿو ٿئي تہ حامل جو خيال هاڻي پاڻ مان نڪري پيٽ واري جي طرف ٿو ٿئي. سندس اجايو اٿڻ، ويهڻ، گهٽ ۽ سانگائتو، اويل ۽ اوندهہ جو خيال، ٻار لاءِ اونو ۽ سندس آمد لاءِ سئيءَ سڳي سوڏي تياري.

ٻار جنهن حالت ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ رهي ٿو اها جاءِ نهايت آرام واري ٿي ٿئي ۽ هر هڪ جهوپو جو ماءُ جي اڊنگائيءَ ڪري ٻار لڪائي ٿو، سو سندس نفيس مغز تي انهي آزاريندڙ اثر جو ليڪو لڪندو ٿو رهي. وري ڄمڻ جي ڪشمڪش سوڙهہ ۽ پڪيڙ ۾ ايترو تہ مغز تي احساسي بار ٿو پويس ۽ رت ۾ ڪاربن ڪٺي ٿيڻ ڪري سندس دل ۽ ڦڦڙ ايترو تيزيءَ سان ڪم تا ڪن جو نهايت پريشانيءَ جهڙو. ٻار کي اهو وقت برابر ياد ڪونہ ٿو رهي پر مغز تہ سندس هڪ هڪ آزمودي کي ائين ٿو سانڍي جو پٿر تي ليڪو. وڏي هوندي بہ ڪا پريشاني ٿيس تہ ساڳيو دل جو دهڪو، ساهہ اُپو ۽ مونجهہ ڏيکاريندو ايندو.

ڄمڻ ڪان پوءِ ٻار کي پنهنجي آسپاس جي خبر ڪانہ ٿي رهي، سواءِ ان جي تہ ساري دنيا هن لاءِ ڀڪي هڪ ڏون ڏان ۽ ٺُونا جي ٿهيل آهي. شل نہ ڪو تکو آواز ڪن پئيس تہ ڇرڪ پريندو. انڪري ماءُ جي هر وقت موجودگي ٻار کي وحشتناڪ اثرن ڪان بچائڻ لاءِ نهايت ضروري آهي. جي هنڌ نرم گرم نہ هوندس يا

ڪتي ڏاڍيرو لڳس تہ هڪدم لڪائي ڪَرَ سوئيندو. اهڙيءَ طرح ٿلهن آنڊن ۾ بہ جي بک جي هلچل ٿيس تہ رئندو. ٿڃ ملڻ تي پرچندو آرام ڪندو. ڪتي ايذاءَ آيس تہ ڪيهون ڪندو. اهڙن آزمودن ٿيڻ سان وٽندڙ احساس جي چاڻ، سڃاڻ ۽ گهرج محسوس ڪندو، انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ رئندو ۽ ملڻ تي ماٺ ڪندو. خاص ڪري وات جي چشڪي لاءِ تہ ايترو تانگهيندو ۽ واجهائيندو جٽڪ سنڌس بي آراميءَ ۽ آسائش جو راز فقط ٿڃ ۾ سمايل آهي.

ڏائڻ جي لذت کان پورو واقف آهي پر اها لذت ڪيئن تي حاصل ٿئي ان کان بلڪل بي خبر. ڪيس پياس لڳي تي ۽ ڪنهن طرح لهي ٿي، وچ واري وسيلي جي ڪا خبر ڪانہ. اهي جيڪي مغز تي اڪر لڪبا وڃن ٿا، اهي آهن بنياد، وڏي هوندي جي جادن ۽ طلسمات ڏانهن لڙڻ جا ۽ ڪنهن نامعلوم حاجتن پورين ڪرڻ واري بيوسيلن جي وسيلي جي خيال کي جاءِ ڏيڻ جا.

ٻار کي پيٽ واري سانت ۽ سڪون جي آرام ڏيندڙ زندگي، اهڙي پيٽ تي پئجي ٿي وڃي، جو ڄمڻ کان سواءِ بہ پانئي تہ ماٺ ئي ماٺ هجي. اجا ڪو آواز ٿيو تہ ڇرڪ پربندو. ڇرڪ تڏهن پربو آهي جڏهن ڪا ڳالهہ جا پنهنجي خيال ۾ نہ هوندي آهي، اها اوچتي پيدا ٿي پوندي آهي ۽ سڄو بت لڏي ويندو آهي. ٻار کي تہ اهي ڇرڪائيندڙ احساس اهڙو ٿا ڏڪائين جو اجا ڪنهن آرام ۾ وگهن وجهندڙ اهنجي احساس سنڌس نازڪ مغز تي اثر ڪيو تہ هڪدم ڪنبيو وڃي ۽ اڪيون پوري، هڪدم پاڻ کي آرام ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري تہ نڪاون ۽ تيز روشنيءَ کان بچان. هو هر آواز جو دفع سانت ۽ آرام ۾ ٿو ڏسي. هتي آهي ويراڳ ۽ ايڪانت پسنديءَ جو بنياد. جڏهن هراسيل انسان خوفن ۽ خدشن کان خفي تي مونن ۾ منهن وجهي ماٺ ۽ آرام ۾ ڇوٽڪارو ٿو ڳولي. پر جي اجا بہ ڪو ايترو صدمن جو ستايل آهي جو سنڌس من ڪنهن بہ صورت خودبخود سڪوت پذير نٿو ٿئي، تہ لاچار ڪنهن نشي جي مدد وٺي بہ پنهنجي هوش ۽ حواسن کي سجاڳيءَ کان ڪڍي، پنهنجن احساسن کي مائي ڪرڻ سان هرڪر ٿو لاهي. پوءِ سسئي ۽ پنڌ، جيسين پنهون پاڻ ٿئي.

ظاهر آهي تہ ٻار کي گهٽي روئڻ کان بچائجي. بعضي مائٽ ٻار کي رئارڻ سان پختو ڪندا آهن پر ٻار کي ڪهڙي خبر. ٻار تڏهن رئندو آهي جڏهن ڪنهن اهنجي احساس جو اثر سنڌس نازڪ مغز تي سهڻ جي حد ٽپي برداشت جو ليڪو لنگهي ويندو آهي. ان کان سواءِ ڪهڙي خبر تہ ڪو وڇون بلا وڃي پهتا

هجنس. گهڻي رئارڻ ڪري وڏي هوندي ٿوريءَ کي به گهڻي سمجهندو ۽ مائٽن ۾ ڀروسو به ڪو ٿورو رهندس.

ٻار جي دنيا، ماءُ آهي سو به تڏهن جڏهن کيس پوريءَ طرح سڃاڻي. اها سمجهه ٻار کي اٺين مهيني ڌاري مس ٿي اچي، جنهن کان پوءِ کيس ڪنهن دائيءَ جي حوالي ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو. انهيءَ عمر ۾ ٻار سمجهڻ لڳي ٿو ته مان ڌار آهيان. ماءُ ڌار، پهرين ته ٻار لاءِ ڪوئي، هنڌ، پينگهو، ماءُ يڪي هڪ شيءِ آهي. پوءِ رفتي رفتي جڏهن پنهنجون ضرورتون ڌار ڌار شين سان پوريون ٿينديون محسوس ٿو ڪري، تڏهن ٿي ٻوجهه اچيس ته هنڌ ٻئي شيءِ آهي، پينگهو ٻيو، اما ٻي!

ٻار پنهنجن اهنجن جو ڇوٽڪارو پهرين ماءُ جي راهه ۾ ٿو ڏسي، پوءِ سندس منهن ۾، آخر سندس ڏيل ۾. بعضي ٻار ٿڃ ڌائيندي اهڙو ته راحت ۾ اچي ويندو آهي جو حيرت ۾ ڀرجي ماءُ جي منهن کي تڪي تڪي نهايت دلچسپيءَ سان پنهنجي اٿاهه آرام جو اسباب سمجهي ڏسندو آهي. هاڻي ماءُ سان سندس گهرو سٻنڌ ٿي چڪو، جنهن کان پوءِ ناراض ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو لڳندو ته رسي نه پئي. ماءُ جو رنج هن کي سخت صدمو ٿو ڏئي. هي سندس محبت جي داستان جو پهريون باب آهي، ٻين سان رلي ملڻ جو بنياد به اتي ئي سمايل آهي.

ٻار جي پهرئين پيار مان معلوم ٿيو ته پيار ان سان ٿو ٿئي جنهن مان سک ۽ آرام حاصل ٿو ٿئي. ساڳيءَ طرح ٻي ڪنهن ۾ پاڻ لاءِ پيار پيدا ڪرڻو هجي ته پهرين ان جي خدمت ڪجي، ان جي سک جون واٽون نهارجن ۽ هر طرح سندس دلجوئي ڪجي نيڪ نيتيءَ سان.

ٻار جو ٻاهرين دنيا سان مقرر ناتو، پهرين ماءُ جي منهن سان ٿو جڙي، جڏهن هو ٿڃ ڌائيندي حيرت زده ٿي کيس چتائي ٿو ڏسي. هاڻي ماءُ جو منهن سندس مطلوب ٿو بڻجي. هيل تائين سندس عزيز ترين شيءِ هئي ارهه جي ڏندي، جنهن سان وات جو چشڪو ٿي مليس. منهن جي سڃاڻڻ کان پوءِ هو پنهنجي آسائش فقط ارهه ۾ نٿو ڏسي، حالانڪ وات جي چشڪي تي ٻار ايترو ته مست ۽ موهت هوندو آهي جو پنهنجو سڪڻو آڱوٺو به ڪهڙي نه چاهه سان چوسيندو آهي. پوءِ وات سان ٻڙ ٻڙ ڪرڻ، ٻوڙيا ڪڍڻ، سندس مزيدار ۽ دلپسند ورونهن تي پوندي آهي. جيڪا شيءِ هٿ آيس ته وات ۾. نه ته ڪا ٻک اٿس پر ان جو سواد ڪيپس. هاڻي دنيا جي شين ۾ فرق ڪرڻ جو حواس اهو اٿس، ان ۾ قدرت وڏو راز رکيو آهي. هي اها فطرتي رغبت آهي، جا ٻار کي مزي سان ڪجهه ڪائڻ تي راغب ٿي ڪري ۽ ايتري مزي سان جو

ڇتو ٿيو پوي. وات مان ڇوپٽي ڪڍي ته ڏسوس. اسين ٻار ڪان زوريءَ ڪجهه ڪرائڻ گهرندا آهيون، سندس هيٺائپ ۽ عاجزيءَ جو فائدو وٺي، پر قدرت جي قانونن کان غير واقف رهي اهو عقل ڪين ايندو اٿئون ته ٻار جي اوٽن تي اثر وجهي منجهس ڪنهن ڪم لاءِ ڪيئن ذاتي الفت يا نفرت پيدا ڪجي، جو خود موهجي ڪنهن ڪم ڪي وڃڙي يا ان ڪان پڇي پاسو ڪري. زوريءَ ٻار کي ستي پيارڻ به ڏکي، پاڙهڻ پڙهائڻ ته پري ٿيو.

قدرت جڏهن ڪاج جي لذت ۾ ٻار کي گرفتار ٿي ڪري، تڏهن ڪيس مچائي مڙس ڪرڻ لاءِ سندس پهريون جيءَ جي جيارڻ جو مقصد مدنظر اٿس. جوانيءَ جي قوهه ۾ اچڻ ڪان پوءِ اها ساڳي ڪشش قربو وجو جسم جا ٻيا پاسا والاري ته قدرت جو ٻيو ڪم، ڦر ڦل پيدا ڪرڻ وارو پورو ٿئي. پوءِ ته نرم گرم هنڌ وارو آرام ڪنهن پريتم جي لڳن مان ٿو لهي ۽ خود پسندي مطلوب پسنديءَ ۾ مضمر ٿيو وڃي.

قدرت جي عياريءَ جو ڪمال ته انهيءَ الجهن ۾ آهي. شل نه پيار جو پڪيئڙو پنهنجا پر پکيڙي، ٻن نوآموز آشفته دلين کي پيڙو ڪري پنهنجي ڪوڙي ۾ ڪري ته عيار فطرت جهٽ ڪين نينهن جي نشي ۾ چڪناچور ڪري، هوش کي بي هٿيار بنائي، طرفين کي بنهه جامي ڪان ڪڍي، پنهنجو ڪم ٽپايو وڃي، ڪنهن جي مجال جو قدرت جي امر کي پٺيرو ٿئي.

هاٽي جيتوڻيڪ مزي وارا مکان ڪي ٻيا وجو ٿين، جن جي احساسن اڳيان وات جو چشڪو ڪا شيءِ ئي ڪانهي، تڏهن به ساري بدن جي سازن کي سر ۾ آڻڻ جو سامان وري به وات ۾ ئي ٿو رهي. جانور ته سنگهڻ، چمڻ، بلڪ چٽڻ تائين حظ حاصل ڪندا ڏسبا آهن، پر ماڻهوءَ جو ٻچڙو به پنتي پوڻ جهڙو ته ڪونهي، جيڪو سو قدم اڳيرو الائي ڇا ڇا نه ڪندو هوندو! پر وات ته هر وقت چوريندو ئي رهندو آهي. ٻيو نه ته به تڙ ڇپيندو رهندو. استاد واپاري به نفس شناس وات کي چشڪي وٺائڻ لاءِ نئين سج نيون شيون ناهيندا شاهوڪار ٿيندا وجن. پهرين ته ميٺ مستيءَ تي ئي ماڻهو راضي هو پر هاٽي ته پان سوپاريون، ڪتمنڙا، چاڪليٽ، ٽافيون، ٽڪيون، چيگم، ڪئنڊي، آئسڪريم، ڪباب، ڪوفتا، مال، منايون ايتريون ته وات جي چشڪي جون شيون بزار ۾ هلن ٿيون جن تي ڪروڙن جا واپار هلندا ٿا رهن.

سائنسدان ملڪن جي آسودگيءَ جو راز فقط اتي آهي جو هو قدرت جون رمزون تاڙي ان جي طرزن تي عمل ڪري، تجارت کي انهن طريقن تي آڻيو ماڻهن جون مجبوريون پوريون ڪندي بي تاج بادشاهه

ٻٽيا وينا آهن. رڳو هڪڙي قسم جو ڪو لذيذ دنداگيري حلوو نه بازار ۾ آٽيو پوءِ ڏسو نه ڪيئن ٽا پاهوڙين سان پئسا ميڙيو.

ٽڄ چڙائڻ: سچ چيو اٿن نه ٽڄ چڙائڻ ٻار کي ڪٽ تان پٽ تي اڇليو وجهي. پر هاڻي جو ٻار جو مطلوب خود ماءُ ٻنجي چڪي آهي نه ان کي ڏسندي ڪيرٻه پنيءَ پلئه ڪيو وساريو ڇڏي.

سي سپ پاڻئي سک پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

اهو ماءُ جو سچو پيار آهي جو ٻار جي لونءَ لونءَ ۾ بجلي پڙڪايو. ڪيس دنيا جي جدوجهد ۾ همت سان گهڙي پوڻ جي هشي ٿو ڏئي ۽ ٻار کي مچايو مڙس ٿو ڪري. نندي ماءُ، وڏي جوءِ. اها آدم جي فطرت ۽ مجبوري ضرورت آهي نه پيار وندڻ واري شيءِ هر وقت ساڻس هجي، جنهن کي پيار ڏئي ۽ وٺي، نه نه سندس زندگيءَ جو ساءُ نه رهندو ۽ اجهو ٿو آخري سفر جي تياري ڪري. جي ڪنهن جي دل گهري شيءِ اوچتو هٿان ڪسڪي ٿي وڃي نه سندس باقي زندگي هن لاءِ گهڻي قدر تلخ ۽ تاريڪ ٿيو پوي. پر ڪجي ڇا؟ فاني دنيا جا مطلوب به نه فاني آهن. هتي ٽا دانائن جا قول ڪم اچن نه دل پريندي ئي ڪنهن غير فاني شيءِ سان اٽڪائي وجهجي نه بهتر، جا آخري دم تائين ساڻ هجي. پوءِ اها خدمت خلق هجي يا عشق الاهي. ڪنهن ايجاد جو فڪر هجي يا ڪنهن قدرت جي راز معلوم ڪرڻ جو شوق. جيسين ڪو عشق طبعيت ۾ نه هوندو، تيسين زندگي بي مزي، بي مقصد، بي لطف معلوم ٿيندي ۽ هر هر سوال اٿندو نه آخر جيئڻ جو مطلب ڪهڙو. جنهن وقت اهڙو سوال تري اچي نه سمجهڻ گهرجي نه زندگيءَ جو مقصد گهربل آهي ۽ ان کي ڳولڻ ضروري ٿيندو. باقي پيٽ پرڻ ۽ ٻار ڄڻڻ سو نه حيوان به ڪندا ٽا رهن. البت بکين لاءِ ڪاڏو پيٽو هٽ ڪرڻ به وڏو مقصد ٻنجي سگهي ٿو. جيسين انهيءَ منزل تي اچن جو جيوت جي اوائلي ضرورتن جي پوئواري ڪري، عيشن کي پري رکي ڪنهن پراپڪاري ڪم کي لڳن.

ماءُ جو ٻار جي سمجهه تي اثر: داين جي تاتيل ڏالڙي ٻار جي سمجهه. ڪڏهن به ماءُ جي نپايل ٻار جي ڪڙيءَ کي ڪين رسندي. ماءُ ۽ دائيءَ ۾ سچ ڪوڙ جا فرق آهن. پوءِ ائين چيو ويندو آهي نه ڇٽيءَ جي ٽڄ جو ٻيو ڪهڙو اثر ٿيندو! ٽڄ جهڙي ڇٽيءَ جي، تهڙي بي بيءَ جي، پر اهو پيار ڪٽي جو ٻار جي سرود کي سر ۾ آڻي. نه ترتيب، نه تربيت. ٻار صفاتي وصفن کي به فقط جسمي جامي ۾ ڏسي سگهي ٿو. ماءُ جي کهل ۽ قرب جي ڪوتاهي سبب نه اتم خيال پيدا ٿيندس، نه وري ڪو آدرشي روپ ئي تصورّ ۾ آڻي سگهندو. نه اخلاقي معيار هوندس نه مذهبي نفاست، نه خدا جي عظمت. اهي سپ لياقتون ماءُ جو

سچو پيار، همدردي ۽ هڏڏوڪي دل تي پيدا ڪري. جيڪو پاڻ ڏک ڪائي نپنو هوندو سو ٻين کي کهڙا سک ڏيندو، ۽ نفاستون محسوس ڪندو.

شين جي چاڻ ۾ فرق: آسپاس کي چاڻڻ سڃاڻڻ جا ذريعا حواس ٿي آهن ۽ پهريون حواس، جو ٻار ڪم ٿو آڻي، جنهن سان شين جا فرق معلوم ٿو ڪري سو آهي چکڻ جو. هتي ٿو بنياد پوي سمجهه جو، ۽ اوائلي خوديءَ جو، چاڪاڻ تہ هو هاڻي پاڻ کي ٻين شين کان ڌار سمجهي فاعليت ۾ قدم ٿو رکي. ٻار کي ڳچ عرصو واحد غائب ۾ ڳڌارڻو ٿو پوي. جيسين متڪلم کي پهچي ۽ خودي محسوس ڪري. لچاڙو ٿئي، ٻارن جون ٻوليون ياد هوندوَ تہ ٻارڙا پهرين پنهنجي لاءِ بہ واحد غائب ۾ ڳالهائي چوندا تہ "دادا پمو وڃي ٿو" ايتري ۾ ڏسڻ جي حواس سان ماءُ جو مهاندو ۽ پوءِ سندس سارو بدني ڏيل ڌار ڏسي، پاڻ کي خاطريءَ سان جدا ٿو سمجهي.

ٻار کي پهرين محو ڪندڙ شيءِ آهي ٿڃ. ان کي تہ ڳهڻ تي هربو وڃي. ٻي پياري شيءِ جا پسند ٿو ڪري سا آهي ڏندڻ. ان کي ڦدين سان چبڪا ڏيندي ڏيندي ايترو تہ طيش ۾ اچيو وڃي جو پانئي تہ ان کي بہ ڪائي وڃان. سو اجا ڦديون ڦتنس تہ ڪوڙيو هٽي چڪ، تہ ماڻس وجهي گهند. جي وري بہ چپ ڏئي تہ ڪائي ٺڦڙ. جهيڙو وڏيل ڏسي ڪؤ ڪايو. چڪ پائڻ چڙيو ڏئي تہ پياري شيءِ نہ وڃائي ويهان. اتي چڱي مٿي جي تميز يعني ويچار شروع ٿو ٿئيس. پوءِ چڪ جي هوس وري ٻين هنڌن پوري ڪندو رهي، پر پياري شيءِ سان چرچ ڪانہ ڪري. انهيءَ عمر ۾ جيڪا ٻار کي شيءِ هٿ ۾ آئي تہ ان تي ڏندن جا نشان ضرور ڏسبا. هيءَ آهي خوديءَ جي ٻي منزل، جنهن ۾ پنهنجو وحشي زور ۽ ٻين کي ناس ڪرڻ جي طاقت ٿو لڪائي. هاڻي ڏندن کي ڪنهن سان اڳرائي ڪرڻ يا پاڻ بچائڻ خاطر ڪم آڻيندو ۽ فرق سمجهڻ شروع ٿو ڪري. هاڻي جيئن جيئن ماڻس ڪير ڏيڻ ۾ دير ڪندي ۽ پاڻ تنگ ٿيندو تيئن پاڻ کي ماءُ کان مقرر ڌار شيءِ سمجهندو رهندو ۽ خودي جتائيندو رهندو ۽ تانگهيندو تہ انهن ٻنڌڻن کان ڇٽان، جي مون کي ايترو ستائن ٿا. هاڻي خار ڪائي محتاجيءَ کان آزادي ٿو ڳولي تہ ٻين جي احساس کان ڇٽان.

البت ڪيترا لِڱڙ ٻار اهڙا ڳِڪَ تي پوندا آهن جو ٿڃ ڇڏائڻ کان پوءِ بہ گاهہ بيگاهہ ماءُ کي چهتي ويندا. هتي ان ڳالهہ کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي تہ ٻار جي ڏائڻ ۾ ماءُ کي بہ گهٽي مسرت حاصل ٿي ٿئي. انڪري اهڙين حالتن ۾ ڪجهہ ماءُ جو ضعف بہ شامل ٿو رهي پر جيسين ٻار جي ٿڃ ڇڏائي نہ وئي آهي، تيسين

هرويرو هن کي رئاري تيسر ڪرڻ ۽ دڙهيون هٽائي جهيڙاڪار بنائڻ ۽ ٻار کي آئيندي دنيا کان نراس ڪرڻ ۾ نہ ماءُ جي فضيلت آهي نہ ٻار جي چڱائي.

ٻار جي پنهنجي پهرين پيدائش: وڏي جي وسهڻ کان ٻاهر آهي تہ ٻار کي هنگڻ ڪندي ڪيترو نہ مزو ٿو اچي، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي عمر جا پهريان باب گهٽي قدر وساري چڪو آهي. ويتر جي ائين چئجي تہ ٻار کي پنهنجي پهرين پيدائش ڪيترو نہ مزيدار مرغوب ٿي لڳي تہ ڪراهت ايندس.

ٻار جو هنگڻ عڪسي عمل جي تجويز موجب ٿيندو ٿو رهي، جنهن جي ٻار کي سڌ بہ ڪانہ ٿي پوي، پر ان جي نڪرڻ وقت ڪو اهڙو وٽندڙ ۽ مزي وارو سرڪات ٿو ٿئيس، جو سندس سارو ڌيان وڃو منجهس ڪپي. پنهنجي ويهڪڙو ۽ ريڙهين پائڻ واري زماني ۾ جڏهن ڦڙت ۽ ڦترو ٿيندو آهي ۽ ڦڙتيءَ سان بازون ڪم آڻڻ سکندو آهي، تڏهن ڪنهن مهل اوچتو هن کي پنهنجي خارج ڪيل خزاني کي نهايت دلچسپيءَ سان ڦولهڻ ۽ ڦلهورڻ ۾ مشغول تہ ڏسو. پهرين هٿ ۾ ڪٺندس، پنهنجو بت ۽ اوسو پاسو ٿڦيدو، ڪجهہ ڪٽي ڪائڻ ۽ چکڻ جي هوس پوري ڪندو، ساڳئي چشڪي سان جيئن ڪير ۾ ڏندي. نرم گرم شيءِ جو گڙپ ڪري نڪرڻ جو احساس آندي جي بلغمي پردي تي ڪو ايترو مزو ٿو ڏئيس، جو ماءُ کان ٻئي درجي ۾ سندس مطلوب هنگڻ ٿو ٿئي. پوءِ ان جي خاطرداري ڪيئن نہ ڪري. ارهہ ۽ ٻندڙ جي ساڳي ڳولائي ۽ مزي جي هڪ جهڙائي هن جو سارو ڌيان اتي ڪپايو ڇڏي. آزمودو هوندو تہ ٻارڙو جڏهن ماءُ جي چوڻ تي راغب ٿي خوديءَ جي پابنديءَ ۾ حجاب جي پهرئين سبق تي عمل ڪري، پنهنجي اوگهڙ ڍڪڻ جي تعميل ڪندو آهي، تڏهن توالڙو يا پنهنجو لاٽل چولڙو ڪٽي چيلهہ کان ڦيرائي ٻندڙا ڍڪي اڳ کي بنا غيرت جي مزي سان ڪليل ڇڏي، غسل خاني ۾ شير پٽ وانگر هليو ايندو آهي، سبب فقط اهو جو ان پاسي جي احساسن جي اجا خبر ئي ڪانہ پئي اٿس.

هي مطلوب تہ ٻار جي هٿ وس ٿيو سو وٽيس تہ روڪيس وٽيس تہ ڪڍيس. ڪيس جهلڻ ۾ بہ ساڳيو مزو ٿو اچي، جيڪو ڪرڻ ۾. هي وقت ٻار جي ذهنيت ناهڻ جي تربيت ۾ وڏو اثر ٿو رکي. هاڻي جي مائٽ بي پرواهي ڏيکاري تہ پوءِ ٻار مشڪل چئي ۾ اچي. ضابطي ۽ قانون جي قابوءَ ۾ اچڻ يا ڪسڪڻ جو وقت هي آهي. هي پهرين منزل آهي. جڏهن ٻار پنهنجي نفسي احساسن ۽ گهرجن تي قبضو رکي سگهي ٿو. وٽيس تہ روڪي، وٽيس تہ ڪڍي. سندس مرضيءَ ۽ مزي جي ڳالهہ آهي. پنهنجي هلائي يا مائٽ جي چئي تي لڳي. فيصلو هتي آهي. هاڻي جي ٻار مائٽ جي چوڻ کان نڪتو تہ پوءِ مشڪل

مجيس. پوءِ نہ سماج جي قانون جو پورو پابند ٿيندو، نہ چال پختي ٿيندس. نڪا محڪم شخصيت جڙندس. پهرين فضيلت، جا سماج ٻار کان طلبي ٿي سا اها، تہ پنهنجي غلاظت کي قابوءَ ۾ رکي ۽ وڏن واري جاءِ ۽ وقت مقرر ڪري. جيئن هو سندن ڪمن ڪاريون ڪائڻ پيئڻ، گهمڻ ڦرڻ، ڪم يا آرام ڪرڻ وقت اوچتو اٽڪاءَ جو سبب نہ بڻجي. جي وقت تي جاءِ ضرور وڃڻ نہ سکيو تہ ڪنهن نہ ڪنهن مهل، ڪٿي نہ ڪٿي، پرائي گهر يا اوجهڙ هنڌ بي مهل مائٽن کي ضرور تنگ ڪندو. ڪي مائٽن جا آزاريل ٻار تہ ڪائنن فقط سندن ستمن جي عيوض وٺڻ خاطر ڪين بيجا ۽ بي مهل رفع حاجت جو خيال ڏيکاري تنگ ڪندا آهن تہ پل پريشان ٿين. ٻار کي سماجي قانون ۾ پابند ڪرڻ ۽ مهذب شخصيت بنائڻ جو هي پهريون ڏاڪو آهي، جو خيال سان اڪارڻ ضروري آهي. هن قاعدي کي لاڳو ڪرڻ جو وقت تڏهن آهي جڏهن ڏسجي تہ ٻار هاڻي پنهنجي مرضيءَ سان جاءِ ضرور جو وقت ٽارڻ يا گسائڻ لڳو آهي. ان کان اڳي تہ هن تي اهو قاعدو جاري ڪرڻ مناسب نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ جيڪي ٻار جي وس ۾ نہ آهي، ان لاءِ هو ڇا ٿو ڪري سگهي. مائٽ جي لاغرضي ۽ ٻار جي مجبوري، گڏجي ڪيس پريشان ۽ نٽر ڪري وجهندا ۽ اها طبعيت هن جي آئينده هلت جي جز بنجي ويندي. وري جي پوري وقت تي هن سان اهو قاعدو لاڳو نہ ڪيو ويو ۽ سندس نفسي رغبت سندس خوديءَ جي ضابطي ۾ نہ آئي ۽ سماجي قانون کي تسليم نہ ڪيو تہ وڏي هوندي بہ خوديءَ جو ضعف وک وک تي ڏيکاريندو رهندو ۽ نفسي خواهشن کان ڪڏهن بہ پاڻ ڇڏائي يا انهن کي روڪي نہ سگهندو. اجا ڪا دل پسند شي ڪٿي ڏٺائين تہ ڳگ ڳڙي پوندس ۽ ڏنو ٿي پوندو. ايتري همت نہ هوندس جو پاڻ کي روڪي وقت گذاري وڃي. خوديءَ وارو ماڻهو اندر ڪيتري بہ ولڙ هوندس تہ ڪا شيءِ کان، ڪا ڏسان پر لوڪ کي پنهنجي پريشاني اصل نہ ڏيکاريندو.

مزو تہ اهو آهي تہ نفسي خواهش جو غلام ٻين کي هيچ پاڻ کي حق تي سمجهندو. ڇٽڪ ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ جي وات ئي هڪڙي آهي ۽ اها پاڻ ٿو ڄاڻي. ظاهر آهي تہ اهڙي اڏنگي هلت ٻين کي ضرور ناگوار گذرندي ۽ سندس مخالفت ضرور ٿيندي. هاڻي نفسي ڇڪن، سماجي قانون ۽ خوديءَ جي ڪشمڪش شروع ٿي ٿئي.

ڪي ٻار ته ايتري قدر ڪوشش ڪري پنهنجي مرضيءَ سان پيٽ اچڻ کي روڪيندا آهن جو جلاب ڪان سواءِ بنهه بس. اهڙا ٻار وڏي هوندي به هميشه مائٽن جا محتاج رهندا. سندس آڏر ۽ آئٽ تي هلندا، باقي پنهنجي ٻارڻ ڪان پري. پنهنجي مجائڻ ته هنن ڪان گهٽو پري.

صفائي سنائي ۽ وقت جي پابنديءَ جو قانون فقط ماءُ ئي ٻار تي جاري رکي سگهي ٿي، ڇو ته ٻار هن جي پيار سهسائڻ لاءِ تيار نه آهي.اهو مائٽ آهي جنهن جو هن کي قدر آهي، جنهن جو ناراضپو ۽ وڇوڙو سهڻ هن لاءِ ناگوار آهي. انهيءَ هوندي به ماءُ هن کي ڪنهن رٿ سان پيار ۽ لالچ ڏئي اهو ڪم ڪرائي سگهندي نه زور سان.

ٻار سان جتي به ضد ڏيکارڻو پوي، اتي مناسب آهي ته مائٽ عقل ڪان ڪم وٺي نه هوڏ ڪان. هوڏ ته اوائلي نفسي هٿيار آهي. جنهن جي ٻار وٽ ڪمي ڪانهي. مائٽ ٻار کي لاجواب فقط عقل ۽ هوش سان ڪري سگهي ٿو، نه جوش سان. بهرحال، هي پهرين وڏي منزل آهي، جتي ٻار جي نفسي خواهش ۽ خوديءَ جي جُنڌ آهي، جيڪڏهن انهي چڪريءَ ۾ مائٽ سندس خوديءَ کي اُڀاري، سوڀارو ڪري نه سگهيا ته ٻار جي مچي مڙس ٿيڻ جي ڪيڙ ۾ لاتلافي نقصان تي ڇڪو.

مُـتٽيءَ ڪان واقفيت: ڇوٿين ڪان ڇهين سال تائين ٻار جي مزيدار احساسن جو مرڪز سندس مُـتٽي (لُـلِـي) تي ٿئي. منجهس ڪسڪوبون ۽ سُـرڪا ايترو دلڪش ۽ وڻندڙ تا ٿين جو ٻار مجبوراً ان کي هٿ ۾ جهلڻ ۽ مهٽڻ لڳيو وڃي. ڪيس اها ته خاڪ به خبر ڪانه آهي ته ماڻهوءَ جو وڏو سماجي گناهه ڪو انهيءَ هنڌ سان اٽڪيل آهي. وري جو مائٽ روڪينس ته اتي هٿ نه لاءِ ته هو حيران رهجيو وڃي ته ڇو؟ ٻئي هنڌ ڪنهڻ ۽ انهيءَ هنڌ ڪنهڻ ۾ هن لاءِ ته ڪو فرق ئي ڪونهي. پوءِ مائٽن جي جهل ڇا لاءِ! ٻار کي ته ڀين جي سمجهڻ جو سامان به پنهنجو بت ئي آهي. سو لڳي ماءُ کي چنبڙڻ ۽ ڀين کي جاچڻ ته اهڙي حالت ۾ هو ڇا تا ڪن. پر نڪو پورو پتو پويس نه تعجب لهيس. نڪو نه مهٽڻ ڪري سندس سرڪو لهي، نڪا حيرت ئي ختم ٿئي، پوءِ ڀين ڪان لڪي لڪي هٿ لائي آزار لاهي. پر هورا ڪورا لڳي اچيس ته مون کي مائٽ ڇو تا جهلين؟

اجا ڪنهن گهر جي يا پاڙي واري ٻار کي ڏنائين ته مائٽن جي پرپٺ نوبڪلائيءَ ۾ گڏجي ڳالهيون ڪرڻ، گڏجي پيشاب ڪرڻ، هڪ ٻئي کي جاچڻ، پيٽڻ، ڇوڪرين ۾ فرق ڏسڻ، وڏن کي گاهه بيگاهه ليئا پائي ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ، سوڙ ۾ ڇپي ڇپي جاچڻ. مطلب ته انهيءَ اسرار جي سمجهڻ جي

وسوسي کي مارڻ جي ڪسر ڪانه ڪانه ٿا ڇڏين، وڏا به رڳو نتائڻ تي، خيال ڪونه ڪن باقي روڪڻ تي زور. ٻارن کي ته اها هرڪرا ايڏو وياڪل ڪندي آهي جو نوڪرن کي به وچي اجايا سوال ڪن پر راز اهو ئي رهندو رهي.

هي مونجهارو گهٽي قدر ٻار کي گمراهه ٿو ڪري، پر ان جو ڪو ڪافي شافي رستو هٿ ڪونه آيو آهي ته ڪيئن بيخبر کي وات لائجي. هر ڪو پنهنجي حالتن موجب هلندو وتي يا ويسر کي ساڻي ڪري ڳالهه وساريو ڇڏي يا جسمي تقاضا کي پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي هٿ سان پاڻ کي ڳارڻ شروع ڪيو ڏئي. ٻچڙي سنگت کي الزام ڏيڻ واجبي نه آهي. اها ساري ولڙ ذاتي آهي. اندر مان ئي ايري ۽ بي خطا هٿ انهي هرڪر کي لاهڻ لاءِ اتي وچو سهڙي. ان ۾ شڪ ڪونه آهي ته مرمتيءَ جي گڏ ٿيڻ سبب خارش ويتر زوردار ٿيندي، انڪري ٻار جي صفائي پوري رکجي.

طهر ڪرائڻ جو جيڪڏهن ڪو به عقلي دليل ٿي سگهي ٿو ته اهو ته جيڪا ڪل ڪتري ڇڏبي آهي، ان ۾ احساسي جزا تمام گهٽا ٿا ٿين ۽ ان جي نڪري وڃڻ ڪري ٻار گهٽو آرام ۾ رهندو. پر جي سال ڪن ڪان زياده ٻار وڏو ٿي ويو ته اهو فائدو به گهٽبو ويندو. هڪ واريءَ ٻار جي ڌيان تي سرڪا آيا ته نه وسرندس. ٻي تجويز جنهن سان ٻار جو ڌيان اتان ٿيڙي سگهجي ٿو، سا آهي هن کي پنهنجي آسپاس جي شين سان پوري دلچسپي پيدا ڪرڻ جي. ٻار کي قدرتي پڇ پڇ جي عادت ته هوندي آهي ته هي ڇا، هو ڇا؟ اهو ٻار جو شوق ڪڏهن به وڃائڻ نه گهرجي. جيئن ٻاهرين دنيا سان واقفيت وڌندي ويندس، تيئن سمجهه به ويندي رهندس ۽ انهن نين شين جو خيال سندس بدني شين ڪان خيال کي گهٽو ڇڪي ويندو. ٻار جو خيال پنهنجي بدن ڏانهن اصل نه ڇڪائجي. ٻاهرين شين جو خيال ذهن وڌائيندس ۽ بدني خيال نفسي خواهشن کي، سهڻا ڪتاب ۽ رانديڪا وٺي ڏجنس.

وري جو ڏسي ته ابو گهر ۾ آيو آهي ته امان هنڌ ۾ سمهڻ به نتي ڏئي ۽ بابي سان لهه وچڙ به گهٽي ٿي ڪري ته مورڳو جي پيءَ سان سندس ايتري رفاقت نه ٿي آهي ته ان سان خار ٿيو پويس. هڪڙي طرف پيءَ جي پادرن جو ڊپ، ته ٻئي پاسي ماءُ جي پيار وڃائڻ جو سوداءُ، سو مڙيوئي درگذر ڪيو هلندو هلي، پاڻ اجا پنهنجي پيرن تي بيهڻ جهڙو نه آهي، عاجز آهي انڪري پيءُ سان چني به نٿو سگهي، خبر اٿس ته ڏک سک ۾ ابو امان ڪم ٿا اچن، ڪارائين پيارين ٿا، پئسا شيون ٿا ڏين. انڪري پيءُ سان صفا ڦٽائي نٿو سگهي، باقي پيءُ لاءِ هاڻي پيار سان گڏ ٿوري ڏڪار به شامل ٿيو وڃي.

هاڻي ماءُ سان به ٿورو رنجيده ٿي ساڻس پوري پيار وارو ناتو ٽوڙڻ لڳندو ۽ پيءُ کي پاڻ جهڙو سمجهي، ان سان گهڻي قدر دوستاڻو سلوڪ پيدا ڪندو رهندو. هن وانگر اٿڻ ويهڻ، هلڻ نقل ڪندو رهندو ويتر جو ڏسي ته پئسي ڏيڻ وارو به اهو آهي ته رفته رفته ماءُ وارو اولانگهو سارو پيءُ ڏانهن هليو ويندس.

قادريت جي خيال جي جڙ اتي آهي، جي مائٽ قادريت جون وصفون ٻار کي عمليءَ طرح پيش نه ڪري ته الله جون وصفون هو ڪڏهن به ذهن ۾ آڻي ڪين سگهندو ڪيترو به پاڙهيوس. ٻار ته هرڪا ڳالهه پاڻ سان لاڳو ڪري سگهندو آهي. پاڻ کان ڌاري ڳالهه هو نڪا وسهي نه ڄاڻي.

ٻار پيءُ کي هر ڪنهن ڳالهه ۾ پاڻ کان گهڻو مٿي سمجهي بعضي ايڏيون وڏيو طلبون ڪندو آهي جو عاجز ڪرڻ جهڙيون ۽ پيءُ کي لاچار ٿي ڪيس سمجهائڻو پوندو آهي ته سيڪجهه منهنجي هٿ وس ڪونه آهي. متان ٻار جي مت خراب ٿئي. ٻار ته ائين به سمجهندو آهي ته ڏک سک بلڪ حياتي به ابي جي هٿ ۾ آهي. ڀلا هو جو ڏيندو ٿو رهي ته سندس سڀ حاجتون پيءُ جي هٿان ئي پوريون ٿينديون ٿيون رهن. واقعي قادر مطلق ۽ ٻار جي وچين منزل پيءُ آهي.

ٻار جي انهيءَ خيال مٽائڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪيس ڪن مناسب مهلن تي مڃرائبو ڪيس ٿورو نااميد به ڪندو رهجي ته پاڻ تي ڀاڙڻ سکي ۽ خودداري وڌيس. وري ٿورو دلاسي ۾ به رکجيس جيئن بنهه نااميد به نه ٿئي. ٻار کي گهڻو هيسائي، دٻائي، ڌيڄاري پوءِ گهڻي پيار ۽ سخا ڏيکارڻ کان بهتر آهي جو هن کي ٿوري نااميدي، ۽ ٿورو دٻ، وري مهر جي نظر ڏيکارجي ته برداشت ڪري ويندو، ڪنهن به جذبي جو وڏو وزن هن جي برداشت کان ٻاهر آهي. هن وقت مائٽ کي ڪجهه سختي ضرور ڪم آڻڻي پوندي. ٻار کي فطرتي مجبوريءَ ۾ لاچار سمجهي، نرمي ڪرڻ خطرناڪ ٿيندي آهي مجبوريون ماڻهوءَ پنيان هر وقت آهن جن کي شيطان چيو ٿو وڃي.

<u>ضمير جي تعمير:</u> ٻار جي ماءُ تان هڪ واريءَ دل ڪنئي ته ٻيو چارو ئي ڪونهيس سواءِ پيءُ جي لڙهه لڳڻ جي ۽ پوءِ پيءُ جون پوريون هلتون خيال ۽ خصلتون پاڻ ۾ سمائڻ لڳندو. ايتري قدر ته پيءُ جي پيٺ تي پٺجي ويندو جو اٿڻ، ويهڻ، هلڻ سارو پيءُ وارو ٿيندو ويندس. پيءُ جو دڙڪو، تاب، چوڻ، نصيحت سڀ هنڌائيندو ايندو تيسين جيسين هاڻي ڇا ڪجي ڇا نه ڪجي جو جواب سندس اندر مان جاڳي. ايتري ذهني ترقيءَ بعد ٻار کي ڏس ڏيڻ وارو فقط مائٽ نه آهي، هاڻي ڪو ڏس ڏيڻ وارو وڏو مائٽ اندر ۾ به پيدا ٿي پيو اٿس. اهو آهي ضمير. ضمير به هڪدم مٿس غلبو ڪيو قابو پايو وڃي.

چاڪاڻ جو پيدا اهڙي وقت تي ٿو ٿئي جڏهن ٻار اندر جي نفسي طلبن جي گهل گينڊڙ ۽ ٻاهرين پادرن جي دٻ جي ڪشمڪش ۾ پورو گرفتار ۽ پريشان ٿي، ڪنهن چوڌڪاري جي واٽ نهاري رهيو آهي، ۽ خودي، ڪيس عزت سان ساڻس سلوڪ ڪرڻ لاءِ مائل ڪري رهي آهي.

ٻار ڪو غلط ڪم هيل تائين ڪونه ٿو ڪري پر هن لاءِ غلط ڪم يا فقط ان جو سڪڻو خيال ۽ خواهش ٻئي هڪجهڙا آهن ۽ خواهش نه ڪيس ٿيندي ٿي رهي، انڪري پاڻ کي خاطي ۽ مائٽ کي سيڪت ڏيندڙ ڄاڻي هن کي پنهنجا ٽپڙ سنياڻا ٿا پون ۽ اک پنهنجي جسمي چڪن ۽ مائٽن جي ڪَـرڙاين کي ويچاريندي ڪليو پويس، ڏسي ٿو ته هاڻي پنهنجن انگڙاين کي جهلڻو آهي يا پادر جهلڻا آهن، خبر تان پوي جو پادرن ڏيڻ وارو اندر پيدا ٿيو پوي. اهو به اهڙو سخت ۽ نٺر، جو نه ٻڌي نه ورائي. دليل دلائل هن جي دفتر ۾ ٿين ئي ڪين. "بس خبردار! ائين نه ٿيندو" فقط ائين چئي ڄاڻي.

هاڻي ابي جي بجاءِ ضمير ٿو ٻار جي رهبري ڪري ۽ نياتي قانون ٻيهر سندس ذهن ۾ دهرائي. مائٽ ته ڪنهن مهل ڇينيين پر هن جو اٿندي ويهندي هٿ لٺ ۾ لڳو اچي، هر وقت سچيت. هر وقت اندر ۾ سندس چورا ڪورا هلي اچي. پل ته ڪو عدالت جي سزا ڪاٽي ڇڙهي، پر ضمير جي سزا آخري دم تائين نه ڇڏيس. بس ٻار جي ڪايا پلٽ ٿي چڪي. هاڻي هو نڪو ڪاريءَ کي سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ لڳو آهي. جيترو نفسي زور بدن ۾ هوندس اوتروئي ضمير سگهارو ٿيندس. ٻار پاڻ کي سڏاريل محسوس ڪري سنا پير ڪڻڻ لڳندو. متن مائٽن سان ادب سان هلڻ، پاڙي سان نيڪيءَ جو سلوڪ ڪرڻ، مذهبي جذبو ڏيکارڻ ۽ پوريءَ طرح پاڻ کي نياتي قانون جو پابند سمجهڻ سندس خصلت بنجي ويندي.

پيءُ جي ڪرڙي نظر ڪان سواءِ ضمير طاقت وارو نه ٿيندو پر جي ٻار ۾ گناهه جو احساس پورو نه هوندو ته به ضمير سالم نه جڙندو. ڇوڪرين ۾ اها ڪمي ڳچ رهجي ويندي آهي. سندن ضمير ڇوڪرن جيترو پختو نه ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ وهيءَ ۾ هو گناهه جي گرفت ۾ نه ايندڀون آهن، جن ڇوڪرن ۾ گناهه جو احساس معمول ڪان متي هوندو آهي سي پيءُ جو ڊَپ به حد ڪان گهڻو لڪائيندا آهن. سودائي طبعيت جو بنياد هتي ٿو پوي. هڪڙو سمجهه جي حدن ڪان ٻاهر گناهه جو خيال، ٻيو دٻ، جي گڏيا ته خفقان پري ڪونهي. اهڙين حالتن وارا ٻار هميشه خوف ۾ رهي، پنهنجي نفسي چڪن کي غلط رستي پورو ڪندي ته مغز جي ڪمزوري پيدا ڪندا آهن، پوءِ نه پڙهڻ جا نه ڪڙهڻ جا، جڏهن ڪو وجي پنهنجي تاريءَ تڳن.

جنهن ٻار تي پيءُ جي غير موجودگيءَ سبب يا ٻار جي دادلي هئڻ سبب پورو ڌيان نه ڏنو ويو ته اهو ٻار خودپسند ۽ پنهنجيءَ مت وارو ٿي پوندو. پيار سندس خوديءَ کي همٿ ڏئي وڌائيندو. پر ضمير ڪوڇڙ رهندس. انڪري خودي گهڻي ۽ ٻين جو خيال ٿورو رهندس. پنهنجي خنڪي ۽ ٺاٺ ٺوهه ۾ مست، ٻين کان بيخبر، پاڻ سان پورو پيار برادريءَ لاءِ شفقت ذرو ئي ڪانه.

ڊيڄو طبع واري ٻار کي جڏهن گناهه جو خيال دل ۾ گهٽ پيءُ جي دهشت گهڻي ويتل هوندي آهي، تڏهن ٻار اجائي تنبيهه سبب ايترو ته پست همت ٿي پوندو جو شل نه ڪو خسيس ڪم آڏو اچيس ته ان ۾ هٿ وجهڻ کان به پيو ڪيٻائيندو. ٿوري گهڻيءَ ته اهو خيال هوندس ته ماڻهو الائي ڇا چوندا. پنهنجي هر هڪ خيال ۽ خواهش کي ائين ڏسندو ته ڄڻ ڪو راڪاس لٽ ڪنيو بيٺو آهي. خودي گهڻي قدر ماريل رهندس.

شخصيت جي عمارت جا ٽي بنيادي پٿر:

قدرت ڪريم دنيا جي نووارد بيخبر هستيءَ کي پنهنجي زندگي برقرار رکڻ لاءِ ڪي وسيلا ضرور سپرد ڪري ٿي، جن جي توهه تي ٻار بنان سوچ ويچار جي پنهنجن ضرورتن کي منهن ڏيندو تڳندو، تڙڳندو، اسرندو ٿو رهي. هي آهن نفساني اوتون، جن کي ٻار جي جسمي تڳاءَ لاءِ قدرت ڪارگر ڄاڻي کيس عطا ڪيون آهن، انهن جو ڪم فقط جسم کي صحيح سالم رکڻ جو آهي، ٻين کي سڃاڻ ئي ڪونه. جڏهن ٻار ڏسي ٿو ته سندس ضرورتن جو پورائو ڪن ٻين جي هٿ وس آهي، تڏهن هن کي گهرجن جي پورائي لاءِ بعضي پنهنجي هستي لـڪائڻي پوي ٿي ۽ انهيءَ مهم کي منهن ڏيڻ لاءِ خودي نهڻ شروع ٿي ٿئي، جڏهن اچا به وڏڙو ٿئي ٿو ۽ محسوس ٿو ڪري ته مان هڪ نيات جو ڀاتي آهيان ۽ نه اڪيلو زمين جو مالڪ، تڏهن هن جو ضمير نهڻ ٿو لڳي. جيئن سماجي جوڙجڪ نرالو تيئن ضمير به هر هڪ ڪٽنب جو پنهنجو. ضمير فقط ڪنهن به قوم جي ٻاهرين قانونن جو اندريون عڪس آهي. جيڪي خيال ۽ قاعدا سماج جا، اهي ساڳيا ضمير جا. ذاڙيل قوم جي فردن جو ضمير کهڙو، ته صلح پسند مهذب قوم جو ٻيو. حاڪمن جو پنهنجو عاجزن جو پنهنجو. اهي آهن ڪنهن به شخص جي عمارت جا ٽي بنيادي پٿر، جن کي نفس خودي ۽ ضمير چئجي ٿو. سندس مفصل احوال هيٺ اچي ٿو.

(1) نفس: هي انهن نفسي اوتن جو مجموعو آهي، جي ٻين جانورن وانگر ماڻهوءَ سان به گڏ ڄيون ڄمن، هن جو ڪم آهي سرير جي مختلف حصن جون گهرجون پوريون ڪرڻ جيئن بدني ڪَل آسودي ۽ چالو

رهي. انهن گهرجن پوري ڪرڻ لاءِ ڪيس "سگهه" ڪپي، ڇاڪاڻ ته بت کي چورڻ پورڻ کان سواءِ ته ڪا به گهرج پوري ڪانه ٿي سگهندي ۽ چرڻ پرڻ لاءِ طاقت ڪپي. انڪري ساري بدن جي سگهه سندس حڪم ۽ حوالي ۾ رکي وئي آهي، وات جو چشڪو جنهن سان هو کائڻ تي مجبور ٿئي، جي ڪاڌو نه مليس ته ان لاءِ رڙ دانهون ڪري، ٻين کي هوشيار ڪري ته مون کي ڏيو ۽ آرام جو عيش به ڪيس سونپيو ويو آهي ته ڪائي پِـي مگهن ٿي، سمهي رهي ته فرحت ۾ سندس دماغ ۽ جسم زور وٺن ۽ وڌن ته قدرت جو ڪم پورو ٿئي.

جيءُ خوش ته جهان خوش. پر جيءُ ڪو هڪڙو ته ڪونهي. ڪيترا سارا آهن ۽ سڀني جون گهرجون ساڳيون، انڪري هر وقت ۽ هر هنڌ امڪان آهي ته انهن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڇڪري به لڳي. انڪري هوڏ، اڳرائي ۽ ويڙهه جا اسباب ڪيس سونپيل آهن ته انهن کي ڪم آڻي، پنهنجو مطلب حاصل ڪري، پر اهڙا اوزار ٻين کي به آهن، عجب نه آهي ته ڇڪتاڻ بعضي ايتري ٿئي جو نفس کي ڪجهه به هٿ نه لڳي ۽ هارائي ٻيهي. هاڻي وجي سـَڌن تي پوندو. اها لا حاصل مزي جي اٽڻ آهي جنهن کي سـَڌ ٿو چئجي.

(2) <u>خودي:</u> هاڻي خودي هوشيار ٿي ٿئي، پنهنجي ڏکيري ڏيل ۽ ڪـرِيل پياري سرير کي سڌير تي ڪري. ڇي پلي بک پرم جي شال نه وجي شان. ساک پت آهي ته سڀڪجهه آهي. پاڻ کي ڏٺو ڪين ڪبو. دشمن خوش ڪين ڪبا:

"لوڙهي ۾ هجي لانڍي رهڻ ڪاڻ ڪکن جي،
دشمن جي اڳيان لـوڏ ڪجي مگر لکن جي"

اٿي مڙس ٿي، نڪ کي مرنه لاءِ، سيڪي ٿي پوندو.

خودي نفس جي ڪنڌريل تانگن کي پري ڪرڻ جي متلاشي نه آهي. بک، بيغيرتيءَ مان ڇاٽيئي ڪانه. هنن جي ذميداري آهي عزت سان گذارڻ، سماجي سرخروئي حاصل ڪرڻ، نفسي مجبورين کي شان جي پوشاڪ پهرائڻ، زندگيءَ جو زيور بنجي ان کي زيبوَر ڪرڻ. اها خودي ته آهي جا شان شوڪت جو جلوه ۽ سونهن سوڀيا جو جهلڪو پاڻ ۾ پسيو لا ثانيت ۽ ڪماليت جي متلاشي ٿي سورهن جي صف ۾ اچي لڙائيءَ جي ميدان ۾ سر ترِيءَ تي رکي، پنهنجي جان لڙايو وجهي. انا الحق جي حد به اها خودي وجو ڪٽي،

ٻئي جي مجال آهي؟ واقعي انسان کي عنقا جي بلند پروازيءَ لاءِ کي پَرَ مليا ته خودي ڏينديس، جيسين قطره درياء جي قريب رسي.

نفس ته اهڙو لالچي آهي، خود غرض بيمحابو آهي، موهه جو متوالو بيغيرت آهي، جو ڪنهن به ڳڻ پهه کان سواءِ گڏرو ٿي ڪري پوي، نه پنهنجي ننگ ناموس جو خيال ڪري نه ٻئي جو. خودي نفس کي ٿڦ هڻي، موهه جي مانڌاڻ مان ڪڍي، لوڪ لڄا جي ڄاڻ ٿي ڏئي. نفس جي لور لور جنهن کي احتياج ٿو چئجي، اهڙو آهي جو شل نه ڪُور ڪُور ڪن پويس ته وٺي ڪڍ لڳندس، پوءِ شينهن مان گدڙ. اهڙي موهه جي ماريل مدهوش مجوءَ کي مانجهي مڙس ڪرڻ خوديءَ جو ڪم. ڪڙائي ، ٻيڪو، تنبِ، تيگهِ، مخول ۽ معتبرائي سڀ سندس ويس ته آهن. ڏڍ ڏئي همت وناڻ آڻيءَ ويل آتت جو هٿ هٿ ۾ ڏئي، ڏک ۾ حامي ٿيڻ سندس ڪم. جڏهن ڪنهن نفسي تانگهه کي رفع ڪرڻ جو رستو وڃائجي ويندو آهي، جيئن ته دولت، زور، رفيقه يا اولاد جنهن تي آدم جو اڪثر آسرو ٿو رهي ته نفس چوٽ کائي، صدمي کان چڪناچور ۽ ناچار ٿي ڪري پوندو آهي ۽ جسم پنهنجي ڏِئي جي وٽ ڍرڪائي، اجهامڻ جي ڪندو آهي ته خودي پنهنجي پوريءَ طاقت سان ڪيس سڌير ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ۽ سمجهائڻ لڳندي آهي. چي: فاني شيءِ سان به ڪو باور هلندو؟ اج نه وئي سيان وئي. لوَن لائجي ته ڪنهن پائدار شيءِ سان. عزيز ۽ هڏڏوکي به، جي اهڙن وقتن تي ڪنهن ڪريل کي گهيڙ مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن سي به هن جي خوديءَ کي جاڳائڻ لاءِ. جي اندر خودي نه رهي آهي ۽ سموري نفس جي تمنائن جي وهڪري ۾ وهي وڃڻ ڪري بيخود ٿي چڪي آهي ته ٻاهريان اَنسنا اجايا ٿيندا. آخر خودي به ته دنيا جي گهيري ۾ نفس مان ئي پيدا ٿي ٿئي. نفس جي قوت تي ئي پنهنجو زور ٿي هلائي، جيڪڏهن نفس پاڻ ئي پنهنجو فرض وساري جسم جي ضرورتن پورين ڪرڻ جي بدران پنهنجي مزي ۾ اچي مخمور بيخبر ٿي بيڪار ٿي چڪو آهي، ته خودي به ختم سمجهڻ گهرجي. جسم کي اُپارڻ جون طاقتون وري به نفس جي حوالي آهن. اهو ئي ختم ٿي ويو ته ڪيل به ختم سمجهڻ گهرجي.

(3) ضمير: ضمير ته گهرو ڪيڙ ۽ سماج جي پيدائش آهي ۽ سماج عقل جي، انڪري ضمير عشق جو غلام ٿي ڪونه ڄاڻي. نفس، مطلب لاءِ عشق جو ويس ڌاري ٻين کي اکين ۾ سرمو پائيندو وتندو پر ضمير خوب سڃاڻيس. اجا پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪا بيجا سٽ سٽيندو ته ضمير موچڙو ڏيکاريندس. افسوس اهو آهي جو ضمير موچڙو ڏيکاري پر هٽي ڪونه سگهي، نه ته نفس جي کهڙي مجال جو اجايو

هلي. ضمير کي ڄاڻ گهٽي، سمجهاڻيون گهٽيون ڏئي ڄاڻي، اختيار گهٽو پر اختيارين کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ زور ٿورو. تڏهن به سندس هئڻ ئي لک آهي.

نفس سان ٺاهه ته بنهه ڪونهيس، پر خوديءَ جي ڪڙڪي ڪان پري. ضمير ته سماجي ذهنيت جو پرتوو آهي، جو ٻار کي سماج جي پاران سندس پيءُ ڪان پلئه ٿو پوي. ضمير سراپا قانون آهي ۽ بس. پر خوديءَ جو ڪم ٺي ٿيو. جڏهن به ڪو دشمن پوري قبضي ۾ اچي ويو ته خودي چوندي ته مار مردار کي ڪرينس پورو. پر ضمير اتي به انسانيت جي واٽ ڏسيندس ته خبردار! اڄ هو تنهنجي آور ۾ آهي تون هن لاءِ ڏاڍو آهين. سپاٽي تون به ڪنهن جي هٿ چڙهي ويندين، مڙي وڃ، مارئي ڪان پڏايو پلو.

ضمير ٻار جي ڊگهي ۽ ناچارگيءَ واري تاٽ جو نتيجو آهي. ڄمڻ سان ٻار بااخلاق ڪونه ٿو ٿئي، نڪا ڪا سماجي قانون جي خبر ئي اٿس. هو فقط پنهنجو چشڪو ڄاڻي ٻيو ڪل جو پلو. ڪا به اهڙي طاقت ڪانه آهي جا ڪيس چشڪي ڪان ڇني، سواءِ سندس ابي امان جي، جي سندس انگل تا ڪٽڻ. ابي امان جون بندشون به لاچار تا سهائينس. جو هنن سان ناتا ٽوڙي نٿو سگهي. رفتي رفتي مائٽن جا قانون ۽ فرمودا، ٻار جو هڪ اندر جو قانون بنجيو وڃن، جنهن کي ضمير ٿو چئجي، هر هڪ ٻار جو ضمير اهي حڪم قبوليندو، جيڪي سندس نفسي ٺاٺ سان ٺهڪي ايندا ۽ سندس سڌاري لاءِ ضروري هوندا. هڪ واريءَ پيءُ جي شخصيت جو نچوڙ. سندس مغز ۾ جاءِ وٺي سو وڃي، پوءِ رهبر ساڻ اٿس. ضمير هڪ متوازن قانون آهي، جياپي جي مزن کي نه ڄاڻي نه سڃاڻي. صاف صاف نياتي اخلاق ۽ اخلاص آهي.

جيسين ضمير نه جڙيو آهي تيسين حرص هوس کي جهل نڪا پل. اهو ذاتي قانون آهي جو اتي نفس کي آڏو ٿو اچي. ضمير ڪان سواءِ پل ته نيات قانون ٺاهي. حڪومت ٺاهي يا الاهي ارشاد ٿئي. پر سنئينءَ نه اچي سٽ. حيواني نفسي اُڌمي کي به ايڏو قدرتي زور آهي جو شل نه ضمير ۽ خوديءَ جي ڪڙن ڪان نڪري، نه ته انسانيت ڊرڪيو پوي ۽ لوڪ لڄا منهن ويڙهيو پئجو رهي ۽ ڪڏو نفس پنهنجو ڪم ڪريو وڃي. پر پوءِ به اڃا نفس جو جوش ٿورو ڍور ٿيو ته ضمير به ناصحانه تنبيهه شروع ڪندو. چي: ٿوري لالچ لاءِ ماڻڪ مٽائي وئين! ڇو ڪچ ڪمايءِ. نڪو نيات جو مرم نڪو پنهنجو شرم. خوب طعنن تنڪن سان ڇينيي ڇندون ڪيندس. اهو آهي اسان کي سمجهائڻ وارو ضمير. جو جيسين نيات کي خبر پوي، تنهن ڪان اڳيئي اندر ڪان شروع ڪري ڏئيس.

هن منزل کان پوءِ گناهہ جو اڌ مزو ويو ۽ ماڻهوءَ مان ٻہ ڄڻا ٿي پيا. هڪڙو ظاهر ڏسڻ وائسڻ فضيلت جو صاحب، ٻيو لڪل اندر جو ڪڌو. جنهن کي سماج کان ڪڏهن اڪيلو ڪنهن ٻيٽ تي ڇڏيو پوءِ ڏسو تہ هر ڪا شيءِ ڪٽندو ڪيئن نہ ٿو پنهنجو گهر ڀري. اهڙي ڪشمڪش ۾ ويچارو عاجز انسان پنهنجي ضعيفاين جي پگهر ۾ پريشان جيڪر احساس ڪمتريءَ جي فڪر ۾ ئي ڳري وڃي، جي خودي ياد نہ ڏياريس تہ فڪر نہ ڪر، جي ڪريو آهين، اڳيتي ائين نہ ٿيندو، اٿي ڪڙو ٿيءُ.

(پاڳوپيو)

سمجهہ ۽ هوش يعني عقل

هن ڀاڱي ۾ ماڻهوءَ جي انهن بيش بها لياقتن جو ذڪر آهي، جي ٻار ڄمڻ کان پوءِ وڌنديءَ، پنهنجي حوصلي سان دنيوي آزمودن مان تو پرائي، جن جي قدر سارو پنهنجو مان ۽ مرتبو هٿ ڪري مرادون تو ماڻي. اهي آهن سنڌس علم ۽ ذهن.

باب اٺون

حواس ۽ سنڌن نفسياتي اهميت

ياد هوندو تہ مغز جون مصروفيتون فقط ٽي آهن: (1) احساس (2) خيال (3) فعل. هيل تائين اسين گهڻي قدر جذبي جي احساس ۽ سنڌس پرجوش اثرات ۽ جولان جي نتيجن سان رڌل پئي رهيا آهيون. هاڻي قدرت جي انهيءَ اعليٰ بخشش ڏانهن تا ورون جنهن جي طفيل ماڻهو اشرف المخلوق تو سڏجي. اها آهي سمجهہ. جا خيال سان ٻڌل تي رهي ۽ خيال، مغز کي حواسن جي ڏنل خبرن سان.

حواس انهن طاقتن کي تو چئجي جي دنيا جي ٻاهرئين اسباب بنسبت مغز کي خبرون تا ڏين. خبرن کان سواءِ ماڻهو اهڙو آهي جهڙو ڪو وڻ. جو جيئرو آهي، وڌي بہ، ڦل بہ ڪري، پر نہ اٿس ڪو آئيندي جو احساس، نہ پنهنجي آسپاس تي ڪا دسترس. نڪا خبر پويس نڪو خيال ئي ڪري.

ڏسڻ، ٻڌڻ، چکڻ، سنگهڻ ۽ ڇهڻ جي پنجن احساسن کان سواءِ چمڙيءَ ۾ ٿڌي ڪوسي ۽ سور محسوس ڪرڻ جا نفيس حواس پڻ آهن. مشڪن ۽ سنڌن ۾ تہ اهڙا حواس آهن جي بت جي چرپر بابت مغز کي هر وقت احوال ڏيندا ئي رهن تا تہ بت هينئر ڪهڙي صورت ۾ آهي.

ڏسڻ جو احساس:

ڏسڻ جو حواس اک آهي. اک جو ڪو ٿورو حصو ڏسڻ ۾ اچي تو نہ تہ آهي گول. جنهن کي مٿي هيٺ، ڪٻي سڄي ڦيرائڻ لاءِ چوڏاري مشڪون لڳل آهن. ڏسڻ لاءِ ٻيئي اکيون ساڳئي طرف چرنديون آهن، پر جي ڪا مشڪ ضعيف ٿي پئي تہ اها اک ٻيءَ جيتري نہ چرندي ۽ ٽيڏ لڳائيندي. ٽيڏائڻ سبب نظر بہ

نظاري جو پورو احساس ڪٽي ڪين سگھندي. جنهن ڪري مغز کي بنهه پوري خبر به ڪانه ڏيندي ۽ خيال به پورو نه ٿهندو.

نظر جا ٻيا به ڪي نقص عام طرح ڏسبا آهن:

(1) ڪيترا ڀار ڪلاس جي بورڊ تي لکيل اکر ڏُنڌلا ڏسندا آهن ۽ ڪتاب جا اکر به بنهه ويجھي جھلڻ کان سواءِ پڙهي ڪين سگھندا آهن. ظاهر آهي ته اهڙا ٻار اٽپورين خبرن ملڻ ڪري گھٽ سمجھو ٿيندا.

(2) وڏيءَ عمر ۾ وري هڪ ابتڙ نقص پيدا ٿيندو آهي، جنهن جي ڪري ڪتاب ٿورو پريرو جهلبو ته اکر ڏسبا نه ته چٽائي ڪانه پوندي. هي نقص پيري جي ڪري آهي ۽ هر هڪ ماڻهوءَ ۾ اڳي پوءِ ضرور ٿيڻو آهي، جيئن وار اڇا ٿين. البت هن عمر تائين سندس سمجھه پوري طرح جڙي چڪي آهي انڪري سواءِ نظر جي تڪليف جي ٻيو ڪو خلل مغز جي انتظام ۾ ڪونه پوندس. اهي سڀ نقص عينڪ سان درست ٿي سگھن ٿا. ۽ جيترو جلد درست ڪبن اوترو بهتر.

رنگن جو احساس: روشنيءَ ۾ پاڻيءَ جي لهرن وانگر پنهنجي مرڪز کان لهرن جي صورت ۾ چوڌاري پکڙجي ٿي، پر روشنيءَ جي لهر نهايت باريڪ هئڻ سبب ڏسي نٿي سگھجي. روشنيءَ جي لهر جو ايڪو آهي هڪ ٻاڳي ڏهه لک ملي ليٽر. ماڻهوءَ جي اک ۾ 390 کان 760 ايڪن واريون لهرون رنگن جا احساس ٿيون پيدا ڪن. انهن حدن ۾ "ڪِتپسانو" جا سڀ رنگ اچيو وڃن. 760 ايڪن واريون لهرون ڳاڙهي رنگ جو احساس ڏين ۽ 390 واريون واڱڻائي رنگ جو. 760 ايڪن کان وڏيون لهرون ماڻهوءَ کي گرم لڳن پر رنگ ڪو نه ڏيکارين. انهن کي "انفراريڊريز" چئبو آهي. ٻئي ڇيڙي تي 390 ايڪن کان گھٽ لهرون "الٽراوايوليٽ ريز" جي نالي سان مشهور آهن. اُس ۾ هلڻ ڪري چمڙيءَ جو رنگ ڪاراٽبو آهي سو به هنن ڪرڻن جي اثر ڪري. هي ڪرڻا اکين کي به ڪافي نقصان رسائي سگھن ٿا. انڪري ڪاري عينڪ پائبي آهي. اهي ڪرڻا به رنگ ڪونه ڏيکارين. ڪن بيمارين، جھڙوڪ سلهه ۾ هي ڪرڻا مفيد ثابت ٿيا آهن.

اُس جي روشنيءَ ۾ سيئي رنگ سمايل آهن. ڪنهن چٽي مٿچري تي روشني جا ڪرڻا لڳا ته هر قسم جي رنگ جو پرتوو اڇليندا. ڪارو مٿچرو ڪو به پرتوو ڪونه ڏئي. چٽاڻ ۽ ڪاراڻ جي شامل ٿيڻ ڪري رنگ ڪليل ۽ ڳوڙها معلوم ٿا ٿين.

ٽن مول رنگن جي ملڻ ڪري هزارين رنگ جڙيو پون. مثال: ڳاڙهي ۽ ٿورو پيلو ملائي ڇڏبو ته انهيءَ مرڪب جي لهر 700 کن ايڪن جي ٿيندي، سونهري رنگ جي لهر 600 ايڪا ٿيندي. ٻئي ملائبا ته نارنگي رنگ جڙي پوندو. جنهن جي لهر 650 ايڪن جي ٿيندي.

اڪين ۾ رنگن محسوس ڪرڻ جا نقص به عام آهن. گهڻا ماڻهو ڳاڙهو رنگ ڏسن ئي ڪونه. ان ڪري ڳاڙهي رنگ جي ملاوت وارا رنگ به ٻيءَ طرح جا محسوس ڪندا هوندا ۽ معمول کان ڦريل يعني عام راءِ کان نرالا. ڪي ته ڪو به رنگ ڪونه ڏسن. انهن لاءِ رنگ ٿئي ئي اڇو ۽ ڪارو ۽ ٻنهي جي گهٽ وڌ ملاوت وارا هلڪا ۽ ڳوڙها پورا رنگ. هي نقص ڪو ورلي ٿئي پر ڳاڙهي رنگ کان خالي سوين. هزار تي هڪ زال ۽ 2-4 سيڪڙو مرد ملندا. بعضي ته نقص فقط هڪڙي اک ۾ ٿئي يا ساڳيءَ اک ۾ ڪو حصو رنگ محسوس ڪري ڪونه ڪري.

حيوانن ۾ رنگن جو سماءُ: مٿانهين درجي جي باندرن کي رنگن جو سماءُ آهي. پکين کي به ٿئي، پر ڪي ڳاڙهي پاسي وارا رنگ چٽا ڏسن ته ڪي واڱڻائي پاسي وارا.

ڪيترا جيت ڳاڙهي پاسي جي رنگن کان ڪورا آهن ته وري واڱڻائي پاسو چٽو ڏسن. انهيءَ اصول تي بتيءَ کي ڳاڙهي پني ويڙهڻ شرط پتنگ هليا ويندا آهن. جو ڳاڙهو رنگ ڏسن ئي ڪونه.

ڏسڻ ۾ مغز جو ڪم: اکيون ٻاهرين شين جا عڪس ڪنيو پهچائن مغز کي. جي مغز جا ڏسڻ وارا هنڌ ڪپي ڇڏجن ته اکين هوندي به ڏسي ڪين سگهبو. نه رڳو ايترو پر اک جي تنتي پردي تي هڪڙو نه عڪس الٽو ٿو جڙي ۽ پيو ته فقط ڊيگهه ۽ ويڪر يعني ٻن ماپن جو. اونهائيءَ جي مفاصلي جو سماءُ فقط مغز ۾ ٿو جڙي ۽ ٻن اکين جي شامل خبرن تي.

ڪنهن نقطي تي نظر کپائي، ڪٻي اک پوري، سڄي اک ساري نظاري جون حدون جاچيو. سڄي، ڪٻي، هيٺ، مٿي ته ڪيسين سوڌو ڏسي سگهجي ٿو، پر نظر انهيءَ نقطي کان نه هٽي.

وري جو سڄي اک پوري، ڪٻي اک جي نظاري جون حدون ڏسندا ته ٿورو ڦريل معلوم ٿينديون، اهي به ٿورو ڦريل خاڪا مغز ۾ ملي اونهائيءَ جو مفاصلو پيدا ڪري شڪلين کي نهرو ٿا ڏيکارين.

ستيرياسڪوپ جا ڪارڊ به ساڳي اصول تي ٺهيل آهن. ڪارڊ تي ساڳئي نظاري جا ٻه فوٽا لڳل هوندا آهن، جن جون حدون ساڳيون اٿين هونديون جيئن سڄي ڪٻي اک محسوس ڪري، انڪري هوبهو ساڳيون نه. نتيجو اهو ٿيندو جو نظارو ٽن مفاصلن جو ڏيکاربو. جي شهر هوندو ته سنڌس گهٽيون به ڏسبيون.

نظر جا ڌوڪا: ٻنهي اکين جي نظر برابر هوندي ته سارو جهان ته ڏسڻ کان ڏور آهي. جيئن ماڻهوءَ جي طاقت محدود، تيئن سندس هر هڪ لياقت محدود. ڪٿي ته بيهو ته چوڦير آسمان ۽ زمين گڏيل ڏسبا. ريل جون لائينون پوري وڇوٽيءَ تي هونديون ته جيئن اڳتي وينديون تيئن ويجهيون پونديون ڏسڻ ۾ اينديون. سئنيما ۾ ڌار ڌار شڪلين کي فلم تي ڦيرائيندي ڪيئن نه هلچل جو ڌوڪو اچيو وڃي. اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترا ڌوڪا جهڙوڪ رڃ.

ٻڌڻ جو حواس:

ٻڌڻ جي حواس کي ڪن ٿو چئجي. آواز به لهر ٿو پيدا ڪري پر ڪنهن شيءِ تي. اها شيءِ هوا هجي، پاڻياٺي هجي يا نهري. روشنيءَ جي لهر شيءِ جي محتاج نه آهي ۽ ٿئي به نهايت تيز رفتار. روشني سيڪنڊ ۾ 186000 ميل ڪري. آواز هوا ۾ 700 ميل ڪلاڪ ۾ ڪري ٿو.

آواز جي ايڪي کي تنوار چئبو آهي. ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ سيڪنڊ ۾ ويهن تنوارن جو آواز ٻڌي سگهي ٿو ۽ وڌ ۾ وڌ ويهن هزارن جو. وڏي پيانيءَ جي سرن جون حدون 25 کان 4000 تنوارن جون ٿين.

تيز آوازن ٻڌڻ جي طاقت ننڍي عمر ۾ نهايت زور ٿيندي آهي. 25 ورهين جي عمر ۾ اها طاقت گهٽجڻ لڳندي آهي. چون ٿا ته 40 ورهين جي عمر کان پوءِ چمڙي جي ڪيڪ مشڪل ٻڌبي. ڪيترن جانورن جي ٻڌڻ جي مٿين حد سيڪنڊ ۾ پنجاهه هزارن تنوارن جي به ٿئي. بعضي ڏٺو هوندوَ ته ٻلي ڪنائيندي وتندي آهي ته ڪتان ڪئي آواز ڪيو ۽ ڪيڏانهن ويو. ڪئي جا آواز اسان جي ٻڌڻ کان زور آهن. اهو به رب جو رحم، جي سڀ آواز ٻڌڻ ۾ اچن ته جيڪر رڳو ڏرتيءَ جي ڦرڻ جو آواز ئي مٿو ڏاري رکي.

آواز ڪن جي ٻاهرين حصي مان هوا تي ٿو هلي. وچين حصي ۾ ٽن نهرين هڏڙين تان ۽ اندرئين حصي ۾ پاڻيٺ مان جنهن ۾ هڪڙو پڙدو ائين تڻيل آهي جيئن ڪنهن آڏاٽي تي اوڇي جي تاجيءَ جون تندون. تندون هزارين آهن ۽ هر هڪ مقرر تنوارن جي، جا پنهنجي طاقت وارو آواز ڪنيو مغز کي ٻڌڻ جي تنت جي وسيلي پهچايو ڏئي.

آواز ڪهڙي پاسي جو؟: سڄي پاسي کان ايندڙ آواز سڄي ڪن تي کٻي کان جيڪي سو اڳي طرف چڪبو. پر جي آواز پورو اڳيان پٺيان يا هيٺان مٿان ايندو هوندو ته ٻنهي ڪنن تي ساڳئي وقت پوندو، جنهن ڪري طرف محسوس ڪرڻ مشڪل ٿيندو. اهڙن وقتن تي نظر ڪم ڏيندي. پر جي آواز جو ڪارڻ ڏسڻ ۾ نه آيو ته هڪدم ڪنڌ ڦيري اڳ پٺ کي سڄو کٻو ڪري وجهندو، ڪو به آواز جو ٻنهي ڪنن

تي ساڳي تيزيءَ سان ۽ ساڳئي وقت پوندو ان جو طرف معلوم ڪرڻ ڏکيو ٿيندو ۽ پوءِ هر طرف کان کنائُٽو پوندو.

حواسن جو سماجي ڪم: حواسن ۾ سندس ذاتي خبرن کان سواءِ ڪي سماجي راز به اٽڪيل آهن جي نفسياتي نقطہ نظر کان گھڻي اهميت ٿا رکن. اک نہ رڳو ڏسڻ جو ذريعو آهي، پر پري کان اندر جا احوال ۽ خيال ڏئي به وٺي به. ڪنهن کي پنهنجو راز ڏئي ڪنهن کان وٺي. استاد نظر سان ڪلاس تي ضابطو رکيو وڃي. اک جي گھور، دهشت، تعجب، ماندگي، نراسائي، نماڻائي، مسرت ۽ ٻيون به اڪيچار ڪيفيتون ڏئي وٺي سگھي ٿي. مڪاري، عياري، ڏوھ، ثواب، اکيون چار ٿيون تہ ڪن ۾ ظاهر قصور وار ٻار جي اک غير معمولي چمڪ ڏيکاريندي. خونيءَ جي اک ۾ ٻلي جي چوھ ۽ شينهن جو خمار ڏسبو. جنهن سان جي عاشق ناشاد جي نماڻي نظر به شامل ٿي تہ زال ذات جي دل تي گھرو اثر ڇڏيندي.

رواجي گفتگو ۾ ڏسبو تہ ڳالهائيندڙن جون اکيون ڪيئن ٿيون ڪم ڪن. جنهن سان ڳالهائبو اهو سڌو نظر ڪوڙي ڳالهائيندڙ کي ڏسندو. پر جي ٿورو ئي خفي ٿيو تہ نظر ڦيري ويندو. لاڳيتو تڪي ڏسڻ ڪنهن زوردار جذبي کان سواءِ نہ ٿيندو. حرفتي چالاڪ اک جي ڦيرن گھيرن مان جهٽ ظاهر تي پوندو. ڪاوڙ ۾ ڏرين جون نظرون ائين لڙنديون جيئن تير جي ڪنهن کان نٽائُٽو هوندو تہ اوڏانهن اک ئي ڪانہ ڪٽبي. نظر لڳڻ جو خيال ئي ظاهر ٿو ڪري تہ نظر کي ڪا جسمي طاقت آهي. جادوءَ جو اثر تہ يقينا اکين کان ئي شروع ٿيل ٿو ڏسجي.

رنگن سان دلچسپي، تندرستي ۽ توانائيءَ جو دليل آهي. جوش ۾ لال رنگ پيو نظر ايندو. ٻار پھرين ڳاڙهو رنگ ڏسڻ لڳندو آهي ۽ دماغي خرابين ۾ ڳاڙهي رنگ جو احساس سيني کان پوءِ ويندو آهي. اميدوار طبيعت جو دلپسند رنگ گلابي رهندو آهي.

رنگ کي جذباتي روپ بہ آهي. ڪارو غمي ڏيکاري تہ ڪنهبو خوشي.آسماني رنگ نهايت آرام ۽ فرحت ڏئي. اڇي، پيلي، گيڙوءَ رتي ۽ ڪن ٻين رنگن لاءِ وقتي ۽ قومي دلچسپيون ڦرنديون گھرنديون ٿيون رهن.

ڪَن جي سماجي اهميت اک کان جيڪي سو گھٽ آهي. چاڪاڻ تہ اک ڏئي بہ وٺي بہ ۽ ڪن رڳو وٺي، جهنگ جي ماٺ ۾ آواز آرام ۾ وگھن ھو، انڪري خوف جو خابرو ۽ جوکي جو پيش رؤ. جهنگ جي رهائش جو اهو اثر ٻار تي اڄ سوڌو موجود آهي. اڃا ڪو آواز ٿيو تہ ڇرڪ پريندو. ڏچرو ڳوتہ لڙائيءَ جو سانباهو ٿيو.

جذبن تي آواز جو اثر اڪ کان بہ زيادہ آهي، اهو آواز آهي، جو وحشت کي انسانيت جو رنگ ڏئي، نانگ کي بہ حيرت زدہ ڪري ڇڏي. محبت کي اثر جيترو آلاپ جو آهي اوترو جلوي جو بہ ڪونهي. راڳ محبت جي خوراڪ آهي، اکيون تہ تاب نہ جهلي پورجي وڃن يا لوڪ لڄا ڪري هيٺ جهڪن، پر ڪن ڪيئن روڪجن. اهي تہ ڪنهن مٿي آواز ٻڌڻ کان ٽڪجن ئي ڪين، پل تہ ڪو آواز پري کان هوا تي ايندو هجي تہ ڏسڻ کان سواءِ ئي وجد ڏئي ڇڏيندو. ڪنهن سهڻي تصوير ڏسڻ ڪري ايترو حظ حاصل نہ ٿيندو جيترو ڪنهن راڳ جي رڪارڊ مان. گهري خيال سان ائين معلوم ٿيندو تہ محبت جي ميدان ۾ ڪن زيادہ ڪارائتو حواس آهي. جتي ٻوڙو ڪو ورلي ڏسبو. ٻوڙي جون جفتي طاقتون سالم هجڻ بہ مشڪل. ڪن رس کان سواءِ دل حال ڪيئن اوري! اکيون ٽڪجن، ڪن نہ ٽڪجن. ڏکيا ڏوراپا بہ سوائتا. اکيون ڏئي سجاڻن، ڪن ري ڏئي. اوري هجي يا پري. گهر ويٺي پتو لڳي تہ فلاڻو آيو. شادي، غمي، جهيڙو ڏاڙو پري کان پڌرو. جي اکيون ڇڏٽيون پون يا ڪَنَ، تہ فيصلو سولو ڪري ڪين سگهبو. اکين جو ڪم تہ هٿن جي هٿوراڙين کان بہ وٺبو، پر ڪنن جو بدل تہ بت ۾ آهي ئي ڪونہ. اکيون تہ نہ ڏسڻ تي فطرتي هريل آهن جو پورجي بہ سگهن ٿيون، اسان کي انڌي جو آزمودو تہ اڳي ئي آهي، پر ٻوڙي جو ڪونهي، جو ڪن تہ پوري نٽا سگهون. ان ڪري ٻوڙي جي دنيا جو اندازو ڪرڻ مشڪل. ڪن جي نزاڪت بہ حيرت انگيز ٿي ڏسجي. ڪيترا نہ آواز ٿو سڃاڻي. ماڻهن توڙي حيوانن جي اڻ آوازن کان سواءِ هر هڪ ٻوليءَ جي هزارن لفظن جا اچار تہ ليکو ڪريو. ٻوڙو ويچارو نہ زمين جا آواز ٻڌي نہ آسمان جا. نہ گهر جو نہ گهاٽ جو.

سنگهڻ جو حواس:

سنگهڻ جو حواس نڪ سان تعلق ٿو رکي، جتان ساهہ ٿا کڻون ان لاءِ تہ هوا جي سٺي گندي هئڻ جي خبر پوي. سرهاڻ ڪيڏي نہ فرحت ڏيندڙ آهي ۽ بدبو ڪيتري نہ پريشان ڪندڙ. واقعي بوءِ جو مغز تي گهرو اثر آهي.

اکيون پلجن، ڪن وساري ويهن پر نڪ ياد جو پڪو. حافظي جو پورو حامي. هڪ واريءَ بوءِ پوري طرح آئي تہ ورهين ۾ بہ نڪ ڪين وساريندس. ڪيتريون شيون ڏسڻ کان سواءِ سنگهي بہ سڃاڻي سگهبيون.

ڏسجي ٿو ته ماڻهوءَ جي مغز ۾ سنگهڻ لاءِ بلڪل ٿورو حصو ٿو ٿئي. شايد ارتقا اڳتي هلي اهو حواس ڪڍي ڇڏي ۽ ٻيو حواس پيدا ٿئي. البت سنگهڻ جي طاقت مغز ۾ آڳاٽي دخلڪار ٿي ڏسجي. ڪتي ۽ ڪئي جي دنيا فقط باسن جي ٺهيل آهي. باس واريون گئسون هوا کان ڳوريون هئڻ ڪري زمين کي ويجهو ٿيون ٿين. انڪري پڪين کي سنگهڻ جو حواس ڪو اٽلڪو ٿئي.

ماڻهو جڏهن چوَ - پيري جانور مان ڦري ٻه - پيرو ٿيو تڏهن سندس نڪ جي ضرورت گهٽجڻ لڳي ۽ اکين جي چستي وڌڻ لڳي. پر ته به بوءِ جو ڪافي تکو احساس اٿس. ماڻهو نارنگيءَ جي ست جي ويهين هزارين پتيءَ جي بوءِ هڪ ليٽر هوا ۾ محسوس ڪري سگهي ٿو. مشڪ جي هڪ گرين جي ٽيهين لکين پتيءَ جي هواڙ لـَڪائيندو. اڄ به اک ڇتي روشنيءَ جا رنگ ڏسي نٿي سگهي، پر نڪ ڪيتريون شيون سنگهڻ سان سڃاڻي ويندو. ڪيترن ماڻهن جي سنگهڻ جي طاقت ڪئي جيتري ئي تيز ٿي ٿئي ۽ زالن کان مرد تکا.

سنگهڻ جو حواس جلد ٿڪجي ٿو ۽ جلد ئي ڪنهن بانس تي نڪ هريو وڃي. احساس جو مدو به ٿورو ٿو ٿئي.ڪا خوشبو آئي وئي. خوشبوءِ کي ٽڪائڻ لاءِ ذري ذري سنگهڻو پوندو. ڪيتريون باسون ڏهن منٽن کان زياده لڪائبيون ئي ڪين. البت جي باس کان نڪري وڃبو ته وري لڪائبي. باسن تي هري وڃڻ ڪري ئي ماڻهو ڌپن وارين جاين تي ڪم ڪري سگهن ٿا.

باسن جا نالا ڪي ٿورا ملندا، ان مان ظاهر آهي ته بوءِ جو اثر ذهن ٺاهڻ ۾ ڪو گهڻو ڪم ڪونه ٿو اچي نه ته باسن جي ورڇ وچور لازمي ٿي پوي ها. عجب نه آهي ته ذهن خود باسن کان نٽائيندو هجي، انهن کي هيٺين جانورن جو مشغلو سمجهي ڪين پنهنجي دائري کان ٻاهر سمجهندو هجي. حيواني لذتون ۽ ڪريون سنگهڻ جي حواس سان، جو ويجهو ڪم ٿو اچي، زيادهه اٽڪيل ٿيون ڏسجن. اکين ۽ ڪنن کان، جي پري کان ڪم ٿيون اچن.

لوبان ۽ هرمرو ته پاڪ جاين تي واس ڏيڻ لاءِ به ڪم آڻبو آهي. ڇٽڪ حاضر توڙي غائب حضراتن کي پسند آهي. مست، الستي، موجي مشغلن ۾، بوءِ، سواد، سـُرَ ۽ نظاري کان گهڻو ڪم ورتو ويندو آهي.

چکڻ جا حواس:

سواد جي احساس جي جاءِ خاص طرح زبان ۾ آهي، جتي ڪنهن به شيءِ جي لڳڻ سان سندس ذائقي جي خبر پوندي نه پري ڪان. سواد جو احساس ڪنهن قدر وات ۾ به پکڙيل ٿئي ٿو. ويندي ڪاڪڙي ۽ ڪلين سوڌو.

سواد مکيه چئن قسمن ۾ ورهيل آهن. مٺا، ڪڙا، ڪارا، کٽا. ڪن شين جي سواد کي ڪسارو به چئبو آهي. ڪيترين شين جو سواد سمورو سندس بوءِ سان ٻڌل هوندو آهي. ڪافيءَ جي بوءِ ايندي آهي نه سواد. بصر کائيندي جي نڪ کي اهڙو بند ڪجي جو نڪ جي پٺئين پاسي کان به بوءِ منجهس نه اچي سگهي ته صوف، گوگڙو، ۽ بصر کائڻ ۾ فرق ڪونه جهڙو معلوم ڪبو.

سواد ۽ سُڱڻ جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي. مڇيءَ وارو مسالو گوشت کي ڏبو ته گوشت به مڇيءَ وارو ذائقو ڏيندو. ڪتي گاسليٽ جي بوءِ هوندي ڪا شيءِ کائبي ته ان جو سواد بدليل معلوم ٿيندو. ظاهر آهي ته کائڻ جو تعلق ڏندن سان، رڳو سنهي ڪرڻ جو نه آهي، پر چپاڙڻ سان نفسي حظ تو حاصل ٿئي. بي لذت ڪاچ مان بت کي خورش ملندي پر من بي مزي رهندو. جيڪا شيءِ چشڪي سان کائبي ان جو تن ۽ من ٻنهي تي اثر رهندو. وات جو پاڻي ڪرڻ نفسي اثر تو ڏيکاري.

بک به انهيءَ نفسي چشڪي جو نتيجو آهي جنهن مان رڳو نه کاڌي جي خواهش ظاهر آهي پر چا، ڪڏهن به ڪيترو کائجي سو به ٻڌايو چڏي. بک سماجي اثر کان به خالي نه آهي. چاڪاڻ ته سنگت ۾ گهڻو کائبو. جڏهن پاڻ کي ڪري هوندي آهي ته ٻين کي چشڪي واريون شيون کائيندي ڏسي پاڻ کي به مزو ايندو آهي. جي بک نه هوندي ته اها چري پوندي آهي. ٻچي کي ماءُ جي ڇاتيءَ تي نه رڳو جسمي خورش ٿي ملي، پر ذهني تسڪين سلامتيءَ جو احساس ۽ مڪمل راحت. جي پوءِ اسين ڪنهن وڻندڙ سنگت ۽ لذيذ کاڌي ۾ محسوس تا ڪريون. ڊپ کان آزادي ۽ صلح ڪنهن کي پسند نه آهي؟ هر ڪنهن کي آرام ۽ سٺي سلوڪ جي ضرورت آهي سواءِ ظالمن جي.

رواجي رسمي موقعن تي ته ٺهيو پر مذهبي مجلسن ۾ به کائڻ نه وساربو آهي، ختمو، خيرات، نذر نياز، شادي، غمي، ڪاچ کان سواءِ نه ٿين. هر طبقي ۾ ڪاچ جو اثر ايترو ذهن تي بيٺل آهي جو بک نه لڳڻ، هاضمو خراب ٿيڻ يا هيچ هٽڻ، اڪثر ڪري ذهني اثرن ڪري ٿيو پون. بعضي جي ڪنهن شيءِ تان دلي ڦري ته ڪي ڏينهن کاڌو ئي ڇٽو. اهو به دماغي اثر. آدمخور ته پنهنجو عزيز ۽ نَـهن سوڌو کائي وڃن!

ڇُـھڻ جو احساس:

ڇهڻ جي احساس کي راحت ڏيڻ لاءِ جيڪي سنڌريل دنيا خرچ ٿي ڪري، سو وائڙي ڪرڻ جهڙو. فقط وارن ۽ چمڙيءَ کي نرمائش، لاس ۽ چمڪ ڏيڻ لاءِ جيڪي تيل، صابڻ ۽ طرحين طرحين ڪريمون ڪم ٿيون اچن تن جي ته ڪٿ ڪريو!

بدن ڇهڃي ٿو ۽ ڏسجي ٿو، چمڙيءَ کي به شعور آهي، جو سمجهي سگهي ته ڪيس جيڪو هٿ لڳو سو پيار جو هو، ڌڪار جو هو، ڪاوڙ جو، حياءُ جو، جوش جو، فڪر جو، يا فرحت جو! اهو ئي هٿ ڪنهن پڳل دل کي جوڙي يا ٿهيل دل کي ٽوڙي. محبت جو هٿ سڄي بت ۾ بجلي پڙڪائي ڏئي، تن کي ڪمان وانگر تڻي من کي مهوسَ بنائي ڇڏي. آهي اک کي مجال جو هٿ جي هنر کي پهچي!

(1) ڇهڻ سان ڪنهن شيءِ جي مٿڇري جي خبر پوندي ته ڪاٺ آهي يا ڌاتو، کهرو، لسو، نرم يا سخت، ٿڌو يا ڪوسو. (2) ڪنهن خال ۾ هٿ وجهبو ته سندس خالي يا پاٽيءَ سان ڀريل هئڻ جو احساس ٿيندو (3) نرم وينڻ ۾ ويڙهيل ڪنهن سخت شيءِ جي صورت معلوم ڪري سگهبي جيئن گوگيڙي ۾ ڪڪڙا. (4) نظر کان غائب انهن شين جو احساس - ڪا سرائي ڪٿي ڪنهن سوراخ ۾ وجهي ته گهمائڻ سان خبر پوندي ته اندر پاٽي آهي، مٽي، ريتي، پٿر يا ٻيو ڪجهه. سبڻ ۽ لکڻ، سئيءَ ۽ قلم جي احساسن تي ٻڌل ٿو ٿئي. ساڳي طرح زمين ۾ يا ڪنهن ٻئي هنڌ ڪم ايندڙ اوزارن جو ڪم. اجا نپ پني تي لڳو آهي هڪدم مغز کي خبر پوندي ته پنو لسو آهي، کهرو يا سنهو ٿلهو وغيره. ڪنهن بخمل جي لياقت پرکڻ لاءِ آڱريون فيصلو ڪنديون نه اکيون، پر جي رڳو ايترو ئي ويچار ۾ آڻجي ته مخمل ڪيئن لڳندي ته خيال هٿ کي ياد ڪندو نه اک کي.

بت جي کهڙي به عضوي کي ڇُهيون ۽ گهٽيون خبرون ڏيندڙ هٿ آهي، هٿ ۾ هٿ ملائڻ سان من کي گهٽو ئي ڪجهه معلوم ٿيو وڃي، جنهن کان نظر خود بي خبر ٿي رهي. اک تي ارادو اثر ڪري ڪيس جهڪو جهيٽو ڪري سگهي ٿو. پر هٿ ٻچاپڙائي چاٽي ئي ڪانه. مڪرن کان بلڪل صاف. هٿ جي گرمائش، ٿڌاڻ، نرمائي، کهراڻ، زور، ڪمزوري، اڱلي جي رسوخ کان گهٽي قدر واقف ڪيو ڇڏي. هٿ ملائڻ سان ماٺهو اڱلي سان پاڪبازيءَ جو اقرار ڪري، ڪنهن جي دل وٺي، خوف زده کي تسڪين ڏئي يا جهٽڪو ڏئي. هٿ هٿ مان ڪڍڻ سان لڙائيءَ جو اعلان ڪري. هٿ جي چرپر مان ئي ڪيتري قدر هٿ

ڏيندڙ جي طبعيت، سياءَ ۽ پاڻ ڏانهن خيال جي خبر ملي ويندي. هٿ جي آڱر پلائيءَ ڏانهن اشارو ڪري، برائيءَ کان روڪي، سنئين راهه ڏسي.

پتلين جو ناچ ته سچو آڱرين جي احساس تي ٻڌل آهي. ساڳيءَ طرح ڪيترا ناچ، هٿ - نات، مصوري، بتگري وغيره هٿن سان ٻڌل تا ٿين. هٿ جي اشاري سان حڪم ملي، تسڪين ملي، ڪنهن جي سسي ڪپجي. سچ ته بي نور هٿ ڪي ٿي خبر آهي ته سندس انڌپڻ ڪيترو نه خطرناڪ هوندو!

هٿ قادر جي سگهه ۽ انصاف جو مظهر آهي. هٿ کان سواءِ سگهه ڪانهي. هٿ وڃڻ معنيٰ بيڪار ٿيڻ، اوائلي انسان جا ته سڀ اوزار هٿ ۾ هئا. نهن کي کوٽڻ، ڪرڙڻ، چيرڻ ڦارڻ جي ڪم آٽي، ته مڪ کي متزڪي وانگر پچڻ، ڪَٽڻ ڦيهڻ لاءِ. پهرين ماڻهوءَ جون پنجئي آڱريون گڏ پٽبيون پوربيون هيون، پوءِ آڱوٺو ڌار ٿي، پاسيرو ٿي ويو. ڪرائي ورڻ ڦرڻ لڳي. ڏسٽي آڱر اڪيلي ٽنبڻ اڪيڙڻ ۽ اندرين شين جي سڄاڻڻ ۽ ماپڻ ڪي لڳي. هٿ جي ترڀءَ ڪوڏر جو ڪم ڪيو. پٽڻ، چِڪڻ ۽ ڊوئڻ ڪي لڳي. چار آڱريون ڏانداريءَ ۽ پاهوڙي جو ڪم ڪرڻ لڳيون.

<u>سور:</u> ڪو به حواس جي حد کان تيز ٿيو ته سور لڪائيندو. تيز روشني، تيز آواز، تيز بوءِ، تيز سواد سور فقط مغز جي اثرن سبب به ٿئي. ڪي چريا پاڻ کي سخت عذاب ڏين ايتري قدر جو ساڙڻ، اڪيون ڪڍڻ، هڏ پچڻ، سوراخن ۾ تاندا وجهڻ ۽ پوءِ به ڪلندا چون ته چوُ هاٽي شيطان ڪيڏي ويندين؟ قابو آهين ڪين نه!

<u>بدني بيهڪ ۽ توازن جو احساس:</u>

بت کي اٿڻ، ويهڻ، هلڻ چلڻ ۾ هڪ ڪڙيءَ رکڻ لاءِ به ڪيترا احساس ڪم تا ڪن. اهي احساس گوشت ۽ هڏن جي سنڌن مان مغز کي ملندا تا رهن. جن مان مغز کي بدني صورتن ۽ بيهڪ جي خبر ملندي ٿي رهي ۽ هو هرڪا ڪوشش بت کي ڪرڻ کان روڪڻ جي ڪندو ٿو رهي. مغز جي مطلبن حاصل ڪرڻ جي ڪَل ته بت ئي آهي. جنهن کي مغز هر حيلي برقرار رکڻ جو بندوبست ڪندو ٿو رهي. جي بت ڊٺو ته پاڻ به چٽو.

مغز کي هر وقت مشڪن کان خبر ملندي ٿي رهي ته ڪهڙيون مشڪون ڪم ۾ آهن ۽ ڪيتري قدر ڪم ڪري رهيون آهن. بت جي هيڏي هوڏي اهلڻ جي خبر ڏيڻ جو اوزار وري اندرئين ڪن ۾، ٽن اڌ گول نلين جي صورت ۾ رکيل آهي. اهي نليون پاڻياٺي رطوبت سان پريل آهن. جنهن ۾ تنتي تنتدن جا سنهڙا وار لٽڪيل آهن. بدن سڄي، کٻي، اڳتي، پوئتي، مٿي، هيٺ ٿيو ته نلين جو پاڻي به ساڳئي

دستور موڙ ڪائيندو ۽ وارڙا اهو تحرڪ هوبهو مغز کي پڏائيندا تا رهن جنهن مان مغز کي بت جي هوا ۾ تحرڪ جي به خبر ملندي ٿي رهي. اسان جي چرڻ پرڻ جا طرف به ٿي، ته نليون به ٿي. هي نليون ڏسي سگهبيون، پر نهايت نفيس ٿيون ٿين، وري چا لڳي سندن ڪم! نسوري حيرت آهي! جي اکين سان قادر ڏسڻ ٿا گهرو ته سندس قدرت ڏسو.

وقت جي ڪٽ ۽ ذهن:

ڏک جو ڏينهن به ورهيه، پر خوشيءَ جو وقت ائين گذري جو خبر به ڪانه پوي ته ڪيئن ويو. اهو آهي دماغي ڪيفيتن جو وقت تي اثر. سور، خوشي، ڏک، اوسيڙو، ماضي، حاضر، مستقبل کي وڏو نديو ڪيو ڇڏين، منٽ، ڪلاڪ، ڏينهن، انگهن سسن، وتجن وڌن يا ڪرو مرو ٿين. ڪلهوڪو حادثو مهينن جو عرصو ٿي پوي.

وقت وچوٽيءَ جي ڪٽ ڪرڻ وارا حواس ڪن ۽ اکيون آهن. ڪن وقت جو اندازو باريڪيءَ سان ڪري ٿو پر اکيون وچوٽي محسوس ڪرڻ لاءِ ايترو ڪارگر نه آهن ڪا به خبر ڪانه ٿيون ڏين ته تارا، ڪي ڪروڙين ميل پري آهن پر ويجهن شين جي مفاصلي جي به ڪٽ ڪرڻ ڏکي. ڪن وقت ماپڻ لاءِ نهايت نفيس آهن. راڳ ۾ پلَ ته وڏي وچوٽي آهن، پر ماترائن جي ڪٽ به پوري ڪريو وجي. شل نه ڪو آواز ذري پر به ڊگهو يا ڇوٽو ٿئي ته هڪدم ڪن ان کي بيسرو يعني وزن ڪان ٻاهر ڄاڻائيندو. نڪ وري حافظي جو احساس اهڙو پختو ٿو رکي جو ڪڏهن نه وساري. بوءِ جو يادگيريءَ سان گهاٽو سنبنڌ آهي.

جبلن تي بدني پيچ - گهڙ گهٽ ٿي ٿئي، انگري ٻڌاپڻ پوئتي پئجو وڃي. تپ ۾ وقت ڍرو گذرندو معلوم ٿيندو. جي حرارت معمول ڪان گهٽي ته وقت تڪڙو گذرندو پائنبو.

مستقبل ته آهي ئي ذهن سان ٻڌل. نه ويچار سواءِ مستقبل آهي، نه مستقبل ڪان سواءِ زندگيءَ کي ڪو مقصد. آسرن اميدن تي هلجي ٿو، نه ته ٿي پاءُ پلڪ جي موجود زندگي، ان کي ته ڪا معنيٰ ئي ڪانهي. ماڻهو هميشه آئيندي جي ويچار ۽ وسواس ۾ لڳو ٿو رهي. سياڻي، مهيني سال جون رتون مغز ۾ ڦرنديون ٿيون رهنس. جيڪو جيترو پري مستقبل ڏسي سگهي. اهو اوترو ذهين. حيوان مستقبل ڪان بنهه خالي آهن.

تازو انومان آهي ته ٻولي تڏهن شروع ٿي جڏهن ماڻهوءَ پٿر ڪان ڪم وٺڻ بعد پاڻ کي سلامت سمجهيو ۽ آئيندي جو ويچار ڪرڻ لڳو. ماڻهوءَ جي ڪمائي به سندس مستقبل جي خيال تي گهرو اثر ٿي رکي.

ڪو ٽڪو ڪمائي ٽڪو کائي. ڪنهن جي ڪمائي روزاني، ڪنهن جي هفتي وار، ماهياني، فصل تي يا ساليانی، ڪن جون ته ٻئنڪون پربون پيون آهن، پوءِ سالن جون رٿون رٿي پيا هلائين. ان ۾ ڪهڙو شڪ آهي ته سٺي مالي حالت حوصلو وڌائيندي؟ ڪمائي روزاني، ته گذر به روزانو، ته رٿون به روزانيون.

اوائلي ماڻهوءَ جي وقت جي ڪَٿ ڏينهن رات ۾ سندس روز مره جي ڪمن ڪارين سان اٽڪيل هئي، مال جو پهرڻ ۾ موٽڻ، ڏهائيءَ جو وقت، نمازون ۾ عبادتون. ڪانُو سج جو اڀرڻ، ٻاچا لڙڻ، منهن اونداهي، پئسي پرڪ جي مهل، وري ساليانيون ڪيتيءَ جون مشغوليون هيون، پاٽيءَ جو اچڻ ۾ ڇڄڻ، مندون، هرقار جو وقت ۾ لابارا، ٻيجارا، رونبا، چونڊا، ڪانوَن جا آل اڏائڻ وغيره. اهڙيءَ طرح پنهنجو مستقبل پنهنجي پڄنديءَ سارو اکين اڳيان رکندا هئا ۾ ڪن ڪندا رهيا.

وقت وقت جو قدر به پنهنجو. جي ڪنهن مزيدار دلچسپ ڳالهه لاءِ ترسڻو پيو ته پيانئبو ته هينئر ٿئي، ڪيترو نه وقت اجايو ويو. پر جي ڪو آپريشن ڪرائڻو هوندو ته وقت جو ڪو به قدر نه هوندو ۾ ائين پيانئبو ته ٻيو به ڪجهه گذري ته چڱو. ساڳيءَ طرح ڪن بيمارين جو به وقت تي اثر پوي ٿو. ”ٿئرائڊ“ جي وڌڻ ڪري وقت جي ڪٿ گهٽ ڪبي، پر پارڪنسونزم جي بيماريءَ ۾ زياده ٿيندي. ڀنگ ته وقت انگهائڻ لاءِ مشهور آهي. گذرندو منٽ ته پيانئبو ڏهه منٽ ٿي ويا. اجا به مٿي. آفيم ته رات کي ورهيه ڪري وجهي. ”ميسڪلن“ وقت جي لاڳيتي حالت ڪپي وجهندو. پيانئبو ته وقت آهيئي ڪونه. هر ڪا ڳالهه ڍري لڳندي. خيالات جي رفتار تيز ٿي وڃي. تيز رفتار شيون ڍريون معلوم ٿينديون. هڪڙو ماڻهو ”ميسڪلن“ جي اثر هيٺ در کولڻ جي خيال سان ڪرسيءَ تان اٿيو. ٻين ڏٺو ته هليو به ٽڪڙو پر پاڻ ائين سمجهيائين ته ورهيه لڳي ويا. دروازي جي اڌ پنڌ تي ٻيهي رهيو جو وسري ويس ته ڇو اٿيس.

پورالن کي ته بعضي وقت سان پوي، بعضي يڪي اٽبٽ. روسو پيانئيندو هو ته وقت پنتي هلي ته چڱو. آيس جا خار سو واچ اڇلي ڇڏيائين ته وقت ياد ئي نه پوي، پوءِ اهڙو خوش ٿيو ڄڻ ڪنهن قيد جي پابنديءَ کان ڇٽو هو.

باب نائون

حواسي خبرن مان علم ۽ سمجهه جو ٺهڻ

(1) مغزجون خابرو تحرڪي ۽ قرابتي ايراضيون

ڪتي جي مغز ۾ جي خابرو ۽ تحرڪي ايراضيون ليڪي وجبيون ته باقي ڪو ٿورو حصو وڃي رهندس. پر ماڻهوءَ جي مغز جو گهڻو حصو اجا به بچي پوندو. ڇاڪاڻ ته هيترين خابرو ۽ تحرڪي ايراضين جي وچ ۾ ڪيتريون ڪشاديون قرابتي ايراضيون به اچي ٿيون وڃن. جي ڪتي يا باندر جهڙن جانورن ۾ ٿوريون ۽ ننڍيون ٿيون ٿين. البت سنگهڻ جي خابرو ايراضي ڪتي ۾ ماڻهوءَ کان گهڻي وڏي ٿي ٿئي. اهي خابرو ايراضيون آهن. جن ۾ حواس ڏسڻ، ٻڌڻ، چکڻ، سنگهڻ ۽ ڇهڻ جون خبرون مغز ۾ پهچائين ٿا پر جي قرابتي لڳ لاڳاپن جون ايراضيون نه هجن ته ڪنهن به شيءِ بابت گهڻيون خبرون ڪنيون ٿي، مناسب سلسلن ۾ ساماڻجي، جيڪر ڪا به جامع صورت وٺي ڪين سگهن ۽ الڳ الڳ ڇڙين خبرن جي صورت ۾ ئي رهجي وڃن. جيئن ڪو اکين سڄو هاٿيءَ تي هٿ گهمائي سندس ساري بيهڪ جي اندازي ڪرڻ کان عاجز ٿي پوي. ساڳيءَ طرح ڪلهوڪين ٻڌل خبرن کي اڄوڪن ڏٺلن واقعن سان ملائي، سندن معنيٰ ۽ مطلب تي پهچڻ لاءِ قرابتي سلسلا ضروري آهن. اهي قرابتي لڳ لاڳاپا آهن، جن جي وسيلي شين جي مختلف وصفن کي گڏ ڪري، ورڇي، ڳنڍي، سڃاڻي، سمجهي سندن مفهوم ۽ مطلب پروڙي، دنيا جي اسباب سان واسطا ناهي، واقفيت حاصل ٿي ڪجي. حقيقت ۾ سمجهه چئجي ئي مغز جي انهيءَ لياقت کي ٿو جنهن جي وسيلي ڪنهن به سلسلي جا لڳ لاڳاپا پوريءَ طرح ڳنڍي ڳوتي صحيح ڪري سگهجن. پر جي قرابتي جوڙ جڪ مغز ۾ نه هجي ته سمجهه ڪٿان اچي. را ڳ ڇا آهي؟ هڪ ترتيبوار آوازن جو سلسلو. ساڳي طرح حساب؟ هڪ ترتيبوار رقمن جو سلسلو. فلسفو؟ هڪ مرتب خيالن جو سلسلو ۽ گرامر؟ هڪ لفظن جو سلسلو. انهيءَ دستور هر هڪ علم ۽ هنر پنهنجن پنهنجن خبرن جي سلسلن ۾ پوتل ٿو رهي ۽ سمجهه لياقت، جا سندن خبرن کي چني، ڳنڍي، سندن نسبتون ۽ قرابتون نروار ڪري سگهي.

معلوم ٿيو تہ مغز جي خابرو ايراضين جا تنتي گهرڙا ٻن طرحن جا ٿين ٿا. هڪڙا اهي جي حواسن کان حواسي ڪرون ٿا وٺن ۽ ٻيا ڏار ڏار خبرن کي ملائي ترتيبوار صورت ڏئي تصويري شڪليون ۽ خيالي صورتون پيدا ٿا ڪن.

هرهڪ خابرو ايراضيءَ جي چوڌير وڏي شاهي قرابتي ايراضي ٿي ٿئي، جنهن ۾ جامع شڪليون صورت ٿيون وٺن، انب کي ياد ڪريو تہ حوصلو، هڪدم انب بنسبت اوهان جي ڄاڻ جي سموري سلسليوار ترتيب ڪيل فلم اوهان جي خيال ۾ اڪيجنپ ۾ ڦيرائي ويندو.

تحرڪي ايراضين ۾ بہ ساڳي صورت آهي. ٻار کي ڪنڌ جهلڻ، ويهڪڙو ٿيڻ، ٻانبڙن پائڻ ۽ پنڌ ڪرڻ لاءِ ڪيڏي ڪوشش ڪري پنهنجن ڪيترين مشڪن سان اڪيچار سلسلا ٺاهڻا ٿا پون ۽ پوءِ جڏهن قرابتي گهاٽ گهڙجيو وڃن تہ بنا ڪنهن هٻڪ جي هل هليو. ياد هوندو تہ اڪر لکڻ ڪيئن سکيا هئاسين. ان زماني ۾ هڪ هڪ اندي پرڻ تي مغز ۾ ڪيترا قرابتي رشتا ٿي ٺهيا. هاڻي جو لڳ لاڳاپا ٺهيا پيا آهن تہ بنان چيٽ جي لکندا وڃون. بعضي تہ ساڄي هٿ جو ڪم ڪاٻي هٿ کان وٺڻو پوندو آهي تہ ڪيترو نہ اٽانگو لڳندو آهي.

انهن خاص خابرو ۽ تحرڪي قرابتي ايراضين کان سواءِ ٻيون وڏيون عامي قرابتي ايراضيون بہ آهن، جي منجملہ ساري مغز سان پيچيدن خيالي سلسلن ۾ ڳنڍيل آهن. جن جي ڳنڍجڻ سبب هر طرف جي سچيتي پيدا ٿي ٿئي. جنهن کي چئجي هوش. جيترو خيال کي ڊوڙائبو اوترو هي مرڪز زور وٺندو ويندو ۽ هوش وسيع ٿيندو ويندو. گهڻا تہ هڪڙي ڳالهہ جي سلسلي کي ويچارڻ ۾ منجهي پوندا آهن، ڪي تہ ٻن ٽنهہ نرالين ڳالهين تي گڏوگڏ خيال ڪندا هلندا، ڪي وڌيڪ. ٻن ڳالهين تي ويچار ڪرڻ لاءِ بہ ڪي خيالي مشڪن پچايل مغز کپن. هر ڪنهن جو ڪم نہ آهي. ڪوشش ڪري ڏسو تہ قدر پوي. دماغي مشڪن ڪرڻ سبب خيال بہ منجهس اهڙيون مقرر صورتون ٿو ٺاهي، جهڙيون ڪي ڪاريگر نقاش ٻاهرچٽي رکي، پڪيون ۽ پختيون.

اڃا پورو پتو ڪونہ پيو آهي تہ ڪنهن کي سڃاڻجي ڪيئن ٿو يا ڪا ڳالهہ يادگيريءَ ۾ ڪيئن ٿي اچي. ان ۾ شڪ ڪونهي تہ جڏهن بہ ڪنهن شيءِ بابت ويچار ٿو ڪجي، تڏهن ان سان لاڳاپيل سڀ مرڪز هوشيار ٿا ٿين. اهي مرڪز پکڙيل ٿا ٿين، نہ هڪ جاءِ تي. امريڪي من ودوان لٿشليءَ ڪئن تي باريڪ تجربا ڪري ڏيکاريو آهي تہ جڏهن ڪنهن ڪئي کي منجهائيندڙ پيچرن مان ڪاج واري پيچري ڳولڻ

جي حوصلي حاصل ٿيڻ بعد. اهو مرڪز آپريشن ڪري ڪوري ٿو ڇڏجي ته پوءِ به ٿوري وقت کان پوءِ ڪٿو ڪنهن ٻئي مرڪز جي زور تي وات سجاڻيو هليو وڃي. ظاهر آهي ته دنيا جي شين سان دماغي قرابتون گهڻين جاين تي ٿيون جڙن. نه هڪڙي مرڪز تي. ان ڪري جي يادگيريءَ جو لاڳاپو هڪڙي هنڌ ٽٽو ته ٻيو مرڪز ڪم کي چالو ڪيو وڃي.

قرابتي رشتا بعضي غلط احساس يا غلط خيال سبب، نه رڳو غير معمولي پر اهڙا خطرناڪ به گهڙجي ويندا آهن جن جو نتيجو ڪيترين دماغي بيمارين. ماليخوليا بلڪ ديوانگيءَ تائين وڃي پهچندو آهي. انهن خطرناڪ رشته سازين جو علاج فقط اهو پروڙيو ويو آهي. ته ڪين آپريشن ڪري ڪپي ڇڏجي. اهڙي آپريشن کي "ليوڪاٽامي" چئبو آهي. آپريشن کان پوءِ ته ماڻهوءَ جا گهڻا لڳ لاڳاپا دنيا سان ٺاهيل ڪپجيو وڃن. ان ڪري وائڙو ۽ نئون وارد معلوم ٿيندو. جيسين خابرو تنتن ۽ مرڪزن سان نئين سنئين نوان ۽ مناسب گهاٽ گهڙي.

ڏٺو ويو ته ڪن دماغي بيمارين ۾ جڏهن به مريض کي مرگهي ٿي ٿي ته سندس چريائي گهٽو وقت گهٽجي ٿي وئي. مرگهيءَ جهڙو اثر ڪنهن چڱي ڀلي ۾ به "ڪارڊيئيزول" جي سئيءَ يا بجليءَ جي ڏار مغز ۾ اچلڻ سان پيدا ڪري سگهجي ٿو. اهي طريقا چريائيءَ جي علاج ۾ مفيد ثابت ٿيا آهن.

<u>حواسي ڪَرُ</u>: معنيٰ حواسن مان ڪنهن به حواس جي مغز کي ڏنل خبر. هاڻي ڏسون ته حواسي ڪَرُن مان مغز سمجهه ڪيئن ٿو پيدا ڪري. ننڍڙي ٻارڙي کي جي لڪي لڪي پنيءَ ۾ سئيءَ سان چيڪو ڪبو ته هو هڪدم ايذاءُ محسوس ڪري. جي وينل هوندو ته ايذاءَ واري جاءِ ڏانهن هٿ ورائيندو ۽ جي پاسي پر ليٽيل هوندو ته ٻئيءَ پير اٿلڻ جي ڪوشش ڪندو. ان لاءِ ته ايذائيندڙ شيءِ پري ٿئي. پوءِ جي ڪجهه سمجهه وارو ٿيو هوندو ته ان کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو ته ڇا هو نه ته نهيو. ٿي گذري، پر مغز تي انهيءَ آزمودي جو ليڪو لڪجي ويو. اهڙو جو اصل نه ڊهي.

سئيءَ چمڙيءَ جي ڪنهن خابرو تنت جي پچڙيءَ کي چيڙيو. جنهن کي چئجي چونگ. چونگ جي اثر انهيءَ خابرو تنت تي بجلي ڊوڙائي جا ڪن ۾ وڃي مغز جي خابرو مرڪزن جي انهن جيو - گهرڙن ۾ پهتي جن جي شاخن جي پاڙ ٺهيل آهي ۽ چمڙيءَ جي انهي ايذايل جاءِ سان لاڳاپيل جنهن کي مغز سان ڳنڍي ٿي. مغز هڪدم تحرڪي مرڪز جي گهرڙن وسيلي تحرڪي تنتن تي بجلي ڊوڙائي، گهربل مشڪن کي چست ڪري، بدن ۾ اهڙي چرپر پيدا ڪئي، جنهنڪري بت ايذائيندڙ شيءِ کان پري ٿئي.

ايذاءَ جي حواسي ڪـَر، بدن جي چمڙيءَ واري حواس ڪان مغز ۾ پهتي ۽ تحرڪي ڪم جو حڪم بدن ڏانهن ويو. ٻئي ڪم، تنتن جي وسيلي بدن متعلق ٿيا. پر ذهن ۾ ڪو به خيال پيدا ڪونه ٿيو. اهڙي ڪم ڪي تنتي ڪم يعني"نروس ائڪشن" چئجي ٿو. نه ذهني خيالي ڪم. يعني "مينٽل ائڪشن" مغز ڪجهه به نه پروڙيو. نڪا اها خبر پيس ته ايذاءَ جو ڪارڻ ڪهڙو هو. نڪو ڪو خاص خيال ڪيائين، نڪو خاص حيلو هلايائين. ائين ته ڪنهن بيسمجهه جيت ڪي به ڇهبو ته دت هٽي پئجي رهندو. ٻار ۾ به ساڳيو هڪڙو عڪسي عمل ٿي چڪو پر خيال ۾ ڪجهه نه آيس ته ڇو ٿيو ڇا ٿيو. البت جي ايذاءُ سرس لڪايو هونداٿين ته ان جي تنوار مغز ۾ هوندس. ٻيو ڪجهه به نه. ان ڪي چئبو خالص احساس، جنهن نه مغز ۾ ڪو تحرڪ پيدا ڪيو نه پاڻ ئي ڪا مقرر خيالي صورت وٺي ذهني حيثيت حاصل ڪئي، اهو هو مغزي ڏوريءَ جو ڪم وڏي مغز فقط ايذاءُ لڪايو.

ڪجهه وقت ڪان پوءِ وري به لڪي ٻار ڪي اهڙو چيڪو ڪريو. هاڻي هڪدم هوشياريءَ سان بدن ڪي چورينڊو ڇاڪاڻ ته اهو عڪسي چڪر اڳ به عمل ۾ اچي چڪو آهي ۽ آزمودو اٿس. هاڻي البت وڏي مغز ۾ چتاءُ ٿيندس ته اڳ به ائين ٿيو ته هو انڪري هن حواسي ڪَر ڪي خالص حواسي ڪـَر ڪين چئبو. ڇاڪاڻ ته مغز ۾ به اڳين ياد پيدا ٿي، پر وري به اها خبر ڪانه پئي ته ڇا هو ڇا ٿيو. جنهن ڪي جيڪر پوري ذهني پروڙ چئجي.

هاڻي ٻار ڪي سئي ڏيکاريو ۽ سندس ڏسندي ڪتي ساڳيو چيڪو ڪريوس ته هو هڪدم انهيءَ ايذاءَ ڪي اڳين ٻن آزمودن سان ڳنڍي پروڙي ويندو ته اهي ايذاءَ به انهي شيءِ پيدا ڪيا هئا. هاڻي سندس ذهن ۾ ايذاءَ ۽ ايذائيندڙ شيءِ ٻنهي جي نمونن جي ڄاڻ پئي ۽ منجهن تعلق پيدا ٿيڻ ڪري ڪجهه قرابتي ڳهات پڻ گهڙجي ويا. هن ڪان پوءِ جي لڪائي چيڪو ڪبس ته ايذاءَ سان گڏ سئيءَ جي شڪل به ذهن ۾ تري ايندس ته اهو انهيءَ جو ڪم. هن سلسلي ڪي پروڙ ٿو چئجي. مغز ۾ پروڙ پيدا ٿئي ان لاءِ ضروري آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ٻه حواس مغز ڪي خبرون ڏين، جن تي ڪا مت قائم ڪري ڳٺڳوت ڪري سگهي. هن ويچار بعد شيءِ جي شڪل رنگ ۽ اثر ڪي ملائي ٻار ان بنسبت اوائلي خيال ناهيندو جنهن ڪي چئبو مت. پوءِ جيئن جيئن سئيءَ جي ٻين خصوصيتن ۽ ڪمن مان واقف ٿيندو ويندو، جيئن ته هٿ ۾ ڪٽڻ سان سندس وزن، سختي، لساڻ، تڏاڻ، ڇهنب، پاڪو وغيره تيئن ساڻس زياده قرابتي رشتا

ٺهندا ويندس ۽ اوائلي متيون پختن خيالن جي صورت وٺنديون رهنديون. ان کي چئبو ٻوجهه. هي ڪم نِـلو ذهن جو آهي ۽ مغز جي اندر ٿو ٿئي. يعني ته پورو ”مينٽل ائڪشن.“

وري جو وڏي هوندي خبر پوندس ته سڀئيءَ ۾ ڏاڍو وجهي سببو به آهي. سڀئي لوهه جي ٿهيل آهي وغيره ته پنهنجي پراڻي واقفيت سان تازي معلومات ڳنڍي، هنڌائي ترتيب وار علم بنائيندو ويندو. علم معنيٰ حقيقتن جو سلسليوار مجموعو. انهيءَ سلسليوار رٽ کي ٿو چئجي، حوصلو يا سمجهه. سچ چيو هو بيڪن ته علم حاصل ڪرڻو اٿوَ ته حقيقتون هٿ ڪريو، جن جي شاهدي حواس ڏين. خوابي خيالن مان نه وري.

چنڊ کي ڏسڻ سان مغز کي فقط اک جو هڪڙو حواس خبرون ٿو ڏئي، البت اک به طرحين طرحين خبرون ڪنيون ڪندي رهي آهي. مثال: چنڊ روز بروز نئين شڪل ٿو وٺي، چوڏهين تاريخ تي پورو گول ٿو ٿئي، چمڪي ٿو، منجهس ڪي داغ به آهن وغيره. پر چاڪاڻ ته ٻئي ڪنهن به حواس کي اتي پهچ حاصل ڪانه ٿي آهي ان ڪري ڪيس پروڙڻ مشڪل ٿي پيو آهي ۽ چنڊ بابت اسان جي ڄاڻ ڪا علمي حيثيت وٺي نٿي سگهي. هميشه حيرت ۾ ٿو رهجي ته اهو ڇا آهي. پروڙ، ٻوجهه، سمجهه کان ٻاهر، سندس متعلق ڪا به محققانه راءِ قائم ڪري نٿي سگهجي.

هاڻي معلوم ٿيو ته ڪيئن نه مغز حواسن رستي دنيوي شين جي ڄاڻ حاصل ڪري، ڪين خيالي صورت ۾ آڻي پنهنجو پنڊار پريندو ٿو رهي. ڪيئن پربت جيڏي جبل کي خيال جو روپ ڏئي پاڻ ۾ سانديو رکي، گهر ۾ چار شيون رکو ته پريو، پر مغز سڄي دنيا جي فرنيچر سمائڻ سان به اڃا خالي!

اسان تجربي خاطر چمڙيءَ کي سڀئيءَ سان چونگ ڏئي ذهن کي سوچ ۾ وڌو پر فطرت کهڙي رستي نئين آيل ٻار کي چونگون ڏئي پنهنجي پٺي تي پڙهائي. سو به ڪو مزيدار طريقو هوندو. فطرت جي چونگ دلچسپي آهي، جا اسان جي گهرجن جي آڙ ۾ ضروري شين لاءِ دلچسپي پيدا ڪري من جو ڌيان انهن ۾ ڪوڙي، ضرورتن پورين ڪرڻ لاءِ گهات گهڙيندي دنيا جي اسباب سان ذهني واقفيت ڳنڍيندي ٿي رهي، جيئن بک پيٽ کي چونگ ڏئي ٻار کي وياڪل ڪري سندس کاڌي جي ضرورت پوري ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿي ڪري. اها ڪا نه ڪا اندرين چونگ آهي جا ٻاهرين دنيا سان اسان جو تعلق ٿي جوڙي ۽ اها دلچسپي آهي جا اسان جو ڌيان گهربل شيءِ ۾ ڪوڙي ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ واجهه ٿي وجهي. گهر ويٺي آواز ته ڪيترائي ڪن تي پيا پون، پر ڪنهن خاص آواز ڏانهن ڇڪجي، ان کي ڪن لائي ٻڌڻ ۽ ورنائڻ

اهو ڪم دلچسپيءَ جو. جنهن جي دلچسپي جيڏانهن هوندي اهو گهربل آواز اونائيندو. جنهن جو ٻار سِتل هوندو ته ان جو ڪن ٻار جي رئڻ ڪي پيو ڪنائيندو. جنهن کي ڪنهن دوست جي اچڻ جو انتظار هوندو سو موٽر جا آواز پيو جاچيندو. وڏڙو ٻار آئيسڪريم واري جو آواز جهٽ ٻڌندو. اهي سڀ ڏيان دلچسپي تي پيدا ڪري.

دنيا جي غلغش ۾، ذهن کي هڪ طرفو ڪري سوچڻ لاءِ به دلچسپيءَ جي ضرورت آهي، نه ته ماستر صاحب جي سمجهاڻي، پروڙ ۾ اچڻ ڪان سواءِ آواز جي صورت ۾ ئي ايندي ۽ نڪرندي رهندي، پر ذهن ۾ ڪا به خيالي صورت ڪانه وٺندي. دنيا سان قرابتي رشتيداريون فقط دلچسپيءَ سان ئي ٿي سگهن ٿيون. جا هڪ وڏو وسيلو آهي. حواسي ڪرن جي چونڊڻ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جو. سمجهه به انهي چونڊ ۽ ڇنڊڇاڻ جي صفائيءَ سان ٻڌل آهي، جا خيال کي چٽو ٿي ڪري، نه ته خيال منجهيل هئڻ سبب نه چٽ ۾ جاءِ وٺندو نه جتاءُ ڪندو.

حواسي ڪرن جو احساس ۽ پروڙ ۾ فرق: ٻي سمجهه ٻار به چنڊ ڏسندو پر پروڙ ۾ ڪين ايندس ته ڇا آهي، ڇا نه آهي. چوڏهين جي چنڊ ڏسندي جي خيال پيدا ٿئي ته چنڊ چوڏهين جو آهي ته اهو ڪم پروڙ جو. اجا به جي ڪو محسوس ڪري ته سارو چنڊ هڪجهڙو روشن نه آهي، منجهس ڪي گهٽ روشن جايون يعني داغ به آهن. وري داغ به جهڙا سهي جا ڪن. شنبڪ وانگر پيو لڳي! وري دل پئي چوي ته جهڙو سنڌ جو نقشو. هاڻي ته ذهني پيچ - گهڙ، پروڙ ڪان مٿيرو هلي، ڪنهن قدر سمجهه کي ويجهو پئي آهي.

تڪميلي متو: چنڊ کي ويچاريندي پروڙ جو هڪ وڏو اصول به پڌرو ٿي ٿو پوي. جنهن کي تڪميلي متو ٿو چئجي. تڪميلي متي جو چوڻ آهي ته ذهن ڪنهن به منجهيل شيءِ کي بي ترتيب صورت ۾ سمجهه ۾ نه آڻيندو. جيسين ان کي ڪنهن اڳي ڏٺل شڪل يا شيءِ يا سندس ڀاڱن مان ڪنهن سان نه ڀيٽي، يعني ته سندس ڪٽل ٽڪرن ۾ پنهنجي تصور مان پرزا شامل ڪري ڪيس ڪا پوري ترتيبوار مڪمل صورت نه ڏئي، جيئن اسان چنڊ جي بي معنيٰ داغن کي ڪنهن گاهل - ماهل صورت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي.

شام جو جڏهن سج لهڻ جو نظارو آسمان ۾ ڏسبو آهي تڏهن ان کي باهه سان مشابهه ڪبو آهي، ڇاڪاڻ ته منجهس باهه وارا رنگ ڏسبا آهن. بعضي جڏهن آسمان سنهڙين ڳتيل ڪڪرين سان ڇانيل ڏسبو آهي ته

ان کي ”تتر ڪرڙي“ چئبو آهي. اهڙيءَ طرح هر ڪو نظارو ڪنهن واقف شيءِ جي صورت ۾ پروڙبو آهي نہ تہ مغز ۾ جاءِ نہ وٺندو ۽ ڪُرن جي صورت ۾ ئي گم ٿي ويندو.

حواسي ڪَرن جي ماپ: ڏيگهہ، ويڪر، اُڀائي جاميٽريءَ جون ماپون آهن ۽ حواسي ڪُرن جا درجا آهن (1) سندن نمونو (2) تيزي (3) جٽاءُ. حواسي ڪـُر اثر پيدا تڏهن ڪندي، جڏهن سندس هر هڪ وصف ڪنهن حد کان گهٽ نہ هوندي، پر جي ڪا بہ وصف ٻڙي ٿي تہ جاميٽريءَ وانگر نتيجو هتي بہ ٻڙي ٿيندو. البت هتي محسوس ڪندڙ جي ذهني ڪيفيت بہ وڏو اثر ٿي رکي، جنهن جي سچيتيءَ کان سواءِ ڪيتري بہ تيز حواسي ڪـُر بي اثر رهندي.

سمجهہ جا ڏوڪا: ڪنهن بہ ڳالهہ، خيال يا شيءِ کي هر ڪو پنهنجو موجود معلوميت ۽ آزمودي موجب ويچائيندو. بيخبر ڪنهن بلند هوائي جهاز کي پکي سمجهندو، پر ڄاڻو تہ سندس گهاٽ ۽ قسم بہ سڃاڻي ويندو. هڪواريءَ جي ڪنهن شيءِ جو نقشو ٻوجهہ جي درجي تي اچي چڪو تہ پوءِ جيڪا بہ اهڙي شيءِ پري کان ڏسڻ ۾ آئي جنهن جو هڪڙو پاسو ئي ان جهڙو هوندو تہ اها بہ ساڳي شيءِ سمجهبي، جيسين ان کي ويجهو وڃي سڀ پاسا ڏسجنس. واريءَ سان ڇانيل پوٺن تي رڄ، پاڻيءَ جي ڏيکاري ڏيندي، ٻهراڙيءَ ۾ واٽ هلندي ننڍن وڏن ڳوٺن ڏسڻ تي هري ٿو وڃجي. پوءِ جي پري کان ڪٽي کي ٿلهيون پٽون ئي نظر آيون تہ بہ سمجهبو تہ ڪو واهڻ آهي جيسين ويجهو وڃجين. منهن اونداهيءَ مهل پري کان ڪا گاهہ جي دن ڏٺي تہ بہ پانئبو تہ ڪو گهر آهي.

انهن حالتن ۾ نظر جون ڪُرون هڪ طرفي خبر ڏيڻ سبب غلط سمجهہ ٿيون پيدا ڪن ڇاڪاڻ جو ڪنهن گهر کي پري کان ڏسبو تہ گهڻو ڪري سندس سامهين پٽ ڏيکاربي. ظاهري اطوار تہ اهو ٿيو باقي گهر جا اندريان اطوار، سندس صفا، در، دريون، اڱڻ، اسباب سڀ تڪميلي مٽي موجب ڪم ڪندي مغز پنهنجي اڳين آزمودن پٽاندر ٺاهيو وڃي، جيتوڻيڪ اهي ڏسجن بہ ڪين ٿا. هتي نظر جي ڪُر پنهنجن اڳين قرابتي رشتن جي زور تي ڪيڏو نہ ٺاٺ ذهن جي اندر ٻڌيو وڃي. پروڙ، ٻوجهہ، سمجهہ سڀ ذهن جا ڪم آهن. جي قرابتي ناتا ڪپي ڇڏبا تہ سڀ گم ٿي وينديون، پر نظر جون ڪرون پوءِ بہ رهنديون، گهر جي پٽ ڏسبي پر گهر جو اندر مغز ۾ ڪونہ ايندو. ڪتاب جا اکر اکيون ڏسنديون پر مطلب مغز ۾ ڪونہ ايندو.

حواس جو ڪم آهي ذهن کي خبر ڏيڻ. حواس ذهن نه آهي پر جي حواس ڪريل هوندو ۽ غلط خبرون ڏيندو ته ذهن جو ڪم به ڪري پوندو. جي ٻار بورڊ جا اکر ٺي برابر ڪين ڏسي سگهندو هوندو ته صحيح سمجهه ڪيئن ساماڻبس. پر قصور سمجهه جو ڪين چئبو. ساڳيءَ طرح "اون اوسيڙو ۽ تانگهه" پروڙ کي مورڳو تيز ڪيو ڇڏين. جهنگ ۾ هلندي جي اُج به لڳي ته نه رڳو پتين کي گهر سمجهبو. پر اندر گهڙو پاڻيءَ جو ۽ چمڪٽو وٽو به پيو ڏيکاربو. وري جي ڪو بگهڙ جو ڪتڪو پيدا ٿيو ته ننڍڙا وڻ به بگهڙ جي ڏيکاري ڏيندا. ڪا ڪنڙن جي ويڙهه پري کان ڏٺي، ته ڦورن جي ٽولي سمجهي، ڪو رفيق هلندي هلندي جدا ٿي ويو ته ان کي ووڙيندي ڪا بندي ڏسبي ته به هڪلي وجبس ته اُهو آيو. ڪو ماڻهوءَ جو آواز ڪن پيو ته به پهرين انهيءَ وڇڙيل رفيق جو سمجهبو جيسين پڪ پوي. اڻتڻ ڪيترو نه سمجهه کي ڌوڪو ٿي ڏئي! مطلب ته جيترو ڪا خواهش مغز جو ڏيان هڪ طرفو ڪندي، اوترو جلد ذهن اها شيءِ محسوس ڪندو.

دماغي خلل ڪيترا اهڙن ڌوڪن جي ڪري ٿيندا آهن. سالم دماغ وارو به ڌوڪو کائي سگهي ٿو پر جلد ئي پروڙي ويندو ته پلو هوس. منجهيل مغز پاڻ کي غلطيءَ کان آجو ڪري ڪين سگهندو ۽ انهيءَ ڌوڪي ۾ ئي هلندو رهندو جيسين مغز جاءِ تئيس.

<u>حواسي دائره جي ترتيب جو ذهن تي اثر</u>: حواس سڀ مغز کي هوشيار تا ڪن. جڏهن به ڪجهه نظر تو اچي ته ذهن ۾ پروڙجڻ کان پهرين مغز ۾ "سجاڳي" پيدا ٿي ٿئي نه ته جيڪر ڏسجي به ڪين. مغز کي هوشيار ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته حواسي ڪَرُ ڪنهن قدر تيز هجي، جو اثر پيدا ڪري سگهي. جهيڻو آواز يا ڏنڌلو نظارو پورو اثر نه ڪندا. بعضي کي نظارا اهڙا به ڏسبا، جن جو نه منهن نه سر، نه رٽ نه رمز صفا بي تالا. سج لهندي آسمان جو نظارو بعضي اهڙو ته پلان ڦلان لڳندو آهي جنهن ۾ نه ريت نه رٽ. ڪٿان ڳاڙهو، ڪٿي پيلو، ڪٿي اڇا ڪارا ڪڪر، ڪٿي نيلو آسمان. بعضي ته وري رنگ اهڙا رٽائتا ۽ ترتيبوار ڏسبا، جڻ ته نقش چٽيو پيو آهي، هموار ۽ دلڪش. ظاهر آهي ته رٽ ۽ ترتيب ذهن ۾ جلد جاءِ ٿي وٺي، ڇاڪاڻ ته من کي وڻي ٿي. وري جو تارن پري رات جو آسمان ڏانهن نظر ڪبي ته تارا بنهه ترتيب ۽ ڪندريل ڏسبا. ڪي چمڪٽا ته ڪي ڏسڻ ۾ نه اچن. ڪٿي ڳت ڳتي پئي آهي ته ڪٿي ڳچ ٽڪر خالي. جيڪڏهن تارا به ڪن جاميٽريءَ جي شڪلين پٽاندر بيٺل هجن ها ته آسمان جو نقشو به ڪڏ هوڪو گهٽن جي مغز ۾ اچي وڃي ها.

منجهيل حالتن کي سمجهڻ لاءِ مغز پنهنجي قرابتي ايراضين جي توسلي سان، وائڙين حواسي ڪُرن کي رتائتي ڪرڻ ۽ سمجهڻ لاءِ هيٺيون تجويزون ڪم ٿو آڻي:

(1) رتڻ ۽ ترتيب ڏيڻ: جيڪي ويجهيون شيون ڏسبيون تن کي گڏي جملا ٺاهڻ، جيئن تارن ۾ ڪتيءَ جو جهڳٽو. جي اٺ ڄڻا ٻن چوُنڪڙين ۾ ويٺا ڏٺا ته چئبو ته چار- چار ٻن جملن ۾ ويٺا هئا. جي ٻه ليڪون بنهه پرسان هونديون ته ٻٽي ليڪ چئبس. نه ته ٻه ڌار ليڪون.

(2) هڪجهڙائي: چمڪٽا تارا ڪيترو به پري هجن پر هڪجهڙائيءَ ڪري ڌار ڪري وجبا. ميوي جي ڍڳ ۾ جنس جنس جا عدد ڌار ڪبا، اَٺ انب، ويهه ڪيلا وغيره. ماڻهن جي ميڙ ۾ مرد زالون ڇوڪرا ڇوڪريون ڳڻي وجبا.

(3) سلسلو: ٽيڙو، سلسلي جي ڪري مغز ۾ ويهي ويو آهي.

(4) پوري شڪل ڏيڻ: ڪوهه، ڪٽ، ٻيڙي، وچون. تارن ۾ رتي ته چڏيا اٿئون، پر سالم شڪل ته ڪنهن جي به ڪانه ٿي لڳي، البت تڪميلي متي موجب ڪوٺ کي تصور سان پربو چڏيون.

(5) سدولائي: چنڊ پوري گول هئڻ سبب ڪنهن ڏنگي ڦڏي ڪڪر ڪان جلد ٻار جي ذهن ۾ ٻه جاءِ وٺي ويندو.

(6) ڇِٽ ۽ پَٽ: جيڪڏهن ڪپڙي تي ڪو گل پريل هوندو ته گل ٿيو ڇٽ ۽ ڪپڙو پٽ. وڻ جو گل يا ميوو چئبو ڇٽ ته پن ٿيا پٽ. ڪنهن جبل کي ڏسبو ته سندس پٺ ٿيندو آسمان. فوٽي ۾ ماڻهو ڇٽ ته باقي اوسو پاسو سندس پٽ. ساڳيو توسلو ٻين حواسن سان به لاڳو آهي. راڳيندڙ ڇٽ ته سندس سازن وارا پٽ. شرنايو ڇٽ ته دهلاري پٽ. ذائقي ۾ ڪباب ڇٽ ته ماني پٽ. مطلب ته مکيه نروار شيءِ کي ڇٽ ٿو چئجي ۽ ٻين کي پٽ. قلعي تي توب رکيل ڏسجي ته توب ڇٽ، قلعو پٽ. پر جي توب تي طوطو ويٺو هجي ته توب کي پٽ چئبو ۽ طوطي کي ڇٽ. مطلب ته ڇٽ کي سندس پٽ چٽو ڪري ٿو بيهاري. ان ڪري پٽ هميشه جهڪو رکجي ته ڇٽ چٽو ڏسڻ ۾ اچي.

لِڪَ: ڇٽ ۽ پٽ جي اصول موجب ڪٽي به ڪنهن جو ڏيان ڇڪي سگهجي ٿو.پر جي پانئجي ته ڪنهن جو ڏيان نه ڇڪجي ته لڪ ڪبي آهي يعني ته ڇٽ ۽ پٽ ٻئي اهڙا رکبا جيئن ڇٽ چٽو نه ڏيکارجي. جيڪڏهن ڪا توب جهنگ ۾ رکجي ته ان جو رنگ به اهڙو ڪجي. جهڙو پروارين شين جو. قدرت ته پنهنجن جيون کي جيئندان ڏيڻ لاءِ لڪ جو اصول گهٽي قدر ڪم آندو آهي. متيءَ ۾ هلندڙ ڪيڙن ۽

بلائن جو رنگ بہ متيءَ جهڙو. اڪ مڪڙ، سائي گاهہ ۾ يا وڻ تي ويٺو هوندو تہ ڏسبوئي ڪين. جهڙا پوپٽ اهڙا گل.

بعضي هلندي هلندي ڪا شيءِ ڏيان ڇڪائي وري ٽڙي ويندي. تتر جي چپ هٽي ويٺو تہ شڪاري ويٺو ڳوليس. جهنگ جا جانور تہ عام طرح لڪ جي تجويز سان جان بچائيندا رهندا آهن.

گيستالت متو: گيستالت لفظ جي معنيٰ ئي آهي شڪل يا صورت. جڏهن ٻار پنهنجي ماءُ کي ڏسي ٿو تہ هن جو سارو قد بت سندس ذهن نشين ٿو ٿئي وري جڏهن اسڪول ۾ بورڊ، رول، ميز بينچ ٿو ڏسي تہ هرهڪ جي پوري شڪل ٿو پروڙي. متي ڏيڪاريل تجويزون جيڪي ذهن، منجهيل صورتن کي سمجهڻ لاءِ ڪم ٿو آڻي، سي سندس ذاتي ڄائي ڄم جون لياقتون آهن يا پوءِ آزمودي مان ٿو پرائي، اها گهڻو وقت تڪراري ۽ فيصلي طلب ڳالهہ رهي آهي. قديم من ودوانن ائين ٿي سمجهيو تہ من اُهي لياقتون تجربي مان ٿورو ٿورو ڪري حاصل ٿو ڪري. هنن جو چوڻ هو تہ ٻار جي حواسي دنيا منجهيل ۽ باريڪ حواسي ڪُرن جي تي ٿئي، جن کي پوءِ هو ترتيبوار ڪري موڙي جوڙي جداگانہ صورت ڏئي حواسي نشان ٿو ٺاهي. انهيءَ متي تي اسٽائوٽ 1896ع ۾ ردبدل شروع ڪئي ۽ پوءِ بہ ڪيترا جرمن محقق گيستالت متي جا حامي ٿيڻ لڳا. هنن جو رايو هو تہ مغز ڄائي ڄم کان پوريون شيون احساس ۾ ٿو آڻي ۽ نہ ذرو ذرو ڪري. ڄمڻ کان پوءِ آزمودي مان ٿو پروڙي. البت شين جي سڃاڻپ ۽ واقفيت آزمودو ٿو ڏئيس. پر ڏسي ساري شڪل هڪدم ٿو، نہ ذرو ذرو ڪري، جيئن جو گيستالت جي لفظي معنيٰ ئي آهي شڪل يا بيهڪ.

ٻار ڪيئن ٿو شيون ڏسي ۽ پروڙي ان بابت ڪا ثابتي هٿ ڪانہ آئي آهي. باقي اهڙا ٻار جي ڄائي ڄم کان بي نور هئا ۽ پوءِ ڪين آپريشن جي ذريعي نظر ملي، سي ڏسڻ سان ئي سڄون ساريون پوريون شيون ڏسڻ لڳا نہ ذرو ذرو ڪري. البت انهن شين جي ڄاڻ ڪانہ هين. ان ڪري ڪين بروقت سڃاڻي نٿي سگهيا. انڌا جي ڇهڻ سان اکر پڙهندا هئا، تن جڏهن نظر سان اهي اکر پهرين ڏٺا تہ ڏسي پڙهي ڪين سگهيا. جيسين آڱر سان ڇهي سڃاتائون تہ ساڳيا اکر ڏسڻ سان ڪيئن تا لڳن. ساڳيءَ طرح ٻيون شيون جي ڇهڻ سان سڃاتل هئن، پر ڏسڻ سان سڃاڻي نہ سگهيا. جيسين واقفيت ٿين پر ڏسڻ ۾ سڄون ٿي آين. ظاهر آهي تہ شيءِ سموري ٿي ڏسجي. پل تہ ڪيترا بہ پاسا، ڪندون، گولايون هجنس.

جاءِ هجي، جبل هجي يا ڪو نظارو ته سارو ئي ڏسبو ته نمبروار پهرين هيءُ ۽ پاڳو پوءِ هو پاڳو. حواسن جو ڪم مڪمل شين سان آهي نه پرزن سان ۽ سمجهه حواسن جي ڏنل خبرن سان پڌل آهي.

ڪن جي حواس جو به ساڳيو ڪم آهي، هرهڪ راڳ ۾ سا، ري، گا، ما جا آواز آهن. پر انهن ڪي وقت وچوٽي ۽ مهل ۾ تبديل ڪرڻ ۽ ورچڻ سان هزارين راڳڻيون ۽ سر ٺهيو پون. جن جو روپ، رنگ، بيهڪ، اثر هرهڪ جو نرالو. آزمودو آهي ته ڪَنُ، راڳ جا ڌار ڌار آواز ساري، گا، ما محسوس ڪين ٿو ڪري پر ساري راڳڻيءَ جي ڇاپا، ۽ جي ڪٿي ڪا غلطي ٿي وئي ته چئبو ته راڳڻي نه بيٺي، پر ائين ڪين چئبو ته ري، غلط وئي يا گا غلط ٿي ويو.

پروڙڻ ۾ نه رڳو حواس ڪم ٿا ڪن پر اڳيان آزمودو، ذهني سٽا طبعي لاڙا، پنهنجون گهرجون ٻين جي صلاح وغيره ۾ ڪم ڪندا ٿا رهن.

(1) آزمودو: ڪو ماڻهو قد ۾ ننڍو ڏسڻ ۾ اچي ته آزمودي مان سمجهبو ته پري آهي، ڇٽي شيءِ ڏٺي ته سمجهبو ته ويجهي آهي.

(2) ذهني سٽا: ذهني سٽا يعني مغز جو رُخ. جي ذهني سٽا اوچتو بدلجي وئي ته مغز ۾ مونجهارو پيدا ٿيندو. سوال آهي ته هڪڙي بس ۾ ڇهه ڄڻا آهن. گهٽيءَ مان هلندي ٻئي نمبر گهر وٽ بيهي ٿي، جتي ٻه لهن ٿا، چار چڙهن ٿا. ڇهين نمبر گهر تي چار چڙهن ٿا ۽ هڪ لهي ٿو، ائين نمبر گهر تي ٻه لهن ٿا ٽي چڙهن ٿا. ٻڌايو ته بس گهڻا ڀيرا بيٺي؟ في الحال ته سڀ منجهي ويندا ڇاڪاڻ ته سلسلو اهڙو سٽيو ويو هو، جنهن مان ذهني سٽا وڃي ماڻهن جي ڳڻڻ تي ڪٽي هوندي، نه بس جي بيهڻ جي ڀيرن تي. ظاهر آهي ته ٻڌندڙ هيڪي جواب ڏنو هوندو. خيال کي هڪ طرف رجوع ڪري وري جو ڪٽي اوچتو رخ بدلبو ته في الحال ته مونجهارو وٺي ويندو.

(3) طبعي لاڙا: حقيقت ۾ طبعي لاڙا به ذهني سٽائون آهن، جن جي مدنظر ڪي مقرر مطلب ٿا ٿين. ڪنهن جو لاڙو مذهب ڏانهن، ڪنهن جو علم ڏانهن، ڪو راج سان، ڪو لڙائيءَ سان. سمجهه ته طبعي لاڙن جو اثر هيٺين تجربي مان ظاهر ٿيندو. ماليات، جماليات، سماجيات ۽ الاهيات جي اميدوارن کي خطي امتحان مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ ڪي لفظ فانوس جي وسيلي سيڪاريا ويا. لفظ هڪ هڪ ڪري ڏيکاريا ويا پر اهي، جن جو تعلق سندن ڪمن سان هو. مثال ماليات جي متعلق هئا. آمدني، وصولي، واپار، نفعو وغيره. جماليات بابت هئا: سونهن، راحت، نفس، لطافت وغيره ۽ ساڳيءَ طرح ٻين لاءِ. پوءِ

انهن کي ڇيو ويو ته ڏيکاريل لفظن مان ڪي به ٽي لفظ لکو ته انهن گهڻا لفظ اهڙا لکيا جي سندن ڪمن سان لاڳاپيل هئا. مثال الاهيات وارن لکيو: پاڪائي، پرهيزگاري، بهشت وغيره ته سماجيات وارن لکيو: پيائتي، لڇڻ، محبت وغيره.

(4) جذباتي ٺاٺ: اهو اثر متعصب ماڻهوءَ ۾ ته سولو ڏسي سگهبو، ڪن شخصن ۾ خار پيدا ڪري ، مثال شيعن ۾ سنين لاءِ يا مظلومن ۽ ظالمن لاءِ. بين غير متعصبن سان گڏي هڪڙي شڪلين جي لانڍ، هڪ هڪ ڪري ڏيکاري وئي . پهرين شڪل هئي ڪتُي جي، پوءِ ڪيترين شڪلين نمبروار ڪتي ڪان ڦرنديون وڃي ٻليءَ تي بيٺيون. هرهڪ کي فقط هڪڙي شڪل بابت لکڻو هو ته شڪل ڪنهن جي هئي، ڏٺو ويو ته تعصبين گهڻين وچولين شڪلين لاءِ لکيو ته، ڪتو.

(5) پروڙ تي گهرج جو اثر: ڪنهن شيءِ جي جاچي ڏسڻ مان اندازو ڪري سگهبو ته ماڻهو ڪهڙي شيءِ جو ڳولائو آهي، بازار جي نمائشي ڪٻٽن ۾ ڪو مردانين شين کي نهاريندو ڏسبو، ته ڪو زنانين کي، ته ڪو فقط غير ضروري سهڻين شين کي. بکايل جي اڳيان ڪا مبهم شيءِ يا ڪا اڻپوري شڪل رکو ته هو انهن ۾ ڪانه ڪا پنهنجي ڪائڻ جهڙي شيءِ ڏسندو.

(6) ٻين جي چٽي جو اثر: فانوس جي وسيلي هڪ شڪل لحظي لاءِ ڏيکاري وئي، شڪل ۾ ٻه ننڍا گول، وچين ليڪ سان ڳنڍيل هئا، جنهن ٽوليءَ کي ڇيو ويو ته شڪل عينڪ جهڙي هئي، پوري ڪمانن ڪان سواءِ عينڪ جي شڪل ڪڍي، جن کي ڇيو ويو ته شڪل "ڊمبيل" جهڙي هئي، انهن پورو ڊمبيل ڪڍيو. اصل شڪل ته بالڪل سادي هئي يعني ليڪ سان ڳنڍيل ٻه گول.

ڪن وجهڻ:

ڪُنِ وجهڻ معنيٰ گوش گذار ڪرڻ، صلاح يا راءِ ڏيڻ. اهو چوڻ صلاح يا رايو، نيڪ هجي يا بد، اڳلي جي فائدي لاءِ يا بنهه ڪيس گمراهه ڪري پنهنجي فائدي لاءِ، ان سان هتي اسان جو مطلب ڪونه آهي. هتي فقط اهو ڏسڻو آهي ته ڪنهن جي چٽي جو، ٻڌندڙ جي ذهن تي ڪهڙو ۽ ڪيترو اثر ٿو پوي.

معلوم آهي ته ٻار تي چٽي جو اثر وڏي ڪان گهڻو ٿو ٿئي. وڏو به جيڪو پنهنجي خيال، نفعي نقصان جاچڻ ۽ فيصلي جو ڪوچڙ هوندو سو ٻئي جي چٽي تي جهٽ لڳي ويندو. بنهه بيخيال کي پورو پرمتڙيو ڇٽبو ۽ بنهه خود خيال کي پورو پنهنجي مرضيءَ وارو اڙٻنگ، جنهن تي ڪنهن جي نيڪ صلاح به اثر نه ڪري. وچين وهه وارا وري ٻين جي چوڻ ۾ ڪجهه پنهنجو خيال به شامل ڪري ڪڍي ڪا

راءِ قائم ڪندا، پر پوري خوض ۽ ويچار وارا ذري ذري ڳالهه ڪي ڳڻتي ڳوپي متيپيد لهندا ته فلاڻي جو هيئن چيو سو ڪهڙي مطلب سان. ان ۾ منهنجي ڀلائي يا نقصان؟

روزه مرهه جي هلچل ۾ اسين اهو وچون وهه وٺندا آهيون پوءِ ڪٿي ڪٽيو ڪٿي هارايو. پر منزل ڪڏي وڃبي آهي. البت جي چوڻ واري جي ديانتداريءَ ۾ شڪ هجي پوءِ ته حواسن ڪي پوريءَ طرح ڪليل رکڻ ضروري ٿيندو. هونءَ ته واپاري چوندو ته هيءُ سير، هيءُ پاءُ، هيءُ هيترو آهي، چڱو ٺهيو. هيءُ زعفران آهي. چڱو. پيٽرول پمپ وارو آواز ڏيندو ته اٺ گئلن آيا، چڱو. پر ڪجهه نظر پنهنجي به چست هئڻ مناسب آهي. البت هر هڪ شيءِ ڪي برابر تپاسڻ ته ورچايو وڃهي. بعضي ته ڪير وارو چوندو ته بنهه نجو ڪير آهي ۽ خاطري به هوندي ته اڌ ڊبيءَ جو مکڻ نڪتل ڪير ۽ اڌ پائوڊر جو پاڻي هوندو ته به چئبو ته ٺهيو ڀلا ڇا ڪجي! ساڳي حالت آهي روزانن ٻين ڪمن، ڳالهين ۾ ۽ خيالن جي.

تشويش ۽ بدني توڙي ذهني ٿڪ ته هڪدم ٻين جو چوڻ قبول ڪرائي ڇڏيندو. اهڙن منجهلن ۽ ٿڪلن جي آسري تي ته نجومي، هٿ ڏسڻ وارا، تعويذن ۽ طلسمن ڪرڻ وارا پنهنجو سڪيو گذر ڪندا ٿا رهن. نه رڳو پرمتڙيا پر چڱا پڙهيل به انهن جي ڦندي ۾ اٽڪي اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن، جي ڪل جهڙيون، پر نجومين جون ڳالهيون به سندن چيو ٿيو. سندن نيت الائي ڪهڙي.

مسمريزم وارا ته ڪلم ڪلا ٽڪ پيدا ڪري پنهنجي چئي جو اثر ڪنهن جي دماغي ڪمزورين تي وجهندا آهن. سندس سامهون تيز روشني رکندا ۽ هو ان ۾ اکيون کوڙي ڏسندو. جڏهن پائيندا ته هاڻي مغز موڳو ٿيو هوندس تڏهن هن تي پنهنجي چئي جو اثر وجهندا "هاڻي تنهنجون اکيون ڳوريون ٿيون آهن....بالڪل ڳوريون. ننڊاکريون... بنهه ننڊاکريون. هاڻي ڄاڻ ته توکي ننڊ آئي... آئي ڪي آئي." ائين ڪندي ننڊ آڻي ڇڏيندس. هن جي مغز ۾ ايتري طاقت نه رهندي، جو سندس چئي جي خلاف ڪجهه عقل به ڪم ڪري. "تنهنجي نرڙ تي مک ويٺي آهي، ان کي هڪل، ته هو هٿ کڻي ان کي هڪليندو ، حالانڪ اهو رڳو عامل جو چوڻ هو نه حقيقت. "هاڻي پنهنجا ڪپڙا متاءِ" ته هو ائين ڪندو ۽ بالڪل بيخياليءَ سان.

مسمريزم رستي ڪيترن دماغي خللن ۽ وهمن جو علاج به ڪندا آهن ته هاڻي توکي سور لهي ويو. صفا لهي ويو. سور ڪونهي، بالڪل ڪونهي، بنهه ڪونهي. تانڪ ماڻهو سجاڳ ٿيو ته سور به ڪونه پائيندو. اهڙن علاجن لاءِ به بنهه دماغي ڪمزور، دربدر ٿيندا آهن يا مطلبي استاد.

خواب، وقل، اوتارا بلڪ ننڍ ۾ هنڌ ڇڏي گهمي ڦري وري اچي هنڌ ۾ پوڻ، حقيقتون آهن. پر اجا ته ننڊ بابت به پوري ڇنڊڇاڻ ڪونهي ته ڪيئن ٿي اچي!

ذهني ستا، لاڙن ۽ رغبتن ۾ فرق: هر ڪنهن جي ذهني ستا ساڳي نٿي ٿي، ڇاڪاڻ جو طبعي لاڙا ۽ رغبتون جي فقط واٽون آهن، پنهنجن مطلبن حاصل ڪرڻ جون. هر ڪو پنهنجي ماحول ۽ وس موجب تجويز ٿو ڪري. هر ڪو ڄائي ڄم کان ذاتي طلبون ساڻ ٿو آڻي، جيئن ته کاڌي جي ضرورت ۽ پرايل مطلب، جيئن ته آسودگيءَ جو سامان هر وقت سندس مدنظر رهن ٿا. جن جي پورائي لاءِ هو پنهنجي جسمي ۽ مالي پهچنديءَ آهر اپاءَ پيدا ڪندو ٿو رهي. جتي ڪنهن جي دل جي چاهنا سندس موروثي حاصلات پوري نٿي ڪري سگهي ته ڪيس ڪو هنر يا علم پرائڻو ٿو پوي. ان ڪي ٿو چئجي تعليم، جا اڪرن جو علم ڏئي يا ڪنهن هنر جو. اها تعليم هرڪو پنهنجي وس آهي ڪيتري ۽ ڪهڙي حاصل ڪرڻ جي مدعا مقرر ڪري، ان موجب پنهنجا لاڙا ۽ رغبتون پنهنجي روش ۾ ڏيکارڻ ٿو لڳي ۽ هر ڪنهن جون ضرورتون ماحول ۽ خيال مختلف هئڻ سبب، هر ڪنهن جي ذهني ستا نرالي صورت ٿي وٺي.

رفته رفته اهي ضرورتون پورين ڪرڻ جون واٽون رسمي ٿي ويون آهن ۽ پڙهڻ، هنر پرائڻ يا ڪو ڌنڌو ڪرڻ عادتي صورتون وٺي چڪيون آهن. ڪو به خيال ڪونه ٿو ڪري ته ڇو يا ڇا. ان ڪري ڪا بهتريءَ جي صورت به ڪانه ٿي نڪري، ڇڙڪ خيال جي حد اها آهي. رسم روز مره جي روش ڪي سولو ضرور ڪري ٿي پر بهتر ڪانه ٿي ڪري. بهتري واڌاري سان ٿيندي. ترقي چستيءَ جو نتيجو نه سستيءَ جو، ۽ رسمي حالتون هڪڙي ڍنڍ جي مثال آهن، جتي پاڻي لاڳيتي بيهڻ ڪري ڪنو ٿيندو رهندو. ضروري آهي ته تعليم جو رخ بلنديءَ ڏانهن رهي نه ته تنزل لازمي ٿيندو.

ڌيان:

جاڳندي ته پل پل من ۾ ڪيترائي خيال، موجي من گهڙتون، حواسي ڪرون، وسوسا لاڳيتا هلندائي رهن ٿا، پر پوري پروڙ يعني سچيتيءَ ۾ بنهه ڪي ٿورا ٿا اچن. عيد نماز جي خطبي ٻڌندي، جڏهن چت ڪي پوريءَ طرح ان ۾ لڳائڻ جي ڪوشش ڪبي آهي تڏهن به گهٽيءَ وارين گاڏين جي آواز، ٻارن جي ڊڪ ڊوڙ، اگربتين جي خوشبو يا مسجد جي چٽساليءَ ۾ گهٽي قدر ڌيان ورهجي ويندو آهي، ويتر جي اتي ڪا خيرات جي ٽولي اوڳر تي ۽ ڌسبو ته ٻئون به غسلخاني ۾ رهجي ويو ته ڌيان خطبي مان بنهه نڪري ويندو. پوءِ واعظ جو آواز، حرام جو سمجهه ۾ اچي. اهو ان ڪري جو سچيتيءَ تي ڪن ٻين

اثرائتين حقيقتن جو اثر پئجي چڪو آهي. ظاهر آهي ته ڌيان سچيتيءَ جي پسنديءَ سان ٻڌل ٿو رهي، جيڏانهن به چڪيس، من ۾ ڪئين ڳالهيون هلنديون ٿيون رهن ۽ ڌيان به پنهنجو مرڪز بدلائيندي ايترو ته ٿورو ٽي وڃي جو ڪا به خيالي صورت چٽائيءَ ۾ نه اچي. ڌيان پروڙ ڪي پوريءَ طرح هڪ هنڌ ڪوڙڻ ڪي چئجي ٿو.

ڌيان ڪي قائم رکڻ جا ٻه رستا آهن: (1) مفعولي (2) فاعلي. مفعولي اهي ڳالهيون آهن جي خود مغز ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪين ۽ فاعلي منحصر آهن خود من جي لاڙن، رغبتن گهر، پسنديءَ ۽ دلچسپيءَ تي. ڪا به ڳالهه ڌيان تي آٽٽي هجي ته فاعل جي دلچسپيءَ ڪي خيال ۾ رکي ان ڪي اهڙو رنگ ڏجي جو هن ۾ دلچسپي پيدا ڪري ته سندس ڌيان ڇڪجي. اڄڪلهه اهو اصول اشتهاري هنر ۾ گهٽي قدر ڪم آندو ٿو وڃي. ڪيئن نه اشتهار ڪشش تا ڪن، ڪانه ڪا سونهن منجهن شامل ضرور آهي جا ڌيان ڇڪي. ان ڪان سواءِ ٻيون ڳالهيون به ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڪارگر آهن جيئن ته:

(1) تيزي: تکو آواز يا تيز رنگ ڌيان ڇڪائي ٿو. ان ڪري جهيڙن ۽ مناظرن ۾ طرفين آواز ڪي تکو ڪندا رهندا آهن ته ٻڌندڙن تي اثر پوي. هوٽلن وارا ته لائوڊ اسپيڪر ڪم آڻيندا آهن. رنگن رنگن جا شيشا پري رکندا آهن، يا رنگين بلب لڳائي ڌيان ڇڪائيندا آهن.

(2) مقدار: معمولي ماپن ڪي مدنظر رکندي جي ڪا بُند جيڏي پينسل ڏجي ته هڪدم ڌيان ڇڪيندي.

(3) ڇُرپُر: ڪنهن به چرندڙ يا صورت بدلائيندڙ شيءِ ڪي ڌيان ڇڪائڻ جي خاصيت آهي، انهي خيال تي واپاري پنهنجن نمائشي ڪبٽن ڪي سينگاري منجهن روشنيءَ جو اهڙو بندوبست رکندا آهن جو بلب پاٽيهي وسامندا ٻرندا رهن، يا ڪڏهن اڇا ٻرن، ڪڏهن رنگين، يا ڪا ريل گاڏي رکندا جا هلندي رهي يا رنگين پاٽي شيشي جي بلبن ۾ ڦرندو رهي. چوڏول ۽ ميري گورائونڊ ۾ به ساڳي ڪشش ٻارن ڪي ڇڪيندي آهي.

ٻين حواسن تي به ساڳيو اثر ٿو ٿئي، ڪو آواز گهٽ تي تيز ٿئي، وري گهٽجي ته هڪ ڪري آواز ڪان گهٽو ڌيان ڇڪائيندو. تقرير ڪرڻ وقت هن اثر جو فائدو وٺڻ گهرجي ۽ وقت بوقت آواز جو وزن سرتال ڦيرائيندو رهجي.

(4) ورجائڻ: وري وري ڪجهه چوڻ يا ڪرڻ سان به ڌيان ڇڪجي ٿو جيسين ان سان هري وڃجي. پوءِ ايتري دلچسپي نه رهندي. دروازي تي ته ٿي پيرا ٺڪ ٺڪ ڪرڻ ۾ به اهوئي راز آهي، هڪڙو ٺڙڪو يا هلڪو آواز ايترو اثر نه ڪندو.

(5) ڊؤل: ڪا به سڌي سوڌي ترتيب واري شيءِ ناهمار ۽ بيڊؤلي شڪل کان زياده ڌيان ڇڪائيندي. ان ڪري اشتهار اهو اثر رکندو جيڪو ليڪن جو چوڪڙيءَ اندر هوندو ۽ منجهس دلپذير خالي جڳهيون ۽ ٽلها اکر هوندا.

(6) نواڻ: ڪا به نئين ڍنگ رنگ جي شيءِ يا حقيقت ڌيان ڇڪيندي. ميونسپالٽيءَ جي پريذيڊنٽ کي ڀاري پائيندو ڏسبو ته هرڪو واٺهڙو ڏسڻ لڳندس. ڪو باغيچي ۾ نئون گل ڦٽو ته ڌيان ڇڪائيندو.

ڌيان جا فاعلي فقرا:

شيءِ ڪهڙي به هجي پر جيسين فاعل جي ڪنهن نفسي اوٽ تي سندس اشتهار اثر نه ڪيو آهي، تيسين ڌيان تي نه ايندي.ڪي هيسائڻ لاءِ ڊپ کي پڙڪائيندا.”خبردار ملڪ ۾ ملڪيت جو ڪو احساس ڪونه رهيو آهي. قوم تباهه ٿيڻ تي آهي“ يا ”ملڪ ۾ سلهه جي باهه پڙڪي اٿي آهي“ ڪنهن جي خودداريءَ کي جاڳائڻ لاءِ چوندا ”اي غافلو!“ يا ”اي اهل تميز!“ کهل کي اڀارڻ لاءِ وري ضعيف ۽ بيمار ٻارن جي ٽولي ڪري ڇاپيندا يا هڪ توانو تندرست ٻار. ٻاڙرن لاءِ دلچسپيون پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيندا. جفتي اوٽ ته هر هنڌ شايد ڪارگر ٿي رهي آهي، هر ڪنهن اشتهاري شيءِ جي پرسان ڪا پري پيڪر نازنين به هوندي پوءِ ڌيان ڪيئن نه ڇڪجي! وري ڪو لڙائيءَ جو موقعو بڻيو تهورديءَ ۾ جوان تمغن ۽ هٿيارن سان نوجوانن کي ڀرتي ٿيڻ تي ڇڪيندو. تعجب کي تيش ڏيڻ لاءِ لکندا: ”هي خالي جڳهه جلد ڪنهن دلچسپ احوال سان ڀربي. انتظار ڪريو.“

رنگ به سڀ عام پسند نه آهن. ڪو ڪنهن کي وڻي ڪو ڪنهن کي ٻچان ڏئي. سوار گهوڙن کي جاچي، قدامت پسند آڳاٽين شين کي، ڪوجنا پسند ڇُرن ۽ غارن کي، حياتيات سان دلچسپي رکندڙ رنگين مکين ۽ پوپٽن ۾ محو. ٻار جو روئڻ ماءُ جهٽ ٻڌي، پنهنجي نالي تي ته هرڪو عاشق . اجا ڪو اهڙو پڙلاءُ پيس ته ڪن ڪڙا ڪندو.

ڌيان تي نه رڳو دلچسپيءَ جو اثر آهي پر طبعي لاڙن، موڙن، رغبتن، پـَهن پـَورن جو به گهرو اثر ٿو رهي. ڪو صفائي پسند شل نه باغيچي تي ڪو پني جو ذرو ڏسي ته ڪٽڻ کان ڪين رهندو. ڪتي ڪک پيو نه

سهندو. ڪنهن جي دل ۾ پور پيو ته دنيا کان ڦري وئي آهي ، پوءِ شل نه ڪنهن ۾ اٽلڪي بيرخي ڏسي ته هڪدم محسوس ڪندو جا رواجي حالتن ۾ بالڪل ڪين لڪائي ها. جي ڪنهن کي بيمارين يا ناڪامين پست همت ڪري وڌو ته وينو سوڻ جاچيندو. ڏنائين ڪانوَن جو ڪانگيرو ته موت پوئتي. اڄ سوڻ ستو نه ٿيو. پادر اونڌو ٿيس ته قسمت ئي اونڌي. جي ڪا رات جو ڪُتي اونائي ڪئي ته اهو آسمان مان ڪا آفت لهندي ڏسي ٿو دانهون ڪري. مطلب ته دلچسپيءَ ۽ پور موجب هر ڪا خسيس شيءِ به وڏو اثر رکندي. وري جي ڪيڏانهن طبعيت جو رخ نه هوندو ته ڳوري ڳالهه به بي اثر رهندي. پوءِ پلي ان بيخياليءَ جا نتيجا ستائيندا رهنس پر وقت تي ڌيان نه ڇڪائيندس.سچ ته پنهنجو مغز اسان کي ٻين کان گهٽا ڏوڪا ٿو ڏئي، ڏوهه ته هميشه ٻين کي ڏبو آهي ته مون سان فلاڻي هيئن ڪيو، فلاڻي هونءَ ڪيو پر پاڻ کي ڏسڻ کان هرڪو پري.

رستي تي هلندي به هر ڪو پنهنجي رغبتن ۽ دلچسپيءَ موجب نظر ڦيرائيندو. نظر ڪم آڻڻ بابت سبق نه پڙهيو اٿئون پر اهو معلوم ڪونه ڪيو هوسين ته دل جي گهر کان سواءِ يادگيري به ڪنهن جي ڪانه رهندي. رڳو هڪڙي دڪان جون سڀ شيون ڌيان ۾ آڻڻ به ناممڪن ڪم آهي. شاگرد جو خيال ڪتابن جو دڪان ڇڪيندو، سگريٽ جو دڪان ٻيڙي پياڪ جو، جنهن سان جنهن شيءِ جي رغبت يا واقفيت اهو ان ڏانهن لڙندو. اها دلچسپي آهي، جا هر ڪنهن کي گهيريو وجي.

وٿيرڪو ڌيان: گهڻين ڳالهين کي ڌيان ۾ رکندي ڌيان به ورهبو ۽ سارو هڪ طرف نه رهندو. اها به حقيقت آهي ته ٻن ڳالهين تي ساڳئي وقت ويچار ڪرڻ معمولي نه آهي، ان ڪري ڌيان وٿيرڪو ٿي نٿو سگهي. ممڪن آهي ته جن ٻن ڳالهين تي ويچار ٿو ڪجي، سي مڪيه ويچار طلب ڳالهه جا لاڳاپيل جزا هجن، پر جي برابر ٻه ڌار ڳالهيون هونديون ته ڪانه ڪا هيٺ ڏيکاريل صورتن مان هڪڙي هوندي: (1) ٻن مان فقط هڪڙي ڳالهه ڌيان طلب هجي. جن کي مڙهڻ جي پوري مشق هوندي، سي ساڳئي وقت پڙهي به سگهندا، ڇاڪاڻ ته پڙهڻ تي ڌيان ڏيڻ جي لاڳيتي ضرورت ڪانه ٿي ٿئين. بعضي ته ڪنهن کي ڪڻ تي اٽڪ ٿي يا نمونو بدلبو ته پڙهڻ کان ڌيان وقتي ڦيرڻو ٿيندو. (2) ائين به ٿي سگهي ٿو ته ڌيان ٻن ڳالهين ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو ڦرندو رهي. مجلس ۾، پرواري سان به ڪن رس ڪبو اڇبو آهي ۽ اجلاس جي مدنظر مباحثي تي به خيال ڏبو رهبو آهي، پر ڪنهن به وقت ٻنهي تي لاڳيتو ڌيان ڏئي ڪين سگهبو، يا هيڏي ٿيندو يا هوڏي. جيڪڏهن ڪنهن کي ڪي رقمون جوڙ ڪرڻ لاءِ ڏجن ۽ ڪيس گڏوگڏ

چئجي پڙهي ٻڌاءِ وري جو چئجيس ته لکي ڏي ته اهڙي ڪم ۾ چاليهه سيڪڙو غلطي ضرور ٿيندي. (3) وٿيرڪو ڌيان. بعضي اتي محسوس ڪبو آهي، جتي چِٽ، نه ته ڪن جدا مسئلن ۾ مشغول هوندو آهي پر هڪڙي پيچيدي شيءِ ۾. نار جي ارڙي مالهه ۾ سارو نار ٿي شيون آهن پر هڪ ڪان ٻي پيچيدي. جڏهن نار جي ذري پرزي سان واقفيت ٿي وئي ته نار سارو هڪ شيءِ ٿي پوندو ۽ خيال ڪرڻ ٿي سنڌس سڀ پرزا ڪم ڪندي تصور ۾ هڪدم آڻي سگهبا. پوءِ جي ٻه ٿي نار لاڳيتا هلندا هوندا ته ٻه سيني تي نظر رکي سگهبي نه ته هڪڙي شيءِ آهي پر هڪجهڙين شين جو ميڙ.

ٻوجهه جو دائرو: من وديا جي هڪ دلچسپ ڪوجنا اها رهي آهي ته ڪيڏي ايراضيءَ جون شيون وچور وار هڪ لمحي ۾ ٻوجهه ۾ اچي سگهن ٿيون. هڪ جهٽڪٽي بتيءَ جي وسيلي ڏسڻ واري ڪي ڪي شڪلين يا ٻڙين وارا پتا سيڪنڊ جي ڪا پتي ڏيکاري سنڌس تعداد پڇيو ويندو آهي ته گهٽا ايڪا هئا؟ ٻن چئن پيرن سان جيڪو گهٽي ۾ گهٽو عدد ڌيان ۾ آڻي ٻڌائي سگهيو ته اهو ئي سنڌس ٻوجهه جو دائره سمجهبو.

نتيجن ظاهر ڪيو آهي ته جهڳٽي جا ايڪا، جي بي ترتيب ڪندريل هوندا ته رواجي ماڻهو فقط چار يا پنج ايڪا ٻڌائي سگهندو. انهيءَ عدد کان مٿي غلطيون ڪثرت سان پيش اينديون. صحيح عدد ٻه ڪو اتفاق سان ٻڌائي سگهندو. جيڪڏهن پتي تي ٻڙين بدران اکر هوندا ته ٻه، هڪ پيري ڏسڻ سان فقط چار يا پنج ڏسي سگهبا. البت جي ٻڙيون رٿائتيون هونديون ته اکر جملن جي صورت ۾ چئن پنجن کان زياده صحيح ٻڌائي سگهبا. جي چئن ٻڙين جا چار جُهڳٽا هوندا ته هرڪو سورنهن ٻڙيون ٻڌائي ويندو. اهڙين حالتن ۾ ٻه ائين چئبو ته ٻوجهه جو دائرو ڪو صحيح معنيٰ ۾ وڌو اٿس. چئن ايڪن جي عيوض چار جهڳٽا، ٿيا ته اوترائي ۾ ايڪن جو تعداد 4x4 ڪري ٻڌائجي ٿو. ان جو مطلب اهو نه آهي ته سنڌس نظر سورهن ئي ايڪن تي ڦري آئي هوندي. چار لفظ ٻه ساڳيءَ طرح خاص ڪري جي ڪنهن عام چوڻيءَ جا لفظ هوندا ته ايتري آسانيءَ سان پروڙي وجبا جيئن چار اکر. چاڪاڻ ته لفظ ٻه هِجي ڪري ته ڪين ٿا پڙهجن. لفظن جي صورت ٻه اکرن وانگر مغز ۾ مقرر صورت وٺيو وجي، ايتري قدر جو سنهيون تلهيون صورتخطيءَ جون غلطيون ٻه نظر ڪين اينديون آهن.

ڌيان لڳائڻ سان وڌ ۾ وڌ ڪيترو ٻُڌي سگهبو، اهو به معلوم ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ٽڪرا ٽڪاءَ ڪبا، ايترا جو ٻاڏيتي ۾ اچڻ کان ٻاهر ته پنج- ڇهه مس ڳڻي سگهبا. پر جي ڪنهن سُر موجب ترتيبوار ٽڪاءَ ڪبا ته گهڻا ۽ زياده ڳڻي وجبا.

ڌيان جو ٽڙڪڻ: ڌيان ڦٽائڻ بنسبت ڪيترا تجربا ڪيا ويا آهن. خاص ڪري آوازن سان. نتيجن ظاهر ڪيو آهي ته ڌيان جي ڦٽڻ ڪري جيترو نقصان سمجهيو ٿو وڃي ان کان گهڻو گهٽ ٿو ٿئي. ڪيترن ماڻهن کان ذهني ڪم، خطرناڪ آوازن، گهوگهن، گهنڊن، راڳن، وڻندڙ لطيفن، مترڪن سان ڏم ڏم ڪرڻ ۽ ٻين ڪيترن نمونن سان ڌيان ڦٽائيندي ورتو ويو. ڪيترن چيو ته آواز نهايت منجهائيندڙ ۽ خار ڏياريندڙ هو. پر حيرت اها رهي ته ڪم جي صحت تي سندس اثر ڪو ٿورو ڏسڻ ۾ آيو. ڪن حالتن ۾ ته ڪم مورڳو سڌريل ٿي لڳو.

آواز به ڪي گهٽ ڪي وڌ منجهائيندڙ معلوم ٿيا. رڪي رڪي ٿيندڙ ۽ چرڪ پرائيندڙ آواز، خاص ڪري اوچتو ، لاڳيتن آوازن کان زياده ڌيان ڦٽائيندڙ ثابت ٿيا . معنيٰ خيز آوازن جهڙوڪ ڳالهين ٻولهين، اجاين آوازن، جيئن ته گاڏين جي هلڻ ۽ هلچل جي آوازن ٻين کان زياده ڌيان ٿي ڦٽايو.

انهيءَ فيصلي تي قائم رهڻ ته ڌيان ڦٽائڻ ڪري ڪم ۾ گهڻو خلل ڪونه ٿو پوي ان ڪري خير جي گذري، خامين کان خالي نه ٿيندو. اهڙين پريشان ڪندڙ حالتن ۾ ڌيان کي ڪوڙي ڪم ڪرڻ ٻيو نه ته بدني سگهه جو ڪيترو زيادهه ڪاپو ڪندو ۽ ٽڪ گهڻو ۽ جلد لڪائبو. ويتر جي لاڳيتو ڪم سندس موجود سگهه جون حدون لنگهي ويو ته نهايت ٿڪائيندڙ ثابت ٿيندو ۽ جي اهڙيءَ حالت ۾ گهڻا ڏينهن گهارڻا پيس ته عجب نه آهي، جو سندس صحت ڊهي پوي.

شخصي تفاوت به ڪافي ۽ قوي ڏسبا. ڪي ريڊيي جي هلندي ذهني ڪم ڪيو وڃن، ڪي ته ان جي راڳن جي تانن ۾ ايترو محوَ ٿي وڃن، جو مورڳو ڪم ڇڏائي وڃين. ان کان سواءِ ڪم جي ضرورت به ڪافي اثر ٿي رکي. بهرحال مناسب ائين ٿيندو ته گوڙ ۾ زور لائي ڪم ڪرڻ تي جو پاڻ ڪي هيرجي ان کان بهتر آهي ته گوڙ کان پري رهجي ڇاڪاڻ ته گوڙ ايتري طاقت مفت ٿو گنوائي،جنهن جي عيوض ڪو واجبي فائدو ته ڪونه حاصل ڪونه ٿئي.

ڌيان ڏيڻ ۾ بت به هڪ مقرر صورت وٺيو وڃي. حواس سڀ ڪڙا تڙا پوري پرجهه پيدا ڪرڻ لاءِ هوشيار ٿيو وڃن. بدني مشڪون به مزي ۾ اچو بت ڪي ڪوڙي هڪڙي هنڌ جهليو بيهن. ڪنڌ ۽ ڪلها چرڻ کان

سوگها ٿيو وڃن. ساهه اونهو کڄندو هلي. ان ڪري تڪڙو به ٿيندو ته سگهه جي وڌيل خرچ جي تلافي ٿئي. ڪو به بدني ڪم وڌيڪ ته ڪاربان زياده ٿيندي. جنهن کي ساهه جي ذريعي ئي بت مان ڪڍڻو آهي ته آڪسيجن سان جلي ٻاهر نڪري. ڌيان ڏيڻ ۾ وينل ماڻهو بت کي ٿورو اڳتي آڻيندو. پوري ڌيان ۾ بدن اها صورت خودبخود وٺي ويندو. پل ته ڪو آرام ڪرسيءَ تي وينو هجي. پر جي ڪنهن ڳالهه سندس ڌيان ڇڪايو ته آهستي آهستي اها صورت پاڻيهي وٺي ويندو. مزو ته اهو آهي ته جي ڌيان نه لڳندو هجي ته بت کي انهيءَ صورت ۾ وجهڻ سان گهڻي قدر تڪاڻي لڳي ويندو. ڏسجي ٿو ته هر هڪ "دماغي صورت" پنهنجي ظاهري "بدني صورت" به رکي ٿي. ڪيافه شناسيءَ جو راز هتي آهي. فتحمنديءَ جو راز ان ۾ آهي ته جيڪو به ڪم ڪجي، سو پوري تاڪيد باريڪيءَ ۽ ڌيان سان ڪجي. جنهن زماني ۾ جو ڊارون کي ڏسندا هئا ته آتشي ڪاوا ڪنيو ڪلاڪن جا ڪلاڪ سنهڙن جيتن کي وينو جهنگ جي دُبن ۾ جاچي ته گهڻا فقط کلندا ويندا هئا ته ڪري ڇا ٿو؟ پر جيڪي سندس سهڻي عشق جي اٽڪ ۽ اتاهه ڪوشش علمي دنيا کي ڏنو سو ويچار ڪان ٻاهر آهي. نفسي عشق مان پتو ٿو لڳي ته عشق ڪيڏو نه ولولو ٿو جاڳائي. ايتري قدر جو ڪاڏو پيتو ننډ آرام حرام ٿيو وڃي. ڪيئن ٿو مجنون بر ۾ ڀٽڪي ۽ فرهاد جبل ٽاڪي.انهيءَ اڪٽ سگهه کي بت ۾ ڇاپڻ لاءِ عشق جو ڊئنمو (موٽر) ضرور کپي. عقل ان ۾ نه آهي ته عشق جي پاڙ پٽي پاڻ کي اجڙيل بئٽريءَ وانگر ڪوکو بنائي ڇڏجي پر عشق کي واٽ لائي ڪنهن سجائي ڪم ۾ لڳائجي، جنهن مان "انسان ذات" جو ڀلو ٿئي. جيئن محمود اياز جي شوق ۾ ائين ملي ويو هو جو "نه ڪوئي بنده رها اور نه ڪوئي بنده نواز" اهڙيءَ طرح پنهنجي ڪم ۾ به ائين سمائجي وڃجي جو ڪم ۾ پاڻ به ڏسڻ ۾ نه اچن. انهيءَ عاشق حقيقت ۾ ڪيرون لهڻيون، جنهن جي عشق "باريڪ بين" پيدا ڪري دنيا کي باريڪ ڌيان سان حقيقتن کي جاچڻ ۽ معلوم ڪرڻ جو سبق سيکاريو. اڄ ته "ان جي پوءِ لڳن" ائٿم جي جزن جا فوٽا به ڪڍي رکيا آهن. سبحان الله.

<u>تصور ۽ تخليق</u>

شين جي موجودگيءَ ۾ ته مغز انهن جي پروڙ ۾ رڌل رهندو آهي، پر بعضي ته غير موجود شين ۾ گڏريل ڳالهين جي تصور ۾ ئي لڳي ويندو آهي. ڪڏهن ته بنهه اهڙين ڳالهين ۾ اٽڪي وڃي، جي نه ڏٺيون نه ٻڌيون. اهي من جا ڪرتب ته خاص "من گهڙت" چئبا، نه ٻاهرين شين جي حواسي خبرن ۽ پروڙ جي پيدائش.

”من گهڙت“ مشغلا ٻن قسمن جا ٿا ٿين: هڪڙا حافظي مان ڪڍيل ٻيا پنهنجا ٺاهيل پر ٻئي ڪنهن نہ ڪنهن حواس سان ضرور لاڳاپيل هوندا. حافظي مان ڪڍيل تصور ان کي ٿو چئجي جو ڪنهن ڏٺل ماڻهوءَ جي شڪل من جي آئيني اڳيان آڻي ان جي خيالي تصوير مرتب ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي يا ڪنهن ٻڌل سريلي آواز کي پنهنجي خيال ۾ سرائي ان جي روپ بنائڻ جي ڪوشش ڪجي يا ڪنهن شيءِ جو ذائقو دهرائي چشڪو وٺجي. اهڙيءَ طرح ڪهڙي بہ حواس سان تعلق رکندڙ آزمودي کي وري خيالي شڪل ڏئي سگهجي ٿي. بخمل جي لاس، باهہ جو سيڪ، برف جي ٿڌاڻ، ڪنهن ڏک جو ايذاءُ، ڪنهن عطر جي خوشبو جي خيالي تصوير ٺاهڻ کي ”ورجايل تصور“ چئجي ٿو پر جي ڪنهن جي مغز ۾ اهڙو سمنڊ اچي جنهن تي سج جو ڪرڻو نہ ڪريو هجي يا ڪو جيو جنهن جو ڏڙ ريڊيو سسي ٻاڪري هجي يا جسم مچيءَ جو منهن زال جو هجي تہ ان کي ”تخليقي تصور“ چيو ٿو وڃي، اهڙا تصور بہ هر ڪنهن حواس سان تعلق رکي سگهن ٿا.

عجب نہ آهي تہ هاڻي بہ ڪو سريلو اهڙا راڳ پيش ڪري، جي اڳي ڪنهن نہ ڪڍيا. افسوس! جو راڳ بہ رسمي ٿي روڪجي پيو آهي. ايجاد ۽ تخليق اسان کان کسجي ويا! آخر موجوده سُر بہ ڪن جي رسيلن ڪنن جي لرزشن جي پيدائش آهن. قصہ نويس نيون نيون شخصيتون ۽ وارداتون بيان ڪن، شاعر نوان احساس ۽ اُمنگون، نوان ڏنڌا نيون مشينون، نوان هنر، نيون تصويرون، نيون شيون، نوان خيال سيکجهہ ٿي سگهي ٿو پر تصور ڪپي. اسين تہ اوائلي جذبن ۾ ئي مست آهيون.

ائين آهي تہ ماڻهوءَ جي تصوري تخليق ڪا صحيح معنيٰ ۾ تخليق ڪين چئبي، ڇاڪاڻ تہ جي ظاهري روپ سندس خلقيل آهي تہ روپ جا جزا تہ سندس خلقت نہ آهن. جسم مچيءَ جو ۽ منهن زال جو ٻئي قدرت جي پيدائش آهن، باقي انهن کي ڳنڍي ڪا سونهن پيدا ڪرڻ سندس مغز جو ڪم. ايترو چئبو تہ اهڙو سمنڊ خيال ۾ آڻڻ، جو هزارها ڪوهن ۾ پکڙيل هجي، پر ڪنهن اڪٽ غار ۾ سمايل هجي جنهن تي ڪڏهن سج جو ترورو نہ پيو هجي، جي خيالي خلقت نہ تہ بہ خيالي دليري ضرور چئجي.

گهڻي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ اهڙي ڪا تجويز ڪڍجي جنهن سان تصوري صورتن جي پوري پيمائش ڪري سگهجي، جيئن حساب ۾ آڻي، سائنس جي درجي تي پهچي، پر اجا اها مراد حاصل نہ ٿي سگهي آهي. في الحال تصورات جي چٽائيءَ بنسبت پنج درجا ٺاهيا ويا آهن: بلڪل چـِـٽا، چِـٽا،

وچڙا، منجهيل. اصل چٽ. تجربن ظاهر ڪيو آهي تہ اها تفريق ڪنهن منزل تي پهچائڻ کان بالڪل قاصر رهي آهي.

ڏٺو ويو آهي تہ نظر جا تصورات سيني کان چٽا تا ٿين، ٻئي نمبر ۾ ٻڌڻ جا. نڪ ۽ چمڙيءَ جا اثر سيني کان گهٽ، مغزجي بناوٽ بہ انهيءَ حقيقت جي تائيد تي ڪري. مغزجو وڏو حصو ڏسڻ لاءِ ڪم تو اچي ۽ سنگهڻ لاءِ بنهہ ڪو ٿورو. ڏٺو ويو آهي تہ ڪنهن عطرجي بُـو تصور ڪندي، پهرئين تہ سندس رنگ ۽ بوتل نظر تي اچي. ساڳيءَ طرح ڪنهن شيءِ جي ذائقي پيدا ڪرڻ لاءِ پهرين انهيءَ شيءِ جي شڪل ظاهر ٿيندي. پر نظر ڪنهن ٻئي حواس جي محتاج ڪا ورلي ڏسبي، سرهہ جي گلن جي رنگت تصور ڪرڻ لاءِ ضروري نہ آهي تہ ڪن بہ شاهدي ڏين تہ وڻ مان هوا ڪيئن تي سوساٽ ڪيا يا سندس گلن جي بو ڪهڙي هئي. تصور لاءِ پهرين ضرورت آهي شڪل ڏاهڻ جي. اڪ شيءِ جو جسم تي جاچي ۽ ٻيا حواس سندس صفاتي حقيقتون.

ائين بہ نہ آهي تہ نظر هر ڪنهن ۾ برک آهي يا حواسي امتياز ۾ شخصي فرق ڪين آهن. البت گهڻن ۾ چشمي تصور ٻين حواسن کان زور تا ٿين، پر ڪن ۾ ٻڌڻ يا ڇهڻ جا حواس بہ زور تي سگهن تا. اهڙا ماڻهو ڪنهن جي صورت تصور ۾ آڻڻ کان اڳي سندس آواز تصور ۾ آڻي سگهندا. ڪي وري جسم جي موڙن ۽ ناز نخري کي چٽو ڏسن. اهڙا ماڻهو راندين، ناچ، دستڪارين ۽ هٿ ناٽ جا مشتاق ٿين.

لفظي صورتون: خيال ڪندي گهڻي قدر لفظن جون شڪليون تصور ۾ پيون ايندءون آهن نہ شين يا واقعن جون، خاص طرح جڏهن خيال صفاتي هوندا آهن‎تہ ذاتي يا جسمي، بعضي تہ اکرن جا آواز بہ ٻُـرائيندا آهن. ڪڏهن تہ اکرن ڳالهائڻ يا لکڻ ۾ جيڪي زبان هٿ يا ٻت کي موڙ ايندا آهن سي بہ پيا ڏسبا.

تصوري صورتون حواسي ڪرون ڪين چئبيون. تصور غير موجود شيءِ جو ٿو ٿئي ۽ حواسي ڪرون حاضر شين مان ٿيون اڀرن. شين جو تصور اونداهيءَ ۾ بہ ٿي سگهي ٿو. ساڳيءَ طرح بالڪل سانت ۾ آواز جا تصورات تري اچن.تصور حواسن جي اثر هيٺ بالڪل نہ آهي، بلڪ تصور جو شغل شروع ئي تڏهن ٿو ٿئي، جڏهن حواس ڪم کان فارغ تا رهن. ڪنهڙيءَ کي جهلي جهاز مان ڪو نظارو پيو ڏسبو آهي، پر پوءِ سمنڊ کان موٽڻ کان بعد بہ اهو نظارو، اهو ڪنهڙو وري مغز ۾ آڻي سگهجي ٿو. اهو آهي تصور.

البت عام طرح تصوير اهڙي چٽي ڪين هوندي آهي جهڙي اکين ڏٺي تصوير. پر ڪن ۾ فرق ڪو ٿورو ٿو رهي. ڪي مشاق ته ڪنهن ڪي تختي جي اڳيان بيهاري پري کان سندس منهن جي ٻنهي پاسن کان ڇهنبارا ڇرا، بنهه زور سان اڇلي هٽي ويندا آهن. هي ته ٿي سندن هٿ جي استادي. وري ماڻهوءَ جي تصوير پنهنجي چت ۾ جمائي، اکيون ٻڌي ائين ڪري ويندا. هي ٿي سندن تصوري شڪل جي چٽائي. انهن ماڻهن جي تصوري شڪل به اهڙي پوري چٽي ۽ حقيقي ٿي بيهي جهڙي حواسي پروڙ جي.

تصور ۽ مصور ٻئي قريب آهن. چٽي تصور کان سواءِ سٺو مصور ٿيڻ ممڪن نه آهي. ڏهن، پندرهن ورهين جي ٻارن ۾ هي ملڪو خوب ڏسبو. ڪيترا اهڙا نينگرا ڏسبا جي هيٺ ڏيکاريل اکرن جو نقشو ائين ته مغز ۾ اڪيري ڇڏيندا جو گهڙي ڪن ڪي ڏسڻ کان پوءِ اکر ياد ٻڌائي ويندا. البت نوَ اکر ياد ڪيترائي ٻار ڪري ويندا پر تصور ياد ڪي نٿو چئجي. ياد ڪرڻ وارا ي ج ه س ف ع ب ط م چئي ويندا پر ڪي ٻي پاسي کان يا هيٺ کان مٿي يا ڪندائتو

ي	ج	ه
س	ف	ع
ب	ط	م

ڪڏهن ڪين ٻڌائي سگهندا. مگر تصور جي تڪي ٻار ڪي سارو نقشو چٽڪ اکين اڳيان آهي. هو ائين چوندو هلندو چٽڪ ڏسو پيو پڙهي. وڏي هوندي هي لياقت جن ۾ آهي تن ۾ به گهٽجيو وڃي. ائلپورٽ جي تجربن ظاهر ڪيو آهي ته اهڙا ٻار پنجٽيهه سيڪنڊن جي ڏسڻ سان سارو نقشو مغز ۾ چٽيو ڇڏين.

وڏي هوندي هي ملڪو بالڪل ٿورو وڃيو رهي. پر ڊؤلس جو هڪڙي شطرنج جي ڪيڏاريءَ جو ڏنل احوال به چڪر ڏيو ڇڏي. هي ڪيڏاري هڪ پيري شطرنج جي تختي تي نظر ڦيرڻ سان اکيون ٻڌي راند ڪري سگهندو هو پر ٻه رانديون به گڏ ڪيڏي ويندو هو. جنهن به راند جو چئوس ان جي ساري هلي ڏيکاريندو. ڪيترا واعظ يا شاعر، ائين چوندا ويندا جڻ ته ڏسندا پڙهندا ٿا وڃن.

تصور جون نعمتون:

(1) تصوري نقشڪاري مغز جو هڪ حيرت انگيز ڪارنامو آهي ۽ سندس ڪار گذاريون ويتر عبرت خيز ۽ ڪيترو نه سودمند. تصوري صورتن جي ٺهڻ ڪري ڪيترو نه خيال چٽو ۽ پائدار ٿيندو. شيون ڏسجن يا سندس احوال پڙهجن، پوءِ به ذهن ۾ پورو پنهنجو نقشو ڇڏين ته خيالي انسان لاءِ ان کان زياده

ٻي نعمت ڪھڙي. نہ رڳو تي گذريل ڳالهيون، جي هينئر غير موجود آهن پر ايندڙ يا فقط تي سگهندڙ بہ ساڳي صورت وٺي سگهن ٿيون. جيئن پروڙ لاءِ حواسي ڪَرُن جو هئڻ لازمي آهي. تيئن ٻوجھہ جي پيدا ٿيڻ لاءِ تصوري تڪسات ۽ صورتون ضروري آهن. اهڙين خيالي شڪلين ٿهڻ کان سواءِ خيال پڪي پائي تہ پهچي ڪين سگهندا ۽ ڪنهن نہ ڪنهن منزل تي مڪمل صورت وٺڻ کان اڳي ئي ڪافور ٿي ويندا. جيڪڏهن ڪا عڪسي صورت ڌيان ۾ نہ آئي تہ خيال جٽاءُ ئي ڪونہ ڪندو.

(2) تصوري تصويرون، يادگيريءَ کي قائم رکڻ لاءِ بہ نهايت ڪارگر آهن، ڪنهن بہ ڳالهہ يا شيءِ جو عڪس مغز ۾ جمي ويو. سا ڪيئن وسرندي، ان ڪري شين جو تعلق حافظي کي گهٽو پڪو ٿو ڪري. وٿلينتائين تجربا ڪري ڏيکايو آهي تہ ڪي بہ ہ هڪجهڙا خيالي تواريخي احوال جي هڪڙو لفظي ٻڌائي وجبو ۽ ٻيو نقشي جي ذريعي ڏيکاربو تہ پهرئين کان ٻئي قسم جي ليڪچر جو اثر زياده پختو رهندو.

(3) لفظن جا عڪس، صفاتي خيالات کي گهٽو چٽو ٿا ڪن پر ڊاڪٽر پيئر ڏيکاريو تہ جنسي شين جا عڪس، خيالات کي چٽي ڪرڻ لاءِ ويتر ڪارگر آهن، جيئن انصاف جي خيالن لاءِ ساهميءَ جي شڪل جي ڪنهن جي مغز ۾ انصاف جي لفظي شڪل ڪپي نہ سگهندي هجي تہ تارازيءَ جي جنسي شڪل لفظن جي صفاتي شڪلين کي پوريءَ طرح جمائي ڇڏيندي.

(4) تصوري شڪليون، ايجاد لاءِ نهايت ڪارگر آهن. حسابي ڪمن ۾ تہ سندس ضرورت پڌري آهي، تارن جي علم کي سمجھہ ۾ آڻي ڪين سگهبو. جيسين تصوري شڪليون نہ ٺهن. ڪنهن عاليشان عمارت ٺاهڻ لاءِ بہ ان جو عڪس مغز ۾ آڻڻ ضروري ٿيندو. زيرآبد، ترتيب ڪرڻي هجي يا شطرنج کيڏڻي هجي. پر تصور سواءِ ڪم نہ هلندو. رڳو ڪنهن وڏي ٽپي ڏيڻ مهل بہ خيال ۾ اچي ويندو تہ ٽنگن کي ڪيتري ضرب ايندي، سهي سگهبي يا نہ. اهڙيءَ طرح هر هڪ ڪم، ڳالهہ، هلت جو روپ پهرين تصور ۾ ٿو ٺهي ۽ پوءِ ظاهر وجود ٿو وٺي.

(5) لطيف هنرن لاءِ تہ تصور سندن جان آهي، حرفيات هجي يا مصوري، صنم سازي يا موسيقي. شاعري تہ صاف جذبن جي نقاشي آهي. پر نثر بہ تصور کان سواءِ هلي ڪين سگهندو.

ائين برابر نہ آهي تہ تخليقي ملڪو ڄائي ڄم کان ٿو ٿئي. تخليق استعمال سان ترقي وٺي سگهي ٿي. خيالي مسئلا ٺاهيندا سليندا هلو. پلا سرون فقط عمارتي ڪم ۾ چو ٿيون آڻجن. ٻيو ڪو ڪم انهن

مان ڪڏي نٿو سگهجي ڇا؟ ڪا نئين شڪل ڏئي سگهجي ٿي. زياده مضبوط ڪري سگهجين ٿو. ضروري آهي ڇا ته نهريون هجن. سنڌن ڪم ڪن ٻين شين مان به وٺي سگهجي ٿو؟ رنگ بدلائڻ ڪري ڇا نتيجو نڪرندو. اهڙيءَ طرح هر هڪ شيءِ ڳالهه خيال مسئلي کي اٿلائڻ پٿلائڻ سان مغز ڪلندو رهندو.

اسين ته خيال ڪرڻ به ڪونه سکيا آهيون. مغز هلائڻ ته پرتي ٿيو. رڳو ڪنهن جي شخصيت جي ڪٽ ڪندي جي هوندي دوست ته جيڪي گڻ منجهس نه هوندا سي به ڇئي وجي چوٽ چاڙهبس ۽ جي هوندي دشمن ته جيڪو عيب نه هوندو سو به ساڻس سلهاڙي وجبو. اها ته آهي اسان جي خيال جي صداقت، منطقي صورت ته پري ٿي.

<u>سمجهه جي پرک ۽ ڪَٿَ:</u>

سمجهه مغز جي اها وصف آهي جا ڪنهن ڳالهه جي نزاڪتن ۽ لڳ لاڳاپن کي جمع ڪري هندائي نتيجا ڪڍي.

سپيئرمن 1904ع ۾ ڏيکاريو ته مغزجون اهي وصفون جن جي تڪ تور ٿي سگهي ٿي، سي سڀ پاڻ ۾ لاڳاپيل آهن. حسابداني يا موسيقي شناس، ڪلن جي رفاقت يا منطقي حوصلو. هڪڙي وصف ڏسڻ ۾ اچي ته اتي ٻين لياقتن جو به آسرو رکي سگهجي ٿو. ائين نه جيئن عام راءِ آهي ته مغز ڪن ڪمن ۾ اوڏو ته ڪن ۾ سوايو.

سپيئرمن جي خيال مان ظاهر آهي ته مغز جي هڪڙي لياقت اهڙي آهي جا مغز جي هر ڪنهن ڪم لاءِ ڪپي. ان کي "عام لياقت" ٿو سڏي. ٻيءَ کي "خاص لياقت" ٿو چوي. جنهن جو تعلق ڪنهن خاص ڪمن سان ٿو ٿئي نه ته اهو ڪم ٿي ڪين سگهندو. حسابي ڪم لاءِ وڏو حصو عام لياقت جو ڪپي پر مصوري يا ٻئي هنر ۾ وڏو حصو ڪنهن خاص لياقت جو هئڻ ضروري آهي. چٽيءَ نظر کان سواءِ نقاشي ناممڪن، سرلي ڪن ڪان سواءِ موسيقي مشڪل.

عام لياقت جو ڪم آهي لڳ لاڳاپا هڪيا ڪرڻ ۽ سندن واسطا سڃاڻي نتيجا ڪڍڻ. جيڪڏهن ڪو پڇي ته ڪاري جو اڇي سان ڪهڙو واسطو آهي؟ ۽ ان جي جواب ۾ چئجي ته ابتڙ. ته اسان ڪاري اڇي جي هڪ واسطيداري ڏاهي. پر جي ڪو پڇي ته ڪاري جو ابتڙ ڇا آهي ته اسين ان جي لاڳاپيل نتيجي تي پهتاسين . پهرئين سوال ۾ به فقرا ڏنا ويا ته انهن جو پاڻ ۾ تعلق ٻڌايو ۽ ٻئي ۾ هڪڙي بنيادي

ڳالهہ ۽ سندس رشتيداري ڏيکاري وئي تہ ٻي بنيادي ڳالهہ ٻڌايو. جيڪڏهن بہ بنيادي فقرا آهن ”ڪ“ ۽ ”الف“ ۽ سندس رشتو ”ر“ تہ پهرئين ۾ ”ڪ“ ۽ ”الف“ ڏنا ويا آهن تہ ”ر“ ٻڌايو ۽ ٻئي ۾ ”ڪ“ ۽ ”ر“ ڏنا ويا آهن تہ الف ٻڌايو.

مٿئين مثال مان ظاهر آهي تہ عام سمجهہ ۽ حسابي لياقت هوبهو ساڳيون شيون آهن. يا ائين چئجي تہ عام سمجهہ حسابي لياقت تي رکي. مطلب تہ حسابن سان ڪنهن جي عام سمجهہ جي پوري ڪٽ ڪري تي سگهجي. اها عام سمجهہ آهي جا شطرنج يا جاميٽريءَ جي ڪنهن ”پرابلم“ (مسئلي) سلڻ ۾ مدد ڪري يا ڪنهن ڪل جي سڌارڻ جي ٽيٽ ڏئي. انهن سڀني ڳالهين ۾ اصول ساڳيو آهي تہ شين جا بنيادي رشتا قائم ڪري، نيون بنيادي شيون پيدا ڪرڻ. هڪڙي ڳالهہ ضروري آهي تہ معلوم ڪيل لاڳاپن سان، اخذ ڪيل نتيجا تعلق رکندا هجن. هڪڙي گهر جي صفائي ڪرڻ واري کي سمجهايو ويو تہ جڏهن بہ گوڙ، ڪنوڻ گهٽي هجي تہ ريڊيي کي ڍڪي ڇڏڻ گهرجي. هو وري فوني کي بہ ڍڪي ڇڏيندو هو. رشتي جو خيال ضرور ڪيائين پر غير متعلق.

سمجهہ جي ڪٽ ڪرڻ جون تجويزون بہ انهن ئي اصولن تي رٽيل آهن تہ چڪاس هيٺ اميدوار کي بنيادي رشتيداريون سوچي، زياده بنيادي فقرا ۽ سندس واسطا قائم ڪرڻ اچن ٿا يا نہ.

پهرين پهرين ”نسبتي پرکون“ برٽ عمل ۾ آنديون: ڪُتي، گلر سان ائين آهي جيئن ٻلي آهي. ڪوئي، پُڇ، پونگڙي، ڪير سان. اميدوار کي مناسب لفظ جي هيٺان ليڪ ڏيڻي آهي. هتي طالب کي پهرين ڪُتيءَ ۽ گلر جي پاڻ ۾ نسبت جاچي فيصلو ڪرڻو آهي تہ ٻليءَ جي ساڳي نسبت ڇا سان ٿيندي. يعني تہ جيڪو رشتو ڪتيءَ جو گلر سان آهي سو ٻليءَ جو ڪنهن سان ٿيندو. ساڳي تجويز تي ڏکيرا سوال بہ ٿي سگهن ٿا. مطلب آهي طريقي سان، جيئن ڇو آهي؟ طرح، پرک، ڇالاءِ، ڪيئن، سان. بلبل آهي جانور سان جيئن پن آهي؟ گل، پکي، ساڳ، وڻ سان.

هنن آزمائشن ۾ ٿوريون مارڪون ڪٽڻ معنيٰ پوريون نسبتن جي سمجهہ جي تميز نہ رکڻ. پويان بہ مسئلا هيئن ٿيندا. مطلب ڪنهن گهربل شيءِ جي خواهش تي ڏيکاري. خواهش حاصلات جو رستو نهاريندي ۽ عمل ڏانهن ڇڪيندي تہ ڪنهن طرح طلب پوري ٿئي. ساڳي طرح ڇو، جنهن جي معنيٰ ٿيندي ڇا جي لاءِ، ڪهڙي ڪم لاءِ، ڪيئن سان ويندو. ڇاڪاڻ تہ ڪيئن وري بہ رستو ٿو نهاري.

جنهن سان ڇو جو جواب ملي. ٻئي سوال ۾ جواب ٿيندو ساڳ، ڇاڪاڻ ته جيئن بلبل بنهه جانور آهي تيئن پن بنهه ساڳ آهي. پن نڪي وڻ آهي نڪي گل. وڻ ۽ گل پوريون نسبتون ٿا ڏيکارين.

اهڙا لفظي سلسلا انگن ۾ به آٽي سگهجن ٿا:

1-3، 2-5، 3-7، 4-9 ڏئي پڇجي ته ساڳئي سلسلي ۾ به انگ اڳئي درج ڪريو. اڻ پڙهيلن لاءِ اهڙيون نشانيون به ڪيترن نمونن جون ڏئي سگهجن ٿيون.

سمجهه جو معمول مقرر ڪرڻ:

جيڪڏهن ڪو طالب 120 مارڪون کڻي ته ان مان ڪو نتيجو ته نڪتو ئي ڪونه. ته سندس قدر ڪيترو ڇئجي. معمولي ٿيو يا گهٽ يا وڌ. ان ڪري ضروري آهي ته پهرين ڪو معمول مقرر ڪجي. معمول سراسري درجي تي مقرر ڪبو آهي. پهرين ته ڪنهن خاص عمر يا درجي جا جيترا گهڻا فرد تپاسجن اوترو چڱو. پوءِ انهن جي سراسري ڪڍي معمول مقرر ڪجي. هاڻي ڪنهن ساڳيءَ عمر يا درجي واري ڪي ڏسبو ته معمول کان ڪيترو مٿي يا ڪيترو گهٽ آهي. جيڪڏهن ساڳيءَ عمر جي سؤ ڇٽن ۾ پنجاهه ڇٽا 90 کان 110 مارڪون کڻن، پنجويهه ڇٽا 100 مارڪون. سؤ جي هيٺين چيڙي تي ٿيندو بنهه ڏڏ ته مٿئين پاسي بنهه ذهين ۽ معمولي وچ تي.

هاڻي جي ڪو ڏهين ورهين جو ڇوڪرو ٻارهن ورهين جي سراسري ڇوڪري جيتريون مارڪون کڻي ته ان جي ذهني عمر ڇئبي ٻارهن ورهيه ۽ ميعادي عمر ڏهه ورهيه ۽ سندس سمجهه جو ڇيد (س. ڇ) ٿيندو 120. حساب هن طرح بيهندو.

ذهني عمر / ميعلدي عمر x 100 يعني ته $\frac{12}{10}$ x 100 سي ٿيا 120.
معمولي ٻار ۾ ذ ع ۽ م ع ساڳي رهندي ۽ س ڇ = 100

تجربن ظاهر ڪيو آهي ته يورپ ۾ سمجهه جو وڌڻ سورهن- سترهن سالن کان پوءِ بيهو وڃي. جيڪي ٿيو سو ٿيو. اهو سمجهه جو درجو ٽيهن ورهين تائين ساڳيو ٿو رهي. ستر ورهين ۾ ستر سيڪڙو وڃو رهي، وڌي ته ڪونه ٿو. ڏسجي ٿو ته وڏن جي پرايل علم، آزمودي ۽ بردباري ماپڻ لاءِ ڪن ٻين آزمائشن جي ايجاد ڪرڻ جي ضرورت ٿيندي.

سمجھہ جو مائٽاڻو ورثو:

سمجھہ جي ڇڪاسن مان گھڻي قدر معلوم ٿيو آهي تہ سمجھہ موروثي آهي. ماحول جو بہ ڪافي اثر ٿو ٿئي ۽ ساڳيءَ طرح بيماري، بي علمي ۽ ضعف بہ ڪيس پوريءَ ڪڙيءَ تي پهچڻ کان روڪيو ڇڏين، پر سمجھہ جي مٿين حد مائٽاڻي ذهني ورثي سان ٻڌل ٿي رهي. ڪند ٻار ڪي ڪيتري بہ انوکي تعليم ڏبي تہ ڪوري جو ڪورو. البت ائين بہ آهي تہ ڏلن پيٽان ٻلا، ٻلن پيٽان ڏِلا، پر اهي امر غير معمولي ڇئبا نہ معمولي.

ٻيون بہ ڪيتريون حقيقتون معلوم ٿيون آهن جيئن تہ:

(1) گورن کان ڪارن جي سراسري سمجھہ گھٽ ٿي ٿئي پر ڪيترا ڪارا، گورن جي سراسريءَ کان مٿي ٿا وڃن ۽ ڪيترا گورا ڪارن جي سراسريءَ کان هيٺ.

(2) زالن ۽ مردن جي سراسري سمجھہ ۾ ڪو فرق ڪونهي.

(3) تہ سنها تيز فهم ٿا ٿين، درست نہ آهي. البت بعضي ڪلاس ۾ ڏٺا ڏوڙا هيٺ وينا ڏسبا آهن. شايد وڏي عمر جا هجن. ڏڍن کان ذهين ٻار، گھڻو ننڍا تي سگھن ٿا. حقيقت ۾ جيتري ٻار جي صحت سالم اوترو ذهن جو چوکو.

(4) ڪُند ٻار، گھڻو ڪري بداخلاق ڏسبا، ائين بہ نہ آهي تہ سڀ بداخلاق ڪُند ٿا ٿين، ڏٺو ويو آهي تہ بداخلاق مان اَٺ فيصد ۽ ڇگن لڇڻن وارن مان بہ سيڪڙو ڪُند ٿا ٿين يعني تہ اهي جن جي سمجھہ جو ڇيد 70 کان جيڪي سو ڪريل آهي.

سمجھہ جي ڪَتَ ڪرڻ جا فائدا:

سمجھہ پيمائيءَ مان گھڻا فائدا آهن. هر ڪو هر ڪنهن ڪم لاءِ لائق نہ آهي. ڪنهن جون آڱريون سٽوپريون هونديون تہ اٽت جو ڪم نفيس ڪري ڏيکاريندو. مضبوط هٿن وارو واڍڪو سنو ڪندو. ڏورا سگھا اتس تہ لهر سنو ٿيندو. وري حواسن تي بہ ڪيترو مدار آهي. اک تکي مصور ڪري، سنو ڪن راڳ جو فهم ڏئي. نک عطريات کان واقف ڪري. ذائقو رڌڻ جي ڪم جو افلاطون ڪري.

هرهڪ ڪم ڪي پوريءَ طرح ادا ڪرڻ ۽ ڪمال تي پهچائڻ لاءِ ضروري آهي تہ هرهڪ ٻار جون رغبتون، خوبيون، خاميون جاچي ان ڪي اهڙي ڪم ۾ لائجي، جتي هو پاڻ بہ ڪمال حاصل ڪري سوپارو ٿئي ۽ نا اميدين ۽ نراساين کان بچي ۽ ملڪ جو بہ ڀلو ٿئي، جو ڪنهن ڪاريگر جون لياقتون اجايون نہ وڃن.

هرڪنهن ڌنڌي لاءِ خاص لياقتن جي ضرورت آهي نہ فقط جسمي ۽ ذهني، پر طبعي رغبت ۽ دلچسپي بہ وڏو ڪم ٿي ڪري. گهٽي سمجهہ ڪتي بہ ڪارائتو ڪري سگهندي، پر ڪاميابي ڪن ٻين وصفن سان بہ ٻڌل آهي. جتي بہ ڪي سمجهو پنهنجي طبعيت جي خلاف ڪن ڪمن ۾ لڳل آهن تہ اهي پنهنجو قيمتي وقت ضايع ڪري رهيا آهن. مناسب آهي تہ ڏسي وائسي پنهنجي وس ۽ وت آهر ڪم ڳولي ڪڍجي، جتي مالي حالتون ڪنهن حسابي مغزواري ٻار کي تعليم ڏيڻ کان عاجز هجن تہ قوم جو ڪم آهي ان کي مدد ڪرڻ. سيئي سڪين گهرن جا ٻار ڪي اعليٰ تعليم جا لائق بہ ڪين ٿا ٿين.

هي وقت خوابن جي دنيا ۾ گذارڻ جو نہ آهي. حقيقتن کي منهن ڏيڻ ۽ پيٽان پيٽيءَ جو زمانو آهي. اهو هاڻي ۽ هتي آهي. جيڪو چڙهي جيڪو ڪري."بني" جي فقط دلچسپيءَ جي ڪٿ واري "سوالنامي" ۾ 420 سوال آهن. هر هڪ جي جواب لاءِ ٽي خانا آهن: پسند، ناپسند، وچٿرو. ٽنهي مان مناسب خاني ۾ نشان ڪرڻو آهي. "سوالنامي" ۾ ڌنڌا، وندرون، خفت، شوق، شخصي ارڪان، لچڻ، لاڙا، مقصد، اسڪولي ڪم، ڇا ڇا نہ ڏنل آهي. وري ٻار ڪو اهي مشاق جو پتر مليو نہ آهي اتي جو اتي خاطريءَ سان ٻڌائيندا تہ ڪير ڪٿي ڪامياب ٿيندو. ڪو ڪٿي. طب ۾، راڳ ۾، واپار ۾، وڪالت ۾، يا انجنيريءَ ۾! سمجهہ، ڪوشش ۽ ڪم، ڇا ڇا نٿا ڪن!

باب ڏھون

حيوان ۽ ماڻھوءَ جي سمجھ ۾ فرق ۽ سندس تعليم تربيت

(1) حيوانن جي تربيت:

تربيت هٿ پير هلائڻ جي فضيلت ۽ نفاست سيکاري. اهي ڪم مشڪن جي ملي ۽ رس ۾ ڪم ڪرڻ تي منحصر ٿا ٿين، جيئن ته ترڻ، بائيسڪل هلائڻ، ڪنير جي چڪ تي ڪم ڪرڻ وغيره. اهڙن ڪمن جي عام جام مشق ڪرڻ ضروري آهي ته مشڪون هرن ۽ بهترين نموني ۾ ڪم ڪري سگهن. اهڙا ڪم جيڪي عادت ڪرڻ سان پرائجن ٿا، اهي "عادي سکيا" جو نتيجو آهن. بي آهي "خيالي سکيا" جا مغز جي لاڳاپ آهي نه هٿن پيرن جي استعمال سان. جيئن ته ڪو جاميٽريءَ جو مسئلو حل ڪرڻ ڪو رياضي يا ٻيو حسابي ڪم، فلسفو منطق وغيره.

حيواني تربيت بنسبت ٻه مکيه رايا آهن. هڪڙا جيڪي حيوانن کي خيال کان خالي ٿا سمجهن، تن جو چوڻ آهي ته جانورن کي فقط استعمالي سکيا ڏئي سگهجي ٿي. جيسين باندر جي چوٽيءَ وارين ذاتين تي پهچجي جن ۾ ڳچ سمجهه ڏسي سگهجي ٿي. هن متي جو علمبردار ٿارن ڊائيڪ آهي. گيسٽالٽ متي وارن جو چوڻ آهي ته جيسين اندرين ٿيت نه آهي ته هي ڪيئن هي چو، تيسين حيوانن ۾ تعليم به بي اثر رهندي. مطلب ته ٿارن ڊائيڪ جسمي چالن کي بنيادي ٿو سمجهي، ۽ گيسٽالٽ سمجهه کي ۽ مجي ٿو ته حيوانن ۾ به اهو اندريون شعور آهي، جو کين علم جي فضيلت ٿو بخشي. بازيگر جون قلابازيون اندرئين سوجهي کان سواءِ ٿي نٿيون سگهن.

اٺويهين صديءَ جي آخري اڌ تائين حيواني ڪرتب به ماڻهوءَ جي فطرت موجب سمجهيا ٿي ويا. ڇڪ هو به گهٽ سمجهو ماڻهو هئا. جن کي زبان ڪانه هئي پر اوٿون جذبا ۽ سمجهه ڪنهن قدر ضرور هئن. پوءِ اوچتو ڦرڪو ڦري ويو ۽ ائين سمجهڻ ۾ آيو ته حيوان کي سمجهه ڪٿان آئي جنهن جو نالو ئي ڏور. 1891ع ۾ لائڊمارگن جي ڪثيفائي حد لنگهي چڪي، جڏهن سندس نادري قانون ڄاڻايو ته حيواني روش، جا ٻيءَ طرح سمجهائي سگهبي، ان کي سمجهه جي درجي تي آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ ئي نه جڳائي. پوءِ ته حيوان سڀ بنا ٻوجهه جي، اٻوجهه خودرو ڪلون سمجهيا ويا ۽ شعور کان خالي. البت هن

زماني ۾ ائين سمجهيو ٿي ويو ته حيوان هڪجهڙا نه آهن. سندن ڪيترا فعل عڪسي عمل آهن پر ڪيترا سمجهه سان ڀڏل.

ٿارن ڊائيڪ جا حيواني سکيا تي تجربا:

’ٿارن ڊائيڪ‘ گهڻا تجربا ٻلن تي ڪيا. ڪين بک ڏئي اهڙن پڃرن ۾ بند ڪندو هو جن جا در ٿوري تجويز هلائڻ سان کُلي پون. پڃري جي ٻاهران ٻلي جو دلپسند کاڌو رکي ويهندو هو جاچڻ، ته ٻلو ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪهڙا حيلا ٿو هلائي. ڇا ٿو ڪري؟

پهرين ته ٻلو چنبن سان لڳو ٿي هيڏي هوڏي ڪٽ ڪٽ ڪرڻ. پڃري جي سيخن مان چنبا ڊگهيري در کي ڌونڌاڙڻ. بعضي ته پاڻ کي سوڙهو ڪري پڃري جي تيرڪشن مان نڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين جتي به ڪا ڍلي يا گهرگهلي جاءِ هٿ ٿي لڳس ته ان کي ٿي ڌوڏيائين. تان ڪر در جي تاڙيءَ کي ڪٽ ڪٽ ڪري لاهي ٿي وڌائين.

ٻئي ڀيري به ساڳيءَ طرح هيڏي هوڏي ڪٽ ڪوٽ ڪري وڃي ٿي تاڙيءَ تي پهتو. پر پهرئين ڀيري کان جلد تانڪ رفتي رفتي سندس اجائي نوس نوس گهٽ ٿيندي. انهيءَ منزل تي اچيو ٿي بيٺي، جو اڃا تاڙي اٿڪائي ته سنئون سڌو ڪوليو وينو اٿس: جيئن زياده بکيو. تيئن جلد ٿي سکيو. پر جي بک هوندي به کاڌو سامهون نه هوندو هون ته ڳچ وقت ٿي ورتائون.

ٿارن ڊائيڪ کي تجربن انهي خيال تي آندو ته ٻلي جي سکيا سَهَوَ سڌار جي متي تي ٿي هلي ۽ نه ڪنهن اندرين ٿيٽ تي، ٻلي ٻاهر نڪرڻ لاءِ به ائين حيلا ٿي هلايا. جيئن اسين غلطيون ۽ درستيون ڪري بائيسڪل هلائڻ ٿا سکون. يعني استعمال ڪرڻ سان.

ٿارن ڊائيڪ استعمالي تعليم جا ٽي قانون مرتب ڪيا:

(1) ڪثرت: جيڪي چالون وري وري ڪبيون سي پڪيون ٿينديون (2) تازگي: تازيون چالون وري وري ٿينديون. (3) نتيجو: ڪارگر چالون پڪيون ڪبيون ۽ بيڪار چالون ڇڏبيون وجبيون.

قرابتي اصول- سکيا جا قانون به قرابتي اصول کي دهرائين ٿا. جنهن جو چوڻ آهي ته رشتيدارين جي مضبوطي، ڪثرت تازگي ۽ تيزيءَ تي منحصر ٿي رهي. فرق اهو آهي جو قرابتي اصول خيالي رفاقتن متعلق آهي ۽ ٿارن ڊائيڪ جا قانون، بازن جي چالن جي سلسلي ۾. ان ڪري ساڳين اعتراضن هيٺ.

وڏي منجهائيندڙ ڳالهه اها آهي جو ٿارنڊائيڪ جا قانون چالن متعلق آهن نه خيالن سان ڳنڍيل. ٿارن ڊائيڪ جي قياس موجب ٻلو فقط ڪي چالون سهو سڌار جي اصول تي ڪندو ۽ غلطيون سڌاريندو سگهندو ٿو هلي. البت جي ائين هجي ته ٻلو جيڪر ٻيري ٻيري سان ساڳيون چالون نقل ڪندو رهي پر تجربو ابتڙ ٿو ڏيکاري. در کولڻ جي اٽڪل اچڻ بعد ڏسبو ته ٻلو ڪڏهن سڄو چنبو ٿو ڪم آڻي ته ڪڏهن ڪبو. ڪڏهن ته مورڳو ڏندن سان ڪوليو وجهي. جي مشڪن جي مشق تي ڪم هلندو هجيس ته جيڪر هر وقت ساڳين مشڪن کان ڪم وٺڻ تي مجبور ٿئي.

ڪيترا ٻيا تجربا به تائيد ٿا ڪن ته سکيا فقط مشڪن جي مشق نه آهي، ڪوئي ڪي ٻه واٽي جي منهن وٽ بيهاري ڇڏي ڏٻو. ٻه واٽي جي هڪڙي واٽ ور وراڪڙا ڪندي وڃو اوائڙي ڪُـتي ۽ ٻي ڦرندي گهرندي وڃو ڪاڏي تي سهڙي. هڪ واريءَ جي ڪوئو سڄائي واٽ سهي ڪري ويو ته پوءِ جي ان ۾ پاڻي ڀري ڇڏبو ته به ترندو واٽ اها ئي وٺندو. ظاهر آهي ته ترڻ جون چالون ٻيون ٿينديون. نه هلڻ جي مشڪن واريون. ان ڪري ٻلو هربل مشڪن جي گس تي نٿو هلي پر ڪنهن مغز جي ڏس تي. اهڙن تجربن ڪافي ثابتي موجود ڪئي آهي ته حيوان جو ڪم ڪار، ڪل وانگر چاٻيءَ تي نه آهي، پر ان ۾ به شڪ ڪونه آهي ته گهٽي خيال تي به ٻڌل نٿو رهي. نڪو ايترو شعور ئي اٿس جو سمجهي ته هن جو نتيجو هي ٿيندو. ان ڪري هيئن ڪريان پر ايترو ضرور چئبو ته فقط ماڻهو کي اهو فخر نه هئڻ گهرجي ته فڪر ڪرڻ جي لياقت فقط ڪيس عطا ٿيل آهي.

ولف گانگ ڪوئلر، گيسٽالٽ متي جي علمبردار 1925ع ۾ ٿارن ڊائيڪ جي ڪئي ڪمائي ڪٽ ڪري ڇڏي. چي: ٿارن ڊائيڪ کي حيوانن ۾ شعور ان ڪري ڏسڻ نه آيو، ڇاڪاڻ جو انهن کي اهڙين حالتن ۾ وڌو ويو، جتي هو پنهنجي ڪم جي ساري دائري ڏسڻ کان عاجز رهيا. جيڪڏهن ڪنهن ڀول ڀليان ۾ ماڻهوءَ کي اهڙي هنڌ بيهارجي جتي هو ساري ايراضي نه ڏسي سگهندو هجي ته هو به ساڳيا پير ڪٽندو جيئن ٻلي رستي ڳولڻ لاءِ جهوتون ٿي ڏنيون. ٻلي کي جيڪي ڪرٽو پيو سو سندس نظر جي دائري کان ٻاهر هو. هاڻي ڏسو ته ڪتو ڇا ٿو ڪري؟

هڪڙي تارن جي ڄاريءَ جي ديوار جي ٻئي پاسي ڪاڌو رکو ۽ هن پاسي ڪتي کي ڇڏيو ته هو هيڏي هوڏي نهاري جهلي جي ڇيڙي کان ڦري ڪيئن نه ٿو وڃي سڌو ڪاڏي تي پهچي، پر جي ساڳيو تجربو ڪڪڙ سان ڪيو ته اتئي بيٺو چنبن سان ڪوٽيندو ۽ ٺونگا هڻندو. جيڪا ڳالهه ڪتي پروڙي ورتي سا

ڪڪڙ جي وسعت کان ٻاهر هئي ڇاڪاڻ جو ڪڪڙ جي نظر ايتري وسيع نہ آهي جو ايڏو ميدان هڪدم نظر ۾ آڻي سگهي، اهڙن تجربن لاءِ ضروري آهي تہ تجربي جو دائرو ايترو هجي جو جانور جي نظر ۾ سارو اچي سگهندو هجي پوءِ خبر پوي تہ سَهـَوَ سڌار جي متي موجب اجائي ڪٽ ڪٽ ٿو ڪري يا خيال کان ڪم ٿو وٺي.

<u>ڪوئلر جا اتم باندرن تي تجربا:</u>

ڪوئلر، ايپ باندرن سان ڪيئي تجربا ڪيا، هن بہ ڪاج جي لالچ تي سندن ڪم جاچيو. جانور لاءِ بہ رستا رٿيا ويا، هڪڙو سڌو ۽ بند، ٻيو ور وڪڙو پر ڪليل. جو بہ جانور ڏسي ٿي سگهيو ۽ سندس مقصد حاصل ڪرڻ جي واٽ بہ اهائي هئي. اهڙين حالتن ۾ هڪڙي ايپ تہ سمجهہ جي چٽي ثابتي ڏني، جنهن پنهنجي پڃري جي سيخن کان ٻاهر ۽ پهچ کان پري پيل ڪيلن کي ريڙهي ويجهي آڻڻ لاءِ بہ ڪاٺيون ڳنڍي ڪين هٿ ڪيو. ڪن تہ ڇت مان لٽڪندڙ ڪيلن کي پهچڻ لاءِ ڪوکن تي ڪوڪا رکي وڃي مقصد حاصل ڪيو. ايپ جي سمجهہ جو ٿارن ڊائيڪ بہ قائل هو، پر ڏٺو ويو تہ جي ساڳيون سهوليتون ٻين جانورن بلڪ ڪوئن کي ڏجن ٿيون تہ اهي بہ گهٽي قدر تاڙيو وڃن.

<u>ٿيٽ جون حدون:</u> ٿارن ڊائيڪ انهيءَ رايي جو هو تہ سمجهہ يا پوري هوندي يا تہ اصل نہ، پر ائين نہ تہ سمجهہ جا بہ درجا آهن. ٻار کان وڏي تائين ۽ وڏي کان ڪاريگر تائين جيڪڏهن ڪنهن کي ريڊيو درست ڪرڻ لاءِ ڏبو تہ هر ڪو پنهنجي سمجهہ موجب سندس پرزن کي چوريندو ڦيريندو تہ من ڪو آواز نڪري. جڏهن اسين ريڊيي کي ڦيرڻ ڦلهورن لڳندا آهيون تڏهن تہ ساڳيو ٻلي وانگر سهوسڌار متي موجب ، بعضي هـِن ٻنجيءَ کي بعضي هـُن ٻنجيءَ کي ڪيڏندا پائيندا آهيون. بعضي تہ اوچتو آواز ٻڙڪو ڏئي نڪري ايندو آهي، جيئن ٻلي تاڙي لاهي تي وڏي. ظاهر آهي تہ ٻلي ۽ ماڻهوءَ جي تحقيقاتي روش ساڳيا پير تي وني، خاص ڪري جتي ٻئي بيخبر آهن ۽ ٻيو تہ ٻنهي جي ڪوشش مطلب واري آهي نہ بي مقصد.

<u>ٿيٽ جا ڪي ٿوچئجي:</u> گيسٽالٽ موجب ٿيٽ انهيءَ لياقت کي ٿو چئجي جا ٻوجهہ جي ڪوتاهين جون اوٽايون پري، الڳ الڳ پرزا ڳنڍي ڪين پورو ۽ چٽو ڪري ذهن ۾ آڻي. گهٽتايون ڪجهہ ملائڻ سان پرجن يا فقط منجهيل جزن کي پوري ترتيب ڏئي هموار ڪرڻ سان. اهو جوڙجڪ ٻليءَ جي مغز ۾ تڏهن

آيو جڏهن ٿيٽ پيس ته روڪيندڙ شي تاڙي آهي جنهن کي تيز ڏبو ۽ باندر جڏهن ڪاٺيءَ کي ڪيلي هٿ ڪرڻ جو وسيلو بنايو.

ٿيٽ مٿين مثالن ۾ رکي رکي آئي پر سندس دراصل خصوصيت اها آهي جو نه ٽپ ٽري اچي، جيئن ايپ کي ٿيٽ پئي ته ڪوڪي تي بيهڻ سان ڪيلي کي پهچي وڃبو.

ڪوئيلر پنهنجن تجربن مان هن نتيجي تي پهتو ته جي سڀ ضروري شيون جانور جي اڳيان ٿيون رکجن ته هو انهن کي ڳنڍيو پوري سٽ سٽيو وڃي، پر جي لٺ پنيري رکيل اٿس اهڙي طرح جو جي ڪيلو ڏسي ٿو سگهي ته لٺ نٿو ڏسي، جي لٺ ٿو ڏسي ته ڪيلو ڏسڻ ۾ نٿو اچيس ته پوءِ مسئلو مشڪل ٿيو پويس. اٿين به معلوم ڪيائين ته جانور کي هڪڙي مجمعي مان ڪا شيءِ ڪڍي. بئي مجموعي ۾ ڳنڍڻ ڏکي تي لڳي. جن باندرن لٺ ۽ ڪيلي جو مسئلو حل ڪيو هو تن کي اهڙي پڃري ۾ رکيو ويو، جتي لٺ موجود ڪانه هئي، پر هڪڙو وڻ اهڙو هو جنهن جون هلڪيون ٽاريون سولائيءَ سان پٽي سگهجن. اتي فقط کي ٿورا نهايت سمجهو باندر ڪامياب ٿيا.

ٿيٽ ۽ سمجهه ۾ فرق: ڪلوئٽزي ۾ هڪ پيري قاتل مڇيءَ کي جي ڪنديءَ مان ڇڏيائي تلاءَ ۾ ڦٽو ڪري وري ڏور وجهبي ته وري به اچي ڪلوئٽزي ۾ اٽڪيل ڳاهه کي ڪنڊڪائيندي. اها آهي اوٽ. جنهن جو طرز عمل اها آهي جو جڏهن به ڪنهن جانور جي ڪنهن حواس جي زد ۾ ڪا ڳالهه اچي ته هو هڪدم ڪا خاص هلت وٺي، جنهن لاءِ هو مجبور آهي، پر جي آزمودي ڪري هو پنهنجي ذاتي روش ڦيرڻ تي ذري ماتر به مائل ٿئي ته چئبو ته سمجهه ٿو هلائي. هاڻي جي مڇي ڪلوئٽزي ۾ اٽڪايل ڳاهه کي پري کان ڏسي پڇي وڃي ته سمجهه ظاهر آهي. ماڻهو به نفسي اوٽن ۾ ڪنهن قدر مجبور آهي پر سمجهه ساڻي ڪيو اهنجن وقتن تي پاڻ ڪڍايو وڃي. اهڙي هلت کي "درستي روش" چئبو. اهي روشون جي آزمودو ٿيون ڏين، هي ٿيٽ ڏيکارين ٿيون، پر ڪا به دليلبازي منجهن دخلڪار ڪانه تي ٿئي. اها مڇي جا ڳاهه کي جهلي وري ڇڏيو ڏئي، سا آزمودي ڪري، وري انهيءَ ڳاهه کي نه وچڙي ته ٿي سگهي ٿو، پر ايترو پروڙ ۾ ڪين ايندس ته اهو ڪاج ڇيندڙ ۽ تڪليفائتو آهي، انڪري ڪاٺڻ نه گهرجي، ماڻهوءَ کي جي سانڊاڻي مان وائي ٿي هوندي ۽ سور سهي ڇٽو هوندو ته ٻنهي جي رشتيداريءَ جو پورو شعور هوندس، ان ڪري سور کي ياد ڪري وري نه وچڙندس. درستي روش، سمجهه جو هلڪو نمونو ضرور چئجي. جيئن

جيتامڙي ڪان ايپ تائين ڪوجنا تي ڪجي ته ڪا به روش ٿوري ٿوري مٿانهين جانور ۾ تبديل ٿيندي نظر ايندي تان ڪ ماڻهوءَ ۾ بهترين صورت اچيو وڃي.

حيواني حافظو: حافظو ۽ پرائڻ، سکيا جا به عملي پاسا آهن، استعمالي علم يا خيالي علم، ٻئي حافظي تي مدار تا رکن. حيوان خيالي علم کان خالي ڪين آهن ۽ صحيح معنيٰ ۾ حافظي جا ڌڻي آهن، اهڙي خاطري ڪانه ٿي آهي.

حيوانن کي لفظن جي سڃاڻ ته ٿي نٿي سگهي، ائين به آهي ته خيالي يادگيري لفظن سان ڳنڍيل ڪين ٿي ٿئي. جڏهن ياد ڪبو آهي ته ڪنجي ڪٿي رکيم، تڏهن ڪنجيءَ جو عڪس تري ايندو آهي، نه سندس نالي جي لفظي صورت. حيوان به عڪسي تصورات جا مالڪ ڏسجن ٿا. ڪتي ٻلي يا ڪئي جي سامهون جي ڪنهن گهٽن برتنن جي جهڳٽي مان هڪڙي ۾ ڪا ج رکي ٿوري دير ۾ آزاد ڪبس ته سڌو انهيءَ ٿانو تي اچي بيهندو، پر جي ڳچ دير پئي ته ڳولٽو پوندس. ايپ ته سترهن ڪلاڪن ڪان پوءِ به سڌو ان تي اچو سهڙي. ظاهر آهي ته حيوان کي ڪاج جو رکڻ جي يادگيري رهي ٿي پر ان کي ڪجهه وقت گذرڻ ڪان پوءِ سڃيتيءَ ۾ آڻي نٿو سگهي.

سڃهڻ ۽ ياد پوڻ: ائين به ٿيندو آهي جو ڪو ماڻهو دل سان پيو لڳندو آهي ته ڏٺو اٿم پر ڪٿي ۽ ڪير اهو ياد نه ايندو آهي. انهيءَ لاڳاپيل شناس کي سمجهڻ ٿو چئجي. پوءِ جي رفته رفته تري آيو ته فلاڻو ماتر آهي ته چئبو ياد ۾ اچي ويو. ڏسجي ٿو ته حيواني حافظو سڃهڻ تي ئي محدود آهي ۽ پوري يادگيريءَ ڪان عاجز. ڪتو پري ڪان ڪنهن واقف کي سڃاڻيندو، پر ائين ياد ڪونه هوندس ته اڳي هيترا پيرا هتي يا ڪٿي مليو اٿم. ڪتو فقط ڪجهه نظر سان ڪجهه نڪ سان ڪيس سڃاڻي ٿو ته واقف آهي ۽ وڻندڙ آهي ۽ بس. ساڳي طرح جي ٻلي ڪنهن ٻر تان ڪوئو جهلي ڪاڏو هوندو ته ٻئي پيري اها سموري يادگيري ڪيس انهيءَ ٻر تي ڪين آڻي بهاريندي پر منجهس انهيءَ ٻر متعلق ڪجهه دلچسپي ڪجهه اڃانگرائي ضرور ٿي پوندي. ساڳيءَ طرح اسين به بعضي ڪا پيٽي پٽيندا آهيون ۽ ٽپڙن کي ٽاهڻ لڳي ويندا آهيون پوءِ اوچتو خيال ايندو آهي ته ائين پلا چو ڪرڻ لڳس. ڪجهه ڏنم ته تي پر الائي چا. اهو ويو سو ويو. جانور به ڪاج جي جاءِ تي وڃيو پهچي پر چا لاءِ ۽ چو اها چتائي ڪانه ٿي رهيس.

(2) ماڻهوءَ جي تعليم ۽ سندس حافظو:

ماڻهوءَ ۽ حيوان جي تربيت ۽ نتيجي ۾ ڪيئن نہ فرق ٿئي؟ ماڻهوءَ جي افضل سمجهہ، سندس صفاتي خيال جي وسعت بهتر حافظي جي طاقت ۽ دليلسازي، حيواني ادبيت تي نمايان فضيلتون آهن: (1) ماڻهو مُنجهيل مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪيتري نہ تميز ٿو ڪم آڻي. هي ڇڏ هو ڪڻ، هي اجايو هو سٺو (2) پنهنجي گذريل آزمودن کي ياد ڪري انهن مان فائدو حاصل ڪري ٿو. (3) ماڻهو ويٺي ويٺي خيالن کي مغز ۾ ڦيرائي سگهي ٿو، جانور تہ جڏهن ڪجهہ ڪن تڏهن ان مان ڪجهہ پرائين (4) ماڻهو ٻين جي تواريخي احوال مان ئي ڪيترو سکي سگهي ٿو. ڪنهن اديب جي سمجهاڻي هن جي علم پرائڻ کي ڪيترو وسيع ڪري سگهي ٿي. پڙهڻ ڪري ساري دنيا جي تجربات هن کي ملي سگهي ٿي. مٿي استعمالي ۽ خيالي سکيائون الڳ ڏيکاريونسين پر ماڻهوءَ ۾ ٻيئي لاڳيتيون ڪم ٿيون ڪن. ٽائيپ ڪرڻ يا موٽر هلائڻ ۾ جسم توڙي ذهن، ٻيئي طرف ساڳي وقت تعليم هيٺ اچن ٿا، رڳو ونجهہ وٺيءَ جهڙيءَ سوليءَ راند ۾ بہ فقط هٿن ڪان ڪم ڪونہ ٿو ورتو وڃي، اتي بہ مغز کي ڪم ڪرڻو پوي ٿو تہ ٻيءَ ڌر کي ڪيئن ڪاپائجي. استعمالي علم ۽ خيالي علم حقيقت ۾ تعليم جي ڏوريءَ جون بہ پڇڙيون چئبيون، جن جي وچ تي ماڻهوءَ جي تعليم جا اهي ڪم آهن جن ۾ جسمي توڙي ذهني تربيت ٻيئي شامل ٿيون رهن.

استعمالي تعليم: استعمالي تعليم حقيقت ۾ جسم جي مشڪن جي تربيت آهي، تہ ڪيئن ڳچ جيتريون مشڪون هڪ ٻئي سان رفاقت ۾ ملي ائين ڪم ڪن، جن جو گڏيل تحرڪ هڪ اهڙي ظاهر ڪم ۾ نمودار ٿئي جو موزون ۽ سهڻو لڳي. ٻار جيسين ڪنڌ جهلڻ نہ سکيو آهي، تيسين هڪ ڪپهہ جي گڏي جي مثال آهي جنهن کي نہ پنهنجي بار جهلڻ جي طاقت آهي نہ بيهڪ، جڏهن ڪنڌ جون مشڪون مٿي جو بار سهسائي ڪيس سڌي جهلڻ تي هري ٿيون وڃن، تڏهن وري ڪنڌ کي مٿي جي بار سميت هيڏي هوڏي ڦيرائڻ جي ضرورت پيدا ٿي ٿئي تہ مغز اکين کي سڄي کٻي ڦيرائي، پنهنجي آسپاس جون حالتون ڏسي سگهي . پوءِ پني سڌي جهلڻ ۽ چيلهہ سڌي جهلڻ سکي ويهڪڙو ٿو ٿئي. هاڻي مغز، جو ئي بدني ڪل جو مالڪ آهي، گهڻي قدر پنهنجي سامهون پاسن کان ۽ ڪنڌ ورائي پٺ کان پنهنجي آسپاس جو معائنو ڪري سگهي ٿو پوءِ تہ اهي بيهڻ، پير ڪڻڻ، پنڌ ڪرڻ، ڊوڙڻ، هٿ هلائڻ، ڌڙ کي ورائڻ سان منزل بمنزل سندس آسپاس جو دائرو ويتر وسيع ٿيو وڃي. جنهن ڪري پري پري

ڪان پنهنجي نفعي نقصان کي ڏسي حالتن موجب پنهنجي بدن ڪل کي چوري، پيتا پيتيءَ جي ڊڪ ڊوڙ ۾ پاڻ کي سڪئي ڪرڻ جا اسباب ٿو ڳولي.

هرهڪ منزل تي ڪيترين مشڪن کي گڏجي ڪم ڪرڻو ٿو پوي جن کي پوري رفاقت ۾ اچي موزون ڪم ڪرڻ لاءِ وقت ۽ ڪثرت جي ضرورت ٿي رهي، موزون ڪم ان کي ٿو چئجي جو گهٽ ۾ گهٽ تحرڪ سان ٿئي ۽ اجائي چرپر کان صاف هجي، مناسب وڇوٽين تي ڪجهه فرصت به درڪار ٿيندي جنهن ۾ ايندڙ منزل جي تياري ٿئي. ٻار کي جي تڪڙو تڪڙو منزلن طئي ڪرائڻ تي راضي ڪبو ته مشڪل ٿي پوندس ۽ ڪٿي نه ڪٿي اٽڪي پوندو. مثال خاطر وڏي هوندي ٽائيپ سکڻ جون منزلون جاچيو. پهرين ته سيڪڙات کي حرف حرف ڳولي ڏسي وائسي ڏڪ هڻڻو پوندو. پوءِ ننڍا لفظ ۽ وڏن لفظن جا پد لاڳيتا هڻندو ويندو. هاڻي جي ٿي منزل به اکري پڙ ٿيو ته جملا به ائين لهر ۾ ٺوڪيندو ويندو. چٽڪ ٽائيپ ۽ سندس آڱريون سُر ۾ ڪو باجو وڄائي رهيون آهن. حرفن، لفظن ۽ جملن ٽنهي منزلن جي ڌار ڌار آخر ۾ ڪم کي روڪڻ مناسب ٿيندو ته مغز کي سڪيل ڪم کي هنڊائي، تازيون ”رشتيداريون“ پڪيون ڪري ۽ آئيندي ڪم لاءِ تيار ٿئي. هرهڪ منزل تي سيڪڙات کي ساهي نه ڏبي ته ڪم پڪو نه رهندو. ساڳي حالت آهي ٻار جي پنڌ سکڻ، لکڻ، پڙهڻ ۽ ياد ڪرڻ جي.

تعليم متعلق ڪن مسئلن بابت هدايتون

تعليم ڏيڻ معنيٰ ڪنهن کي دنيا سان تعلقات ٺاهڻ لاءِ ڪا پختي سولي واٽ ڏسڻ، جنهن تي هلي هو پنهنجا جائز مطلب پورا ڪري سگهي. تعليم حاصل ڪرڻ يا ڪنهن به جهد ڪرڻ جو راز اسان جو مطلب آهي. وري جيئن تعليم اسان جي ڄاڻ وڌائيندي وڃي، تيئن اسان جا مطلب به وڌندا وڃن ۽ سلسلو مرڻ تائين هلندو هلي. اها تعليم آهي جا عاجز بيخبر ٻار کي محتاجيءَ مان ڪڍي قابل ڪري پنهنجن پيرن تي ٿي بيهاري. علم جون فضيلتون سڀ سيڪڙات کي پنهنجي ڪوشش مان هٿ ڪرڻيون آهن، ڪَن ۾ ڦوڪ ڏيڻ سان علم ڪونه ملندو. علم کي مغز ۾ جاءِ وٺي پنهنجا گهات گهڙڻا پوندا ته ڪارگر ٿئي.

متعلم جي ڪوشش کي چست ڪرڻ لاءِ شاباس ۽ وقتي ساراهه جي ضرورت آهي. ساراهه سندس حوصلو وڌائيندي ۽ مار يا جث ڦٽ، بلڪ رڳو ڏوهه ڏيڻ، سندس چاهه کي چٽ ڪري ڪُند ڪندا.

عادت، خيال کي ڪم نه آڻڻ ڪري، خيال جڏو ڪريو ڇڏي. رواج کي بهترين سمجهڻ معنيٰ سڌاري کي پري رکڻ ۽ ترقيءَ تي تالو هڻڻ. جي ائين سمجهبو ته جيڪي آهي سوئي گهڻو آهي ته اڳتي وڌڻ ڇتو. ڪجهه نه ڪجهه نئون داخل ڪندو رهجي. هر ڪا ڳالهه بهتر ٿي سگهي ٿي.

ٽَڪ، ڪک ڪنڌڙ ڳالهيون، غلط طريقا ۽ رواج تعليم کي بي لذت ڪيو اجاڙيو ڇڏين. ڪم کي موزون نموني ۾ ورهڻ ۽ آرام لاءِ ساهيون ڏيڻ ضروري آهن.

ٻئي کي ڪم ڪندي ڏسڻ سان ڪم هٿ ڪونه ايندو، پنهنجن هٿن سان ڪم ڪبو تڏهن سکبو. نڪي ٻڌو ڏٺو ٿئي، نڪي ڏٺوڪيو ٿئي. ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ ايڏو فرق آهي جيترو ڏسڻ ۽ ڪرڻ ۾. ڏسڻ ڪم جي واٽ ڏسيندو پر ان تي هلڻ ڪم سندس.

تعليم ڏيڻ لاءِ مناسب اسباب جو هئڻ ضروري آهي، جيترا معقول اوزار هوندا اوترو علم پڪو ۽ پختو ٿيندو، تعليم درست ٿيندي ۽ متعلم جي ڪم سان دلچسپي وڌندي. وڏي ڳالهه اها آهي ته جيڪو ڪم ڪنهن کي سيکاريو ٿو وڃي اهو هن جي ذهن ۽ طبع موجب آهي يا نه.

<u>ياد ڪرڻ، خيال ڪرڻ ۽ رٽڻ:</u>

<u>ياد ڪرڻ:</u> سکيل ڪم کي وري خيال ۾ آڻڻ کي ياد ڪرڻ ٿو چئجي ۽ وسارڻ آهي ان کي خيال مان خارج ڪرڻ سکيل ڳالهه کي ساندي نه سگهڻ جي حالت کي ويسر چئبو آهي. ويسر وقت پوڻ سبب نٿي ٿئي پر ٻين ڳالهين جي اچي وڃڻ ۽ ڳاهٽ ٿيڻ جو اثر وڌيڪ ٿو ٿئيس.

ڳالهه جيتري معنيٰ خيز هوندي اوتري ياد ڪرڻ ۾ سولي. اٽوٽندڙ يا ڏڪوئيندڙ ڳالهيون ياد ٿيڻ ڏکيون، پل نه پڪيون هجن. اهڙيءَ ويسر کي ميسارڻ چئبو آهي. ظاهر آهي ته يادگيري پسنديءَ جو پهه آهي.ڪنهن به ڳالهه جون ٿلهيون ڳالهيون ياد رهنديون، پر سندس ذرا پرزا وسري ويندا آهن ۽ جي خيال ۾ آيا ته به صحيح شل هجن.

<u>خيال ڪرڻ:</u> ذهن ۾ سانديل نشانين جي چور پچور کي خيال ٿو چئجي. نشانيون خيال جون وٿون آهن، جي ٻاهرين ذاتي ۽ صفاتي شين جون عيوضي آهن. اها نشاني جا مختلف شين ۾ هموار ڏيکاري ان کي ٻوجهه ٿو چئجي. ٻوجهه ۾ وڌاءُ گهٽاءُ ضرور ٿئي ٿو. سڀ ٻاهريون شيون ڏيان تي هڪ جيتريون نٿيون اچن. جڏهن خيال کي ڪنهن مسئلي جي حل ڪرڻ لاءِ مسلسل هلائبو آهي. تڏهن ان کي بحث چئبو آهي. بحث جا ضروري فقرا هي ٿيندا:

(1) حل طلب مسئلو (2) مسئلي متعلق مڪيه حقيقتن کي قبولڻ ۽ نظر ۾ رکڻ (3) هر ممڪن سلجهاڻيءَ کي ظاهر ڪرڻ (4) سلجهاڻين تي ردبدل ۽ تڪرار (5) واجبي غير واجبيءَ جي ڇنڊڇاڻ (6) منظور نامنظور جو فيصلو.

ڪنهن به مسئلي جي حل ڪرڻ ۾ نه هڪ پاسو خيال ڪجي ۽ نه ڪنهن ذهني سٽا ۾ پاڻ کي ڦاسائجي. هر ڪا وات وري وري جاچجي ۽ نيون واٽون ڳولجن. خيال کي سخت نه جهلجهي، پيل ته هيڏي هوڏي اڇلون ڪائي واٽ ڪڍي. خيال هميشه آزاد هجي، تنگ دائري ۾ سوگهو جهليل بيڪار رهندو. جيترو مسئلي جي آسپاس ميدان وڏو اوترو ان کي هر طرف کان نهاري نشان بنائي سگهبو. هيئن نه ٿيو ته هونءَ ٿيندو!

رٽڻ: رٽڻ معنيٰ بنا سمجهڻ جي ياد ڪرڻ. پنهنجي ٻوليءَ جا ڇڙوڇڙ بي مطلب لفظن جا جملا يا ڌاري ٻوليءَ جون سٽون، ساڳي ڳالهه آهي. ڇاڪاڻ ته ٻئي سمجهه کان خارج آهن ۽ ذهني حافظي کان پري، رٽڻ به استعمالي ڪم ڇٽبو نه ذهني. جهڙوڪ ڇاڙهيءَ تي موٽر کي ڪيئن چالو ڪجي يا بال کي ڪيئن آڱرين جو اشارو ڏجي جو پونيٽ پريندو وڃي استمن تي ٺڪ ڪري.

ڌاري ٻولي تي رٽڻ جي حد. بنهه طوطي جو ڪم. ڇاڪاڻ جو سمجهه کان بنهه ٻاهر آهي. ٻئي درجي ۾ ٿيا پنهنجي ٻوليءَ جا ڇڙوڇڙ جملا، جن ۾ جملن جو مطلب ملي پر جملن جي پاڻ ۾ رفاقت ڪانه. ٽئي درجي ۾ آهن اهڙيون سٽون، جي ڪنهن غير واقف علم متعلق هجن. جيئن ته موسيقي يا ڪو ٻيو خاص علم، جتي لفظ واقف لڳن پر سٽ جو مطلب گم، جيسين انهيءَ علم جي ٻوليءَ سان واقفيت ٿئي. انهن ٽنهي قسمن جي تعليم ۾ ذهن ڪم ڪونه ٿو ڪري. ان ڪري تعليم ناپائدار ۽ بيسود رهندي. جيئن سنڌي سڪنڊڙ ٻار ويهي عربي فقرن وارو "وياڪرڻ"رٽي. هن کي ڪهڙي خبر ته فعل متعدي بالواسطا ڪهڙي بلا آهي.

جرمن ودوان ايبنگهوس، رٽڻ تي خوب تجربا ڪيا. پنهنجي شاهيل بي ترتيب ۽ بي مطلب اکر ياد ڪرايائين. جيئن ته نج، ند، ڦا، ڪب، ڳو وغيره. ڏٺائين ته (1) بي مطلب لفظن کي ياد ڪرڻ لاءِ ڏهوڻا ٻيرا ڏيڻا ٿا پون (2) وسريو به جلد وڃن (3) پر وري ياد ڪرڻ سان نيٺ پڪا ٿيو وڃن (4) بي مطلب اکرن کي جي ڪنهن سر ۾ آڻجي ٿو ته سولا ياد ٿا ٿين پر بنا ڪنهن سلسلي جي ڏکيا ٿيو پون.

ذهني حافظي ۽ ويسر بابت حقيقتون:

بعضي ائين سمجهيو ٿي ويو ته مغز جي مختلف لياقتن جيئن ته سوچڻ، سمجهڻ، فيصلي ڪرڻ، ارادي يا بحث ڪرڻ وغيره . هر ڪنهن لاءِ ڪا خاص مقرر جاءِ مغز ۾ ٿي ٿئي، پر پوءِ معلوم ٿيو ته سڀ دماغي وصفون هڪ ٻئي سان ائين ته ڳتيل ٿيون ٿين جن کي ڌار ڪري بالڪل نٿو سگهجي. تجربن ظاهر ڪيو آهي ته حافظو به سمجهه وانگر گهڻين ڳالهين سان ڳنڍيل ٿو ٿئي. لفظن جي ياد، نظر، ڪن ۽ هٿ جي تحرڪي احساسن سان لاڳاپيل آهي. لفظ جي نقشي صورت اک ڏئي. آواز ڪن ڏين ۽ لکڻ جو پيرو هٿ جي مشڪن جي تحريڪي چال ڏئي. ان ڪان سواءِ مهاندا، جايون، آواز جا سر، انگ وغيره به حافظي ۾ جاءِ وٺن ٿا. ان ڪري ائين چوڻ ته فلاڻي جو حافظو خراب ۽ فلاڻي جو چڱو به مقرر درجا آهن، سو غلطيءَ کان خالي نه ٿيندو. آزمودي ظاهر ڪيو آهي ته (1) دلچسپي وڌائڻ سان خراب حافظو به سٺو ٿيو پوي (2) حافظو باريڪ تپاس ۽ جاچ سان ٻڌل آهي ۽ جاچ دلچسپيءَ سان. جيئن جاچ ڪي وڌائبو تيئن ان شيءِ بنسبت علم زياده ملندو ۽ ان سان مغز جا تعلق گهٽا ۽ گهاٽا ٿيندا ۽ حافظي ڪي پختو ڪندا. شين ڪي باريڪيءَ سان تپاسڻ ۾ ئي ڪاميابي حاصل ٿيندي. حقيقت ڪي ڳولڻ ۽ ڪولڻ لاءِ سوداءُ اورچائي ۽ صحيح فيصلي جي لياقت ضروري آهن (3) حافظو گهڻي قدر شوق ۽ جذبي سان ٻڌل آهي، "خيال سان ٿورو. هتي به مجنو گهرجي. باغائي پنهنجي شوق ۾ جيڪي گلن ۾ ڏسندو سو واڍو ڪين ڏسندو. ڊاڪٽر ڪي دوائن جا نالا ياد ڪرڻ سهنجا، ڪلاونت ڪي سر، شاگرد ڪي موڪلن جا ڏينهن (4) مغز ڪا به ڳالهه پنهنجي واقفيت ۽ دلچسپيءَ موجب محسوس ٿو ڪري.

انجڻ جو لفظ چئو ته ڪنهن ڪي ريل جي انجڻ سجهي ايندي، ڪنهن ڪي رستي ٺاهڻ واري انجڻ، ڪنهن ڪي ڦٽين ٽاٽڻ واري، ڪنهن ڪي اٽي پيهڻ واري، ڪنهن ڪي پاڻي چاڙهڻ واري وغيره، جنهن سان به هن جي واقفيت ۽ دلچسپي رهي هوندي. "چٽڪمرو" ڪنهن ڪي بلاڪيت ياد ڏياريندو ته ڪنهن ڪي ٻلو، ڪنهن ڪي شينهن، ٽتر، ڪو رنگين ڪپڙو وغيره جيئن سندس مغز ۾ ڪو خيال هوندو تيئن ان سان انهيءَ اکر ڪي ملائي چڙيندو. ان ڪي "شامل خيالي" يا "ڪُڪَڙُ" چئبو آهي. مغز ڪا به نئين شيءِ پنهنجي موجوده علم جي روشنيءَ ۾ ڏسندو. ڪنهن نمائش جو بيان هر ڪو پنهنجي حوصلي موجب ڪندو. ٻار چنڊ ڪي رڪيبي معلوم ڪندو.

حافظي پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي: (1) حقيقتون گڏ ڪرڻ ۽ انهن کي مغز ۾ سمائڻ (2) سانڍڻ (3)اتلائڻ. هاڻي جي اسين گوتم بنسبت ڪجهه ياد ڪرڻ ٿا گهرون ته ڪنهن وقت ضرور هن بابت احوال مغز ۾ سمايو هوندوسون، ان کي ايترو وقت سانڍيوسين ۽ هاڻي ان کي وري ويچارڻ ٿا گهرون.

ڪنهن بابت ڪن حقيقتن جو سمائجڻ سمجهه سان ٻڌل آهي. سانڍڻ ۾ ڪيترا پيرا انهن ڳالهين کي وري وري ڌيان ۾ رکبو ته پلجي نه وڃن. سانڍڻ جو سمجهه تي ايترو بار نه آهي جيترو رٽ تي، ته کهڙين ۽ ڪيتري تعلقدارين سان ان کي شامل ڪيو ويو آهي. جذبي تي گهڻو مدار اٿس اتلائڻ معنىٰ سانديل علم کي اٿارڻ يعني وري ياد ڪرڻ. بعضي جي ڪنهن جي نالي کي اتلائڻ جي ڪوشش ڪبي آهي ته بيڪار ثابت ٿيندي آهي ۽ نالو ياد نه ايندو آهي. پر جي ڪو اهو نالو وٺندو ته هڪدم ان کي سڃاڻي چئبو ته اهو اتلائڻ ۽ سڃاڻڻ ٻه الڳ وصفون آهن ۽ ٻنهي جي پرتال ڪري سگهجي ٿي. مثال: اڪبر اعظم ڪهڙي سال ۾ ڄائو، ڏيکاريندو ته سال ياد اٿس يا نه. سڃاڻپ لاءِ ٿي چار سن لکي پڇبو ته جنهن سال ۾ اڪبر ڄائو ان کي نشان ڪريو. ان مان معلوم ٿيندو ته انهي سال سان واقفيت اٿس يا نه.

ياد ۾ آڻڻ، سڃاڻڻ کان گهڻو ڏکيو آهي. ياد ۾ آڻڻ لاءِ مغز کي کوجنا ڪرڻي ٿي پوي پر سڃاڻڻ لاءِ نه. ياد ۾ آڻڻ هڪ انتخابي ڪم آهي، جنهن لاءِ مغز کي ڳولڻو ڦولهڻو ٿو پوي. روزمره جي ڪمن ۾ اسين ياد ۾ آڻڻ سان ڪا ڳالهه حرف بحرف ته ڪانه ورجائيندا آهيون. اسين فقط اهي ڳالهيون مغز ۾ ڳوليندا آهيون، جن جو موجوده ڳالهه سان واسطو هوندو آهي. جي اجايون ڳالهيون ياد پونديون رهيون ته شايد موجوده دلچسپيءَ جو مور ڳو رخ ئي ڦري وڃي. پلا جي خيال ۾ هجي ته ڪناري تي ويٺي درياءَ جو پيٽ ڪيئن ماپجي ۽ ساري جاميٽري اچي اکين اڳيان سهڙي ته شايد موجود مقصد ئي ٽڙڪي وڃي، ڇاڪاڻ ته ياد ايندڙ ڳالهين جو ان سان ڪو تعلق ئي ڪونهي.

تعلقدار ڳالهين کي ياد ۾ آڻڻ جو ڪم گهڻي قدر سمجهه سان ٻڌل ٿو رهي، جا قرابتي سلسلا ڳولي چنڊڇاڻ ڪري تعلقات کي نروار ڪري. حافظو جو ڏسڻ ۾ نيڪ اچي پر گهربل حقيقتون پيش ڪري نه سگهي ته اهو ٻه برابر ڪين چئبو. سوال هجي در جي بولٽ جو ۽ جواب ۾ حافظو سارو در آڻي ڪڍي ته ڪهڙي ڪم جو. گهڻ ڳالهائو ٻه ڪک ان ڪري ڪندا آهن جو وقتي ڳالهه جي نزاڪت صحيح ڪرڻ لاءِ ڪا انتخابي لياقت نه هوندي ڪانه اٿن. جو بامطلب ڳالهائي سگهن. باقي ڳڙ ڳڙ پئي هلندي ۽ ڪُتي چوٽي!

وسير جا سبب: وسير يادگيريءَ جي ابتڙ آهي. وسير ياد جي گهٽجڻ يا بنهه بيهي رهڻ کي چئجي ٿو. جيڪڏهن نظر جون قرابتي تارون ڪپجي پون ته اک ڏسي سگهندي، پر انهيءَ شڪل کي ماضيءَ سان ڳنڍي ڪين سگهندي. ساڳيءَ طرح ٻيا حواس. يادگيري ماضيءَ سان ڳنڍيل ٿي ٿئي. ساڳيءَ طرح سمجھ ۽ سڃاڻپ. جي مغز ۾ اڳيون رشتيداريون نه هجن ته باقي ٿيون وقتي حواسي خبرون، جن تي ذهن ڪو به ڪم ڪري ڪونه سگهندو. ڏنو، ٻڌو يا چکيو سڀ اها گهڙي هلندا پوءِ بس، ٿي گذري. مطلب ته يادگيري حواسي خبرن تي جيڪي ڪي مغز جي اندر وهي واپري ٿو ان سان ٻڌل ٿي رهي. اهو سلسلو مغز ۾ کهڙو ۽ ڪيئن ٿو هلي ان جي ڇنڊڇاڻ اڃا ڪانه ٿي سگهي آهي، ان ڪري حافظو احساس ۾ آڻي نٿو سگهجي.

وسير جو وڏو سبب ته اهو آهي، جو ڪا ڳالهه وري وري ڌيان تي نٿي اچي ۽ رفتي رفتي پٺيءَ تان ميسارجو وڃي. جڏهن نشان بنهه جهيڻا پئيو وڃن ايتري قدر جو ياد ڪي اڀاري نه سگهن، ته به سڃاڻپ پيدا ڪرڻ کان ڪين گسندا، البت ڪي من ودوان انهيءَ رايي جا آهن ته هڪ ڀيري جي مغزجي ڌيان تي ڪجھ آيو ته ڪڏهن گم ٿي نٿو وڃي. ظاهر آهي ته جڏهن به هڪواريءَ ياد ڪيل ۽ پوءِ وسري ويل شعر وري ٻيهر ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي آهي، ته پهرئين ڀيري کان ياد ڪرڻ ۾ گهٽ وقت لڳندو آهي. ڪي من ودوان وساريل ڳالهين کي مسمريزم هيٺ ياد ۾ آڻڻ جا قائل آهن.

حافظي جي سُن: رفتي رفتي ياد جي گهٽجڻ کان سواءِ بعضي ائين به ٿيندو آهي جو ڪو گهٽو ڇاتل نالو، جو اڄ به ورتو ويو هوندو اوچتو وسري ويندو. هاڻي هي ته ڪا اهڙي ڳالهه ڪانه آهي جا هڪ دفعي اسڪول ۾ ڌيان تي آئي ۽ نه ورجائڻ ڪري وسري ويئي. اهو نالو ته ڪئين ڀيرا ڌيان تي آيو هوندو پوءِ اوچتو سُن ۾ اچيو وڃي.

حافظي تي ٻُٽ اچڻ جي سببن مان مکيه اهو ٿو ڏسجي ته مغز ۾ ڪيترين مشابهه ڳالهيون اچي ٿيون وڃن. جي افضل جو نالو ياد ڪرڻو هوندو ته فضل کان اڳتي وڌبو ئي ڪين نه ته اجمل تي وڃي نڪربو. فزيالاجي هن جي سمجهاڻي ائين ٿي ڏئي ته جڏهن به ٻه مشابهه نقشا مغز ۾ اچو اٽڪن ته غلط نقش يادگيريءَ ۾ ترڻيو اچي، چاڪاڻ ته ڪثرت، تازگي ۽ تيزي، زياده دلچسپيءَ سبب ماضيءَ ۾ سندس پنيرائي ڪئي ٿي ڏسجي.

اهڙيءَ طرح حافظي ۾ ٻُتجڻ بعد ياد ڪرڻ جي هرڪا ڪوشش اجائي ويندي. ان ڪري ڳالهه کي ڇڏي ڏجي ته مغز نقشي جهڳڙي کان آجو ٿئي، پوءِ عجب نه آهي ته بنا سوچ جي گهربل نالو تري اچي. ڏٺو ويو آهي ته ياد ڪرڻ کان پوءِ، جي مغز کي ٿاپر تي ڏجي ته ويسر گهٽ ٿي ٿئي. ننڊ ته ڏاڍي چڱي. ان ڪري ڏينهن وارين ڳالهين جي وسرڻ جو امڪان زياده چئبو جي ڪجهه ياد ڪرڻ کان پوءِ مغز کي هڪدم ڪا ٻي مشغولي ملي ته ويسر گهٽي کان گهٽي ٿيندي، خاص ڪري جي ٻنهي ڪمن ۾ مشابهت هوندي ته اڙچڻ ويتر تيز. ڏسجي ٿو ته ذهن تي ليڪو ڇٽو آرام جي وقت ٿو پوي، پرجي ٻيا اثر به مغز تي پوندا ويا ته ڪوبه ڪونه ڪُپندو. حقيقت ۾ هي سڀ انسنا آهن. حقيقت ڇا هجي پر ووڊ ورٿ هڪڙي جوان جو مثال ڏنو آهي ته ڪيئن هو وڻ تان ڪرڻ ڪري ضربجي بيهوش ٿي ويو. ٿوري وقت کان پوءِ هوشيار ٿيو ۽ موڪلائيءَ ۾ ڳمي ڳمي گهر کان وڃي نڪتو. جڏهن پوري حوصلي ۾ آيو تڏهن گهر موٽڻ يا ڏکي ڪائڻ جي ياد ته ڪانه هيس، پر جيڪي پندرهن منٽ ان کان به اڳي ٿي گذريو هوس، ان کان به بيخبر هو. ڏسجي ٿو ته ڏک لڳڻ ڪري حافظو ڇٽو نٿو رهي . مغز جي تپ ۽ نشي جو اثر به مغز تي ساڳيو ٿو ٿئي.

<u>ويسر جا جذباتي سبب</u>: حافظي جي ٻُتجڻ جا سبب اڪثر ڪري جذباتي هوندا آهن نه خيالي. ڊپ، تشويش يا جوش ۾ ڪجهه ياد اچڻ مشڪل ٿي پوندو آهي. بعضي جو ڪي ناٽڪ جا ڪيڏاري، اڪر به اسٽيج تي چئي نه سگهندا آهن سو ان ڪري. بعضي ته ڪنهن المناڪ ڏکوئيندڙ ياد کي دٻائي اپڙڻ نه ڏبو آهي ته پل وسري وڃي. ان کي "دٻاءَ" چئبو آهي. دٻاءَ جي حالت ۾ نه رڳو اها ڳالهه پلجي ويندي پر سندس قرابتي لڳ لاڳاپا به اکڙندا رهندا آهن، ايتري قدر جو ڪجهه عرصي بعد، ايتري يادگيري به ڪانه رهندي ته ان کي وسارڻ جي ڪا اسان پاڻ ڪوشش ڪئي هئي.

فرائڊ جي بينظير تصنيف مان هڪڙو اهڙو به ڪتاب آهي جو فقط روز مرهه جي رواجي حافظي جي ويسرن، لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي پُـلن، قلم ۽ زبان جي ترڪڻ جي سمجهاڻين لاءِ مصروف آهي. هو پنهنجي بيمارن مان اهڙا ڪيترا مثال پيش ٿو ڪري. جتي ڪنهن کان هڪ مشهور ريلوي اسٽيشن جو نالو وسري ٿي ويو. فرائڊ مسمريزم هيٺ معلوم ڪيو ته ان جو سبب اهو هو جو هڪڙي ڇوڪري، جنهن سان هن تڪرار هڻڻ سبب سندس نالو دٻائي وسارڻ تي گهريو. ان جو نالو به انهيءَ اسٽيشن جي نالي سان مشابهه هو. پنهنجي آزمودي مان ٻڌائي ٿو ته هڪڙي بيمار جو نالو اصل ياد نه ايندو هوم. اهو ان

ڪري جو سنڌس بيماريءَ جي سڃاڻ ۾ غلطي ڪئي هئم. سنڌس آزمودن جا مثال نهايت دلچسپ ۽ معتبر آهن. البت ڪي فرائڊ سان انهي رايي ۾ شامل نه آهن ته حافظي جي ڀڄڻ جو واحد سبب ”دٻاءُ“ آهي.

شاهديءَ تي ڀروسو: ڀروڙ جي خامين ۽ ياد جي ڪوتاهين ڪي ويچاريندي خيال ٿو ڪجي ته ڀلي ڪو ايمان وارو معتبر شاهد هجي ته به ڪيترو سنڌس ڏٺي ٻڌي جي اظهار تي ڀروسو رکڻ جڳائي؟ ڀرجهه ۽ ڌيان جي بيان ۾ معلوم ڪيوسون ته خواهش، اڪو، اونو، اوسيڙو ۽ دلچسپي ڪيتريون نه غلطيون پيدا ڪري سگهن ٿيون. ويسر ۽ ياد ڪيترو نه دلچسپيءَ ۽ نفرت سان اٽڪيل ٿيون ٿين. عجب ڪهڙو جو شاهدين ۾ ڪيتريون غلطيون انهي دستور واقع ٿينديون هجن. هوڏانهن دير پوڻ ڪري ڪيتريون سنهيون ڳالهيون وسربو وڃن ته ڪيتريون پنهنجي خيال مان پيدا ٿيو پون ۽ وڪيل صاحب ته مونجهاري ڪي ويتر منجهائڻ جا ڪيڏاري!

ڪو به ڏٺو يا ٻڌو احوال ذري پرزي ياد ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. وقت ته ويتر حافظي ۾ گهوبيون هنيو ڇڏي، جن جو پورائو من گهڙت خيال ڪندا ٿا رهن. ائين به نه آهي جو ڄاڻي ٻنجهي حقيقت ڪي گهٽ وڌ ڪندو هجي، پر جي ڪا واردات جي ڪڙي بروقت ڌيان ۾ نه سمائي هوندي ته اها هاڻي تصور سان پوري ڪري وجبي ۽ بنا ڪنهن ضمير جي خلش جي. بعضي ته وري جي دلچسپي هيڏي هوڏي ٿي ته مرچ مسالو به ڳنڍي وجبو ته اوٿائي پرجي.

ڀلا جي ڪا واردات ڏسبي ته اتي ڪين ويهي نهاربو ته ڦيٽي تي رت لڳل آهي يا نه فوتي اونڌو آهي، پاسيرو يا وٿيوسٽيو پيو آهي. پوءِ جي ڪو اهڙو سوال اٿيو ته تصوري ڪڙين ملائڻ ڪان سواءِ مورڳو ڪوڙي شاهديءَ جي تهمت هيٺ اچي وڃجي! عجب ڪونهي ته ڪو به حادثو جيڪن ٿيو ۽ جيئن اظهارن ڏيکاريو، گهڻو وٿيرڪا هجن.

وولٽرس معتبر شاهدن جي بيانن ۾ وڏا فرق ثابت ڪيا آهن. هڪڙي ڀيري هن اهڙو بندوبست رکيو جو به ماڻهو سنڌس ڪلاس ۾ جتي هن ويٺي پاڙهيو، اوچتو لنگهي پيا ۽ هڪ زبردست هل هنگامي جو نظارو ٿي گذريو. بعد ۾ هن ڪلاس وارن کي چيو ته واردات جو بلڪل صحيح ۽ پورو احوال لکي وٺو ته اوهان ڇا ڏٺو. نتيجو وولٽرس جي لفظن ۾ هن طرح بيٺو: ”پوري ۽ صحيح بيان ۾ ڏهه فقرا هئڻ گهربا هئا جن مان سراسري فقط پنج ۽ ٽي بيان ڪيا ويا ۽ سراسري هڪڙو بنهه غلط هو. اهڙيون

زيادتون طرح طرح جون هيون. ڪي تہ مورڳو ٿيون ئي ڪين هيون ۽ ڪن جو انهيءَ ڪمري ۾ ٿيڻ امڪان کان ٻاهر هو. ڪن ڳالهين متعلق ڏيکاريو ويو تہ بہ پيرا ٿيون. گوڙ واري ڳالهہ تہ ستر جڻن مان فقط هڪڙي بيان ڪئي.“

ظاهر آهي تہ ڪو بہ اٽڪل هرگز اظهار هروڀرو ڪوڙ چوڻ جي نيت سان نہ آهي. هيڏانهن وري ڪيترو بہ ڪو شاهد ڇپي ڇتي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري تہ بہ ڪي نہ ڪي اڻ ٿيا فقرا بي اختيار اچي ويندا. اها حقيقت آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ واردات جا اکين ڏٺا ڪُجھ شاهد هوبهو ساڳيا بيان ڏئي وڃن تہ پڪ پاڙهيل هئا. ڀلا جهيڙي جي گهمسان ۾ ڪير ٿو جاچي تہ فلاڻو ڪهڙيءَ طرح بيٺو هو. فلاڻي ڪيئن ڏک هنيو! جنهن مهل فوتي ڪريو تنهن مهل اتر ڏي منهن هوس يا ڏکڻ ڏي. پنجن جي حملي ۾ ڪنهن جي ڏک لڳڻ سبب وڃي واهہ ۾ ڪريو. سنڌس پير ترڪي ويا يا ڪنهن گهلي ڪري ٻوڙيس ۽ بي خطا پاڻي ڪنيو ويس؟

هڪڙو شاهد ابوجهہ ۽ اڻپڙهيل. ٻيو زمانو گذري ويو. ٿيون ڪورٽ جو رعب. چوٿو رولو. ٻڪ ٽڪ ۽ پريشاني باقي جو چڙهيو وڪيلن جي رهنما سوالن جي ور تہ سچ بہ ڪوڙ. ڪوڙ بہ سچ!

<u>راهنما سوال:</u> وولٽر جو بيان آهي تہ ڪلاس ڪي ٽي منٽ فلم ڏيکارڻ بعد ڪيترن سوالن سان گڏ اهو بہ پڇيو ويو تہ بتي ڇت ۾ ٽنگيل هئي يا ميز تي رکيل؟ چاليهن مان اڌو اڌ هونءَ چيو يا هينءَ حالانڪ نڪا بتي هئي نڪا ميز. وڏن شاگردن ۾ ساڳي غلطي گهٽ ٿيندي وئي پر ڪو بہ ڪلاس اهڙو ڪونہ رهيو. جنهن مان ڪنهن نہ ڪنهن بتيءَ جو بيان نہ ڪيو.

بيلجم ۾ ميوسئو تجربن ڪندي سترهن. ارڙهن ورهين وارن شاگردن کان پڇيو تہ فلاڻي ماستر جي ڏاڙهي جي وارن جو رنگ ڪهڙو آهي. ٻن کان سوا سڀني چيو تہ ڪارو ۽ ڏاڙهي مورڳو هجيس ئي ڪانہ. وڏن ڇوڪرن جي ٽوليءَ کان پڇيو ويو تہ جڏهن اوهين قطار ۾ بيٺا هئوَ. تڏهن هڪڙو ماٺو مون سان اچي مليو هو نہ؟ ان جو نالو لکو. ماٺو تہ ڪو بہ ڪونہ مليو هوم، پر ٽين پتيءَ ان جو نالو بہ لکيو. وري انهن کي چيو ويو تہ فلاڻو ڪين هو؟ تہ هڪدم ذري گهٽ سڀني چيو تہ ها اهو هو.

وڏا گهٽ ۽ ٻار زياده اهڙن راهنما جوابي سوالن جي آڙ ۾ سولا اچي سگهن ٿا. خاص ڪري جي سوال ڪندڙ معتبر ڏسبو. ان ڪري جڏهن بہ ڪنهن حقيقت جي ڳولا ۾ نڪرجي تہ اهڙا سوال نہ پڇجن جن جو جواب سوال مان ئي ملندو هجي، نہ تہ ڪنهن بہ حقيقت کي پهچڻ مشڪل ٿي پوندو.

افواهہ: اجايا هل بہ ائين ئي تا پيدا ٿين. جو هڪڙي ٻئي سان ڳالهہ ڪئي تہ چاليهہ سيڪڙو ڳالهہ بدلجي وئي، وري جو ٻئي ٽئي سان ڪئي تہ باقي رهي وڃي ڪا پتي. پوءِ تيليءَ مان ٿنڀ. ڪنهن ڪي ڪاري رنگ جي الٽي آئي تہ خبر ائين پکڙي تہ الٽيءَ ۾ ڪانءُ نڪري آيس. البت اهڙن افواهن ۾ شرارت بہ اڪثر شامل هوندي آهي. خوابن جا عجيب غريب احوال بہ من گهڙت ملاوت سبب وڌنڙ يا پيانڪ ٿي ويندا آهن.

مزو تہ اهو آهي جو امتحان لاءِ سوچ سان ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ بہ الائي ڇا لکجي ويندو آهي. ڄاڻي ٻجهي ڪير غلط لکندو اٿيو وڃي.

يادڪرڻ متعلق ڪي ويچار

ٽڪر ٽڪر ڪري ياد ڪجي يا سمورو: ڪو بيت ياد ڪرڻو هجي تہ چار پنج سٽون ياد ڪندو وڃجي، جيسين سارو ياد ٿئي يا شروع کان آخر تائين پيرا ڏيندو رهجي، هڪ دلچسپ سوال آهي. ٿلهي ليکي تہ جواب اهوئي ٿيندو تہ سمورو پڙهبو رهجي. ڇاڪاڻ تہ ٽڪر ٽڪر ڪري پڙهڻ ۾ نظم جو پورو مطلب سمجهہ ۾ ڪين ايندو، ان ڪري اهو بہ ڪنهن قدر رٽڻ وانگر ٿيندو. مناسب ائين آهي تہ ٻہ ٽي وارا سارا ڪڍي وڃجن ۽ پوءِ مضمون جي ترتيب موجب گهٽ وڌ ٽڪر ياد ڪبا هلجن تہ سمجهہ ياد ڪرڻ کي سولو ڪندي.

ائين تہ آهي تہ جي گهر جي ٻاهرئين در تائين وڃڻو هوندو يا ٻہ ميل پري تہ هلبو ٻنهي حالتن ۾ وک وک ڪري، پر جي پنڌ جي خبر پئجي ويئي تہ ڪٿي پکو رستو ملندو، ڪٿي پيچرو، ڪٿي ڪلر، ڪٿي سم، ڪٿي ڊاڳ، ڪٿي ڊاڪو، تہ وکون بہ اهڙي ئي ڍنگ سان کڻبيون جو وڃي منزل کي رسجي.

اتلاٽين جي ضرورت: هڪڙي دفعي ڪجهہ بہ ياد ڪيو تہ هميشہ لاءِ ياد ڪونہ رهندو. ان ڪري مناسب وقتن تي وري ورجائي ڏسجي تہ ياد آهي ڪين نہ. جي ڪاڪاٽا پون تہ وري اتلاٽي ڏجيس. جيئن گهڻا پيرا اتلائبو تيئن پکو ٿيندو.

مغز ۾ جاءِ وٺڻ: جيڪڏهن ڪنهن ڪم کي ياد ڪرڻ لاءِ ويهہ ڪلاڪ کپن تہ روز پنج ڪلاڪ پڙهڻ سان چئن ڏينهن ۾ شايد مشڪل ياد ٿئي، پر جي هڪ ڪلاڪ پوريءَ طرح پڙهي ٻہ ڏينهن ڇڏي ڏبس تہ مغز ۾ جاءِ وٺي لڏي لٽڪي ٽانيڪو ٿي ويندو. نئون گهر ئي جاءِ نہ ڏيندو، جيسين هري مري وڃجي. ساڳيءَ طرح مغز ۾ نيون ڳالهيون، ان جي پراڻن رهاڪن سان هري مري تعلق پيدا ڪري، مغز جي پاتي

ٿيڻ لاءِ ضرور وقت ڪپين. نوان خيال ڪو وقت تہ مسافر لڳندا، پر جي دلچسپ هوندا تہ ڪٽي مهمانن جو درجو وٺن.

حافظي ڪي سڌارڻ: حافظي لاءِ جن ڳالهين جي اشد ضرورت آهي، سي جي ڄائي ڄم کان ڪريل هونديون تہ سڌارو مشڪل ٿي پوندو. جيئن اک جي نظر جي قدرتي ڪريل هوندي تہ فقط ڪو ٽڪو پئسو ٽيڪ ڏئي سگهبيس. رواجي حالتن ۾ حافظي کان عمدي ڪم وٺڻ لاءِ ڪي اصولي تجويزون هيٺ ڏجن ٿيون:

1. سارو مضمون سمجهي، پوءِ ٽڪر ٽڪر ياد ڪرڻ.
2. ياد ڪيل پاڱي ڪي مغز ۾ جاءِ وٺڻ جو وقت ڏيڻ.
3. پڙهڻ کان پوءِ ڪتاب پوري (بند ڪري) ياد ڇئي وڃڻ.
4. ياد ڇئي وڃڻ کان سواءِ گهڻو لاڳيتو نہ پڙهڻ.
5. ياد ڪرڻ جو مقصد مدنظر رکڻ ۽ ور ور ڏئي ياد ڪرڻ.
6. پوري ڏيان سان هڪ ڪلاڪ پڙهڻ، اڌوري ڌيان جي ڇئن ڪلاڪن کان بهتر آهي.

ڏسجي ٿو تہ چت لائي زور سان پڙهڻ ۽ وري ياد ڇئي وڃڻ، حافظي ڪي پختي ڪرڻ جا مکيہ اصول آهن.

باب يارهون

شخصيت

شخصيت ڇا کي ٿو چئجي؟ شخصيت ڪيتري قدر موروثي آهي ۽ ڪيتري پرايل؟ سندس ڪَٽ ٿي سگهي ٿي يا نه؟ شخصيت ڦري به سگهي ٿي يا نه؟ ڪيترا نه دلچسپ سوال آهن.

ڪنهن شخص جو ذڪر ڪندي سندس نسل، علم، تجربو، قابليت، عقل،هنرمنديون، مشغوليون، لڇڻ ويچاريندي اڇيو سندس شخصيت تي بيهجي ته طبع جو ڪيئن آهي؟ خوش مزاج، آڪڙيل، نهٺو، آڪرو، اتامرو، اڇهرو، جهڳڙالو، شرميلو، بيحيا، دياوان، ظالم يار ويس، ہٽاڪي، ٻڙٻڙيو، بي همت، همت ڀريو، ذميدار، بيپرواهه وغيره وغيره . اهي آهن انسان ذات جون طبعي وصفون. هر ڪا وصف سندس ڪانه ڪا خصوصيت بيان ٿي ڪري. گهڻو ڪري اهي خصوصيتون ڪنهن جي متعلق ٻين جون سوچيل آهن. مطلب ته ڪو سماج جي نظر ۾ ڪيئن آهي ته ڪو ڪيئن. ائين ته آهي ئي، ته اسان کي عتاب يا خطاب ڏيڻ وارو سماج ئي آهي. ڪاش جي ٻين لاءِ سماجي رايا ذاتي غرضن کان پاڪ هجن ته جيڪر وڏو قدر ٿئين، پر پنهنجو مطلب ڪير ٿو ڇڏي. ان ڪري راين جو قدر به گهڻو ڪونه ٿو ٿئي. جيئن جنهن کي وڻي. بهرحال ڏسڻو آهي ته ڪنهن جون سڀ وصفون ڪهڙين نيتن جي رشتن ۾ پوتل آهن ۽ ڪهڙي جامع شخصيت ٺاهي رکي اٿن. ائين چوڻ ته برابر آهي ته ڪو سخي آهي ڪو بخيل. پر عجب نه آهي جو ساڳيو ماڻهو ڪٿي سخي هجي، ڪٿي بخيل، سو ڇو؟ هر ڪنهن شخصيت کي ڪو مکيه جذبو ضرور ٿئي ٿو، جو سندس پيشوائي ۽ راهنمائي ٿو ڪري جي اهو راز هٿ اچي ته پوءِ سندس سڀ ڪم انهي ئي لڙهيءَ ۾ پوتل ڏسبا ۽ سندس هرڪو فعل هڪ ٻئي سان لاڳاپيل نظر ايندو.

بعضي ته شخصيت فقط ڪنهن جي ڏيل- ڏيک جي اثر کي چيو ويندو آهي، جو هو ڏسندڙن تي ٿو ڇڏي. سندس قد بت، پوشاڪ، وضع قطع، نٽ، ٽانگڙ، ڳرائي، سونهن وغيره. اهو وسارڻ نه گهرجي ته اهڙي حالت ۾ شخصيت ڏسڻ واري جي ذهنيت موجب به ڪيترائي روپ ۽ ورن وٺي ٿي سگهي. اهڙا ماڻهوجي گهڻو ڏيک ويک ڪندا آهن، تن جو اثر ته زوريءَ ڄمي ويندو آهي، پر سليم طبع ساده مزاج به پنهنجو اثر خوب ٿا رکن.

ائين به آهي ته ڪٿي ڪٿي شخصيت اخلاقي نقطه نظر کان ڏٺي ويندي آهي، پوءِ ته سندس ڪَٽ اخلاقي لڇڻن موافق ئي ڪئي ويندي. سماجي نشست برخواست جو قانون هر هنڌ ساڳيو به ڪونهي، ان

ڪري هلت چلت ۾ نمايان ڦير گهير ٿي سگهي ٿي، جا ڪٿي پسند ته ڪٿي بنهه اعتراض جوڳي به ٿي پوي. لڇڻن کي شخصيت جي عيوض چال چوڻ مناسب پيو لڳي.

شخصيت ڪيئن ٿي ٺهي: ٻار ڪان ٻڍي تائين هر شخص کي پنهنجو گذر يعني پنهنجي نفسي گهرجن جو پورائو ڪرڻو ئي آهي ته جيئرو رهي. ٻئي پاسي وري سماج ايامن جي هلي چليءَ انوسار پنهنجي هستي ۽ ترقي مدنظر رکي پنهنجي فردن جون ذميواريون ڇنيءَ طرح ڄاڻائي ڇڏيون آهن ته شخصي ضرورتون هر ڪو پنهنجي سماجي قانون مطابق اهڙيءَ طرح پوريون ڪري جيئن ٻئي کي اهنج نه ٿئي. هي آهن سماجي ضرورتون. سماج کي قائم رکڻ به نهايت ضروري آهي. ڪير آهي جنهن جو ڪم ٻئي سان نه آهي.

1965ع جي هندن جي لڙائيءَ ته سماجي ضرورت ڇنيءَ طرح سان دهرائي.

ورهن جي آزمودن ائين به سيکاريو آهي ته فقط وقتي ضرورتن کي منهن ڏيڻو ڪونهي پر ڪجهه پاڇي به ڪرڻو آهي، جو آئيءَ ويل ڪم اچي. انهيءَ آئيءَ ويل جي هورا ڪورا ماڻهوءَ کي پريشان ڪندي، ايترو لالچي بنايو آهي جو جيڪي ڪتو ڪري سو ٿورو. متان ڪا اوچتي آفت منهن ڪڍي.

اهڙي اڻٽڻ جي حالت ۾ هر ڪنهن کي پنهنجي پوري سگهه ۽ سمجهه، علم ۽ هنر هلائڻو پوي ٿو، جنهن سان پنهنجي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جو سامان هٿ ڪري ۽ خير جو وقت گذاري. انهيءَ شخصي ۽ سماجي لهه وچڙ جي ڪشمڪش ۾ ڪٿي چپ ڏني، ڪٿي چٽ سني ، ڪٿي رنو، ڪٿي کليو، ڪٿي ڪٿيو ڪٿي هارايو ۽ ائين ڇڪ ڏڪ ۾ ٺپندي ٺهندي هر هڪ شخص پنهنجي طبعي، ذهني، سياوي ۽ عملي خصوصيتن پٽاندر هڪ مقرر رخ ۽ روپ وٺيو وڃي، جنهن کي شخصيت ٿو چئجي. مطلب ته شخصيت پنهنجي جسماني، ذهني ۽ عملي لياقتن ۽ ماحول جي ڪشمڪش جو نتيجو آهي.

هرڪو پنهنجي خلصتن انوسار پنهنجو وقت گذاريو وڃي. ڪو روئي ڪو کلي، ڪو رنج ڪو گنج، ڪو پنهنجي ڏيل جي زور تي ڪو ڏيا تي، ڪو سگهه تي، ڪو سياءَ تي، ڪو حرفت سان، ڪو محنت سان، ڪو حرفتي ته فقط ماڻهن جا هٿ ڏسيو انهن کي دُلبا ڏئي راضي رکيو، سکيو وقت پيو گذاري ته ڪو ڏاڙيل چوي ته پل ته اهو ئو ڳي ڪمائي. آخر ته سندس ملڪيت منهنجي آهي. زور کي هر ڪا طاقت آهي، پوءِ جيئن رنگريز تي رنگن جا ڇٽا ۽ نمازيءَ جي نڙر تي سجدن جي گاٺ، تيئن هر هڪ شخص تي پنهنجن جذبن، خيالن، عملن ۽ ٻين سان وهنوار ۽ برتا جو اثر گهٽي قدر جاءِ وٺيو بيهو وڃي ۽

سندس شخصي خصوصيتن کي نروار ڪيو ڇڏي . ظاهر آهي ته شخصيت هر ڪنهن جي ڏيل سمجهه سياءَ ۽ روش جي گڏيل اثر کي چئبو، جو سماجي ماحول جي لهه وچڙ ۾ منجهس هڪ مقرر روپ وٺيو وڃي، جنهن سان هو پنهنجي ڦرندڙ ماحول کي مقرر پر ملائم طرز تي منهن ڏيندو تو رهي. هن نشانبر ۾ ٻه مکيه ڳالهيون آهن: (1) ته شخصيت هر ڪنهن جي جذبن، خيالن ۽ لڇڻن جو مقرر پرتوو آهي ۽ (2) ته شخصيت مقرر پرتوو هوندي، ملائم به آهي ته پنهنجن ڦرندڙ حالتن کي منهن ڏئي سگهي.

شخصيت ٺاهيندڙ وصفون: غور سان ڏسبو ته شخصيت ۾ مکيه چار وصفون نظر اينديون جن مان ڪا گهٽ ڪا وڌ، گڏجي شخصيت کي ڪئين رنگ روپ ڏيو ڇڏن. اهي آهن:

(1) ڏيل: ڪنهن به شخص جي شڪل، شبيهه، بيهڪ ۽ سندس پوشاڪ جو ڏسندڙ تي پهريون ۽ گهرو اثر ٿو ٿئي. ايتريقدر جو اڪثري شخصيت جو معيار ئي ڪنهن جي وضع قطع کي سمجهيو ويندو هو. مسٽر رائونٽري امريڪن ائمبئسيڊر کي ڏسڻ سان سندس موبمو مشاط گري ۽ سندس ٺهه ٺاز پوشاڪ پهريندي ئي ڪيس ڪنهن ڳري شخصيت جو مالڪ ڏيکاريندي. پر ائين ڪين چئبو ته ظاهري نزاڪت سان گڏ سندس نشست برخواست جي فضيلت، سندس تدبر ۽ طرحداري سندس چمڪندڙ اکين جا ٽپندڙ ذهني جهلڪا، انهيءَ اثر کي دوبالا ڪرڻ لاءِ جوابدار نه هئا. شينهن جي کل اوڍڻ ڪري گدڙ شينهن ته ٿئي يا نه، مگر مورڳو مٿس چوڪسي وڌندي جلد ئي وکا پڌرا ٿي پوندس. چهرو، سموري دماغي ڪارگذاريءَ، جذبي، خيال، پورن پهن، زماني جي اوکين سوکين جو آئينو ته آهي.

ائين به نه آهي ته سادي پوشاڪ ڪنهن اتم شخصيت جو شان ذري ماتر به ڪو مٽائي يا گهٽائي ٿي. مورڳو ائين ڏسڻ ۾ ايندو ته فقيريءَ ۾ اميري پلتي پئي آهي. ڪوزي ۾ درياءَ موجزن آهي، هڪ طرف سندس بلند خيالي، بيريائي، خلوص نيت ۽ صاف گوئي جي جرئت کان واقف ٿي وري جو ڪٿي ڪنهن الهه لوڪ بزرگ جي سوڪيم سرير ۽ غريباڻي لنگوٽيءَ تي نظر ڪريو ته صحيح معنيٰ ۾ روح جو جلوو پري کان پڌرو نظر ايندو. ڇا سندس ڪپهه جي پاءَ جي پوشاڪ ۽ ڇا سندس روشن ضميري!

(2) سمجهه: سمجهه ذهن جي خوبيءَ سان ٻڌل آهي ۽ ذهن حواسن جي نفاست سان. جي حواس پوريون حقيقتون پهچائي نه سگهندا هوندا ته ذهن به جڏو ٿي پوندو ۽ سمجهه به پوري ساري. مغز جي پروڙ به حواسي پرتال سان ٻڌل ٿي رهي. جي آسپاس جون سڀ حقيقتون مدنظر نه رهيون ته ذهن به هڪ طرفو رهندو ۽ شخصيت بي سري. سڌا سادا، اصول اڙٻنگ، جيڪي سچ چئي ڏين، پل ڇا به ٿئي، هن نموني

جا هوندا آهن. پر جيڪي سياڻا سچيت فطرت جي ذري ذري سان همراز ٿي روش وٺندا آهن. سا اها ته لعل به ليپي ۾ پريت به رهجي اچي. اتم هستي، عوامي اصوليات کي سامهون رکندي نه هڪ اصول کي. "سدائين سچ ڳالهاءِ" جو سبق اسان کي مليو، جنهن جو اثر ٻار تي اهو پيو ته ڪا به سچي ڳالهه ضرور ظاهر ڪرڻي آهي. بلڪ ائين چئبو آهي ته

سچ ته بيٺو نچ، پل ته ٻري مچ

خبر نه آهي ته ڇو تعليمي مدبرن اجا اهڙا سبق نه لکيا آهن ته "سوچي سمجهي ڳالهاءِ" ڪيڏي وڏي شيءِ آهي ۽ اها دنيا جي جامع ماحول موافق هئڻ گهرجي. بي خطا سچ چئي ڏيڻ وارو ته اڄ ڪٿي به ڪارگر نه ٿيندو ۽ ٻار ئي سمجهبو.

(3) سياءُ: سياءُ ته هر ڪنهن جي همت ۽ جذباتي ٺاٺ جي ظاهر تصوير آهي. ڪو ڪلٽو ڪو ورتل، ڪو اٻهرو ڪو تحمل وارو، ڪو صابر ڪو چڙٽو، ڪو صاف دل ڪو درديلو ڪوڪروڌي. سياءُ سماجي رشتو ٿو ڏيکاري. سماج به گهٽن سياون جا قدر قيمتون ڪَٿَي چڏيا آهن. البت ضديءَ جي خلاف پئي ڏسجي. ڇي "جيڪو مڙيو سو جڙيو"، "نئڙي سو ٻه ڀاڱا ڪائي"، "جني ڀانيو ڀاڻ ڪري توائي تن کي". سڀ فقرا ڪسر نفسيءَ جي اصول تي ٻڌل ٿا ڏسجن. جنگ جي ميدان تي ته ڪارگر نه ٿيندا!

(4) روش: هلت يا چلت جا جزا آهن لڇڻ. هر ڪا هلت مطلب تي رکي. هلت ڏيکاري ٿي ته ڪنهن جي مغز، پنهنجي ماحول کي سوچيندي، پنهنجن مطلبن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙين چالن کي مناسب سمجهو آهي. ڪو سخاوت ڏيکاري ڪو خدمت، ڪو رلي ملي ڪو خلوت پسند. هر ڪو پنهنجي مکيه جذبي کي ايذاءَ کان بچائڻ لاءِ ڪو طريقو اختيار ڪري رهيو آهي. اهو ڪهڙو ۽ ڇو؟ عجب نه آهي ته ماحول جي مٽجڻ تي ميسٽو مچي مڙس ٿي پوي پر ساڳئي ماحول ۾ ساڳي طبعيت گهٽو ڪري ساڳيا لڇڻ ڏيکاريندي.

شخصيت جو نشانبر: وئلن جو مختصر نشانبر هن طرح آهي ته "اهي خصوصيتون جن جي ٻن ساڳي سمجهه ۽ علم وارن شخصن کي ساڳين حالتن ۾ نرالي هلت ڏسين" هي نشانبر ظاهر ٿو ڪري ته شخصيت جو فرق جذبن، ناتن ۽ عقيدن جو فرق آهي، نه سمجهه ۽ علم جو ۽ پيو ته اختلاف روَشن جو آهي يعني چال جو. هي نشانبر چال ڏانهن اشارو ٿو ڪري ۽ اڄڪلهه چال شخصيت جو هڪ وڏو رڪن سمجهيو ٿو وڃي.

يوناني نظريا: قديم حڪمت جي صاحبن شخصيت کي چئن خلطن موجب چئن نمونن ۾ ورڇيو هو. خوني، سودائي، صفرائي، بلغمي. صالح خون جي غلبي وارا ماڻهو سرها، آسائي، خوش مزاج، پورهيت. سوداءَ جي زيادتيءَ وارا اداس، نراسائي، خيالي ۽ ايڪانت پسند. صفرائي يعني تہ گهڻي چت وارا چيڙاڪ، ورچڻا، تيسر، هوڏيرا ۽ سنها. بلغمي بت ۾ ڀريل، سياءَ جا سيتل، ٿريا ٿڌا ۽ رلڻا ملڻا.

يونگ جي تقسيم: يونگ شخصيت کي آندرو ۽ ٻاهرو طبعيتن ۾ وراهيو. هڪڙا اهي جي سڀ ڪجهہ اندر سانديبن ٻيا اهي جي هڙ ٻاهر. ٻاهرين دنيا جا اسباب يعني ٻاهرين شين سان دلچسپي رکن، انهن جو قدر قيمت ڪن ۽ سندن اهميت جاچن. آندرو دنيا جي شين کي ڏسن پرکين ملهہ چور سمجهي گهٽو توجهہ ڪونہ ڏين ۽ پنهنجن خيالن کي اتم ۽ آخرين تصور ڪري، پاڻ کي وڏو سمجهن ۽ برتر رکڻ جي ڪوشش ڪن.

يونگ جو مطلب اهو هو تہ هرڪو شخص گهٽ وڌ انداز ۾ آندر ٻاهرو ٻنهي خصلتن جو مالڪ ٿو ٿئي. ياررويس مجلسي ماڻهوءَ کي بہ خلاصگائيءَ جي ضرورت رهي ٿي ۽ خود خيال ايڪانت پسند کي بہ، تانگهہ رهي ٿي تہ وقت سر ڪنهن سان چار چونڪ ڳالهين جا ڪري وٺان. علم آزمودو بہ ائين آهي تہ ماڻهو گهڻو ڪري آندرو ٻاهرو گڏيل طبعيتن جا تا ٿين. مانيٽا رکي رکي شل نہ ڦاٽ ڪائن تہ ڦهڪائي ڏيندا.

انهن ٻن مکيہ طبيعتن سان جي خيال، احساس، جذبي ۽ حواس جي نمونن کي ٿو شامل ڪجي تہ هيڪانديون طبعيتون ٿيو وڃن. مثال خاطر: ٻاهرو خيالي طبع وارو ماڻهو ظاهري حالتن جي خيال ۾ ائين محو ٿو رهي، جيئن ڪو سائنس جو تجربيڪار پنهنجي تجربن ۾. پوءِ جيئن سندس سمجهہ ۾ ٺهي اچي اهو صحيح. ڪنهن بہ بيروني حالت ۾ ٽپي پوندو، ضرورت هجي نہ هجي. جي ڪجهہ سمجهہ ۾ پورو نہ وينس تہ بہ هڪڙو رستو وٺي وڃي پار پوندو، پل تہ غلط هجي. تعصبي ۽ ضدي ماڻهو ٿين هن قدم جا. آندرو خيالي طبعيت وارن جو مثال فيلسوف آهن، جي صفاتي خيالن جي حقيقت بيبنيءَ ۾ محو، تہ کي اهڙا اصول هٿ ڪجن جن سان دنيا جي حقيقت جو راز ليپي پوي. پر دنيا وارن سان گڏجي هلڻ ڪان پري. دنيا جي چالن کان پري پنهنجي مت پيد ويچارڻ ۾ مست. ڳڻ ڳوت جا ڳوڙها، ڏاڍا پختہ خيال. جيسين خيال کا مقدم پڪي پختي جنسي صورت نہ وٺي. تيسين مجال جو هوڙهائيءَ جو ڪو قدم کڻي. سندس گفتگو شائستہ وٽندڙ پر ايتري شڪ گاڏڙ ۽ مشوش معلوم ٿيندي جو ٻهرين ملاقات

تي تہ خيالي مهوس معلوم ٿيندو، پر پوءِ رفتہ رفتہ مرغوب ۽ دلپسند معلوم ٿيندو. ”ٻاهرو احساس“ جلد ئي ڪتي بہ جاءِ وٺي ويندو. رلٽو ملٽو پر جذباتي هئڻ ڪري، بعضي ڇيڙڪ بہ گهڻو ڏيکاريندو. احساسيءَ جو مطلب آهي ٻين جي ڏک سک جو احساس رکندڙ درد رکڻ وارو. ”آندرو احساسي“ پورو دردمند خود پسنديءَ کان دور. سمجهبو ائين تہ ساري دنيا جو درد ساڻ سانديو وتي، پر گهري احساس رکندي بہ سور ڪين سلي. ”آه نہ سلن عام سين“ ”ٻاهرو حواسي“ تہ حواسن جي احساسن جي مزي ۾ ئي مست. ڪجهہ مزيدار ڏنائين، ڪجهہ ٻڌائين، ڪجهہ چکيائين، سنگهائين، ڇهيائين تہ واهہ. جيسين ڪا حواسي خبر نہ ملندس، تيسين ويڳاڻو وتندو، مزو ڪونہ ايندس. هي ٺٺي پورو نفسي بندو. ”آندرو حواسي“ وري حواسن جي شغلن کي حقيقي حسن جي تصوري احساسن جي پوشاڪ پهرائڻ ۾ پورو. سهڻين شين کي ڏسندي خود سونهن جي تصور ۾ گم تي ويندو ۽ شئي کي ڇڏي ڏيندو.

”ٻاهرو جذباتي“ بنا سوچ ويچار جي فقط اوٽ تي هڪل ڏيندو. پوءِ بعضي تہ درياءَ جي ٽپي جي هام هڻي بعضي اڏ تي اٽڪي بيهي، اهي توڪلي مڙس سڌبا آهن، پر هوڙهہ بہ چئبن، پاڻ ۾ ڀروسو گهڻو رکندا، پر ڀروسي رکڻ جهڙا نہ. ”آندرو جذباتي“ گهڻو ڪري ٻڌ چڙهہ ۾ ئي رهيو رهندو، ڪنهن پوري پڪي خيال کان ٻاهر ڀيو سڌون ڪندو تہ هيئن ٿو ڪيان، هونءَ ٿو ڪيان، پر نڪي گهوٽن مان نڪري، نڪو عملي قدم ئي کڻي.

اولڊلر: شخصيت جو ناٽ سارو احساس ڪمتري، احساس برتري ۽ اڳرائيءَ جي اوٽن تي سٽي ويو.

شيلڊن: تہ چئن هزارن جوانن جا ننگا فوٽو اگ، پٺ ۽ پاسن کان ڪڍائي، سندن جسمي ۽ طبعي خصلتن کي پوري ويچار ۾ رکي، سال بسال ساڻن ويهارو ملاقاتون ڪري، پنهنجا طرز عمل بدلائيندي، شخصيت کي نيٺ ٽن مکيہ نمونن ۾ ڇانٽي هرهڪ جا ويهہ قسم بيان ڪيا.

شيلڊن جو فيصلو هو تہ بدني بيهڪ ٽن جسمي اوڄن جي گهٽ وڌ ملاوت تي منحصر آهي (1) تنتي اوڄو ، جنهن مان مغز ۽ تنتون نهيل آهن (2) مشڪي اوڄو، جنهن مان مشڪون يعني گوشت نهيل آهي (3) چربيءَ ناهڻ وارو اوڄو. جن ماڻهن ۾ تنتي حصو زور آهي سي پتلا، ذهين ۽ ٻُنڀير ٿا ٿين. جن ۾ گوشت وارو حصو برک آهي سي رتا ستا، پهلوان ۽ چست چالاڪ ٿا ٿين، ڪارڪرتا ۽ همت ڀريا. جن ۾ چربي گهڻي آهي سي خوش مزاج، موجي، صلح پسند ۽ آسائش طلب.

روزمره جي آزمودن مان ته ائين پيو ڏسجي ته ڪيترا پتلا ماڻهو تيسر ۽ ٽانديءَ تپڻا تا تين ۽ ڪيترا جسم شرارت ۽ لائي چائي ڪندڙ. ان ڪري طبعيت ڪي بدني بيهڪ سان پيوست ڪرڻ مناسب نه ڪين ٿو لڳي. نفسيات جو هي به چٽو اصول آهي ته جڏهن به من ڪنهن خاص ڳالهه جي ڌيان ۾ اوسيڙي ۾ هوندي، ته انهيءَ ڪي نهارڻ ۾ متوجهه هئڻ سبب ڪين جلد ڏسي سگهندو آهي. ڪهڙو عجب ته شيلڊن جي رفيقن اهي ئي خصلتون انهي نوع جي ماڻهن ۾ ڏٺيون جيئن شيلڊن بيان ڪيون، ڇاڪاڻ ته انهن جي من ۾ اها آگاهي اڳيئي موجود هئي. حقيقت، جفا سان هٿ تي اچي سو به پهريون شرط اهو آهي ته طبعيت حقيقت پسند هجي.

سائنس جي مدنظر تي شخصيت جي پوري ڪٿ سندس جداگانه لياقتن جي ڇڪاس ئي ڏئي سگهندي نه فقط سندس ڏيل جو ڏيک. ڏيک ڌوڪيباز ته ٿيندو آهي. ان ڪري جيسين ڪنهن جي خصلتن جي پوري تڪ تور نه ڪبي، تيسين سندس نوعيت جي پرک مشڪل ٿيندي.

ورنن: شخصيت پرکڻ جا ٻه معيار مقرر ڪيا (1) ته ڪيتري قدر ڪو ٻين تي ڀاڙڻ وارو آهي يا پنهنجي پيرن تي بيهڻ وارو. هن ماپي جي هڪڙي ڇيڙي تي ٿي پوري بيهمتي ۽ ٻئي تي بالڪل بيپرواهي (2) ته بنهه ٻاهرو طبع وارو خودرو چڙواڳ آهي يا پورو آندرو. ڪڙيءَ ۾ قابو ۽ پاڻ ۾ پورو. انهن ٻنهي ماپن جو وچون وهه اهو ٿيندو ته هو گهڻو اتامرو آهي يا نهنو.

آئيسينڪ: ورنن جي معيارن ۾ هڪ ٻيو ميزان به داخل ڪيو ته هو ڪيترو وهمي آهي يا پوري خيال وارو. انهي خيال ڪان مناسب سراسري شخصيت ٻنهي ماپن جي وچ تي بيهندي ته آندرو ٻاهرو پاڻ تي ۽ ٻين تي مدار رکڻ وارو، ڪڏهن پوري خيال جو ڪڏهن وهمي. جيترو ڪو اجايو احساسي، شرميلو ۽ گوشه گذار هوندو اوترو اهو آندرو ۽ جيترو منهن جو ڏاڍو، اک جو پڪو ، ڦڙت، مجلسي ۽ بردبار اوترو ٻاهرو.

آئيسينڪ جي قياس ۾ ائين آيو ته ڪيتري قدر ڪو ماڻهو پنهنجي يا پرائي پروسي تي ڀاڙي ٿو، اهو سندس جذباتي نظام سان ٻڌل ٿو رهي ته سليم عقل وارو آهي يا وسوسائي. انسان ذات جي طبع پيمائيءَ ۾ هن ميزان ڪي داخل ڪرڻ مان ظاهر آهي ته چريئي ۽ سنئي ۾ فرق فقط درجي جو آهي، نه ذاتي ۽ ڪاوڙ هڪ خفيف چرائي! مطلب ته عقل ۽ چريائي هر ڪنهن سان شامل آهي ۽ انسانيت جي ڪٿ ٻنهي جي انداز موجب.

ٿوري ويچار سان معلوم ٿيندو تہ شخصيت جي اڪ نمونن مان، زندگيءَ جي مختلف طبقن ۾، ڪو نہ ڪو، ڪٿي نہ ڪٿي، هر هڪ ڪمائتوئي آهي. ڪنهن بہ هڪڙي کي آدرشي چوڻ البت ڏکيو پيو لڳي.

اڊولف ميئر امريڪي من ودوان، ڏيکاريو تہ انسان جي چال سنڌس جسمي بناوت ۽ مغز جي جوڙجڪ انوسار، گڏيل بدني ۽ ذهني زندگيءَ جو اظهار آهي، جنهن جو نمونو بدني ۽ ذهني ترتيب ۽ ترقيءَ جو طرز ۽ طريقي سان بدل ٿو رهي. ماڻهوءَ جي چال جا ڪيترائي پهلو آهن، جي ڪيس ڪانہ ڪا ترتيب ۽ مجسم صورت ڏيو ڇڏين.

"ميئر" (1946ع) بہ سنڌس تقليد ڪئي. "ليوئن" (1954ع) ۾ انهي ڳالهہ تي زور ڏنو تہ ٻار ۽ سنڌس ماحول ٻہ الڳ شيون نہ آهن. شخصيت انهن ٻنهي شين جي لهہ وچڙ جو تيار ڪيل مرڪب آهي. هن ڪي "جيوت منڊل" تجويز ڪيا جن ۾ ڏيکاريائين تہ ٻار پنهنجي پنهنجي ماحول جي قالب ۾ ڪيئن ٿو نپجي، جو ٻئي هڪ ٿيو وڃن. شخصيتون مختلف ان ڪري ٿيون ٿين جو هر ڪو پنهنجي جسمي ۽ ذهني موڙيءَ سان پنهنجي نرالي ماحول ۾ نهي تيار ٿو ٿئي. پهرئين سليس جيوت منڊل جا جزا ڏيکاريائين: ماءُ جي هنج، هنڌ، پٿي، پينگهڙو ۽ پيءُ، جن ۾ مرڪزي جڳهہ ماءُ کي آهي، جنهن ڏانهن ئي ٻار جو خيال ۽ اڏڪو ٿو رهي. پوءِ جيئن جيئن ٻار جو مرڪز ماءُ کان ٽڙندو ويندو، تيئن پيءُ کي ويجهو پوندو رهندو. اهڙيون جذباتي ڇڪن ۽ ڌڪن جون پيدا ڪيل ڦيريون ڦاريون ٻار جي تاريخ ۾ ڪيتريون ئي ٿيون ٿين، جن جي ڪري جيوت منڊل بہ نهايت پيچيديون صورتون وٺندا هلن.

جيوت منڊل جو اصولي نظريو اهو ٿو ڏسجي تہ ٻار جا وڏي جي دل گهري شيءِ وقت بوقت بدلبي ٿي رهي ۽ ان موجب سنڌس جيوت منڊل. اهي دل پسند شيون آهن: ٿڃ، ماءَ جي هنج، نرم گرم هنڌ، ڪپڙا، پيءُ، بزار، شيون، رانديڪا، راند ڪيڏڻ وارا ٻار، مورتون، ڪتاب، خرچي امتحان ۾ ڪٽ هار، رفيق جي تلاش، اولاد، سرخروئي، درجي تي پهچڻ، تانڪ پيري، هر ڳالهہ کان بيزاري، آرام ۽ راه عدم.

فرائڊ: ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو راز "لذت" ۾ مضمر ڪيو آهي. هو چوي ٿو تہ اوستا جي رهبري بہ ٽن حاوي لذتن جي دامنگير اثرن ۾ اٽڪيل آهي:

(1) وات جو چشڪو، ٻچي کي ٿڃ چسڪڻ مان ايتري جسمي فرحت ۽ ذهني مسرت، تسڪين ۽ خاطر جمعيت حاصل ٿي ٿئي، جنهن جو نظير معمولي زندگيءَ جي جفتي يگانگي ئي ڪنهن قدر پيش ڪري سگهي ٿي. ڪيترو بہ ٻار وياڪل هجي، درد ڪاڙهيندو هجيس، پر جان جيجل ارهہ سان لاتس

تہ في الحال تہ بي اختيار سور گھٽجي ويندس. ٻار جي لذت جو پھريون مرڪزوات آهي. ڪيئن نہ ٽنگ ڪي موڙي پيرجو آڱوٺو چوسيندو آهي.

(2) پُـٺيءَ جو سرڪات - جڏهن ٻار ويهڪڙو ٿيڻ ڪان پوءِ نرم گرم شي گڙپ ڪري ترڪي ڏيندو آهي تڏهن بہ ڪيس ايترو مزو ايندو آهي جو وڏي جي قياس ڪان ٻاهر. پر ٻار تي ڪيترو اثر ٿو ٿئي ان جو اندازو ڪيس ان وقت جاچڻ سان ئي معلوم ڪري سگھبو.

(3) شھواني احساس- ٻار جي لونءَ لونءَ ۾ بجلي تي ڊوڙي، ۽ خاص طرح نسلي عضوي جي احساس ڪان واقف ٿو ٿئي.

فرائڊ جو خيال آهي تہ جي ڪنھن بہ منزل تي ڪيس پوريءَ طرح تانگھہ لاهڻ جو وجھہ نہ مليو ۽ سندس خاطر جمعي نہ ٿي تہ هن جو خيال انهيءَ منزل تي ڪٽي پوندو ۽ اڳتي ترقي ڪانہ ڪندو، ان ڪري سندس شخصيت بہ نامڪمل ۽ ڪوچڙئي رهندي. مگر اهو فرائڊ جو خيال بالڪل درست نہ بہ هجي.

رُجا: تہ شخصيت جون ست بنيادي خصوصيتون چاڻايون آهن: پڪو ارادو، سياڻپ، حيا، همٿ، ذهن، اداسي ۽ چڙ.

شخصيت پنهنجو اظھار اڪثر نمونن ۾ تي ڪري. طبعي نفاست ۾، جذبن ۾، هوشياريءَ ۾، لياقت ۾، ياروپسيءَ ۾، خوديءَ ۾، بردباريءَ ۾، همٿ ۾، فتنہ انگيزي ۾، اڏنگائيءَ ۾، محبت وغيره ۾.

مطلب تہ انسان جا ٻہ رهبر آهن: خواهش ۽ عقل. جذبا، جي خواهشن جي پيدا ڪرڻ وارا آهن، هر وقت غالب آهن، بي خطا آهن ۽ بيخبريءَ سان پنهنجو ڪم ڪندا هلن. ضمير بہ گھٽي قدر اسان جي معلوميت ڪان سواءِ پنهنجن فيصلا ڏيندو ٿو هلي. خودي شخصيت جو بالڪل باخبر جزو آهي، جو ماحول سان پورو واقف، دنيا ڪي ڏسي وائسي، هوش ڪان دليل دلائل وٺي گھٽي قدر اسان جي بيخبر حصي جي اڙٻنگاين ڪي سڌو ڪري سنواري رس ۾ آڻيندو ٿو رهي.

ظاهر آهي تہ ماڻهو پنهنجن ذاتي طبعي لاڙن ۽ رغبتن موجب چٽائيءَ ڪان سواءِ ڪيترن وقتن تي وهيو وڃي، جنهن لاءِ هو مجبور آهي ۽ گھٽي قدر ڪيس خبر بہ ڪانہ ٿي رهي. اهڙي روش ۾ سندس گذريل آزمودن جو بہ ڪيترو اثر مليل آهي، جن جي ڪيس ياد بہ ڪانہ آهي پر سندس مغز تي تہ برابر اڪريل آهن. اڪ رڳو تڏهن پٽبي آهي، جڏهن ڪو ظاهري مخالف زور سان اسان جي هلت ڪي آڏو اچي

روڪيندو آهي ۽ سموري هلت ذهن جي پوري چوڪسيءَ هيٺ ايندي آهي ته مون ڇا ٿي ڪيو، ڪٿي اٽڪاءُ ٿيو، اڳتي ڇا ڪبو.

شخصيت کي شڪل ڏيڻ لاءِ ذميدار ٻار جي اوائلي عمر آهي. ٻار جي موروثي بدني ۽ ذهني موڙي، سندس تندرستي، سندس پرورش ۽ ابي اما جو پيار، سندس طلبن جو مناسب پورائو ۽ گهرو ڪيڙ سندس آئيندي حياتيءَ جو نمونو ۽ پورو خاڪو تيار ڪن ٿا. ڪي مائٽ ائين ڀانئيندا آهن ته ٻار ڄمندي ئي ڄام ٿئي، پورين فضيلتن جو صاحب ٿئي ۽ ٻاروتڻ ۾ ئي صفائيءَ ۽ سنجيدگيءَ جا قانون پورا ڪري ۽ وڏن واري هلت هلي. ياد رکڻ جڳائي ته جن ڪوتاهين لاءِ ٻار جوابدار نه آهي، تن لاءِ جي ڪيس ڏمر ڏيکاريو ته مائٽن جي بيرخي ڏسي ٻار فقط وائڙو ۽ مشوش ٿيندو ۽ جهٽڪڻ ۽ ڪرڪڻ وارن لاءِ سويل ئي نفرت ۽ ساڻن ڪلفت پيدا ٿيندس. پوءِ جڏهن ٻار پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو لائق ٿيو ته ساڻن لاڳاپا لاهڻ لڳندو. بيحد لاڏلو ۽ دادلو ٻار جڏهن ٻين سان تعلق ۾ اچي محسوس ڪندو ته لاڏلو نه آهيان، تڏهن وائڙو لڳندو ته دنيا ڪيئن ڦري! جيڪي سرنديءَ وارا مائٽ ٻار کي داين جي هٿن ۾ ڇڏيندا آهن، سي به ٻار کان اڪثر ويندا آهن، هڪڙو ته ڪانئن پرڀرو رهڻ ڪري ۽ ٻيو ته داين ڪيترو به ٻار کي آسودو ڪن ته به ماءُ واري تسڪين ڪانه ملندن. ۽ ٿيون ته ٻار جا مائٽاٽا تعلقات جي فقط نيپاج ئي ٿاهي سگهي ٿو، سي به ڪڏهن ڪڙيءَ تي ڪين ايندا.

شخصيت تي موروثي ۽ ماحول جو اثر

فزيالاجي ٻڌائي ٿي ته ماڻهوءَ جي هانئي ڪانئي ۽ طبع جي گهڙڻ وارا ڪاريگر به قدرت بت ۾ ئي رکي ڇڏيا آهن، جن کي 'ري' نالي غدود ٿو چئجي. انهن غدودن جون رسون رت سان گڏجي بت ۾ ڦرنديون ڇانٽ ڇونٽ جو ڪم ڪنديون ٿيون رهن. اهي غدود جيئن نهيا تيئن نهيا پوءِ منجهن ڦيرڦار تي نٿي سگهي . انهن مان مکيه آهن (1) ٿرائڊ (2) ائڊرينل (3) پٽيوئٽري (4) نسلي غدود.

ٿرائڊ جي گهٽ هئڻ ڪري ماڻهو موڳو، سانتيڪو، وائڙو، ڦيڦو، ڍور ۽ بيخيالو ٿيندو. ٿرائڊ جي زيادتيءَ وارو سنها، چست، تڙا تڪڙا، سمجهو، مشوش ۽ منتظر هوندا. ڊپ ۽ ڪاوڙ جي حالتن ۾ اندرينل غدود گهڻو ڪم ٿو ڪري جي ڪنهن کي ائڊرينلن جي سئي هڻبي ته پنهنجي طبع موجب منجهس ڊپ يا ڪاوڙ جا اطوار پيدا ٿيندا. ائڊرينل جي ڪميءَ سبب دمڪشي، ڇاپاڪو، ڏڏر ۽ ڏڍ وغيره به ٿيندا آهن. گهٽي ائڊرينل وارا ڪاوڙ جا تڪا ٿين. پٽيوئٽري بدن جي ڪوٽ واڌ جو انتظام ڪري ٿو. قداور ڪرڻ هن

جي ڪرامت آهي. نسلي غدود مردن ۾ خصيا ۽ زالن ۾ بيجڙيون آهن جي جنس موجب بت کي ڊول ۽ رونق ڏين. نسلي غدود جوانيءَ جي وقت ڏاري پنهنجو اثر اوچتو بت تي اڇليو وجهن جن کي سمجهڻ ۽ قبضي ۾ آڻڻ کان اڳيئي بعضي نهايت نازڪ ۽ تلخ تجربا پيش اچيو وڃن. حيرت آهي ته نه مائٽ کنهن کي وات لائين، نه سماج، نه تعليم. هر ڪو پنهنجا تجربا ڪري وات وٺي، پوءِ جي ڪو ٿڙڪيو ته سونهاري سماج ڪلندس پرواٺ ڪين لائيندس.

شخصيت ڪيتري قدر موروثي اثر هيٺ آهي ۽ ڪيتري ماحول جي پيدا ڪيل، اهو هڪ اهم حل طلب سوال آهي. ماحول يعني "بهيوئرسٽس" ته موروثي موڙيءَ کي ڪا به وقعت ڪانه ٿا ڏين، پر ظاهر پيو آهي ته رڳو اهي سنهڙا غدود ڪيڏو نه ماڻهوءَ جي ڏيل، سمجهه، احساس، چال ۾ فرق آڻي سگهن ٿا. البت جي بدني بناوت هر انسان جي هڪجهڙي هجي ته باقي فرق سڀ ماحول جو پيدا ڪيل ٿي سگهي ٿو. حقيقت ۾ ماحول به موروثي ئي ٿئي ٿو. شاهوڪار جو پنهنجو ته غريب جو پنهنجو. غريب نه شاهوڪار واري تعليم حاصل ڪري سگهي، نه حوصلو اچيس، نه همت. وري صحبت به پنهي جي نرالي رهندي. امير جي اميرن سان ته فقير جي فقيرن سان. جهڙو سنگ تهڙو رنگ. اصل نسل ۽ صحبت ته پڌرو اثر ٿا رکن، پر خبر نه آهي ته ڇو ڪيترن نفسياتي ماهرن صحبت جو شخصيت تي اثر ويچار هيٺ نه آندو آهي.

شخصيت تي ڪڙم ۽ ڪيڙ جو اثر

محلاتنّ ۾ شهزادا پيدا ٿين ۽ ڪهجرن ۾ لـُـٽيرا. هر ڪو طوطو انهي ڪٽنب واري ٻولي ٻوليندو، جنهن ۾ پليو. پهريون مڪتب گهر ۽ مائٽ آهن. پوءِ پاڙ ۽ پينر ۽ پوءِ ٻيا مٽ. اجا به اڳتي اسڪول، دوست، دشمن، نيات ۽ سارو سماج. ٻار جيئن ڪچو تيئن زياده اثر پذير. نندي هوندي جا ٽنٽا، ساڙ، ضد، خصومتون، رفاقتون، آئينده حياتيءَ تي خوب اثر ٿا رکن. جن شين، شخصن ۽ خيالن سان رغبت يا نفرت ٿي سا ٿي ، جڏهن ڪا ڦـِري.

شخصيت تي ڪيڙ جو وڏو اثر ٿو ٿئي، ڪيڙ ڪنهن به گروهه جي رهڻي، ڪهڻي، ڪرڻي جي جملي طريقن کي ٿو چئجي، جنهن ۾ اٿڻ ويهڻ، رسم رواج، عادتون اخلاق، بري ڀلي جا قانون سڀ اچي ٿا وڃن. المختصر ته سماجي ورثي کي ڪيڙ ٿو چئجي، جنهن زمين ۾ سلو ابريو، جنهن فضا ۾ سامائجي وڌي وڏو ٿيو تن جو اثر ڪيڏانهن ويندو.

ديس ديس جي تهذيب پنهنجي. ڪي ڪهڙيون فضيلتون اتم سمجهن، ڪي ڪهڙين خصلتن تي زور ڏين، سماجي سنجم جو اثر ايڏو نمايان ٿو ٿئي، جو ٻري ڪان ٻڌرو ته هي ڪير ۽ ڪٿان جو. هر هڪ قوم جون خصلتون سندن خصوصيتون بنجو وڃن. ٻار ڪي ڪهڙي به جذباتي، خيالي، روشي قالب ۾ رکو ته هو اهو رنگ روپ وٺي ويندو. ائين به نه آهي ته سڌارو تي نٿو سگهي. ٻار کي ڏاڍو ڪجي يا نازڪ، پيٽان پيٽيءَ لاءِ تيار ڪجي يا ملي ڪم ڪرڻ لاءِ، ملان بنائجي يا فوجي سپاهي، خادم قوم، خادم ملت يا خادم انسان، سڀ تعليم، تربيت ۽ ڪيڙ سان ٻڌل آهي.

انگريز پنهنجن پراڻن رواجن، رسمن، روايتن جا پورا پوئلڳ پاڻ کي پراڻي ٽڙ جي چوڏي سڏائڻ ۾ فخر ڪن ته امريڪي پورا آزاد خيال. ڪنهن به رسم رسومات جي قيد کان ٻاهر، نيون ڳالهيون نهاريندڙ پراڻين کان پري. ڇاڪاڻ ته ڪا بيسود ڳالهه ابي ڏاڏي کان هلندي اچي، ان ڪري هلي هلي ، هرگز نه. هو فائدي سان ٻڌل آهن. رسمن کي بنديراهو سمجهن. هنن جي رواني درياءَ واري آهي. ڍنڍ جي سڪوت ۽ سانت سان پَـوڻِ ئي ڪانه، ته ترقي به گوناگون ڪري ويا آهن.

ڏسجي ٿو ته ڪيڙ ۾ گهرو هلت چلت شخصيت ناهڻ لاءِ سيني کان زياده جوبدار آهي. ان ڪري جي گهر جي چرخي ۾ ڪو خلل پيو ته ٻار جي ڪيڙ تي گهرو اثر ڇڏيندو. بد عادت ٻار ٽٽل چرخي جو شاهد آهي. حد کان زياده انگل آرا ڪڻڻ ڪري ٻار آڏين ۽ مائٽن تي ٻاڙڻ وارو ٿي پوندو، پر جي واجبي سنڀال ۾ گهٽتائي ٿي ته ٻار ڊيڄو ۽ مائٽن کان متنفر ٿيندو. مائٽن ۾ بدانتظامي ڏسي، ٻار ۾ جوابداري گهٽ پيدا ٿيندي، بيپرواهه، رکو ۽ اڊنگو ٿي پوندو. مائٽن لاءِ ضروري آهي ته ٻار جي روبرو ڪو به تهذيب کان ڪريل قدم نه کڻن، نڪي ڪو گٿو اکر ڳالهائن. سندن ڇڙواڳي ٻارن کي بي خطا سونجهڻو ڪندي ۽ هو ڪين هر هنڌان جاچڻ لڳندا ته ڳالهه ڪيئن آهي. لڪچپ ڇاجي آهي. ننڍڙي ذي ماءُ جي زندگي مان واقف ٿي گـُڏيون ناهڻ ۽ نپائڻ لڳندي آهي ۽ پٽ، پيءُ کي اڊنگو ڏسي رول ٿيندو. جي پيءُ جي بيحد سختي ڏسي ساڻس دلپسند تعلقات نه ٿيس ته گهٽيءَ جي ڇوڪرن سان پيار وندبيندو ۽ انهن وارا پير کڻندو.

<u>شخصيت تي حيثيت ۽ مالي حالت جو اثر</u>

هر ملڪ جي تواريخ بادشاهن جي ذڪر سان ڀريل ڏسبي، جنهن ۾ غريب هستيون ڪي ٿوريون قابل ذڪر ڏسڻ ۾ اينديون، هر هڪ ڪٽنب جي مالي ۽ سماجي حيثيت سندس اولاد تي ڪافي اثر ٿي رکي.

ان ۾ ڪو بہ شڪ ڪونہ آهي تہ دولت، شخصيت کي پنهنجو ڪرفر، رعب ۽ رواني ضرور ٿي ڏئي ۽ سندس حوصلہ افزائي ٿي ڪري. جنهن مسڪين کي نہ انگ تي اڳڙي نہ کائڻ لاءِ ڍڳڙي ان کي دنيا جي پيشوائيءَ ۾ ڪهڙي جڳهہ ملندي. پوءِ ويڙهو تي زور لڪائي يا پني، نہ تہ چوري ڪري پيٽ پالي. اهو زمانو ويو جو غربت زيور هئي، اڄ اهو عيب ئي ڪونهي جو غربت ۾ نہ آهي. هڪ ناپيد انگريزي مقولو هو تہ ”ڌن ويو تہ ڪجهہ نہ ويو، صحت وئي تہ ڪجهہ ويو پر جي لڇڻ ويا تہ هڙئي وئي“ پر اڄ چاتو سمجهيو وڃي تہ ڌن ويو تہ سڀڪجهہ ويو، صحت وئي تہ ڪجهہ ويو چاڪاڻ تہ ٽَڪو چڪيندي! پر لڇڻ تہ ڦرڻي گهرڻي رسم رواج جي ڳالهہ آهي. جيڪا چال اڄ ڪانهياري سياڻي اتم ئي اها. اڳي انگريزي پڙهڻ عيب هو ۽ هاڻي قدرت جا ڦورا ڦولهڻ ڪفر! اڪين کي پوري هلڻ سان بہ ڪا صراط المستقيم ملندي ڇا؟

شخصيت تي اسڪول جو اثر

اسڪول جي سخت خومختاري، سخت قدمي ۽ دٻاءُ ٻارن کي مرده دل ڪندا. پاڻ ۾ اتفاق، همدردي ۽ رفاقت نہ رهندن. اٽلو ساڙ، خصومت ۽ اڳرائي پيدا ٿيند، جي قومي جذبات کي روڪيندا. اسڪولن ۾ پيٽا پيٽي جي حد چڙهي تہ عمر لاءِ دشمنيون پيدا ڪندي. البت ائين بہ ضروري آهي تہ هوشياريءَ لاءِ چاهہ پيدا ڪجي نہ تہ ترقي روڪجي ويندي. جن اسڪولن ۾ ٻارن کي مناسب اختيار ڏنو ٿو وڃي تہ هن ۾ انتظامي حڪومت لاءِ عزت، گهڻي قدر يڪجهتي، سلوڪ سازي، رفاقت، سڪول لاءِ چاهہ علم جو خيال ۽ ترقي وڌي ٿي.

ماستر صاحبن تي وڏي قومي جوابداري آهي تہ هو قوم جي ٻچن کي پنهنجي اولاد واري نظر سان ڏسن، سندن تعليم ۽ تربيت ۽ صداقت سان سندن ترقي مدنظر رکي، قومي سرخروئي ۽ عزت حاصل ڪن ۽ جس ڪٽن. عبادت، زهد، تقويٰ جي خوشنودي معلم کي ري گهرئي حاصل ٿي سگهي ٿي، عجب نہ آهي تہ معلم جي دلچسپي بہ اجائي انتظامي دٻاءَ جو شڪار تي دلشڪنيءَ ۾ بدلجي وئي هجي. هيسائڻ ۽ هيسجڻ ڪري شخصيت ڪوتاهہ قد رهندي نہ بلند قامت. جي معلم کي واجبي اختياريون ۽ دلجمعي نہ هوندي تہ هڪ پست همت شخصيت ڪهڙا گوهر پيدا ڪندي.

شخصيت جي ڪَٿ ۽ پرک:

نفسيات جو ڌيان هاڻي گهڻي قدر شخصيت جي پوري ڪٿ ڪرڻ جي اسبابن ڳولڻ ۾ رڌل آهي. ڪي من ودوان انهي رايي جا آهن ته شخصيت جو پورو اندازو ڪنهن جي منجمله سرسري ملاحظي مان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو ۽ نه سندس وصفن، وضعن، لياقتن ۽ ارڪانن کي ڇني ڌار ڌار ڪري جاچڻ سان. انهن باريڪين ڏسڻ مان ڪنهن جي ڪني سالم شخصيت جو تخمينو ايتروئي ڪري سگهبو جيترو هڪ هڪ لَڪڻ کي جاچيندي ڪنهن جي سونهن جي ڪَٿ ڪري سگهجي. اها به حقيقت آهي ته ساري شخصيت جي ڪني معائني جو نتيجو گهڻي قدر ملاحظي ڪندڙ جي دماغي چلولاين جو شمار به ٿي سگهي ٿو. جي ڏسڻ واري تي ڪا به هڪڙي خامي يا خوبي گهرو اثر ڪري وئي ته باقي تپاس سارو انهي تعصب جي رنگ ۾ رڱجي ويندو. ان ڪري ساڳي شخصيت جو اثر ڪنهن تي ڪهڙو پوندو ڪنهن تي ڪهڙو ۽ فيصلي لاءِ وري به سندس لياقتن کي نمبروار نهارڻو پوندو. بهرحال جيڪي شخصيت جي ڪٿ ڪرڻ لاءِ تجويزون ڪم آنديون وڃن ٿيون، سي هيٺ ڏجن ٿيون:

(1) ملاقات: دستوري ملاقاتون پروسي جهڙيون ڪين ٿيبيون. ملاقات جي ڪٿ هر هڪ ممتحن جي خيال موجب نرالو نتيجو ڏيندي. ايتري قدر جو ورنن ظاهر ڪبو ته جي ويهن ڄڻن جي چونڊ لاءِ، هڪ سؤ اميدوارن تي رايا، جي ٻن عليحده ماسترن کان وٺبا ته فقط نون ڄڻن لاءِ يڪراءِ ڏسبا ۽ يارهن لاءِ مختلف. ان ۾ شڪ ڪونهي آهي ته پوري تربيت ۽ آزمودي وارن محاسبن جي حالت ۾ ملاقات جو نتيجو گهڻي قدر معتبر ٿي سگهي ٿو.

(2) منصوبي تڪسات: هي تجويزون اهڙي اٽڪل سان رٿيون ويون آهن جو ڪير به انهن کي ڏسندي پنهنجي شخصيت جي نوعيت ظاهر ڪري وجهندو. اهي خاڪا غير مڪمل صورت ۾ گهڻي هنر ۽ هوشياريءَ سان پيش ڪيا ويا آهن جن ۾ هرڪو ويچارو ان پنهنجي طبع موجب نراليون شڪليون محسوس ڪندو.

رورشاڪ پتر تي ڏهن مختلف نمونن جي مس جي دبن جا داغ آهن. ڏٺو ويو آهي ته جي ڪنهن کان پڇبو ته انهن ۾ ڇا ٿو ڏسڻ ۾ اچي ته هر ڪو پنهنجي ذهن ۾ ضمير موجب نراليون شڪليون بيان ڪندو، جن مان سندس رغبتن ۽ دلچسپين جي ڄاڻ پئجي ويندي. هي آزمائش دماغي خلل جي تشخيص ۾ ته نهايت ڪارگر ثابت ٿي آهي.

ساڳئي اصول تي ٻي آزمائش بہ رٿيل آهي، جنهن ۾ مورتن جون قطارون مقرر سلسلن ۾ ڏيکاريون وينديون آهن ۽ ڪنهن بہ هنڌ سلسلي کي روڪي ممتحن پڇندو تہ هي نتيجا ڪهڙين حالتن جا پيدا ڪيل آهن؟ يا فلاڻي جي من ۾ ڇا ٿو وهي واپري؟ يا تہ هن قصي جي پڇاڙي ڪيئن ٿيندي؟ وغيره. اهڙي دستور ڪيترين رمزون رٿيون ويون آهن، جن جي وسيلي ڪنهن جي بہ مغز سان گهڻي واقفيت پيدا ڪري سگهجي ٿي. ڪو پيار جو پياسو هجي يا ڪنهن جو قدر پورو نہ ڪيو ويو هجي يا پاڻ ڪنهن ڏپ ۾ مبتلا هجي يا موت مصيبت کان بچاءَ جو ڳولائو هجي، مطلب تہ هر قسم جي چنتا ۽ پريشانيءَ جو بہ انهن تجويزن سان پتو ڪڍي مناسب علاج ڪري، ڪنهن کي دائمي مونجهاري کان ڇوٽڪارو ڏئي سگهجي ٿو.

(3) سوالناما: هنن پترن ۾ ڪيترا ڦولينڌڙ ڦلهوريندڙ سوال لکيل هوندا آهن، جن جي جوابن لکندي هر ڪو پنهنجي صحيح احوالن ۽ خيالن ڏيڻ کان رهي ڪين سگهندو ۽ ظاهر ٿي پوندو تہ آندرو آهي يا ٻاهرو ، پاڻ تي يا ٻين تي ڀاڙڻ وارو، بردبار يا جذباتي، وهمي يا صحيح خيالن جو، همت ڀريو يا ملول. ايتري تجويزاتس جو ڪنهن اهنجي ڪم کي سهنجو ڪري يا ڪنهن مهم کي منهن ڏئي سگهي ٿو؟ هنن آزمائشن ۾ اڪثر ڪري نتيجا ساڳيا اچي بيهندا آهن جنهن ڪري غلطي ٿيڻ جو انديشو گهٽو ڪري گهٽ رهندو ۽ هر هڪ ڪم لاءِ لائق اميدوار آسانيءَ سان چونڊي سگهبا ۽ ان ڪري هر ڪو پنهنجي مناسب دلپسند جاءِ ۾ ڪم بہ سٺو ڪري سگهندو ۽ ترقي بہ ڪندو رهندو.

(4) اصل ڪم جي تپاس: لڙائيءَ جي وقت ۾ تہ اميدوار عملدار کي هڪ ٽولي سپرد ڪري، سندس ملي ڪم ڪرڻ جي لياقت ۽ سندس حيلہ سازي، چستي، هوشياري، ڪنهن ورچائيندڙ ڏکئي ڪم سان برابر جاچي ويندي آهي تہ ڪيئن ٿو ڪا آفتناڪ ڳوري شيءِ نهر جي پار ڪري يا ٽپين ۽ ڪنڊرن تان ٽپائي. بعضي ڪي هولناڪ حالتون هن جي درپيش ڪبيون آهن تہ انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ ٿو ڪڍي. هر حالت ۾ اميدوار جي روش تي چوڪسي رکبي تہ پنهنجي ٽوليءَ کي آفيسر ٿي فقط حڪم ٿو ڏئي يا ساڻن ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم کي ٿو لڳي.آيا ڪيس پنهنجي ٽوليءَ سان دلچسپي آهي، پاڻ سان يا ڪم جي پوئواريءَ سان؟

هاڻي تہ هنرن، ماسترن، وزيرن تائين چونڊن ۾ اهو نمونو ورتو ٿو وڃي تہ هو ٻين سان شراڪت ۾ اچي پاڻ کي ڪيئن ٿو موڪي. شخصيت پرکڻ لاءِ بعضي ڪنهن ٽوليءَ جي فردن کان هڪ هڪ ڪري پڇبو

آهي تہ توکي کهڙو شخص پسند آهي يا ڪنهن سان ملي ڪم ڪرڻ تو چاهين؟ انهيءَ طرح سندس پسندين مان بہ پروڙي سگهبو تہ کهڙي وضع جو ماڻهو آهي.

ڪنهن جي پوري ڪم ڪي نباهڻ جي تجويز ۽ سياڻپ ڪي ڏسڻ کان سواءِ سندس هلڻ جي نموني، لکڻ ڳالهائڻ يا بنهہ سليس سوالن جيئن تہ: ڪنهن انسانيت، تدبير، همت وغيره پرکيندڙ موقعن تي: ڪيئن ڪندا يا توهان کي ڪهڙين ڳالهين سان نفرت آهي ۽ ڪهڙيون وڻن ٿيون يا توهان جي رنج ۽ راحت جا سبب عام طرح ڪهڙا ٿا ٿين وغيره بہ گهڻي قدر شخصيت جو اندازو ڏئي سگهن ٿا. البت ائين سمجهڻ تہ شخصيت پرکڻ بہ ائين آهي جيئن ڪنهن جي هنري لياقت، مثال ٽائيپ ڪرڻ، پرکڻ غلطيءَ کان خالي نہ ٿيندو.

ڪنهن جي شخصيت سهي ڪرڻ لاءِ ڏسبو تہ:

(1) کهڙي طبعيت جو آهي يعني تہ سندس نمايان جذبو ڪهڙو آهي. خوشمزاج، آهي يعني تہ چرچائي يوڳائي، خوشقسمت موجي آهي، اداس، پرهيزگار آهي، صلح پسند يا ضدي ٿوري ڳالهائڻ وارو، هلڪڙو يا بردبار ديرينو، مستقل مزاج آهي يا زود رنج، غبي، هوشيار، ٻالو ٻولو، ماٺيڻو يا ميسڻو، ڪنهن بہ جذبي ۾ ڪيترو جوش ٿو ڏيکاري.

(2) صحبتي آهي يا خلوتي. يعني تہ آندرو ٻاهرو طبيعت ڪيتري قدر ٿو رکي.

(3) عملي طبعي ميلان ڪهڙي طرف ٿو رکي، ذهني طبع اٿس يا هٿ جو ڪيڏاري هنريلو آهي يا رشٽ پشٽ پهلوان.

(4) سندس دل جو ميلان ڪيڏانهن آهي، بلند خيال، ڪنهن استاد ڪامل جي اشاري جو ڳولائو هوندو. رواجي سيڪاريندڙ کان گهٽو آڳاهون ۽ رواجي وندرن جهڙوڪ ريڊيي، سنيما کان پرڀرو. پوشاڪ جو خيال بہ گهٽو ڪونہ هوندس. سفر جو شائق.

پست خيال، کل چرچي، ملهہ ملاڪڙي، نشي پتي، تتر پاريهل سان ئي پورو. ميلو گهميو تہ چيهہ ٿيا.

درمياني خيال جو ماڻهو رسالن، مخزنن، ساز سرود جي محفلن، نمائش ۽ ڪلب جي زندگيءَ ۾ ئي پورو.

(5) آدم جي اولاد کان اخلاق اجا اڳيرو ٿو ڏسجي. ماڻهو دراصل نڪي ايماندار آهي، نڪي بي ايمان. اهي صفتون ماحول ۽ سندس ضرورتن جون پيدا ڪيل آهن. وجهہ لڳو تہ ڪير بہ چور ٿي پوي. اهڙو چال جو پختو اجا تہ ملڻ محال پيو ڏسجي. جنهن تي لالچ اثر نہ ڪري. اهو وڻ ئي ڪونهي جو واءَ نہ لوڏيو

آهي. موهه هر انسان تي غالب آهي، منع ٿيل شين ۾ مزو نہ آهي. دل ڪڍيو وجن. لالچ کان بچائڻ لاءِ ضروري آهي تہ پاڻ کي خاطي سمجهجي ۽ جڏهن بہ ڪريان يا نہ ڪريان جو وقت اچي تہ يقين سان نہ ڪرڻ جو محڪم ارادو ڪجي، نہ تہ وڏا وير بہ وهي ويا. اها ڪمزوري منهنجي توهان جي نہ، پر آدم ذات جي آهي. جي لالچ تي غلبو نہ ڪبو تہ هوءَ غالب پوندي ۽ پوءِ گناهہ جي جذبي جو ڪيڏو نہ عذاب. ڪيل گناهہ کان پاڻ کي بري ڪرڻ لاءِ عذر ڳولڻ اهڙو آهي جهڙو شراب پي پاڻ کي بي احساس ڪرڻ. بهتر آهي تہ رب کان دعا گهرجي تہ مان عاجز آهيان، ڪمزور آهيان، لاچار آهيان، مون کي طاقت ڏي تہ آءُ ڪمزورين تي قابو پايان. ٻي واهہ ئي ڪانهي. پنهنجي عاجزي باسڻ ئي اڌ فتح آهي باقي اڌ بہ پري نہ رهندي.

باب ٻارهون

ڪاميابي، ناڪامي، نراسائي، مايوسي

ڪهڙيون شخصيتون دنيوي ڪشمڪش ۾ هارائڻ جون سزاوار ٿيون بڻجن (1) بدني ڪمزور، بيمار ۽ ضعيف (2) ذهني ڪمزور، مت جا موڙها، ڪم عقل (3) ڪوتڙ نظر- اهي الغرض جن ڪي ايتري دوراندیشي ڪانهي، جو پنهنجون ضرورتون سماجي ضرورتن موجب ڦيري سگهن ۽ بيخيال هوڙ ٿيو هلندا وتن، جيئن ٿيو تيئن ٺهيو (4) نفيس خيال، جيڪي پاڻ ڪي اتم خيال ۽ ٻين کي هيچ سمجهڻ (5) سودائي، جي پنهنجن ئي پورن ۾ گرفتار رهن ۽ ٻين سان واسطو ئي نه رکن (6) سماج ڊوها، جيڪي سماجي قانونن خلاف چور، ٺڳ، زاني ۽ خوني بنجن (7) راج ڊوها، جيڪي ملڪ سان غداري ڪن ۽ دشمنن ڪي هٿ هٺ ۾ ڏين.

ڪاميابي بدني طاقت ۾ پوري سمجهه هوندي به جذباتي اعتدال، سماجي رفاقت ۽ ان ڪي حاصل ڪرڻ جي دلي گهر سان ٻڌل ٿي رهي. هر ڪو سماج جو محتاج آهي هر ڪنهن جو ڪم هر وقت ماڻهن سان آهي ۽ جيڪي ڪنهن به زور يا لاغرضيءَ سبب انهي خيال جا آهن ته اسان کي ڪنهن جي به پرواهه ڪانه آهي، اهي سخت غلطيءَ ۾ آهن. گُهر سان اسڪول سان، نيات سان، قوم سان، ڌارين سان سهٽي رفاقت هر وقت ضروري آهي، ساري جهان جو ڪنهن کي علم هجي، پر جي ان مان ڪنهن کي ڪو لاڀ نه مليو، ڪنهن جي ڪن ني نه پيو ته انهيءَ علم کي ڌوئي پيندو ڇا؟ عتاب يا خطاب ڏيڻ وارا وري به ماڻهو آهن، ماڻهوءَ جو ماڻهن سان ئي ڪم آهي.

هر ڪنهن کي پنهنجي ضرورتن پورين ڪرڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ٻين کي وڪڻو ٿو پوي. پورهيو، علم، عقل، حرفت جيڪي ڏيڻو ڪري. پوءِ جي سلوڪ،صداقت، تجويز تحمل نه هوندس ته وهنوار رکي ڪين سگهندو ۽ هارائي ويهندو. ڪاميابيءَ جو راز ان ۾ آهي ته شخصيت، سماج ۾ سمائجي وڃي. هر ڪنهن جي دل ۾ ائين گهر ڪري وڃجي جو نه ڪير ٺوڪاري ڇڏي ۽ نه ڪير ڪڍائي وڃي . اهو ڪم عقل جو، پر شخصيت رغبتن، جذبن ۽ خصلتن جو هڪ جڙائو زيور آهي جا سيرت ڪان سواءِ ماڻهو نهايت نه سهڻو ٿوهه ٿي سگهي ٿو زياده ڪجهه به نه.

ٻار ۾ شخصيت ٺو رڪي: اُها اِها ته هو پنهنجون سڌون روڪي نٿو سگهي ۽ پنهنجن احساسن جو اظهار کلم کلا ڪري ٿو ڏئي. هو ٻنا ڪنهن جهل پل جي پنهنجي انگلن آرن سان روئي به ڪلي به. اڃا منجهس اهو خيال ڪونه پيدا ٿيو آهي ته سندس روش ٻين تي ڪهڙو اثر رکندي هوندي، جيسين مائٽن جي ڪيڙ هن کي سماجي قانونن کان واقف ڪري، سماجي قانون سندس آزاد روش تي روڪ ٿو وجهي. مائٽ سندس هر هڪ فعل تي مرڪڻ، سان منظوري ٿا ڏين ۽ منهن گهنجائڻ سان روڪ ٿا وجهن. اهي اشارا سٺا پر جيئن حد کان نه وجن، نه ته ٻار کي پنهنجي مغز کان ڪم وٺڻ کان روڪي وجهندا ۽ ٻار هڪ ڪَٺپتليءَ جي مثال ٿي پوندو. هر وقت ته هڏڏوڪي مائٽ به ڪين هوندا، جي واٽ لائين. عجب نه آهي ته ڪڏهن نه ڪڏهن ڪنهن بدخواهه جي اشارن هيٺ اچي وڃي ۽ سندس مغز کي اولي سولي سمجهڻ جي تميز رهي ڪانه هجي. ٻار کي ڊڄڻ ۽ چڙڻ کان روڪبو آهي. ٻار ائين سمجهندو ته اهي خصلتون بالڪل خراب آهن پر واجبي ڊپ کان سواءِ احتياط ويندو رهندو ۽ مناسب ڪاوڙ کان سواءِ بنهه لڄڙ ٿي پوندو. ٻار تي حد کان گهڻي روڪ رکبي ته هيسجي ويندو، پر جي واجبي روڪ نه رهيس ته اڏنگو اڙٻنگ ٿي پوندو ۽ تهذيب کان خالي. درمياني قدم هر هنڌ موزون ٿو ڏسجي.

جي توهان ابهرا ٿي جتي ڪٿي ٽپي ٿا پئو ۽ پنهنجن اڏمن کي دام ۾ رکي نٿا سگهو، پنهنجي غلطي کٽي به مڃڻ لاءِ تيار نه آهيو ۽ وڏ واتا آهيو ته يقيناًاوهان تي روڪ ڪا ٿوري پئي آهي، پر جي اوهين ڪنهن نئين ڳالهه يا ڪم کان ڪيٻائو ٿا يا ڪنهن به ڪم ۾ همت رکي ڪامياب نٿا ٿيو، يا مورڳو مونجهاري ۽ ڳڻتين ۾ وقت گذاريو ٿا بلڪ ڪي ٺُڪون به پئجي ويون اٿو، رات جو آرام پورو ڪونه ٿو رهي، جتي وڃو اتي پنين جاءِ وني ٿا ويهو، ته اوهان ضرورت کان زياده ضابطي هيٺ رهيا ٿا ڏسجو.

هاڻي ان جو علاج اهو آهي ته وڏي آواز ڳالهايو ۽ ڳالهائڻ لاءِ ويچار به نه ڪريو، روزه مره جي ڪمن ڪارين ۾ پنهنجون خاميون درست ڪندا هليا هلو. پاڻ تي نڪته چيني نه ڪريو ته هيئن نه ڪيم، هيئن چو ڪيم. ٻين سان يڪجهتي پيدا ڪرڻ لاءِ جتي به ڪو ڪنهن ۾ گڻ يا خوبي ڏسو ته ان کي مرحبا ڪريو، جيئن ماڻهن کي خبر پوي ته سندن هلتون اوهان کي پسند آهن. پنهنجي شخصيت معلوم ڪرڻ لاءِ ڏسو ته اوهان مڃائڻ وارن مان آهيو يا مڃڻ وارن مان، جذباتي يا متحمل، ياروِيس يا خلوت پسند.

ياروِيس ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته خوش مزاج ٿجي، ڪنهن کي ڪم اچجي، ٻين جي ڪمن سان دلچسپي رکجي، سخاوت ۽ مروت ڏيکارجي ۽ ٻين کي وجهه ڏجي ته هو توهان سان چڱائي ڪن.

ڪنهن کي برو ڀلو چوڻ يا چنبڙ جو ڪڏهن به قصد نه ڪجي. ٺاڻ ٽيڳر، ٽوڪبازي، ڪوڙ ٻٽاڪ، سفله مزاجي آهن. غصو، بحث ۽ نڪته چيني سنگت جا ويري آهن. "ڪنهن کي گهٽ نه ڀان"، جي ڀانئين ته ڀلو پاڻهجو"

<u>ڪاميابيءَ لاءِ هيٺيون ڳالهيون مدنظر رکجن:</u>

مقرر چال، ايمانداري، ڀروسي جهڙو هئڻ، ڪم سان چاهه، سڌاري آڻڻ جي لياقت، سالم سمجهه، ترت فيصلي جي لياقت، ماڻهن سان سهڻو سلوڪ، صحت، ڏيل ڏيک، مهذب نشست برخواست، جوابدار طبعيت ۽ واڌاري جو خيال.

ناڪامياب اڪثر اهڙا ماڻهو ويندا آهن جي ڪم کان ناواقف افسر جي فرمودي کان ٻاهر، بي ڀروسي، غير جوابدار، سست، گوسڙو، نٽائو، بيخيال ۽ جهڳڙالو هوندا آهن.

تربيت ۽ گهرو ڪيڙ وڏو اثر ٿي رکي، پر بعضي ته چڱن مائٽن جو اولاد به ترڪيو پوي. ٻار تي مائٽن جي روش جو ابترو اثر آهي، جو مائٽن جي قياس کان ٻاهر. رڳو جي ماءُ پيءُ هڪ خيال جا نه هوندا ۽ ڳالهه ڳالهه تي دليل بازي ۽ بحث لڳو هلندو ته ٻار بي چيو، اڏنگو، اتامرو ۽ اڙٻنگ ٿي پوندو. جي مشرق جو پيءُ ۽ مغرب جي ماءُ هوندي ته پوءِ نسل جو خدا حافظ. نه هيڏي نه هوڏي. اها گهرو ڪيڙ آهي، جا سماجي سٺاءَ جو رستو ٿي ڏيکاري ۽ ٻار کي هڪ مقرر طريقي تي هلڻ ٿي سيکاري، جيڪو ٻار پريندي ٿي ٻن ٻيڙين تي چڙهيو اهو ته جڏهن وڃي ڪنهن ڪنڌيءَ لڳي ۽ هڪمنو ٿي عقل سان پنهنجي لاءِ فيصلو ڪري ته ڊانس ڪريان يا يڪتارو ڪڍان.

حيرت ته اها آهي ته ڪيترو به مغز کان ڪم وٺجي، پر سنئينءَ نه اچي سُٽ جي هٿان نه پوي ته اتفاق ٿي ڏينگو ڏيري ڪريو رکن. سيڪجهه ته ماڻهوءَ جي وس به ڪونهي. هڪڙي بندي من ۾ هي جيڪا ڪري خدا. سيئي من مرادون ته ڪنهن ڀاڳن واري ماڻهون هجن. گهڻي سوڀ ٿوري شڪست وارو به دنيا جو سفر ڪڍي ويو چئبو، پر شل سهنديءَ ٻار نه پون. شڪست تي شڪست آئي ته وڏا وير به منجهيو پون. پوءِ گمراهي، پريشاني، هٽيو ڊاهيو وڃهي ۽ اهو ئي ورد زبان تي هوندس ته "ڪڏهن هاڙهين ۾ هاڙهي هياس، اج پچان ته پيچي نه بيهان"

<u>جذباتي ڪشمڪش:</u> من جون چڪون تاڻون لازمي آهن، هر وقت آهن. ڪو به نندو چا وڏو، انهن کان آجو ڪونهي. ماڻهو ته چا پر مرون به انهيءَ ڪشيدگيءَ ۾ قاتل آهن. هڪڙي پاسي بک ۽ ڪاچ جو

لانگهرو پچائيندن تہ پيٽ پالجي، ٻئي پاسي ڏر ڇڏڻ جو ڊپ تہ جان نہ وڃي. ڪـَـرُ بہ ڪٽندا ڪؤ بہ ڪائيندا. پر جتي پورو آسرو هوندن تہ هتي شڪار ملندو ۽ اتي ڪائيندا مار تہ ڪتيءَ ڪن وڍيا. ڪو ڏينهن تہ بک ئي لهي وينديـُـن. ماڻهوءَ جي بہ ساڳي اها حالت آهي. جتي عزت جو آسرو هجي ۽ پرائجي ذلت تہ ڪمرئي ٽٽي. وئي سگهن لاءِ پڇ بہ پٽائي آئي، سخت پريشان ۽ پست ڪندڙ مسئلو آهي. شل ڪو بہ بي آس نہ ٿئي.

جذبي ڪي اپارڻ وارو ڪونہ ڪو مطلب ٿو ٿئي. جذبو بت ڪي جوش ڏئي مطلب پوري ڪرڻ لاءِ سگهہ ٿو پيدا ڪري. جي جلد ئي مطلب حاصل ٿيو تہ جذبي جو جوش بہ ٺري جاءِ وٺي ويندو نہ تہ خواهش، هڻ تڻ ڪندي رهندي ۽ من آجو نہ ٿيندو. جي ڪجهہ وقت راندڪون پونديون رهيون ۽ آرزو پوري نہ ٿي تہ بت بہ لاڳيتو جوش جي حالت ۾ رهندو ايندو، جيسين نااميدي مايوس ڪري ۽ ناڪامي نراسائي آڻي. سهڻ جي بہ حد آهي. نيٺ لڏيل اٺ وانگر پچاڙيءَ جو ڪک بہ ڪمر پيچي وجهندو. مقصد نظر ڪان نڪري ويندس ۽ شتر بي مهار وانگر ٽلاٽولي ٿي. زندگيءَ جي قافلي کان ٽٽي منهان تار مايوسيءَ ۾ ويڙهجي ويندو ۽ ڍهي پوندو.

<u>ڪشمڪش جون صورتون:</u> ماڻهوءَ ۾ ڪشمڪش ڪيترن نمونن جي ٿي ٿئي: (1) تہ حيوانن وانگر هڪڙي اڌمي جي ٻئي اڌمي سان لڙائي ٿئي (2)وقتي اڌمي جي ڪنهن مقرر جذبي سان چوٽ لڳي، جيئن تہ هڪڙي پاسي ڊپ ۽ ٻئي پاسي غيرت (3) ٻئي جذبا اٽڪن. دوستي ۽ وطن پرستي، عشق ۽ گهرو جوابداري. شخصي خيال ۽ سماجي خيال تہ عام طرح ردبدل پيدا ڪندا آهن. ساڳي ڪشيدگي ڪنهن سـَـڌ جي نہ پوري ٿيڻ ڪري بہ ٿي سگهي ٿي. جيئن تہ ڪا ٻار جي گهوري، ٻار ٿيڻ جي اميد نہ ڏسي نڊال ٿئي يا ڪو مجلسي مڙس ڪچهرين جو ڪوڏيو، قسمت وڃي هيڪلو ۽ ويڳاڻو ڪري. تنگدستي تہ اسان تي حاوي آهي. اهڙين ڪشيدگين جا اثر، لاڳيتو هلندي پريشان ڪري زندگي بي لطف ڪري موت جو ڪندو ڪڍيو ڇڏن. گهٽتي، بيچيني، خار، ڪاوڙ، نراسائي ۽ ڇاڇا نہ. ڪم بہ ڪين اجهندو، ڇاڪاڻ تہ ان ڪي بہ هڪ طرفو خيال ڪپي. پلا ڪو پست همت ڪهڙو ڪم ڪندو. نراس ۽ بيڪار ٿي ڍهي پوندو.

بعضي تہ اهڙي ڇڪتاڻ فقط سمجهہ ساڻي ڪرڻ سان لهي پوي. جيئن تہ جن حالتن ڇڪتاڻ پيدا ڪئي هجي تن ۾ ڪو ناهہ آڻجي ۽ پرڇاءَ سان صورتحال بدلائجي يا بنهہ ڪين ڦيري ڇڏجي تہ جان ڇٽي. پر ٻن ٻاهين ۾ ايندو ئي اهو آهي، جو يا تہ سيڪجهہ ڪرڻ چاهيندو آهي يا فيصلي ڪرڻ جي

طاقت جڏي هوندي اٿس. اهڙن وقتن تي ڪنهن هڏڏوڪيءَ سچي دوست جي صلاح ڪم ڏئي، يا پاڻ انهيءَ راءِ تي اچي ته اهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني. آخر دنيا جا سڀ ڪم ته هڪڙو ڪري ڪين سگهندو.

ماڻهوءَ جي مطلبن ڪي اڳ ڪير توڙي

(1) قدرتي لاچاريون، ٻوڏ، سوڪ، ماڪڙ، مهامريون، موت ۽ ٻيا به اهڙا ڪئين اتفاق ڪم لاهيو ڇڏين.

(2) ماڻهن جون رنڊڪون، پيتاپيتي، ضد، زور حسد، سياسي جهڳڙا ، حڪمراني پابنديون وغيره.

(3) پنهنجون مجبوريون، ڪو ڪمزور لٽ ڪٽي نه سگهي، ڪو لچارو همت نه ٻڌي، ڪو هڪڙ ڳالهائي نه سگهي، ڪو ٻوڙو ٻڌڻ کان عاجز، ڪنهن راڳ جي دلداده جو گلو ڇيو نه ڪري، بيماري، بک، مطلب ته جيڪي دل گهري ان ڪي حاصل ڪرڻ جي پهچ نه هجي.

(4) ٻن جذبن جي ڪشيدگي، پئسي ڪمائڻ جي لالچ به هجي ۽ مارشل لا جو خوف به هجي. ڪنهن تي اک به ميري ٿئي ۽ لوڪ لجا به ماري. اهڙن معاملن ۾ ڇڪتاڻ کان بچاءَ جو سهڻو رستو اهو آهي ته قانون واري پاسي ورجي، ۽ اجائي لالچ کان منهن موڙجي. پر بعضي اهڙا جذبا به اٽڪي سگهن ٿا، جتي هيڏانهن باهه ته هوڏانهن پاٽي. تسڪين ڪنهن به پاسي نه ٿئي. ڪنهن زال ڪي عصمت بچائڻ لاءِ ٻچو کهائڻو پوي، جوان ڪي ملڪ تان پاڻ ڪي گهورڻو پوي، هاڻي يا فوج ۾ ڀرتي ٿئي يا ڪانئر چوائي. ٻن جذبن جي جـُڌ ڪي تيز ٿيڻ ڏنو، ته جان جـُهري، ترت فيصلو ڪپي.

بنا فيصلي جي اهڙي جـُڌ ڪي جتاءَ مليو ته فيصلي جي طاقت ويتر گهٽبي ويندي ۽ چڱي مني جي تميز جڏي ٿيڻ سبب نقصان منهن ڪڍندا، ۽ نقصان ايترو ته پست همت ڪري ڇڏيندس، جو هر هڪ ڳالهه کان ڇرڪڻ لڳندو. خبر ڪانه رهندس ته هر قدم کڻان يا نه. رواجي حالتن لاءِ به فيصلو ڪري ڪين سگهندو ته هيءَ خوفائتي يا بيخطر. پوءِ اجايا ڊپ ذهن نشين ٿيندس، ڪو اڪيلائيءَ کان ڊڄندو، ڪو وڏيءَ جاءِ کان. اهڙيءَ طرح اونداهي، تيز روشني، گوڙ، ڪنوڻ، مينهن وڏو ميدان وغيره ڊپ جو ڪارڻ ٿي سگهن ٿا. چڱي مني جي سمجهه وئي ته خفقان آيو. پوءِ اجاين بيڪار ڪمن ۾ رڌو رهندو. هرهر هٿ ڌوئڻ، طهارت بيحد، خسيس شين جي سهيڙ، هلڻ ۾ وکون ڳڻڻ، ڏاڪا ڳڻڻ، وهمن ۾ ايمان وغيره.

مطلب ۽ جذبو من جي ساڳئي سلسلي جون به ڪڙيون آهن، جي گهرج مطلب ڪي منهن سامهون نه آڻي ته جذبو به نه ايري. جذبن مان به ڪيترا ڪم ٿا ڇٽن. جڏهن ڪنهن تي ڪاوڙ ايندي آهي ته پانئبو آهي ته

ڇا ڇا نہ ڪريانس. ساڳيءَ طرح حسد، ڏپ، محبت ۾ ڪيترين نہ واٽون ڪليو پون. مطلب خطرناڪ ڪين ٿين پر جذبا خطري کان خالي نہ آهن. ان ڪري انهن کي حد ٽپڻ نہ ڏجي اها عقلمندي آهي.

مطلب وارو ڪم جي وت کان ٻاهر نہ هوندو تہ نقصان ۾ نہ ويندو. جذبو تہ دل جو دهڪو، بلڊپريشر وڌائڻ، سهڪو، مونجهارو، بڪ وڃائڻ، ننڊ ڦٽائڻ کان ڪين رهندو. اڳتي تہ ڪو بہ بيقانون ڪم، ماراماري، خون ڪرائي وجهي پوءِ تہ ڇٽو.

جذبن کي ختم ڪرڻ تہ انسان جي وت کان ٻاهر آهي، جيسين پاڻ کي پورو فنا نہ ڪري، پر انهيءَ فنائيءَ مان حاصل ڇا؟ نہ سڄڻ کي آسرو نہ دشمن کي پئ. پاڻ بہ بيوس ۽ بيڪار.مهذب ماڻهوجذبي تي گهڻي قدر قابو رکي سگهي ٿو. ان ڪري جيڪڏهن ڪو شريف انسان ڪلي ڳالهائي تہ هروڀرو ائين نہ وسهجي تہ هو مونسان ملڻ ڪري نهايت خوش ٿيو آهي ۽ منهنجو دوست آهي. شڪ نہ آهي تہ هو سخت خلاف هجي پر اهو جذبو ظاهر نہ ڪندو هجي.

من جا دفاعي منصوبا

نراسائي ۽ ڏهڻ کان بچڻ لاءِ من ڇا ٿو ڪري

مراد حاصل نہ ٿيڻ جي حالت ۾، جذبي جي ناڪام وڃڻ سبب، بت ۾ پيدا ٿيل جوش ڪم نہ اچڻ ڪري بت ۾ گڏ ٿي، بيچيني ۽ غصي جي صورت وٺندو ٿو رهي. اهو بہ قدرتي منصوبو آهي تہ بت زور ۾ هجي پر ڏهي نہ. پوءِ پنهنجي جسمي، ذهني، مالي حالتن موجب ڪانہ ڪا هيٺ ڏيڪاريل هلت هلندو، جيئن جوش خرچ ٿئي تہ بت نہ جهري.

(1) اڳرائي ڪرڻ: ڪنهن اتڪائيندڙ شيءِ جو رواجي علاج آهي ان کي هٽائڻ يا پاسو ڪري نڪري وڃڻ. پر ناڪاميءَ جون واٽون ئي نراليون. پلا جي ڪنهن آفيسر حق ماري مونجهاري ۾ وڌو هوندس تہ ان سان تہ فساد ڪري نٿو سگهي، پوءِ شير شاهہ جي شڪري وانگر ماريندو گهر جون ٻليون. خار ڪيندو گهر مان ۽ واقفن مان، مائٽن کي گاريون، سندن گلائون تہ ٺهيو، پر جي اٽڪاءَ ڪندڙ ماڻهوءَ جو هٿ زور سان هٽائي نہ سگهيو تہ تهذيب اورانگهي سندس زال ۽ ٻارن تي ئي هٿ ٺاريندو يا انهن جي عزت خلاف پرچار ڪندو. بعضي تہ بنهہ ڪاٺ ڪوٽي بيهي ۽ ساري سماج مان باهہ ڪيڍي. پر دلي تسڪين تہ اهڙين روشن سان هٿ ڪانہ ايندس پوءِ ٿيندو نشئي.

(2) ٻاراڻيون هلتون هلڻ: ڪي مايوسيءَ جا منجهايل وري پراڻين جهنگلي چالن يا ٻاراڻين هلتن ۾ پنهنجو ڇوٽڪارو ڏسندا آهن. ٻار غيرجوابداريءَ جي زماني ۾ ڪجهه به ڪري وجهي ته سندس چالون اعتراض جوڳيون نٿيون لڳن، پر وڏا جي اهي غير مهذب روشون وٺن ته سماج ته ڪڏهن به انهن کي منظور ڪانه ڪندي، پر ڪين به پنهنجي روش مناسب ڪانه لڳندي ان ڪري نڪو سندن جوش جهڪو ٿيندو نڪا تسڪين حاصل ٿيندن. جيڪڏهن ڪنهن به وڏي ڄڻي کي ڪا ٻاراڻي روش وٺندو ڏسجي ته ائين ئي سمجهي ته ڏک ڪائي دل ٿو وندرائي.

(3) جذبي کي سڦلو ڪرڻ: ڪيئن ته ويڙهه جي اڌمي کي ڪنهن اصولي جڌ جوٽڻ يا پراپڪاري ڪم خاطر ڪم آڻي سڪارتو ڪرڻ. ماءُ جي اپريل جذبي کي ٻين جي ٻچن سانڍڻ ۾ صرف ڪرڻ. شهواني جوش کي ذهني ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ، نراسائيءَ ۾ ناڪامي جي اثر کان بچڻ لاءِ هي طريقو نهايت فائدي وارو آهي. شخصي توڙي قومي نقطه نظر کان، چاڪاڻ ته بهتري ۽ خدمت جو اعليٰ انگ اٿس، جو ئي انسان کي اُتم ٿو ڪري ۽ بلندي ٿو بخشي. تمدن، تهذيب، حقيقت شناسي ۽ انسانيت جا علمبردار اهي ئي تا ٿين جيڪي نفسي مزن واري طاقت کي پاڻ کان وانجي، سماجي مزو پيدا تا ڪن. اهڙي اوجر کان سواءِ ماڻهو حيوان ئي رهي ها. نه هجي ها لحاظ نه مروت نه خلق، نه حيا. انسان جي برتري ان ۾ آهي ته پنهنجي اٿاهه جذباتي طاقت کي حيوانيت جي گهيڙ مان ڪڍي انسانيت جي راهه ۾ سڦلو ڪري، نيڪي ۽ بلنديءَ جو درجو حاصل ڪري. ڪائڻ ۽ ٻار ڄڻڻ مڇر به ڄاڻي. جي ماڻهوءَ به ائين ڪيو ته آخر ڇا ڪيائين؟ هر هڪ ڪم کي تڪميل تي آڻڻ لاءِ طاقت جي گهرج آهي. طاقت جو موجود ڪندڙ جذبو ئي آهي. جي هرڪو جذبو پنهنجي مزي لاءِ ڪم آڻبو ته حيوان جي درجي تي ئي رهبو. پڙهڻ، سمجهڻ، ياد ڪرڻ، امتحان ڏيڻ، برک ٿيڻ جي طاقت ڪٿان ايندي! جيڪڏهن حيوانن کان بهتر ڪجهه به ڪرڻو آهي ته فرائڊ جي زرين قول کي ياد رکڻ گهرجي ته ”پنهنجي نفسي مزي جي ملهه سان ئي برتري ملي سگهندي.“

(4) جذبي کي دٻائڻ: جي ڪنهن اڌمي کي سڦلو ڪري نه سگهجي ته ان کي دٻائي پنيءَ پلئه ڪري اڇلي به نه ڇڏجي، ڄڻ ته هوئي ڪونه. سڇيتيءَ مان ڪنهن جذبي کي زوريءَ تڙي ڪيڻ ڪري ڪو جذبو ڪپي ڪونه ٿو وڃي پر وڃو اڇيتيءَ ۾ آرامي ٿئي. هن طرح نه جذبو من مان ويو نه اختيار جي ڪڙي ۾ آيو. هي ڪڏهن نه ڪڏهن پڙڪي ڪائي اپرندو ۽ ڪيترن نمونن ۾ من کي وياڪل ڪندو.

پاڻ پلڻ هڪ اختياري عمل آهي، جوڪلم ڪلا اڏمي جي مخالفت ٿو ڪري. سندس واٽ وٺڻ جو انڪاري ٿو ٿئي ۽ ٻئي ڪي ساٿس رفاقت ۾ قدم ڪٽڻ ڪان روڪي ٿو. خود ضابطو هن کي چئبو آهي. جڏهن ڪو ماٺهو پنهنجي غصي تي قابو ڪري ان کي قابوءَ ۾ رکڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، تڏهن هو بيهودي قدم ڪٽڻ ڪان پاڻ کي روڪي ٿو. اختيار هلائي، مڙسان مڙسيءَ پاڻ کي پلي ٿو. انهيءَ هلت کي پنيءَ پويان اڇلڻ کين چئبو. پنيءَ اڇلڻ جي حالت ۾ هن کي ڪاوڙ ايندي ئي ڪانه.

اڏمي کي زور پرڻ ڪان اڳيئي روڪڻ، پاڻ پلڻ، سوچ ۽ فيصلي جا ڪم آهن. جن مان ڪو به نقصانڪار نتيجو نڪري نٿو سگهي، ڇاڪاڻ ته اهڙا ڪم پوري سچيتيءَ ۾ آيا ۽ مغز خيال ڪري ترتيبوار نيڪال ڪيا ۽ من ۾ سندن ذري پر ڪتڪو به ڪونه رهيو.

اهو نفس تي ضابطو ته آهي. جو انسان ۽ حيوان ۾ فرق ٿو آڻي. جڏهن ڪو ٻار لاڳيتن سوالن سان ڪم ۾ رخنو وجهي صبر تي هلان ڪري ان کي پيڇڻ تي هوندو آهي يا ڪيو (قطار) ۾ بيهي بيهي پائبو آهي ته ٽپو ڏئي وڃي بس ۾ چڙهان، يا ڪنهن انجام نه پاڙڻ جي هرڪر ٿيندي آهي، يا ڪو ماڻهو اهڙو نقل ٻڌائڻ تي هوندو آهي، جو ٽي پيرا اڳي ئي ٻڌل هوندو آهي، پر ته به سانجهه ساٿي ڪري، صبر سان ٻڌي ٻڌائيندڙ کي رنج نه ڪبو آهي، يا ٽرڙائپ، جي ڪنهن به هلت، ڪل، ڇڪ، اباسيءَ کي قابوءَ ۾ رکي، پاڻ کي ٿوري تڪليف ڏئي ، سماجي سنجيدگيءَ جو خيال رکبو آهي، تڏهن پاڻ کي پلي، انسان چوائڻ جو لائق بنائبو آهي. پاڻ پلڻ جي ڏنل چند مثالن مان ظاهر آهي ته پاڻ پلڻ ۾ ڪو ذاتي مزو ڪونه آهي، پر سماجي فضيلت ۽ قانوني زندگيءَ لاءِ نهايت ضروري آهي.

نفسياتي علم جي نقطه نظر ڪان، ايترو سمجهڻ ضروري آهي ته پاڻ پلڻ جي حالت ۾ اسين اڏمي جو اپرڻ ۽ سندس موجودگي پوريءَ طرح محسوس ٿا ڪريون، پر ان کي زور پرڻ ڪان اڳي پنهنجو اختيار هلائي ان کي اپڙڻ نٿا ڏيون، نڪي ان کي پنهنجي ساڃهه تي قبضو ڪرڻ ٿا ڏيون، پر پنيءَ پلئه اڇلڻ جي حالت ۾ ته هڪ اڻسهائيندڙ ڪيفيت جي موجودگيءَ ڪان ئي انڪار ٿا ڪريون. جڏهن ڪا به اهڙي ڳالهه جا اسان جي غيرت کي لوڏي، محسوس ٿا ڪريون ته اسين ان کي سچيتيءَ جي شعور ۾ اچڻ ڪان تڙڻ جي ٿا ڪريون ۽ جي اسان جي ڪوشش ڪامياب ٿي ته اها واردات سچيتيءَ ڪان ايترو نڪري ٿي وڃي، جو مراقبي ۾ به ان کي ڳولي لهڻ محال ٿيو پوي پر ته به ان جو وجود مغز مان نڪتو کين چئبو. اڏما، جذبا ۽ ناتا، جهڙوڪ خار، حسد ۽ يادگيريون پنيءَ اڇلڻ جي اثر هيٺ اچي سگهن ٿا.

ڪنهن به ڳالهه کي ان ڪري دٻي نه ڇڏبو آهي جو اڻوڻندڙ هئي. اهڙا ڪيترا آزمودا ٿين ٿا، جي اڻوڻندڙ هوندي به وقت گذرڻ بعد پاڻ هڪڙو عجيب مزو ڏيندا آهن. پر اهي وقت، جن تي ڪا گهٽتائي يا بيعزتي ٿي هوندي، سي ڪير به ياد ڪرڻ پسند ڪين ڪندو. اهڙا موقعا، جن تي ڪنهن پاڻ کي بيوقوف بنايو هوندو، يا ناشائسته هلت ورتي هوندي يا پاڻ کي پڏائيندي مورڳو پاڻ کي ڪيرائي وڌو هوندو، نهايت جهوريندڙ ٿا ٿين. اهڙيون ڪڙيون يادگيريون ڪؤ ڪائي پنيءَ پلئه اچلبيون آهن. ڪيتريون اهڙيون يادگيريون به ٿڌي ڇڏبيون آهن، جي ڪڏهن ته بالڪل وڻندڙ هيون، پر پوءِ شرمساريءَ جون باعث بنيون. ساڳيءَ طرح ڪي اڌما ۽ امنگون به پنيءَ پائيبيون آهن نه انهيءَ ڪري، جو سندن حاصلات مشڪل هوندي آهي، پر سندن احساس وياڪل ڪندڙ هوندو آهي. مطلب ته پنيءَ اهڙيون ڳالهيون اڇلبيون، جن سان شڪي لڳبو آهي، جن ۾ شرم، عتاب ۽ گهٽتائي محسوس ڪبي آهي.

اهي سڀ حد بنديون، جي اسان جي ذاتي فطرتي اڌمن کي بيجا ٺهرائن ٿيون، شخصي مدنظر کان غير واجبي ۽ خلاف فطرت آهن، پر سماجي ٽيڪ هئڻ سبب ۽ مذهب، جو به سارو سماجي قانون ئي آهي، اسان ۾ گنهگاريءَ جو احساس پيدا ڪيو، ڌمڪايو، هيسايو ڇڏين. سماج سان اسان جي ترقي آهي ۽ اها ئي اسان کي حيواني زندگيءَ کان پري رکڻ ٿي چاهي. مذهب به فقط سماجي قانون جي تائيد ڪري ان کي برقرار رکڻ ٿو چاهي. واقعي انسان جي برتري انساني سلوڪ ۾ آهي، نه جهنگ ۽ بَر وسائڻ ۾.

<u>اڌمن کي دٻي ڇڏڻ جا خراب اثر:</u> اڌمو ايترو پُلائڻ، جو بنهه گم ٿي وڃي سو ته مشڪل آهي، ان ڪري ڪٿڪو ضرور رهندو. اجا سڄيتيءَ کي پهتو ته من ان کي تڙڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. چڪر چالو رهيو اچي. اهو مغز کي زيربار ڪري ٿڪائيندو ٿو رهي. هر وقت، بي سبب ٿڪاوٽ محسوس ڪرڻ جو سبب، اها اندرين ڪشمڪش آهي، جنهن مان خواب، بي خوابي ۽ ٻيا ڪيترا خراب نتيجا نڪرن ٿا.

جڏهن به اڌمو ايرڻ جي ٿو ڪري ته روڪيندڙ طاقت جنهن کي فرائڊ "سينسر" ٿو چوي، ان کي اسرڻ کان روڪي ٿو ۽ اڌمو ڦٿڪندو دٻجو وڃي، پر ڇڪتاڻ لايو اچي. جيڪڏهن ڪنهن سان خار يا ساڙ پيدا ٿئي ته بهتر آهي جو ان کي سهي سمجهي ان کان پاڻ کي آجو ڪجي. بلڪ اهڙي چتاپيتي ئي ڇڏي ڏجي، جا ڪنهن لاءِ حاسدانه نظر پيدا ڪري. مَنَ کي جهڳڙي کان آزاد ڪرڻ جي هيءَ بهترين واٽ آهي.

دٻائي ڇڏڻ جا ٻن قسمن جا نتيجا ٿي سگهن ٿا: (1) ته هن لاءِ پيار ۽ دوستي مورڳو وڌيل

ڏيکاري (2) تہ هن کي ڳجهہ ڳوهہ ۾ نقصان رسائيندو رهي، گلا سان يا ضروري ڪمن ۾ رڪاوٽن وجهڻ سان. پل تہ پنهنجي دل کي پوريءَ طرح صاف بہ سمجهجي پر ڌپيل جذبو لڪيچپ ۾ اهڙي طرح ڪم ڪندو هلندو جنهن جي اڳلي کي ٿيٽ بہ نہ پوي.

ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڌپيل پيار عداوت جي واٽ وٺي. زال ذات ۾ ائين اڪثر ٿيندو آهي. مردن ۾ بہ پوشاڪ، کاڌي پيتي ۽ رهائش ۾ نت نانگر ۽ نفيس خيالي پيدا ٿي پوندي آهي. ڌپيل جذبو عام طرح ٻٽاڪي بہ ڪري وجهندو آهي. عمدو لباس، نت شٽ، ٽڪاش ۽ آبرو جو خيال گهٽو ٿي پوندو. ٻٽاڪي ۽ ڇيڙاڪ پنهنجي غلطي يا بي علمي ڪڍهن ڪين باسيندو. هو تہ ظاهر ظهور پنهنجي گهٽتاين کي لڪائي سهٽو ڪري ڏيکاري رهيو آهي. گلا غيبت، اوگهڙ سان دلچسپي، تنگ پوشاڪ يا اڌ اگهاڙي پوشاڪ جفتي جذبي کي ڌپائڻ جو نتيجو آهن.

پهہ پچائڻ

ڌپيل جذبن کي واٽ ڏيڻ جو ٻيو طريقو آهي پهہ پچائڻ. جي هن پيتان پيتيءَ جي دنيا ۾ ضروري تمنائون بہ پوريون نہ ٿيون تہ اوسيڙو، بيچني ۽ نراسائي، فڪر کي ڪم لائي هن اجائي دنيا کي اڇلي پنهنجي آسرن اميدن واري دنيا ناهڻ ۾ محو رهندا. پهن پچائڻ ۾ بعضي حقيقتون بہ هٽ اچي ويندیون آهن، پر بعضي تہ پهہ خوابن کان ڪجهہ ٿورو ئي بهتر هوندا آهن. ڪيترين حالتن ۾ ڪو نہ ڪو رستو کلي پوندو آهي، جنهن تي همت سان هلي سگهجي، پوءِ ڪٽن يا ڳ. پر جي پنهنجي پيدا ڪيل رستي وٺڻ جي ٿوم بہ ڪانہ هوندس جو انهن تي عمل ڪري، تہ پوءِ پنهنجي پهن جي ٽبين ۾ ئي خيالي پلاءُ پچائيندو رهندو ۽ ڇتو. پهن جي موج بہ ري خرچ نشو آهي. جي نشو هوندو واجبي تہ گهيڙ مان ڪڍي بہ وجهي پر پو تار ۾ تہ الله توهار. پورالو ۽ متوالو بيڪار تہ آهن.

(5) يڪسانيت: جڏهن ڪو اڏمو ڪنهن ۾ ڪامياب نہ ٿي بيڪار ويندو آهي تڏهن هو پاڻ واريون اٽلي لياقتون ٻئي ڪنهن ۾ ڏسي انهيءَ تي ناز ڪري پاڻ کي هن ۾ ڏسندو آهي. مان نہ ٿيس تہ هو ٿيو. اهڙي موافقت پيدا ڪرڻ ۾ بہ گهٽي مسرت حاصل ٿيندي آهي، جيئن ڪو فوجي سپاهي دل وارا تمغا ٻئي کي ڏسي پاڻ کي ان ۾ سمائي، يڪسان سمجهي، خوش ٿئي. ٻئي جون فتحون پنهنجون سمجهڻ ۽ انهن تي ناز ڪرڻ ۽ ان ۾ پاڻ کي سمائي ساڳيو سمجهڻ، سماجي شراڪت کي پختي ڪرڻ جو هڪ قدرتي دليل پيو لڳي. "هيرو ورشپ" جو بنياد هتي ٿو ڏسجي.

ٻارن ۾ تہ يڪسانيت جو مادو گهڻو ڏسبو آهي. ڪنهن ڪي پيءُ، استاد، فوجي سالار، ريلوي گارڊ، پوليس مئن، پوسٽ مئن سان ڪو خاص جذبو ڳنڍيجي ويو تہ پنهنجي راند ۾ بہ اهو پارٽ ادا ڪري، هن سان يڪسانيت پيدا ڪري حظ حاصل ڪندو. وڏي هوندي بہ ڪو يوسف سان يڪساني ٿئي تہ ڪا زليخا سان، ڪو صلاح الدين ٿئي تہ ڪو تاج الملوڪ. ناولون پڙهبيون ئي ڪنهن ڪي دل ڏيڻ لاءِ آهن! شل تہ ڪو ڪتاب "فقير مان امير" جي نالي سان نڪري، پوءِ ڏسو تہ اميريءَ جي خواهش وارا ڪيترا نراسيل ڪيئن نہ ٿا اهو ڪتاب ڳنهن ۽ پڙهن. ڏسون تہ هي ڪيئن امير ٿيو؟ ڪو تہ ٿيو نہ؟ نااميدي تہ ڪانهي. ويتر جي انهيءَ امير جو اتسنو اهڙو هوندو جنهن سان پنهنجا مشڪل بہ آسان ٿي سگهن تہ ٻيڙائيءَ پار. ڏسڻ ۾ يڪسانيت ۽ پهہ پڇائڻ قريب پيا لڳن.

دماغي خلل ۾ تہ يڪسانيت ايترو وڌي ويندي آهي جو پاڻبو تہ سڪندر، سقراط، زليخا، الله مان آهيان. ڪنهن بہ دماغي اسپتال ۾ اهڙن بيمارن جي ڪوٽ ڪانہ ڏسبي.

جيڪڏهن ڪو ڪنهن اهڙي گهرو معاملي ۾ گرفتار هجي جنهن مان هو پاڻ کي آزاد ڪري نہ سگهندو هجي تہ ڪنهن ٻئي کي ساڳئي حالت ۾ ڏسي پاڻئيندو تہ هن کي تہ ڇڏايان. ڪيترا مائٽ جي ڪو مطلب حاصل نہ ڪري سگهندا تہ ڪوشش ڪندا آهن تہ اها مراد، من پنهنجو پٽ ماڻي. ڪا ماءُ وري پنهنجي ويرين کان انتقام وٺڻ لاءِ پنهنجي اولاد ۾ سمائجي يڪساني ٿيندي. مطلب ساڳيو اهو تہ جيڪي مون کي مرغوب هو، سو جي مون کي نہ مليو تہ من ڪنهن کي تہ ملي.

(6) <u>پنهنجو پرتوو ٻئي ۾ ڏسڻ:</u> جڏهن ڪا پاڻ ۾ اهڙي رغبت پيدا ٿئي جا شڪي ڪري ۽ ٻئي ڪنهن کي انهيءَ ساڳيءَ حالت ۾ ڏسجي تہ ان تي انگشت نمائي ڪرڻ کان رهي ڪين سگهبو، ڇاڪاڻ جو ساڳي ڪيفيت ساڻ اٿس. جيڪو ٻين جي آڪڙ، هٺ يا ڪميڻپ جي شڪايت ڪري، سو پاڻ بہ انهن عيبن کان خالي نہ هوندو. بعضي تہ ائين بہ ڪري جو پنهنجون خطائون ٻين تي هڻي چوي تہ اهي خيال ۽ خواهشون منهنجا نہ آهن پر ڪنهن ٻئي جي اثر هيٺ پيدا ٿي پيا. اهڙا ماڻهو هميشہ پاڻ کي تصوري نڪتہ چينيءَ کان بچائڻ جي ڪوشش ۾ ڏسبا. هو هر وقت پاڻ کي ويڙهيل چادر هيٺ محسوس ڪري پنهنجو پرتوو ٻئي ۾ ڏسي پاڻئيندا تہ اڳلو جو مون کي گلا منهن ۾ ڏئي، تنهن کان چو نہ اڳي ئي آئون ڏک هڻانس. حالانڪ اڳلي جي من ۾ اهڙي ڪا پچار بہ ڪانہ هجي. دماغي خرابيءَ جي حالت ۾ تہ هي احساس ايترو وڌي وڃي ٿو جو پاڻ ڏي "خيالي آواز" ايندا ٻڌي يا "خيالي آگرين" ڪڇنديون ڏسي.

اهڙن وقتن تي جي ڪنهن کي واٽ هلندي ڪلندو ڏٺائين تہ هڪدم ان تي تهمت رکندو تہ مون کي گلاري ڪرڻ وارو اهو ڪميڻو آهي.

(7) بهانا بنائڻ: جيڪي ڪرڻو يا مجڻو اٿئون يا اڳئي ڪري چڪا آهيون، پر سماجي نظر ۾ ڪريل ڏسڻ ۾ اچي تہ ان کي مناسب ٺهرائڻ لاءِ پاڻ کي دليل ڏئي، آئت ڏبو تہ ان ۾ ڪهڙي خطا ثي؟ جيڪي ڪيم ان لاءِ واجبي سبب هئا. منهنجو ڪهڙو قصور، ائين ڪرڻ ضروري هو.

من، هي طرز گهڻو ڪري انهن حالتن ۾ وٺندو آهن جن ۾ ڪي اڌما اخلافي چڪتاڻ پيدا ڪندا آهن ۽ پاڻ کي آجي ڪرڻ لاءِ عذر گهڙيندو آهي. جي پاڙي ڏيڻ ڪان اڳئي بس مان لهي پيو تہ چئبو تہ سارو وقت بيٺو تہ هوس، پاڙو وري چاجو. جي آفيس جا پنا پينسلون ٻارن کي لکڻ لاءِ آٽي ڏبا تہ ضمير جي هرکر لاهڻ لاءِ چئبو تہ اسين بہ سارو ڏينهن رات پيا ڳهون، ايترو اسان بہ لهڻو. ڪو عادي پياڪ وري دل کي پرپائيندو تہ هونءَ تہ ايڏو ڪم دل کي ڏاهي رکندو. ٽيڪ ڪان سواءِ ڪم بہ نٿو اڪلي.

هڪڙو مغز جو خلل اهڙو بہ ٿيندو آهي جنهن ۾ نڪ سٽڪڻ جهڙي خسيس ڳالهہ لاءِ بہ لاڳيتي لانڊ دليلن جي ڏئي ويندو تہ ائين ڪرڻ فائدي وارو آهي. شڪ جا بيمار تہ دليلن گهڙڻ جا استاد ٿين. ڪنهن کي اهو شڪ ويٺو تہ گهر وارا مون کي ٿورو زهر پيا ڏين، پوءِ جي ڪو ڊاڪٽرئي چويس تہ ائين نہ آهي تہ هڪدم خيال ايندس تہ مار ڊاڪٽر بہ هنن سان مليو آهي.

ناڪاميءَ جي اثرن تي غالب پوڻ لاءِ من ٻہ صورتون وٺندو آهي: (1) سڌو رستو، جنهن ۾ هو پنهنجن انهن لياقت کي وڌائي ڏيکاريندو جن ۾ هو ڪريل هوندو (2)اڻ سڌو رستو، جنهن ۾ هو ڪرڻ واري واٽ جي خامي سمجهي ان کي چڏي ٻي واٽ لڳندو. هيءَ معاوضي روش جي شراڪتي اصولن موافق هوندي تہ ڪيس ڇوٽڪارو ڏئي سگهي ٿي.

(8) لڪ ڪرڻ: جيئن دل گهرندي هجي ان جي ابتڙ هلت هلڻ کي لِڪ ڪرڻ ٿو چئجي. ڪو ڊيڄو پاڻ کي بهادر ڏيکاري، ڪو شهوت پرست پاڻ کي پاڪ پوتي چوائي، ڪو رشوتي پاڻ کي زور زور ڪري ايماندار چوي، ڪو زوراور پاڻ کي سيني جي خيرگهرو ڏيکاري. هي لِڪ ڇپ جي ڪيڏ گهڻو جتاءَ ڪين ڪندي ، ڪٿي نہ ڪٿي ٿٽي پوندو.

(9) بيماري: بعضي من ناڪاميءَ جو تدارڪ بيماريءَ ۾ ڏسندو آهي. بيماري به واقعي هوندي آهي. ڍئونگ ڪونه ڪندو پر پنهنجي عاجزيءَ جو فائدو وٺندو. ڪڏهن ذهن ۾ ڪو اهڙو جهلڪو آيو هوندس، هسٽيريا هڪ انهيءَ قسم جو من جو ويس آهي ۽ ڪيتريون ديوانگيون.

(10) شراب: جيئن مغز جون بيماريون من جي سچيتيءَ کي ماٺو ڪري، صحيح ماحول کان ڪڍي پنهنجي آسن اميدن جي نئين نرالي دنيا ڏاهيو وجهن، تيئن شراب به ساڳيو ڪم ٿو ڪري. سچيتيءَ کي جهڪو ڪري ناڪامين ۽ نراسائيءَ جي ڏنگن جو سور گهٽايو ڇڏي. نشئي ناڪاميءَ جو ثبوت آهي. نشي جي خرابي اها آهي، جو هڪڙي ناڪاميءَ جي تلافيءَ جي آڙ ۾ پاڻ به عادت جي صورت وٺيو ٻي ناڪامي به شامل ڪيو ڇڏي.

ظاهر آهي ته ناڪاميءَ جي مايوسيءَ کان ڇوٽڪارو وري به ائين ملندو، جو هڪ واريءَ حالتن کي غور ۾ آڻي نروار ڪري، سوچي سمجهي ڪين سلجهائڻ جي سٽوپري واٽ هٿ ڪجي. اها ضرور مهذب ۽ قانوني هوندي، تعصب ۽ نفرت ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه کي عقل جي دائري ۾ آڻن ڪين ڏيندا. البت جي مطلب ايترو اوکو آهي جنهن کي پهچڻ محال ته ڏينس ٻن. اهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني. پڳي سان ئي پيرجيسين رتو راس ٿئي. ان ڪي ڇڏي ڪا هيٺيري منزل مدنظر رکجي ته لڙائي لهي پوي. من جڳهڙي کان ڇٽي پوي. جتي پڄڻ ناهي جاءِ اتي پڄڻ ڪم وريام جو.

(11) پاڻ ڪدائڻ: بعضي مغز گنهگاريءَ جو ڪم ٻئي کان وٺڻ ڪري، پاڻ کي گناهه جي بار کان آزاد سمجهندو آهي. ڪڏهن ته جان بچائڻ يا عزت بچائڻ خاطر ڪوڙ ڳالهائڻ مباح سمجهي. پورا مذهبي يهودي ڪوڙ ڳالهائڻ کي وڏو عذاب سمجهندا آهن ۽ آهن به گڙنگ واپاري. سچو اگهه به ته نه ڏسن. تجويز اها ڪيائون ته هڪ ٻه پگهاردار اهڙا رکن جن کان ڪوڙ چوائن. جهڙا اسان جي پوليس جا پاڙهيل مشير. پاڻ اصل ڪوڙ نه ڳالهائن. انسانيت ته گهري ٿي ته انسان ذات سان نيڪي ڪجي ۽ صداقت سان هلجي پرجو لالچ به واسو ڪيو ته دليل اهو قائم ڪريو ته اخلاق آهي پنهنجن لاءِ، نه غيرن لاءِ. خبرتان پوي جو غيرن تان هلندي پنهنجن کان به نه گسي. ڪهڙو عجب ته پالٽڪس به رومالي ڏوڪا هجن جي بين الاقوامي منظوري ماڻي رهيا آهن.

چريائيءَ جي حالت ۾ ته ٻئي پاسا ڪلي پوندا آهن. اٿهوند هوندي لڪ پٽي چوائڻ، نيٺ مغز کي پلائي پيلو ڪري ارن کان ڪڍي وجهندو. سڌائيندو سيٺ، سوال ڪندو سگريٽ جو. ڇي مئنيجر

ڪارخانو بند ڪري ويو آهي تڏهن ٿو گهران. خراب حالتن ۾ انهيءَ قسم جي ٻه- چتائي ايترو زور وٺي وڃي، جو هڪ مان ٻه ماڻهو ٿي پون. ننڊ ۾ ڪجهه لکڻ لڳي وڃي يا گهمي ڦري موٽي اچي هنڌ تي ليٽي. وري جو ننڊ اکليس ته خبر نه هجي ته ڇا لکيم يا ڪيڏي ويس. هڪڙو ننڊ ڪري ٻيو پيو لکي يا پنڌ ڪري.

(12) هسٽيريا: هيءَ هڪ مجذوبي بيماري آهي، جنهن ۾ جذباتي ڪشمڪش ڪنهن بيماريءَ جي صورت وٺندي آهي . گهڻو ڪري ڪٿي سخت سور لڪائبو يا ڪو سنڌ چرڻ ڪان بيهي ويندو ۽ پريشاني ته هر وقت هوندي. جذبن جو جسم تي اثر لازمي آهي. ڏک يا غصي ۾ بک مارجي ويندي. زوري گرهه پيربو ته هانو تي چڙهيو بيٺو رهندو، ڪيترا ته ڪاڏي ڪي ڏسن ته اوڪارا اچنن. ڊپ جي اثر هيٺ ته تپ به چڙهي وڃي.

هسٽيريا ۾ جسمي علامتن سان گڏ جذبن جو مظاهرو به خوب ڏسبو. مٿي جي ڦيري، هَڪڙو ڳالهائڻ، بي سرتي، ڳيڙيون، ٻوڙاڻ، نظر نه پوڻ، اوچتو ڪنهن عضوي جو سڪي پوڻ، پيٽ ۾ اهڙو سور، جو ڪنهن قول نه لهي. پر جي هسٽيريا جي بيمار تي ڪنهن جو اثر پئجي وڃي ته بيڪار سُڪل گوڏو ٿوري مالش ۽ دلجوئيءَ سان جهٽ چوري وجهي.

هسٽيريا جي مدنظر اڪثر ٽي مطلب ڏنا ويا آهن: (1) ڪن اڻوڻندڙ حالتن ڪان نڪرڻ (2) ڪنهن جو ڌيان ڇڪائڻ يا سندس همدردي حاصل ڪرڻ (3) زور هٽ ڪرڻ. انساني تهذيب موجب بيمار سان قياس ڪرڻ جڳائي. ڪي سندس پلون ڇڪون هونديون ته به درگذر ڪبيون هتي به مطلب اهو آهي.

(13) قصور واري ۽ احساس گناهه: رواجي فڪر ته لڳائي ٿا رهن: امتحانن جا، ڪمائيءَ جا، بيماريءَ جا. وقت گذريو ته ڳڻتي به لٿي. اها ڳڻتي جا پنهنجي قصور واريءَ ۽ عزت جي معاملي سان اٽڪيل ٿي ٿئي سا نه رڳو پائدار ٿي ٿئي، پر خطرناڪ به. اهڙيون ڳڻتيون جي ٻين سان ته ڇا، پر پاڻ سان به سلڻ ڏکيون، سي ممڪن آهي ته جذبن ۽ امنگن وانگر دٻجي وڃن. اهڙين حالتن ۾ ڳڻتي پنهنجو اصلوڪو ويس مٽائي غريبت، چريائي يا ڪنهن وڏي بيماريءَ جو روپ وٺي. بعضي ته انهيءَ خاص ڳڻتيءَ جي عوض گهڻين هلڪين سلڪين ڳالهين جي فڪر ۾ ڦاسجي وڃجي. نئين سر نيون ڳڻتيون، هجن به ٻنهه خسيس ڳالهين بابت. "الائي ٻاهريون در بند ڪيم يا نه" – "خبر نه آهي ته منهنجي ڳالهه ڪا

غلط فهمي پيدا نہ ڪئي هجي" — "خط تہ بند ڪيم پر شل ڪاغذ نہ متجي ويا هجن." مزو تہ اهو آهي جو پاڻ بہ پيو سمجهندو تہ ڳالهہ ۾ ڪي بہ ڪين آهي پر تہ بہ ڪا نہ ڪا وڌ ڪنيو ويٺو هوندو.

اهڙين حالتن ۾ جيڪو هڻ تڻ جو ظاهري سبب ڏيکاريو آهي، سو سچو نہ هوندو آهي. چاڪاڻ تہ سچي سبب سان ڪنهن گناهہ جو احساس ضرور شامل هوندو آهي. اهي تشويشون جن سان شرمساري شامل نہ هوندي آهي سي ڪيترو بہ وقتي ڏک ڏينديون، پر جڏو ڪين ڪنديون. زلزلا، ڪئين آفتون سر تي نازل ڪندا، پر ايترو نہ لوڏيندا جيترو ڪي اخلاق سوز خطائون. چاڪاڻ تہ اهي انسانيت جي درجن تان ستيو رکن.

تعجب اهو آهي جو گنهگاريءَ جي احساس جي ماريلن جو گناهہ بہ نہ جهڙو هوندو آهي، پر ضمير ايترو قوي هوندو اٿن جو اٽلڪو گناهہ بہ لڪائيندا آهين. سندن اخلاقي منزل بلند هوندي آهي ان ڪري ٿوري خامي بہ پئي جهورينڌن. ماڻهوءَ ۾ لالچ ۽ ضمير جي چڪري تہ لڳي ٿي رهي، جا ڪڏهن برداشت جي حد کان نڪريو پوي. پوءِ تشويش ۾ سوچيندي سوچيندي خفقان ۾ ويڙهجو وڃن. ساده مزاج ماڻهوءَ ۾ جتي ضمير ضعيف هوندو آهي، اتي هسٽيريا منهن ڪڍندي آهي.

دبيل ڳڻتيءَ جون علامتون: خسيس ڳالهين جو خفو، اجايا ڊپ، ٿوري سفر لاءِ ايڏيون تياريون ڪبيون، جو هر هڪ آفت جا ممڪن هجي، پر شدنيءَ کان پري ان جون بہ ذريون پرزيون جاچي سندن تدارڪ سٽبو. اوندهہ، پوتا، گوڙ، تندڻ، چچڙي، ڪوريئڙا، ڪئا، ٻليون، سوڙهيون جايون، ماڻهن جو انبوهہ، رت وغيره ڪنبائيندس. ڪنهن بہ خسيس ڳالهہ جو مقرر هراس، پڪي نشاني سمجهڻ گهرجي.

"تلاطم مين پهنس کر پکڑتا هون موجين،
سمجهتا هون دامان ساحل يهي هي."